# گرونانڪ
# جو
# روحاني اُپديش

راڌا سوامي ستسنگ، بياس

# گروُ نانڪ
## جو
## روحاني اُپديش

پروفيسر جي. آر. پُري

راڌا سوامي ستسنگ، بياس (پنجاب)

'GURU NANAK' (SINDHI)
—Prof. J.R. Puri

*Published by :*
Sewa Singh
Secretary
Radhasoami Satsang, Beas
Dera Baba Jaimal Singh,
Distt. AMRITSAR (Punjab)

© Radhasoami Satsang Beas—1986.


| | | |
|---|---|---|
| First Edition | 1986 | 4,000 |
| Second Edition | 1995 | 2,000 |

***Printed at*** :

Sartaj Printing Press, Joshi Estate, Tanda Road, Jalandhar.

# وشيہ سوچي

چپائيندڙ جي طرفان (9)
ليکڪ جي طرفان (13)

**پاڱو پهريون** — جيون ۽ اپديش

17 جيون
66 اپديش

**پاڱو ٻيون** — باڻي

**جپجي** 129

131 نرآڪار پرماتما
131 آد جڳادي پرماتما
132 اڪال پرک جو حڪم
133 پرماتما ئي الک آهي
134 ڪرتا پرک پرماتما
135 ويل نہ پائيا پنڊتي
137 گرنٿن شاسترن کان پري
137 ستگرو سرو سمرٿ آهي
138 ستگروءَ جو اڌڪار
138 نام ست آهي
139 شبد جي ٻڌڻ جا ڦل
141 شبد جي چنتن جا ڦل
143 اسنک ناو اسنک ٿاو
144 اوهہ ڏوهاءِ ناوءَ کيءَ رنگ
145 جيو نربل ۽ بيوس آهي
146 سو در ڪيها سو گهر ڪيها
149 سچکنڊ وسيءَ نرنڪار
149 پوڻ گرو پاڻي پتا

**آسادي وار** 151

نانڪ گروُ نہ چيتني 156

لکين ليکيون ۽ چڱائون 156

ڪوڙ سڀ سنسار 160

دنيا مهر ڇا آهي؟ 162

سوتڪ 164

نانڪ ڦِڪي بوليان 166

**رهراس** 168

سڄ ردا آکيو سڀ ڪوء 169

سچو نام 170

**آرتي** 170

**سوهلا** 173

**سڌ گوشٽ** 176

چار ڀهر يا چار اوستائون 194

**پٽي** 200

**بارهه ماها** 201

چيٽ 202

آکاڙ 203

ساوڻ 205

پوهہ 206

**دکڻي اونڪار** 207

رچنا، پرماتما، گروُ ۽ مکتي 207

**چوندپل ياٽي** 211

**مکيہ وشيہ** 211

**پرماتما** 213

پي تيري قيمت نا پوئي 213

تو دريائو دانا بينا 215

پربهو ئي سڀجو رازق آهي 216

217 ساگر ۾ ٻوند، ٻوند ۾ ساگر
219 الک، اپار، اگم، اگوچر
221 اربد نربد ڌنڌو ڪارا
224 آپي آپ اپاءِ نرالا
227 ڇهه ڏيکا ٿيه ڏين ڏئيالا
230 قدرت ڪريو هار اپارا
234 هؤمي ڪري تا تو ناهي
235 آتم ۾ رام، رام ۾ آتم
238 پرماتما جي درگاهه
ستگرو 242
242 ذات مليو ٿن ذات ڪؤ
244 گر ڪي چرڻي لاڳ
247 بن گر پريم نه پائيئي
250 ستگر پورا جي مليو
253 ري من ائسي هر سنگ پريت ڪر
257 گرمکهه
260 هنس ۽ بگهلو
262 ماڻس جنم دلڀ
264 مول خريدي لالا گولا
265 سنسار ساگر
268 ستگروءَ بنا مکتي نٿي ملي
270 ستپرش ۽ ستگرو
274 سرڻ پري گرديو تماري
276 گهر ۾ گهر ڏکاءِ ڏيئه
278 پريو ۽ گرؤ
شبد 280
280 شبد جي مهما
282 نام رديو امرت مکهه نام

284 جپ من نام هر سمرٿي
287 امرت جا ڪانا
288 هر هر نام سمالئي
290 هر ڏن سمجهه ري جن پاتي
294 نام ٻنا ڪئسي آچار
ڪرم ڪانڊ 296
296 ديس ديسانترن ۾ ٻه پنڪ
298 سچو مسلمان
299 مڪتيءَ جو دروازو
301 سڀ جپ سڀ تپ سڀ چتراڻي
304 ڪرم ڪانڊ
307 امرت گهٽ ماهه
308 تياڳي ۽ وئراڳي
311 هٺ نگرهه ڪر ڪالٽا ڇيجي
314 ڪوڙو لپوي
• من 320
320 مڇلي جال نه جاڻا
323 زندگيءَ جون ڏهه اوستائون
324 اور پنج هر ائڪ جدا
325 رنڱا گوالي سوهه ڪيو
326 مدمڪن جي اوستا
328 ڪال
330 من مشڪل ساڪس ديوانا
333 ٻڌن مات پتا سدسار
334 سٺ هرٺا ڪالٽا
337 ڪرٺي ڪاگد من مسواٺي
339 مدمڪ
343 گهر رهه ري من مڪت اڻالي

ڪام ڪروڌ ڀرهر ڀرندا 346

**پريم** 351

آوهه ٽٽي گل ماهه 351

اڪ تل پيارا وسري 352

ستگر ملي پهه وسي 354

رام نام من بيڌ ٿا 357

مل ور ناري مدڪل ڪاڻٿا 362

مدڌ جوبن بالڙيئي 365

ٽٽي ساوڻ آئٿا 367

جيٺه ٻرس هڻه آيا 370

ڪڇڇي 371

سڇڇي (سکهڙ) 373

سولي رڻ وهاٽي 375

پريم جا سلوڪ 378

لاج مرنتي مر گئي 379

وڪساڪه پلا ساڪا وڌس ڪري 380

**ضميمو** 381

ساهتيڪ گڻ ۽ عبارت 381

**شبدن جي لسٽ** 393

**ڪتابن جي لسٽ** 399

# ڇپائيندڙ جي طرفان

راڌا سوامي ستسنگ بياس طرفان "پورب جا سنت" پستڪ مالا جي سلسلي ۾ سنت نامديو، سنت دادو ديال، پلٽو صاحب، تلسي صاحب، گرو رويداس ۽ ميران ٻائي جي جيون، ورتانت، اُپديش ۽ ٻاڻيءَ تي ڇپايل پستڪ نهايت لوڪ پريه ثابت ٿيا آهن. لهذا ڀارت جي مهان سنت ستگرو شري گرو نانڪ ديو جن جي جيون ۽ اُپديش تي پستڪ ڇپائڻ جي به ضرورت محسوس ڪئي وئي.

پستڪ مالا جي ٻين پستڪن وانگر هيءُ پستڪ به سنت مت يا سنتن جي اُپديش جي مکيه نقطن ۽ روحاني پهلن تي روشني وجهي ٿو.

سنت ستگرن پاڻ پرماتما سان ميلاپ ڪيو ۽ سنسار کي به اُهيءَ سان ملڻ جو مارگ ڏيکاريو. سڀني پورن ستگرن جو اُپديش انهيءَ انترمک روحاني ابيو تي منحصر آهي. انهن سڀني جي اُپديش ۾ پورن هڪجهڙائي هوندي آهي. سنتن جي جيون ۽ ٻاڻيءَ جي ابياس ڪرڻ وقت سڀ کان وڌيڪ ڌيان انهيءَ اُپديش ڏانهن ئي ڏيڻ گهرجي.

انهن سنتن پنهنجي دوها، ٻاڻي انهيءَ ئي مقصد سان رچي هئي ته جيئن اُن کي پڙهڻ سان اسانجي اندر ۾ به انهيءَ پرم ستيه جي کوج جو اُتساهه پيدا ٿئي ۽ ان جي پراپتيءَ جي صحيح مارگ جي تلاش بابت ڪو به شڪ نه رهي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هن پستڪ جي ليکڪ پروفيسر جڳ پريءَ وڌيڪ ڌيان گرو نانڪ صاحب جن جي اُپديش کي روحاني درشٽيءَ کان پيش ڪرڻ طرف ئي لڳايو آهي. گرو نانڪ صاحب جن جي باري ۾ پهرين به ڪيترائي پستڪ لکيا ويا آهن. پر جن سچڻن جو روحانيت

طرف جهڪاءُ آهي، اُهن لاءِ هيءُ پستڪ خاص اهميت رکي ٿو.

هن پستڪ ۾ گرو صاحب جن جي روحاني اُپديش ۽ مشن جهڙ سان، ان جي سنبنڌ جي ڪافي تفصيل سان وياکيا ڪيل آهي. ليکڪ سداچار ۽ روحانيت ۽ پڻ ڌرم ۽ روحانيت جي وچ ۾ ويجهي سنبنڌ کي به نئين وچار ڌارا کان پيش ڪيو آهي. پروفيسر پريءَ فيلسوفيءَ ۽ سنتن جي سکيائن جو گهرو اڀياس ڪيو آهي ۽ ڪيس اُهن سکيائن جي سار جي اندروني سوجهي حاصل ٿيل آهي. فيلسوفي ۽ روحانيت جي اُهيءَ سڳدائي ميل سبب ڀاو ۽ دليل، شرڌا ۽ منطق جو جيڪو ميلاپ نظر اچي ٿو، اُهيءَ پستڪ کي وڏڪ لاڀدائڪ ۽ اهميت ڀريو بڻايو آهي.

پروفيسر جڳڪ ٻُڌيءَ جو فارسيءَ جي صوفي سنتن جي ڪلام جو اڀياس به ڪافي گهرائيءَ سان ٿيل آهي. هن صوفي فقيرن جي ڪلام مان به ڪيترائي حوالا ڏنا آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سڀني پورن سنت ستگرن نرمل نرمارٿ (پرم ستيه) ۽ پريو پراپتيءَ جي مارگ جي باري ۾ ساڳيو ۽ هڪ سرکو ورڻن ڪيو آهي.

پورن سنتن جي مهانتا دراصل روحانيت جي راهه ۾ سندن حاصل ڪيل انوکي پراپتيءَ سبب ئي آهي. هن پستڪ مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته گرو نانڪ صاحب سنسار جي پرم سنتن مان هڪ هئا. سندن جيون ۽ اُپديش هڪ مهان روشن مدار آهي. سندن ٻاڻي آتمڪ گيان جو اٿاهه ساگر آهي ۽ اُهيءَ ٻاڻيءَ جي جيتري وڌيڪ کوج ۽ اڀياس ڪيو وڃي، اوترو گهڻڪاري ۽ لاڀدائڪ آهي.

آشا آهي ته هن پستڪ مان پريو پراپتيءَ جي هر سچي جگياسو ۽ ابلاشيءَ کي گرو نانڪ جي روحاني اُپديش مان ڪافي لاڀ پراپت ٿيندو.

سنڌي جگياسن ۽ ستسنگين جي لاڀ لاءِ هن پستڪ جو سنڌي الواد شري چولارام ڪيو ۽ شري منگهارام ديال اجمير اواسيءَ ڇپائڻ جو پربنڌ ڪيو.

الهيءَ پرام ۽ شرڌا پري شيوا لاءِ اسين سنڌن شڪرگذار آهيون.

**ڊيرا بابا جئمل سنگهه**
ضلع امرتسر (پنجاب)
جولاءِ ١٩٩٥

**سيوا سنگهه**
سيڪريٽري
راڌا سوامي ستسنگ، بياس

# ليکڪ جي طرفان

ڪيترا سال اڳ سنہ ١٩٦٩ع ۾، مون پنجابي يونيورسٽي پٽيالا طرفان گرو نانڪ صاحب جي پنجين جنم شتابديءَ جي موقعي لاءِ سڏايل انٽرنيشنل سيمينار لاءِ هڪ ليک لکيو هو. ان جو سرو هو: ”گرو نانڪ جو روحاني اپديش.“ ڪجهه سال ٿيا ته ڪن مترن صلاح ڏني ته انهيءَ ليک جون ڪجهه ڪاپيون گرو نانڪ صاحب جي روحاني سڌانتن ۾ دلچسپي رکندڙن جي لاڀ لاءِ ورهايون وڃن. انهيءَ صلاح جي ٻج منهنجي من ۾ ڦٽڻ ۽ وڌڻ ۾ ڪجهه وقت ورتو. انهيءَ سلسلي ۾ موڪلي ڪجهه ٻين مترن صلاح ڏني ته هن ليک جو دائرو وڌائي گرو نانڪ صاحب جي جيون جو ورتانت به پوري ۾ لکيو وڃي. ڪجهه وقت بعد وڌيڪ زور پيو ته سنڌي ٻاڻيءَ جو ڪجهه حصو (شبد) به شامل ڪيا وڃن، جيئن پاٺڪن کي سنڌي رچنا جي سڳنڌ ماڻڻ جو لاڀ به ملي سگهي. ان سان گڏ اها به صلاح ملي ته گرو صاحب جن جي اپديش کي الڳ الڳ حصن ۾ ورهائي ڪجهه نوان باب به جوڙيا وڃن ۽ سنڌي اپديش جي وياکيا لاءِ گرو گهر جي ٻاڻيءَ مان به ڪجهه حوالا درج ڪيا وڃن.

اهڙيءَ طرح هڪ ننڍي ليک جي صورت ۾ شروع ڪيل رچنا، هڪ پستڪ جو روپ ڌارڻ ڪري ورتو.

مان پروفيسر ڪرپال سنگهه نارنگ جو تهدل شڪرگذار آهيان، جنهن نه صرف هن ڪارج ۾ گهري دلچسپي ورتي، پر پستڪ جي لکڻ ۾ به ڪارائتيون صلاحون ڏنيون. مان ڏيري جي پرڪاشن وڀاڳ جي سڀني ساٿين جو احسانمند آهيان، جن هٿ لکيل انگريزي پستڪ جي پوري ڪرڻ ۾ سهائتا ڪئي آهي. ان کانسواءِ مسز بيورلي مدمڪاٽي ۽ مسز ڪملا سامتاڻي اهو هٿ لکيل پستڪ ٽائيپ ڪيو آهي.

سڄو الڪٽا اهو هٿ لکيل پستڪ نظر مان ڪڍي ۽ الڳ سوڌي، ان جي پريس ڪاپي تيار ڪئي آهي. گڏوڳي ڇپائيءَ ڪور جي ڊزائن تيار ڪئي آهي ۽ مرلام ڪيرا ونلا ۽ وان ڪيرا ونلا، مس لتيس هلڪر جي سڌڙوي سوجهه سمجهه ۽ شرڌا پوروڪ رهنمائيءَ هيٺ، ان پستڪ جي پرلس ۾ چڪاس ۽ ڇپائيءَ جو پربنڌ ڪيو آهي. مان انهن سڀني پراڻي سڄڻن جو نهايت احسانمند آهيان.

ڏيرا، بياس.

**جنڪ راج پُري**

# ڀاڱو ٻهريون

2

# گرو نانڪ:

# جيون ۽ اُپديش

## جيون

سنتن مهاتمائن ۽ پيرن پيغمبرن جي جيون ڪٿائن ۾ سچيون گهٽنائون ۽ خيالي ڪهاڻيون اهڙي طرح رليل مليل هونديون آهن، جو انهن کي پوري طرح الڳ ڪرڻ گهڻو ڪري ناممڪن ٿيندو آهي. هيءَ ڳالهه گروُ نانڪ صاحب جن سان ته خاص طرح لاڳو آهي، جنهن جي جيون ساکين ۾ سچائي ۽ افساني نگاري اهڙي طرح مليل آهي، جو انهن مان سندن صحيح روپ ظاهر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. جيتوڻيڪ اسان سندن زندگيءَ جو سچو ۽ حقيقي ورتانت ڏيڻ جي بهترين ڪوشش ڪئي آهي، پر ان هوندي به ان ۾ مليل ليکڪن جي ڪلپنا ۽ شخصي ڀاونائن کي بلڪل الڳ ڪري نه سگهيا آهيون.

## بنياد

گروُ نانڪ صاحب جي جيون جي باري ۾ سڀ کان پراڻو ڀروسي جوڳو رڪارڊ ڀائي گرداس جي وارن مان ملي ٿو. پر ليکڪ جي پڙهڻ ۽ مکيه دلچسپي گروُ نانڪ صاحب جي جيون ۾ نه پر سندس اُپديش ۾ هئي ۽ هن جي ٻاڻيءَ مان گروُ صاحب جي جيون تي پورو پرڪاش نٿو پئجي سگهي. ٻيو ته سندس وارن ۾ گروُ نانڪ صاحب جي جيون گهٽنائن طرف ايترو ڌيان نه ڏنو ويو آهي، جيترو سندن مهما ورڻن ڪرڻ طرف ڏنو ويو آهي.

گروُ صاحب جي زندگيءَ سان اڪثر طور ڪيئن قسمن جون ڪرامتون جوڙيون ويئون آهن، پر جيئن ڀائي گرداس جو ڪٿن آهي، گروُ صاحب سچي نام جي ڪرامت بنا، ٻي

ڪابہ ڪرامت يا رڌيون سڌيون ڏيکارڻ پسند ڪونہ ڪندا هئا. "باجهون سچي نام ڏي هور ڪرامت اسان تي ناهي" (وار ١، پئوڙي ٤٣). دراصل پاڻ چمتڪار ڏيکارڻ وارن جي سخت نڪتہ چيني ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ اهي دشت آلمائن ۽ شيطاني طاقتن کان اهڙيون شڪتيون پراپت ڪن ٿا.

گرو نانڪ صاحب جن جي جيون سان سنبنڌ رکندڙ گهٽنائن جو مکيہ احوال جنم ساکين مان ملي ٿو. جنم ساکيءَ جي لفظي معنيٰ آهي "جنم جي ڪهاڻي"، جيتوڻيڪ اهو عام طور جيون جي ڪهاڻيءَ لاءِ ڪم ايندو آهي. انهن ساکين ۾ ڏنل گهٽنائن ۽ ڪهاڻين جو پاڻ ۾ ڪو ڪو سڀاوڪ سنبنڌ آهي ۽ نڪا ڪا انهن ۾ ايتري ساهتيڪ يوگيتا يا خوبي آهي، جيتوڻيڪ اهي سلسليوار لکيل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اهي اڌوري پڙهيل ليکڪن جون لکيل آهن ۽ اڻ پڙهيلن جي لاءِ لکيون ويئون هيون. انهن ساکين ۾، انهن جي ليکڪن جي باري ۾ ڪجهہ بہ لکيل ڪونهي ۽ نہ انهن ۾ مول بنياد جو ذڪر آهي، جڏهن تہ اهي لکيون ويئون آهن. انهيءَ ڳالهہ جو ڪافي امڪان آهي تہ اهي گهڻن ئي هٿن مان ۽ بدل سدل جي لنبي دؤر مان گذريون آهن ۽ اهڙي طرح مختلف وقتن تي انهن ۾ گهٽتا وڌي بہ ٿيندي رهي آهي.

سڪہ اتهاس جا اوائلي ليکڪ ڀائي سيواداس جي لکيل ساکيءَ کي گهڻو مهتو ڏين ٿا. ميڪالف انکي نرسنديهہ گرو صاحب جي جيون جي موجود رڪارڊ مان تمام ڀروسي جوڳو ۽ وستار پورو رڪارڊ ڪري مڃي ٿو. ان ۾ پراڻڪ يا ڪلپت ڳالهيون گهٽي قدر گهٽ آهن ۽ هيءَ گهڻو وڌيڪ سمجهہ ڀريو، هڪ سرڪو ۽ تسلي بخش ورتانت آهي. هن جنم ساکيءَ جا بہ نمونا آهن. هڪ انڊيا آفيس لئبرريءَ ۾

آهي، جا ولايت واري جنم ساکي سڏجي ٿي ۽ ٻي حافظ آباد ۾ آهي، جا حافظ آباد واري جنم ساکي سڏجي ٿي. ٻنهي ۾ ڪڙ ٿورو ئي فرق آهي ۽ هڪ ئي ليکڪ جو ڪارڻ مڃيو وڃي ٿو، جنهن جي اصل ڪاپي لڀي ملي. ٻنهي کي گڏي "پراڻن جنم ساکي" ڪوٺيو وڃي ٿو. هن ساکيءَ جي ليکڪ کان اڳ ڀائي ٻالي جي جنم ساکي پرچلت هئي. پراڻن جنم ساکيءَ جي ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ بہ ڀائي ٻالي جي ساکي چالو آهي ۽ اُن جو مهتو گهٽ نہ ٿيو آهي.

هڪڙي ٻي جنم ساکي مهربان جي چيل وڃي ٿي، جو گروءَ رامداس جن جو پوٽو هو. مهربان جو پيءُ پرٿي چند، گروءَ رامداس جن جو وڏو پٽ هو، پر گروءَ رامداس جن پنهنجي وڏي پٽ کي رکي گرو گادي پنهنجي ننڍي پٽ ارجن ديو کي ڏني. هن سوال تي هڪ طرف پرٿي چند ۽ سندس پوئلڳن، جي ميڻا جاتيءَ جا سڏيا ويندا هئا ۽ ٻئي طرف گرو ارجن ديو ۽ سندس جانشين ۽ پوئلڳن جي وچ ۾ لمبي عرصي تائين متڀيد ۽ جهڳڙو هلندو رهيو. انهيءَ جو نتيجو مهربان جي لکيل گرو نانڪ صاحب جي جيون ساکيءَ تي بہ ڀيل سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري ڪيترن ودوانن ان ۾ گهٽ دلچسپي ڏيکاري آهي. مصنف جو چوڻ آهي تہ مهربان جي جنم ساکيءَ ۾ سندس پيءُ جي وڏيڪ ساراهه ڪيل آهي ۽ انهي تفصيلن ۽ ورنن ۾ ڦيرڦار ڪرڻ لاءِ ڪيس پورا وجهه ميسر هئا. تنهن هوندي بہ مصنف جو رايو آهي تہ مهربان کي گهڻي ڀاڱي غلط سمجهيو ويو آهي، پر اصل ۾ سندس رخ مکيہ طور گرو نانڪ صاحب جن جي گهٽتائي ڪرڻ جو نہ پر ڀاؤ ڀريل شرڌانجلي يا مهما پتر ارپڻ ڪرڻ جو آهي ۽ مصنف هنکي ٻين ساکين سان برابريءَ ۾ ۽ شد ڌارمڪ ساهتيہ جي درجي ۾ رکي ٿو. گيان رتناولي نالي جنم ساکي ڀائي مني سنگهہ جي

مڃي وڃي ٿي، جو گروءَ گوبند سنگهه جن جو سمڪالين هو. ڀائي گرداس جي ڀهرين وار هن ساکيءَ جو بنياد آهي. هن جي ٻولي پيٽ ۾ هاڻوڪي آهي، اها دسم گروءَ جي وقت ڪاڻپوءِ جي ٺهيل آهي. هن ۾ پراڻن ۽ ڀائي ٻالي جي ساکين مان ٻه گهٽو ٿي ڪجهه کنيل آهي. اهڙي طرح هنجو مصالحو مختلف ساکين مان گڏ ڪيل آهي، تنهن ڪري هن ڪي پنهنجي سر ڪا اهميت ڪانهي.

انهن ساکين جي الهاسڪ اهميت بابت شڪ پيدا ٿيڻ سهاوڪ آهي. گروءَ صاحب جي ڪرامتن جون ڪهاڻيون سندن پنهنجي سکيا سان ميل ڪانه کائيندڙ نه آهن. انهن ۾ اهڙين ڪن گهٽنائن جا به اشارا يا ورتانت ملن ٿا، جي ڪجهه قدر يا پوري طرح اڄوڪي درشتيءَ کان ممڪن نه آهن. جيڪڏهن گروءَ صاحب جن جي جيون ۾ ڪي ڪرشما ٿيا به هئا ته اُهي صرف ان سمت سنگروءَ جي طرفان سندس ڪنهن شرڌالوءَ پريمي شش جي اُڌار يا اُپڪار ۾ ورتل گهريءَ دلچسپيءَ جو ظهور هئا. اهي سڌيءَ طرح ٿي صرف اُن خاص شخص لاءِ هئا ۽ ڪلهي ڏيکاءُ لاءِ نه هئا ۽ نه ئي عام سنساري ماڻهن لاءِ هئا.

جنم ساکين ۾ ڏنل بيانن يا ورتانتن جي بين وشواس جوڳن ذريعن مان پراپت ٿيل گهٽنائن سان ڀيٽ ڪري، انهنجي تصديق ڪرڻ، هڪ ڪارگر طريقو آهي. پر بدقسمتيءَ سان اهڙا ذريعا ناياب يا بلڪل ٿورا آهن. عملي طور گروءَ صاحب جن جي حالت ۾ صحيح ثابتي صرف سري آد گرنٿ ۾ ٿورن حوالن جي صورت ۾ آهي ۽ ٻي ثابتي بغداد ۾ ڪن شلاليکن جي روپ ۾ آهي. تازو ڪجهه اعتبار جوڳا پرماڻ گروءَ صاحب جي اوڙيسا ۽ لنڪا جي مسافرين بابت ٻه هٿ آيا آهن.

اسانجي چاڻ جي هاڻوڪيءَ حالت ۾ جنم ساکين ۾ ڏنل ڪنهن به ڪهاڻيءَ کي هڪدم شروع ۾ ئي رد ڪرڻ مناسب نه ٿيندو. جيڪا به گهٽنا يا ساکي خود بخود ممڪن پرتيت ٿئي، پوءِ چاهي اُن ۾ ڪي غلط يا آسپاوڪ تت يا جزا شامل ٿي به ويا هجن، ته به اُها اسان لاءِ عام جگياسوءَ جي خيال کان ميڄڻ جوڳي هئڻ گهرجي.

مسلمان ليکڪن جي طرفان گروُ صاحب جو اوائلي احوال محسن فاني يا موبد ذلفڪار اردستانيءَ جي پرسڌ ڪتاب "دبستان-ي-مذاهب" مان ملي ٿو. جيتوڻيڪ هي پستڪ عام طرح ڪافي مقبوُل آهي ته به اِنکي پوري طرح اعتبار جوڳو ڪو ميڄيو وڃي. هڪ ته اهو ڪنهن آزاد شاهد جي طرفان لکيل ڪونهي، ٻيو ته پوءِ جي انگريزي اتهاسڪارن مالڪوم ۽ ڪننگهام جي چوڻ موجب هن جو ليکڪ گهڻ ڳالهائڻ ۽ ڪجهه قدر ويسهه وسوڙو (يعني ڪنهن به ڳالهه تي جلدي ويساهه ڪندڙ) مسلمان هو.

ڌرم جي طرفان سکن جي ڌرم ۽ سنڌن گرن جو جيڪو ايمان ڪيو ويو هو، اُن جي عيوضي يا سڌاري جو ذمو مئڪالف پاڻ تي ڪيو. هن پنهنجو ڪتاب (سک ڌرم– The Sikh Religion) هڪ ڪٽر سک جي درشٽيءَ کان لکيو ۽ پنهنجي طرفان ڪابه نقطچيني يا راءِ ظاهر ڪونه ڪيائين. تنهڪري هن گروُ صاحب جن جون ڪيتريون ڪرامتون پنهنجي ڪتاب ۾ درج ڪيون آهن، جن کي سک سنگت ادب ۽ ستڪار سان ميڄي ٿي.

گروُ نانڪ صاحب جن جي جيون ساکيءَ لاءِ مٿي ڏنل خاص موجوُده ذريعن جي مختصر بيان مان پاٺڪن کي سمجهڻ گهرجي ته هوُ گروُ صاحب جي جيون جا پوري طرح ۽ پڪا تصديق ٿيل تفصيل پائڻ جي اُميد نٿا رکي سگهن.

اِتهاسڪار گروءَ صاحب جي باري ۾ اِجا ڳائين ته صرف پاهريون خاڪو يا مختصر اِتهاس ئي ڏيئي سگهن ٿا، اِنکان وڌيڪ ڪجهه به نه.

## گروءَ نانڪ صاحب جو جنم

گروءَ نانڪ صاحب جو جنم سنه ١٤٦٩ع ۾ ٿيو، پر سندن جنم جي تاريخ ۽ مهني جي باري ۾ ڪا هڪ راءِ ڪانهي. پراڻن جنم ساکين، مهربان جنم ساکي، گيان رتناولي ۽ مهما پرڪاش جي مطابق گروءَ نانڪ ١٥ اپريل ١٤٦٩ع (ويساک سدي ٣، سنبت ١٥٢٦ع) تي ڄائو هو. ٻئي طرف ڀائي بالي جي جنم ساکيءَ مطابق سندن جنم نومبر ١٤٦٩ع) ڪارتڪ سدي ١٥، پورن ماسي، سنبت ١٥٣٦) ۾ ٿيو هو. سنه ١٨١٥ع (سنبت ١٨٧٢) تائين گروءَ نانڪ صاحب جي جنم (گرپرب) جي ساليانيءَ ورسيءَ جو ميلو ننڪاڻا صاحب ۾ ويساک (اپريل) جي مهني ۾ ملهايو ويندو هو. ورسيءَ جي تاريخ مهاراجا رنجيت سنگهه جي وقت ۾، ڀائي سنت سنگهه گيانيءَ جي چوڻ موجب، بدلائي ڪارتڪ (نومبر) ۾ ڪئي وئي هئي. هن تبديليءَ جي هڪ ممڪن مراد اِها ٿي سگهي ٿي ته ”خالصا پنٿ“ جو جنم، جو آنندپور ۾ ويساکيءَ تي ساڳئي مهني ۾ ملهايو ويندو هو، اُن ۾ وگهن نه پوي. ٻئين ڪالسواءِ سک، ڪسان يا آبادگار جاتيءَ جا هئا، تن لاءِ ڪڻڪ جي لاباري جي موسم ۾ به ميلا ملهائڻ مشڪل هو.

جنم ساکين ۽ مهما پرڪاش مطابق گروءَ نانڪ پنهنجي ننا جي گهر، ڳوٺ تلونڊي راءِ ڀوئي ۾ ڄائو هو، جو پوءِ ”ننڪاڻا صاحب“ جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ جو لاهور (هاڻي پاڪستان) کان اٽڪل ٤٠ ميلن جي مفاصلي تي آهي. بيو عقيدو آهي ته هوءَ پنهنجي ناني جي گهر، ڳوٺ ڪاڇا

ڪاهن يا چاهل ۾ ڄائو هو. هي رايو پنجاب ۽ ڀارت جي ڪجهه ٻين اِستانن ۾ پرچلت پراڻيءَ روايت سان ميل نٿو کائي، جنهن موجب گرڀ-وتي اِستري ٻار ڄڻڻ لاءِ پنهنجي پيڪي گهر ويندي هئي. نانڪ نالو به اِنهيءَ ڳالهه ڏانهن اِشارو ڪري ٿو ته هو پنهنجي ناني جي گهر ڄائو هو ۽ اِهو به ممڪن آهي ته گروءَ جي وڏي ڀيڻ به پنهنجي ناناڻي گهر ڄائي هئي جو سندس نالو نانڪي هو. پر جنم ساکيون صاف طور گروءَ صاحب جو جنم سندس پيءُ مهتا ڪالو بيديءَ جي گهر ڳوٺ تلونڊي راءِ ڀوئي ۾ ٿيڻ جي تائيد ڪن ٿيون.

تلونڊي ڳوٺ جو حاڪم، گروُ نانڪ صاحب جن جي جنم وقت، راءِ بلار هو، جو گروُ نانڪ صاحب جن جو شڀ چنتڪ هو ۽ پوءِ سندن پوئلڳ به ٿيو. گروُ صاحب جو پيءُ ڪالو مهتا ذات جو کتري ۽ بيدي ڪل جو هو. هو ڳوٺ جو پٽواري هو. گروُ صاحب جي ماتا جو نالو ترپتا هو ۽ هوءَ پنهنجي پتي ڏانهن پريم ۽ شرڌا لاءِ مشهور آهي. جيئن مٿي چيل آهي، گروُ صاحب کي هڪ وڏي ڀيڻ نانڪيءَ نالي هئي.

## وديا

گروُ صاحب جي اوائلي ٻالپڻ جي زندگيءَ جي اِتهاسڪ تصديق ڪانه ٿي ملي. پر هن ڳالهه لاءِ عام طور سڀ سهمت آهن ته سندن لاڙو دنيوي وديا جي ڀيٽ ۾ روحاني گيان طرف وڌيڪ هو. سندن پڙهائيءَ جو عرصو بلڪل ٿورو هو، جنهن ۾ پنهنجي ڪتابن ڏانهن ڪو خاص ڌيان ڪونه ڏنائون. نه فقط سنساري علم ۾ سندن دلچسپي ڪانه هئي، پر اهڙا موقعا به کين ميسر ڪونه هئا. تلونڊي هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو جنهن ۾ ڪو جوڳي مٺ يا مسلم خانقاهه نه هئا، جي اُن سمي ۾ اوچي تعليم جا مرڪز سمجهيا ويندا هئا. ڳوٺ جي

رحمدل مالڪ راءِ بلار نانڪ کي، سنڌس پيءُ ڪان پوءِ، پٽواري مقرر ڪرڻ جو انتظام ڪيو، بشرطيڪ هُو فارسي سکي وٺي ۽ اُن ۾ ہوگيتا حاصل ڪري، ڇاڪاڻ تہ اُن وقت اِنهيءَ ٻوليءَ ۾ ئي سارو سرڪاري ڪم ڪار ٿيندو هو. گروُ نانڪ صاحب جي ٻاڻيءَ ۾ گهڻي تعداد ۾ استعمال ڪيل عربي ۽ فارسي لفظن مان ظاهر آهي تہ ڪين انهن ٻنهي ٻولين ۾ ڪافي ماهريت حاصل هئي. سنڌن فارسي اُستادن لاءِ الڳ الڳ ذريعا رکن الدين، قطب الدين ۽ سيد حسن جا نالا ڏين ٿا. اِئين بہ چيو وڃي ٿو تہ ڪين هندڪيءَ ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ حساب ڪتاب رکڻ گوپال پنڊت سيکاريو هو.

## سچ جي کوج

گروُ نانڪ صاحب اوائلي عمر ۾ ڪجهہ سنساري گيان حاصل ڪيو هو، پر سنڌن من ۾ روُحانيت جي جگياسا ڪين ڪيترن مذهبي سکيا جي مرڪزن ڏانهن وٺي وئي. اُن تلاش جي دوران هوُ انيڪ تپسين، ويراڳين ۽ تياڳين جي سمپرڪ ۾ آيا، جن لاءِ اِهو چيو ويندو هو تہ هوُ ڌرم گرنٿن جي اڀياس، ڀڳتي سمرن ۽ پارت جي ابين حصن ۾ رهندڙ مذهبي پيشوائن سان رابطي جي ذريعي روحاني گيان پراپت ڪري چڪا هئا. گروُ صاحب جن جي ٻاڻي، مثال طور ”جپجي“، ”آسادي وار“ ۽ ”سڌ گوشٽ“ نہ صرف سنڌن اهڙن ماڻهن سان تعلق ظاهر ڪري ٿي، پر سنڌن ڌارمڪ پستڪن جي ڪيل اڀياس جو اِشارو بہ ڏئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ مذهبي مسئلن جي ٻوُرن سوُجهہ ٻوُجهہ جيڪا سنڌن ٻاڻيءَ مان جهلڪي ٿي، سا سنڌن ڪن ڌرم استانن جي ياترا جي دوران سادن ۽ فقيرن سان صرف زباني چرچا يا بحث مباحثي مان مشڪل پراپت ٿي سگهندي.

## جڻيي جي رسم

گروُ صاحب جي ٻالپڻ ۾ هڪ مهتو پوُرن گهٽنا جا سندن ٩ ورهين جي عمر ۾ ٿي، سا هئي سندن جڻيي پائڻ جي رسم. ٻاڻ ان رسم جي ڪا ڌرمي اهميت نہ سمجهائون ۽ اها ڳالهہ ڪل جي پروهت هر ديال کي صاف طور چئي هٽائون. اها ڪهاڻي، جا جنم ساکين ۾ ورڻن ٿيل آهي، گروُ صاحب جي "آسادي وار" جي لفظن مان ٿي ڪديل ڏسجي ٿي. هن ۾ گروُ صاحب جڻيي جي ٻاهرين رسم کي وئرٿ مڃيو آهي ۽ صرف اوچي اخلاق ۽ سنجم کي سچو جڻيو ڪري سويڪار ڪيو آهي. ٻاڻ فرمائين ٿا تہ ديا جي ڪپهہ، سنتوش جي سٽ، برهمچريہ جي ڳنڍ، ستيہ جي وٽڻ سان ٺهيل جڻيو پائڻ گهرجي. اهڙو جڻيو مرڻ بعد بہ جيو سان گڏ وڃي ٿو. ٻر ساڌارڻ سٽ جو ٺهيل جڻيو مرڻ سوڙ سان چکيا ۾ ٿي جلي وڃي ٿو ۽ جيو جڻيي بنا پرلوڪ سڌاري ٿو وڃي.

ديا ڪپاهہ سنتوک سوُت جت ڳنڍي ست وٽ،
ايهہ جنيوُ جيئہ ڪا هئي تہ پاڏي گهت.

نا ايهہ ٽٽي نہ مل لڳي نا ايهہ جلي نہ جاءِ،
ڌن سو ماڻس نانڪا جو گل چلي پاءِ.

چؤ ڪڙ مُل اڻائيا بهہ چؤڪي پائيا،
سکا ڪن چڙائيا گر براهمڻ ٿيا،
اوهہ مئا اوهہ جهڙ پيئا ويتگا گيا.

(آسادي وار م ١-٤٧١)

(ٻاڻيءَ جو حوالو ١٤٣٠ صفحي واري آد گرنٿ جي انوسار آهي).

## شادي ۽ ڪٽنب پروار

گروُ نانڪ صاحب جي شادي سندن عمر جي ۱۲ ۽ ۱۶ سالن جي وچ ۾ بٽالا، ضلع گرداسپور، پنجاب جي رهواسي ياڻي مولا جي ڌيءَ بيبي سلکڻي سان ٿي. جنم ساکين مان اندازو لڳي ٿو ته گروُ صاحب جن جي شادي ۱۴۸۱ع ۽ ۱۴۸۵ع جي وچ ۾ ٿي. گهڻو ڪري سندن پيٽيوني جيرام ئي سندن شادي ڪرائي. مخالف جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن کين آزاد ڇڏيو وڃي ها ته شايد هو شاديءَ جي بندن ۾ ٻڌجڻ پسند ئي نه ڪن ها، ڇاڪاڻ ته ٻاڻ اُن ڪان اڳ ئي سلطانپور ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ داخل ٿي چڪا هئا. وقت پٺي کين ٻه پٽ ڄاوا، سري چند ۽ لکمي داس.

## ڪاروبار

ڪالو بيديءَ چاهيو ٿي ته سندس پٽ ساڌارڻ گرهستي جيون گذاري، پر گروُ صاحب جي رچي ٻئي طرف هئي. هو سدائين پرمارٿي پرشن جي سنگت صحبت ۾ رهندا هئا. ڪالو بيدي سندن ڌيان دنيوي ڪم ڪار ڏانهن موڙڻ لاءِ منتظر هو ۽ ڪوشش ڪري کين مينهون پالڻ، کيتي ڪرڻ، دڪانداري ڪرڻ ۽ گهوڙن جو واپار ڪرڻ وغيره ۾ لڳائي رکڻ ٿي چاهيو، پر گروُ صاحب جي دل انهن ڌنڌن ۾ ڪانه هئي.

پٽ جي هوڏ ۽ انهن ڌنڌن ۾ چت نه لڳائڻ ڪارڻ سندن پتا نراس ٿي پيو ۽ پوريءَ ڪوشش سان هن پنهنجي جوان پٽ کي انهن سنياسن ۽ لهيين جي سنگت کان پري رکڻ چاهيو، جي تلونڊيءَ جي آسپاس وارن جهنگلن ۾ رهندا هئا. پر ان ۾ ڪامياب نه ٿيو.

سندن غير معمولي هلت چلت ڪري، گروءَ صاحب لاءِ ائين سمجهيو ويندو هو ته سندن هوش ٺڪاڻي ناهي. سندن ڪٽنب جا ماڻهو کين ديوانو سمجهڻ لڳا. گروءَ صاحب جن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ شايد انهيءَ اوسٿا جو ئي ذڪر ڪيو آهي:-

ڪوئي آکي ڀوتنا ڪو ڪهي بيتالا،
ڪوئي آکي آدمي نانڪ ويچارا.
ڀئيا دوانا ساهه ڪا نانڪ بئورانا،
هئُو هر بن اَوَر نه جانا.

(مارُو م ١ - ٩٩١)

ڪالو بيديءَ پنهنجي پٽ کي ڌنڌي ۾ ڪامياب بڻائڻ لاءِ هڪ ٻي ڪوشش ڪئي. هن کيس چوهڙ خان (ضلع گجرانوالا - هاڻي پاڪستان) ۾ واپار لاءِ موڪليو. پر هُو کين ڏنل پئسا رستي ۾ ئي بکين سادن کي کارائڻ ۾ خرچي تلونڊي موٽي آيا، جتي کين آگيا جي اُلنگهڻ لاءِ پيءُ جو ڪوپ سهڻو پيو. گروءَ صاحب جي ڀيڻيوئي جيرام جي چوڻ ۽ ڳوٺ جي چوڌريءَ راءِ ٻلار جي سهائتا سان ڪالو بيديءَ کين انهيءَ ڳالهه لاءِ رضامند ڪيو ته نانڪ ساڻس گڏ سلطانپور وڃي.

گروءَ صاحب جن جي سلطانپور ۾ گذاريل جيون جي بابت ڪي خاص مٿيد ڪونهن. جيرام جي سفارش تي دولت خان لوديءَ کين پنهنجي موديءَ خاني ۾ رکيو. جيتوڻيڪ گروءَ صاحب هي دليوي ڌنڌو قبول ڪيو، پر سندن من جو رخ اصل ڪونه بدليو. ڏينهن جو هُو پنهنجي پوريءَ لياقت سان پنهنجا فرض نڀائيندا رهيا ۽ رات جو ڀڄن سمرن ۾ ئي لڳا رهيا.

## انترمکي روحاني انڀؤ

هن عرصي ۾ ئي اسانکي گروُ نانڪ صاحب جن جو ڀهريون الهاسڪ پرماڻ سندن اندروني روحاني انڀو جي پراپتيءَ بابت ملي ٿو. هڪ ڏينهن سوير صبح جو سلطانپور پرسان وهندڙ ڪالي بيئين نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ بعد هوُ پرواري جهنگل ۾ غائب ٿي ويا ۽ پراڻن جنم ساکيءَ مطابق کين پرميشور جي درگاهه ۾ نيو ويو. ڪل مالڪ کين امرت جو پيالو آڇيو ۽ کين نام جي پرچار ڪرڻ جو ڪم سؤنپيو. هوُ ٽن ڏينهن کانپوءِ سلطانپور موٽيا ۽ مقامي ماڻهو کين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا، جو اُنهن سمجهيو هو ته هوُ نديءَ ۾ ٻڏي ويو هو.

دراصل هيءَ ورنن، گروُ نانڪ صاحب جي پنهنجي اندر روحاني سماڌيءَ ذريعي پرماتما جي پراپتي ڪرڻ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. جڏهن سندن آتما سمرن وقت ايڪاگرتا ذريعي جسم مان سميٽجي اندر وئي ته سندن سرت شبد ڌُن سان جڙي وئي ۽ کين اُهو روحاني انڀؤ ٿيو، جنهنکي عام طور آتم گيان يا شبد ڌن ۽ پرڪاش سان جڙڻ جو انڀؤ چيو ويندو آهي. گروُ صاحب ڀاڻ ۾ پنهنجي ڀاڻيءَ ۾ سنپرش کي شبد روپ ڪري چيو آهي، جيئن هيٺئين راڳ مارُوءَ جي شبد مان ظاهر آهي:-

تو اڪال پرکہ ناهي سر ڪالا تو پرکہ اليکہ اگم نرالا،
ست سنتوکہ سبد اُت سيتل سهج ڀاءِ لو لائيئا.

(مارُو م ١ - ١٠٣٨)

سرت جي ڌارا جي سرير مان سمٽاؤ جي ڪريا سچ پچ جڻ مرڻ جي ڪريا آهي. جو ساڌڪ اهڙي طرح پنهنجي اچا الوسار جيئري مرڻ جي جڳتي سکي ٿو وڃي، تنهن دراصل مؤت تي جيت حاصل ڪئي، ڇاڪاڻ ته هوُ پنهنجي

اڇا انوسار جڏهن چاهي، پنهنجو جسم خالي ڪري سگهي ٿو ۽ وري پنهنجي مرضيءَ موجب جڏهن چاهي ان جسم ۾ واپس اچي سگهي ٿو. جيئن سنت پال فرمايو آهي: ”مان نه روز مران ٿو“ (١٥:٣١ ڪور I). اهڙي تياري کي هن استٿيءَ ڪانپوءِ ڪو به مؤت جو ڀؤ نٿو رهي. انهيءَ ساڌڪ کي ڪهڙو ڀؤ رهندو، جو هر روز جڏهن چاهي مري سگهي ٿو ۽ جڏهن چاهي شرير ۾ واپس اچي سگهي ٿو يا جيئرو ٿي سگهي ٿو. گروءَ نانڪ صاحب ٻاڻيءَ ۾ ساڌڪ کي پربوڌ ڏين ٿا ته هو پنهنجي زندگيءَ جي عرصي ۾ ئي اها جيئري مرڻ جي استٿي پراپت ڪري. هو فرمائين ٿا:-

منٿا جس گهر جائيئي، تس جيود ٿا مر مار.
(سري راڳ م ١-٢١)

گروءَ صاحب کي پرماتما جي طرفان امرت جي پيالي جي آڇ بابت جو پراڻن ساکيءَ ۾ ذڪر آهي، اُن جو اشارو به اصل ۾ انترمکي روحاني آنند دائڪ انڀوءَ ڏانهن آهي، جو ساڌڪ جي ڪايا پلٽي کيس امر ڪري ٿو ڇڏي. گروءَ صاحب جن جو ڪٿن آهي ته امر جيون جي بخشش ڪرڻ واري سچي امرت جو سروور ڪايا جي اندر ئي آهي، پر اهو امرت پريم ڀيار سان ئي پراپت ٿي سگهي ٿو.

ڪائيا اندر امرتسر ساچا، من پيوءِ ڀاءِ سڀائي هي.
(مارو م ٣-١٠٤٦)

هن مهان روحاني انڀوءَ گروءَ صاحب جن جي ساري زندگيءَ کي پلٽي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ هو سچ جا ساڌارڻ کوجي يا جگياسو نه رهيا، پر سچ جا ساکيات جاڻو، ستگرو نانڪ بڻجي پيا. هو اهڙا پورڻ ستگرو بڻجي پيا جو پنهنجي حاصل ڪيل سچ جي ڏات لوڪن ۾ ورهائي سگهيا ٿي.

## ڇا گرو نانڪ صاحب جن جو ڪو گرو هو؟

هن سوال تي ڪافي بحث ٿيل آهي ته گرو نانڪ صاحب جو ڪو گرو هو يا نه. سکن جو عقيدو آهي ته سندن ڪو به گرو نه هو. انهن جو ويچار آهي ته ڪالي بيئين نديءَ جي ڀر واري جهنگل ۾ پراپت ٿيل مهان روحاني انڀو وقت پرماتما کين پنهنجي نام جي مهما ۽ سچي روحاني گيان جي پرچار جو ڪارج سونپيو هو، پر ڪي ودوان انهيءَ ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته گرو نانڪ صاحب جن جو گرو ضرور ڪيل هو. "سيارل متا خرابن" جي ليکڪ غلام حسين جو چوڻ آهي ته سيد حسن گرو نانڪ جن جو گرو هو. تازو ڇپيل هڪ پستڪ جي ليکڪ به ان ڳالهه جي پشٽرائي ڪئي آهي. هو چوي ٿو ته غلام حسين گرو نانڪ جن جي باري ۾ ٽيئي ڳالهه اها ٻڌائي آهي ته بالپڻ جي ڏينهن ۾ تلونديءَ ۾ گرو صاحب جن جو سيد حسن نالي هڪ استاد هو، جو هڪ مسلمان ودوان ۽ درويش هو.

ڪبير پنٿي عام طور ان ڳالهه جي دعويٰ ڪندا آهن ته گرو صاحب جن کي ڪبير صاحب کان گيان پراپت ٿيو. ويسڪاٽ جو چوڻ آهي ته جيڪي ماڻهو ڪبير صاحب کي پنهنجو روحاني رهبر مڃي سندس احسان مند آهن، تن ۾ سک پنٿ جو سنستاپڪ پنجاب جو نانڪ شاهه به آهي. هڪ ٻيو ودوان لکي ٿو ته ان ۾ ڪو سنديهه ڪونهي ته سڀني ليکڪن ڪبير سان گڏ نانڪ جو نالو جوڙيو آهي. اهو ورتن جاري رکندي اهو ودوان اي. ايس. گارڊن ۽ جي. اين. فرقوهر جا نالا وٺي ٿو، جي گرو صاحب جن کي ڪبير صاحب جو شش مڃڻ جي ويچار جي حمايت ڪن ٿا. ٻيل نالي ليکڪ اهو ويچار مڃي ٿو ته گرو نانڪ جو ڪو نه ڪو گرو ته ضرور هو، سيد حسن کي سندن گرو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هن وري اهو به چيو آهي ته

کي ماڻھو ڪبير کي سندن گرو مڃين ٿا. ھڪ ٻئي ودوان گرو صاحب جي بغداد ٻالرا جو ورڻن ڪندي ھيٺئين شلاليک جو ذڪر ڪيو آھي "گرو مراد جو ديھانت ٿي ويو. بابا نانڪ فقير ھن عمارت جي ٺھڻ ۾ سھائتا ڪئي، جا ڳالھ ھڪ سچي شش جي پيار کي پرگھٽ ڪري ٿي" (ھجري ٩٢٧). اھڙي طرح ھن شلاليک انوسار مراد، گرو نانڪ صاحب جو روحاني رھبر ھو. انجي برعڪس پرنسيپال جوڌا سنگھ ۽ ڊاڪٽر گنڊا سنگھ وغيرہ گھڻائي ودوان اِن ڳالھ کي نٿا مڃين ته گرو نانڪ جو ڪو گرو ھو.

ڪجھ ودوان گرو صاحب جن جي سندن ئي ٻاڻيءَ جا حوالا ڏيئي اھو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته گرو صاحب جن، گروءَ جي پراپتيءَ لاءِ گھر ٻار تياڳيو ۽ ستگروءَ دوارا ئي کين پرماتما جي پراپتي ٿي. گرو صاحب پاڻ فرمائين ٿا: "مون گرمک جي کوج ۾ گھر ٻار ڇڏيو ۽ پرماتما سان ميلاپ جي اِڇا، ابلاشا ئي مونکي ھيءَ اداسين وارو ويس ڌارڻ لاءِ مجبور ڪيو. مون گرمک کان پراپت ڪيل شبد ذريعي من کي وس ۾ ڪيو. ستگروءَ جي گھر جنم وٺي (ستگروءَ ڏاڻ اسام دان پائي)، مون پنھنجو آواگون مٽايو ۽ گرمک جي ذريعي ئي اندر شبد ۽ جوت جي پراپتي ڪئي":

١. گرمک کوجت پٺي اداسي، درسن ڪيءِ لائي ڀيک نواسي.

٢ سڻ سٺامي سچ نانڪ پرڻوءِ آپڻي مــن سمجھائي،
گرمک سبدي سچ لــو لاگيءِ ڪر ندري ميل ملائي.

٣. ستگر ڪيءِ جنمي گون مٽائٺا انهت راتي اِھ من لائٺا،
منسا آسا سبد جلائي گرمک جوت نرنتر پائي.

(رامڪلي سڌ گوشٽ، م ١ - ٩٣٩، ٩٤٤، ٩٤٠)

ڪجهه ٻيا ودوان چون ٿا ته گروُ نانڪ صاحب جن جي باڻيءَ ۾ ڪيترن هنڌن تي سندن سنگروءَ ڏانهن اشارا ملن ٿا، خاص طور اُنهن اِستانن تي جتي ٻاڻ سنگروءَ لاءِ ”ميرا“ (منهنجو) يا ”آپڻا“ (پنهنجو) لفظ استعمال ڪيا اٿن.

هر ٿن جيئه جل ٻل جاءِ،
مٿه آپڻا گر ٻوجهه ديکڻا، اوُر ناهي ٿاءِ.
(سري راڳ، م ١ - ١٤)

ٻلهاري گر آپڻي ديهاڙي صدوار،
جن ماڻس تي ديوتي ڪيئي ڪرت نه لاگي وار.
(آسادي وار، م ١ - ٤٦٢)

ج ٻرکه ندر نه آوئي تسڪا ڪٿا ڪر ڪهٿا جاءِ،
ٻلهاري گر آپڻي جن هرديءِ دتا دکاءِ.
رامڪلي دکڻي اونڪار.
(م ١ - ٩٣٧)

هٿه گر ٻوجهه آپڻي گر ٻيچ ڪار ڪماءِ،
سبد سلاهي من وسيءِ هؤميءِ دکه جل جاءِ،
سهجي هوءِ ملاوڙا ساچي ساچ ملاءِ.
(سري راڳ، م ١ - ٥٨)

ياٿي ري اوُر ناهي مٿه ٿاءِ،
مٿه ڏن نام نڌان هٿه گر ديٿا ٻل جاءِ.
(سري راڳ، م ١ - ٥٧)

نو نو ٻاءِ لڳه گر اپڻي، آتم رام نهارٿا.
(آسا، م ١ - ٣٥٣)

ميرا گر دئيال سدا رنگه ليٿا،
اهنس رهيءِ ايڪ لو لاگي ساچي ديکه پتيٺا.
(رامڪلي دکڻي اونڪار، م ١ - ٩٠٧)

مل ھرندي لالا گولا ميرا ناٿ سهاڳا،
گر کي ٻهڻي هاٿ ٻڪانا جمڪ لاٿڻا انت لاگا.
(مارو م ۱ - ۹۹۱)

موني ھن وشيہ ۾ گھرائي ۽ وستار سان ڪوجنا ڪانہ ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تہ منهنجو مکيہ مقصد گروُ نانڪ جي روحاني اُپديش جي وياکيا ڪرڻ جو هو. مان هن واد وواد ۾ پوڻ نہ ٿو چاهيان، جو مکيہ وشيہ جي دائري کان ٻاهر، صرف اتهاسڪ ڳالهين سان سٻنڌ رکي ٿو.

## مهان روحاني انيُو

ڇيو وڃي ٿو بيئين نديءَ جي ڪناري تي ٿيل روحاني انيو ڪانپوءِ گروُ نانڪ صاحب ڄڻ پنهنجو سارو مال اسباب ٽياڳي، سادارڻ طور چپ رهڻ لڳا. انهيءَ وقت ڀائي مردانو لڳاتار گروُ صاحب ڄڻ سان گڏ رهڻ لڳو. گروُ صاحب ڄڻ گهٽ ڳالهائيندا هئا، پر هيءَ پيڊ پرلو واڪ اڪثر اُچاريندا هئا، ”نہ ڪوئي هندوُ آهي، نہ مسلمان آهي“.

هن سرل وچن مان صرف سندن دويہ درشٽي ۽ وشو وياپي پريم جي ڄاڻ پوي ٿي، اہ بہ اليڪ ماڻهو هن ڳالهہ تان چڙندا هئا. ڪٽرمت ڪندڙ طبقو اہ خاص طرح ان ڳالهہ کي برو سمجهندو هو تہ گروُ صاحب هندن کي مسلمانن جي برابر رکيو آهي. هن باري ۾ صوبيدار نواب دولت خان (ڀائي گرداس پنهنجي وارن ۾ دولت خان لوديءَ جو نالو گروُ صاحبن جي شش ۾ شمار ڪيو آهي) وٽ شڪايت ڪئي ويئي. دولت خان انهن ڇئي شڪايت رد ڪري ڇڏي تہ گروُ نانڪ هڪ درويش آهي، جنهن جا وچن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ نٿا اچي سگهن. انهيءَ موقعي تي اسلامي شرع جي سمجهائي ڏيڻ وارو قاضي بہ موجود هو، جنهن پڻ ان شڪايت جي پٺڀرائي ڪئي ۽ نواب کي چيو تہ گروُ صاحب

کي سڏايو ويو. جڏهن گروءَ صاحب اُتي پهتا ته نواب صاحب سندن سواگت ڪيو ۽ ڪين پنهنجي پرسان وهاريو. انهيءَ وچ ۾ مسلمانن جي شام جي نماز جو وقت ٿي ويو. سڀ اٿي مسجد ۾ هليا ويا. گروءَ صاحب به اُنهن سان گڏ ويا. جڏهن قاضيءَ نماز شروع ڪرائي تہ اُميد جي خلاف گروءَ صاحب بيٺا ئي رهيا ۽ سجدو* ڪونہ ڪيائون. قاضيءَ کي اِن مان شڪايت ڪرڻ جو هڪ ٻيو بہ موقعو مليو ۽ اِها ڳالهہ نواب سان ڪيائين. گروءَ صاحب کان نماز ۾ شامل نہ ٿيڻ جو سبب پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون، ”قاضيءَ جو من نماز ۾ نہ هو. هنجو من تہ گهوڙيءَ جي نئين ڄاول وڇيريءَ ۾ هو جنهنڪي هوءَ گهر جي اڱڻ ۾ ڪِليو ڇڏي آيو هو. اڱڻ ۾ کوهہ هو ۽ قاضيءَ جو ڌيان بار بار اِنهيءَ ڳالهہ ڏانهن ٿي ويو تہ متان وڇيرو کوهہ ۾ نہ ڪري پوي“. قاضيءَ قبول ڪيو تہ گروءَ صاحب ٺيڪ فرمايو هو ۽ هوءَ سندن چرنن ڪري پيو. انهيءَ تي گروءَ صاحبن هيءُ شبد اُچاريو: ”سچو مسلمان اُهو آهي، جو پنهنجي خوديءَ يعني هؤميءَ کي ختم ڪري ۽ پرماتما جي ڀاڻي يا رضا ۾ راضي رهندي، صدق ۽ صبر سان ڪلمي يا شبد جي ڪمائي ڪري، من کي پوتر ۽ نرمل ڪري. جيڪو مسلمان پيٽل چيز کي نہ ڇيڙي ۽ ڪريل چيز کي نہ کائي، سوئي ٻهشت ۾ ويندو“.

مسلمان مساويءَ آپ، صدق صبوري ڪلما پاڪ.

ڪڙي نہ ڇيڙي پڙيي نہ کاءِ، نانڪ سو مسلمان ٻسمت ڪنہ جاءِ.

(پراڻن جنم ساکي، صفحہ ٣٩)

گروءَ صاحب جي سلطانپور ۾ مودي خاني جي نوڪريءَ جي وقت جو هڪ ٻيو پرسنگ بہ هن ريت آهي. نواب کي

---

* مسلمان نماز وقت هڪ خاص نموني سان جهڪي دعا گهرندا آهن، جنهنکي سجدو ڪرڻ چئبو آهي.

شڪايت ڪئي وئي ته نانڪ مودي خاني جو ڪم ڏيان سان ڪونه ٿو ڪري. مٿس اهو الزام لڳايو ويو ته هو ماڻهن کي قيمت کان به وڌيڪ مال توري ڏئي ٿو، جنهنڪري شاهي ڀنڊار ۾ گهاٽو پئجي رهيو آهي. اهو ڏوهه صحيح ثابت ٿيڻ تي ڀاري سزا ملڻي هئي. پر جڏهن جاچ پڙتال ڪئي وئي ته نواب کي پتو لڳو ته مودي خاني ۾ نه فقط مال پورو هو، پر اڃا به وڌيڪ هو. هن واردات کي ڪرامت سمجهڻ ضروري ناهي. مودي خاني ۾ اناج جي واڌڙ جو هڪ سبب هيءَ به ٿي سگهي ٿو ته گرو صاحب پنهنجو پگهار نقديءَ جي بجاءِ راشن جي روپ ۾ وٺندا هئا ۽ هو پاڻ ان اناج جو ڏايو گهٽ استعمال ڪندا هئا، باقي اناج سرڪاري ڀنڊار ۾ ئي پيو رهندو هو، جنهن ڪارڻ ڀنڊار ۾ مال حساب کان وڌيڪ نڪتو.

گرو صاحب جي سلطان پور اچڻ ۽ اتان روانگي ٿيڻ جي اصل تاريخن بابت ڪا ڄاڻ نٿي ملي. گهڻو امڪان اهو آهي ته گرو صاحب دولت خان لوديءَ جي سلطان پور جي نواب ٿي رهڻ جي سمي تائين اتي رهيا هوندا. جڏهن دؤلت خان جي لکي پکي سنه ١٥٠٠ ۾ ترقي ٿي ۽ هو لاهور جو نواب ٿيو، اهو ممڪن آهي ته ان وقت گرو صاحب سلطانپور مان هليا ويا هجن.

## سنت مت پرچار لاءِ ياترا

بکي تاريخ سنه ١٥٢٠ع آهي، جڏهن گرو صاحب سيد پور ۾ هئا. سنه ١٥٠٠ع کان ١٥٢٠ع جي وچ وارو عرصو گرو صاحب پنهنجي روحاني اپديش جي پرچار لاءِ ڪيل ياترائن ۾ گذاريو. انهن ياترائن کي گرو صاحب چون اداسيون ڪوٺيو وڃي ٿو، ڇو جو ان ۾ گرو صاحب هڪ اداسيءَ وانگر وهنوار ڪندا رهيا. پاڻ جتي به ويندا هئا، اتي جي

واتاورڻ ۽ ضرورتن انوسار هڪ ٻاريءَ وارو ويس پائيندا هئا. ڏکڻ ڀارت جي ياترا وقت گروُ صاحب پيرن ۾ چاکڙيون پاتيون هيون، هٿ ۾ لٺ کنئي هئائون، مٿي تي پڳڙيءَ وانگر رسي ويڙهي هئائون ۽ مستڪ تي تلڪ لڳايو هئائون. گروُ صاحب جي اُتر ڀارت جي ياترا وقت، چيو وڃي ٿو ته پاڻ پيرن ۾ چمڙي جي جتي ۽ مٿي تي چمڙي جي ٽوپي پاتي هئائون. ڪمر ۾ رسي لپيٽيل هئين ۽ مستڪ تي ڪيسر جو تلڪ لڳايو هئائون. اهو به چيو ويندو آهي ته مڪي جي ياترا وقت پاڻ هڪ مسلمان حاجيءَ وارو نيرو لباس پهريو هئائون، هٿ ۾ فقيرن وارو ڏنڊو هون ۽ بغل ۾ پنهنجي باڻيءَ جي هڪ پوٿي هئين. پاڻ هڪ مسلمان سادڪ يا پرهيزگار وانگر وضو ڪرڻ لاءِ هٿ ۾ لوٽو ۽ بندگي ڪرڻ لاءِ هيٺ وڇائڻ وارو مصلو به رکيو هئائون. انهيءَ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته گروُ صاحب جيڏانهن به ويندا هئا، اُتي جي ماڻهن سان رلي ملي ويندا هئا ۽ اُنهن جو ئي ڌرمي لباس پائيندا هئا. قدرتي طور انئين ڪرڻ سان ڪين عام لوڪن ۾ پنهنجي روحاني اُپديش جي پرچار ۾ سهوليت ٿيندي هئي.

پنهنجي ياترا سان گڏ گروُ صاحب پنهنجي ڀڄن سمرن تي به ڌيان ڏيندا هئا. سندن پورو جيون ئي روحاني اڀياس ۽ نام دان جي پرچار لاءِ ارپت ٿيل هو. کائڻ، سمهڻ، پهرڻ ۽ آرام ڪرڻ طرف سندن ڪوئي ڌيان نه هو. ڀائي گرداس هڪ وار ۾ گروُ صاحب جن جي ڪٺن سادنا جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

پهلان بابي پائيا بخشد ر پڇؤ دي ڦر گهال ڪمائي،
ريت اِڪ آهار ڪر روڙا ڪي گر ڪيتي بڇائي،
ڀاري ڪري تپسيا وڏي ڀاگ هر سيتي بڻ آئي.
(وار ١، پؤڙي ٢٤)

"دبستان-ي-مذاهب" ۾ آيل آهي:

ناناڪ گهور تپسيا ۽ ساڌنا ڪئي. پاڻ ٻهراڻ پوڄڻ گهٽايائون ۽ پوءِ ٽوري ڳاءِ جي کير تي گذارو ڪرڻ شروع ڪيائون. ان کانپوءِ پاڻ صرف گيهه تي ۽ پوءِ صرف پاڻيءَ تي رهڻ شروع ڪيائون. تنهن کانپوءِ گروُ صاحب انهن جوڳين وانگر صرف پون يا هوا تي رهڻ شروع ڪيو، جن کي هندستان ۾ "پون يا پوڻ آهاري" سڏيو وڃي ٿو.

گروُ صاحب جي الڳ الڳ اُداسين يا ياترائن جو ڪو پڪو پورو احوال ڪونه ٿو ملي. ڀائي گرداس جي پهرئين وار ۾ آيل ذڪر بلاشڪ سڀ کان پراچين ۽ مڃڻ جوڳو آهي، پر اهو احوال وستار پورنو ۽ پورو ناهي. "پراڻ جنم ساکي" ۾ چئن وڏن ۽ هڪ ننڍي، ڪل پنجن اُداسين جو احوال آهي ۽ ڪيترين جڳهين جو ذڪر آهي. "مهربان واريءَ جنم ساکيءَ" ۾ صرف ٽن اُداسين ڏانهن اشارو ڪيل آهي، جيتوڻيڪ گهڻن ئي جڳهين جو ورڻن ڪيل ملي ٿو. انهيءَ ۾ جن مکيه جڳهين جو ذڪر ناهي، انهن ۾ ڪامروپ، بغداد ۽ ناناڪ متا شامل آهن. ٻنهي جنم ساکين ۾ گروُ صاحب جي ڪيل ياترائن جي سلسلي ۾ به فرق آهي ۽ انهن سان لاڳو تفصيلن ۾ به فرق آهي. وري الڳ الڳ استانن جي جاگرافيءَ موجب پوزيشن ۾ به ڪافي غلطي ۽ ڌنڌلاپڻ آهي. تنهن هوندي به گروُ ناناڪ صاحب جي ويهن سالن جي عرصي ۾ ڦهليل اُداسين جي گهڻي ۾ گهڻي صاف ۽ جوڙ ميل کائيندڙ جهلڪي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. انهيءَ ڪارڻ لاءِ "پراڻ جنم ساکي" ۽ "مهربان جي ساکيءَ" جي سهائتا سان مول ڍانچي جو نرماڻ ڪيو ويندو ۽ اُن ۾ ڀائي گرداس کان پراپت ڪيل سامگري به جوڙي ويندي.

## ڀيرين أداسي (ٻاٽرا)

گروُ صاحب کي سلطانپور لودي ۾ رهندي ڪجهہ سال ٿيا هئا ۽ سندن ڀيرين اداسي هتان ئي شروع ٿي هئي. گروُ صاحب جو ڀڪو ۽ وفادار ساٿي مرداڻو راٻيي، هن ياترا ۾ ساڻن گڏ هو.

متي ڏنل اتهاسڪ ڪارڻہ ڪرم انوسار اهو ٺرڻيمت لڳو ٿئي تہ گروُ صاحب جي ڀيرين اداسي سنہ ١٥٠٠ع کان پوءِ شروع ٿي هوندي. عين ممڪن آهي تہ هيءَ اداسي سنہ ١٥٠٠ع کان ڪجهہ سال پهرين شروع ٿي هئي. پراڻن جنم ساکيءَ مطابق هيءَ اداسي ١٢ سالن تائين هلي، انڪانپوءِ گروُ صاحب تلونڊيءَ موٽي آيا. ڀائي گرداس هن اداسيءَ جو ورڻن ڪن ٿا تہ هن عرصي ۾ گروُ صاحب انيڪ تيرٿن تي ويا، خاص ڪري وڏن وڏن ۽ تيوهارن جي ڏينهن ۾. گروُ صاحب ڏٺو تہ ماڻهو ڀينڌي ڀينڌي ڌرم انوسار پرمپرا کان هليل ٻيو نگہ سان ڪئين ڪرم ڪانڊ ۽ رسم رواج اختيار ڪري رهيا هئا، پر انهن ۾ سچي پريم ۽ سچي شرڌا جي کمي هئي. هنن ٻاهرمکي ڪرياڻ مان ڪين ڪو بہ لاڀ پهچي نٿي سگهيو. انهن ماڻهن جي ڌر مستڪ ۾ پرماتما جو سچو پريم لڪيل نہ هو ۽ هوُ ويدن ۽ سمرتين جي پاٺ ۾ پليا وينا هئا.

ڀائي گرداس جن ٻڌائين ٿا تہ هن ياترا ۾ گروُ صاحب جي انيڪ ٻيسين، جوگين، سدن، ناٿن، گرن، شيخن وغيره سان ملاقات ٿي. گروُ صاحب ڏٺو تہ بيشمار ماڻهو ديوي ديوتائن ۽ بين انيڪ پرڪار جي ليدن وڏن اشٽن جي پوڄا ۾ لڳل آهن. ڌرم استانن ۽ تيرٿن جي لنبي ياترا جي دوُر ۾ گروُ صاحب سچي پريو ڀڳت جي تلاش ڪندا رهيا، پر ڪين ڪوئي اهڙو ڀڳت نہ مليو. هندوُ گهٽا ٿي ملين، مسلمان گهٽا ٿي ملين ۽ انهيءَ گروُ، پير، پنڊت، قاضي بہ

گهٽا ٿي ملين، پر گروُ صاحب ڏٺو ته الڏا الڏن جا اڳوان ٿي، انهن کي کوهه ۾ ڌڪي رهيا آهن.

سلطانپور کان گروُ صاحب ۽ مردانو اولهه طرف ويا. سيدپور (جو هاڻي پاڪستان ۾ آهي ۽ ايمنآباد جي نالي سان مشهور آهي) جي پر وارن جهنگلن ۾ گروُ صاحب ڪيترا ڏينهن ڌيان ۾ مگن رهيا. ڀائي گرداس جي ڪٿن موجب سندن آتما پوري طرح اڪال پرکه ۾ لڳو لين ٿي ويئي. ان کانپوءِ هوُ شهر ۾ داخل ٿيا ۽ اتي هڪ واڍي ڀائي لالو جي گهر ۾ رهيا. گروُ صاحب جو ڀائي لالو جي گهر وڃڻ سان، شهر جو چوڌري ملڪ ڀاڳو ڏاڍو ناراض ٿيو، ڇاڪاڻ ته گروُ صاحب سندس گهر ۾ ٿيندڙ برهمي ڀوج ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ملڪ ڀاڳوءَ گروُ صاحب جن سان غصي ۾ ڳالهايو ۽ شڪايت ڪئي ته گروُ صاحب جي سندس ڀوڄن کان انڪار ڪرڻ ڪري، سندس ڀاري اپمان ٿيو آهي. گروُ صاحب هڪ هٿ ۾ ڀائي لالوءَ جي سادي اناج جي سڪل روٽي ۽ ٻئي هٿ ۾ ملڪ ڀاڳوءَ جون گيهه ۾ تريل ڪچوريون کنيون، ٻنهي کي نپوڙيو ته ڀائي لالوءَ جي روٽيءَ مان کير ۽ ملڪ ڀاڳوءَ جي ڪچورين مان خون ٽمڪڻ لڳو. گروُ صاحب سمجهايو ته ڀائي لالوءَ جي سڪي روٽي حق حلال ۽ خون پسيني يعني پگهر جي پورهئي جي ڪمائيءَ جي آهي ۽ ملڪ ڀاڳوءَ جا پڪوان رشوت ۽ اتياچار جي پيداش آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ کير ۽ خون ٽمڪڻ واري حصي کي ڇڏي، ڪابه چيز غيرقدرتي ڪانهي. هن ساکيءَ مان گروُ صاحب جي اپديش جي هيءَ ضروري سکيا سهڻي نموني ۾ ظاهر ٿئي ٿي ته پنهنجي روزي ايمانداريءَ سان ڪمائڻ گهرجي. گروُ صاحب پنهنجي باڻيءَ ۾ به پگهر جي پورهئي يا حق حلال جي ڪمائيءَ تي زور ڏنو آهي. باڻي آساديوار ۾ فرمائين ٿا ته جڏهن ڇل ڪپٽ، چوري ڪجي يا هيرا ڦيريءَ

سان ڌن ڪمائي اُن مان پترن جي نمت شراڌ يا دان وغيره ڪيو وڃي ته پرماتما اُن پاپ جي ڪمائيءَ کي سهائي ٿو ونئي ۽ اُن مان پترن کي لاڀ نه ٿا ٿيڻو آهي، پر نقصان اوس ٿئي ٿو. نه صرف اُنهن جي پترن کي چوريءَ جو الزام لڳي ٿو، بلڪ اهڙي ڌن سبب پوڄا ڪرڻ وارن براهمڻن جا هٿ به ڪاٽيا وڃن ٿا. پربوءَ جي نياءَ جو چڪر اِئين ئي هلي ٿو. گرؤ صاحب فرمائين ٿا ته پيج دان جو ڦل اصل ۾ اُنکي ئي ملي ٿو، جو پنهنجي سر حق حلال جي ڪمائي ڪري، اُن پوءِ ڌن مان پرمارٿ ۾ خرچ ڪري ٿو.

جي موھا ڪا گهر مهيءَ گهر مهه پتري ديهه،
اڳيءَ وسمت سڃاڻيئي پتري چور ڪريهه.

وڍيئهه هٿ دلال کي مصفي ايهه ڪريهه،
نانڪ اڳيءَ سو ماءِ ج کٽيءَ گهاليءَ ديهه.

(آسادي وار، م ١- ٤٧٢)

سيد پور مان گرؤ صاحب پنهنجي ساٿي مرداني سميت هڪ ايڪانت واري جهنگل ۾ هليا ويا. هن سفر ۾ هو هڪ ٺڳ شيخ سڄڻ جي گهر وڃي پهتا. هن بظاهر مهمانن کي هڪ کوهه ۾ اُڇلڻ جي رٿا رٿي، پر هن مهان سنت ستگروءَ جي سنگت ۽ روحاني تيج جو هن ٺڳ تي اهڙو نه گهرو پرڀاءُ پيو، جو پنهنجي رٿا کي لڪائي، سڄڻ پنهنجي هن نيچ ارادي ۽ پهرين ڪيل پاپن جي ڳنڍڙي گرؤ صاحب جي سامهون کولي رکي ڇڏي ۽ پنهنجي گناهن جو پڇتاءُ ڪيو. آخر ۾ هو گرؤ صاحب جو سچو شيوڪ بڻجي ويو. جنهن استان تي هيءَ وارادات ٿي، اُتي پوءِ ڌرمشالا بڻائي وئي. هيءَ ڪهاڻي سڀني جنم ساکين ۾ ملي ٿي، جيتوڻيڪ ورڻن ۾ فرق ضرور آهي.

هن ياترا جي دوران گروُ صاحب جي وشرام جو هڪ ٻيو مهتوپورڻ استان ڪرڪيتر هو. گروُ صاحب سورج گرهڻ جي موقعي تي اُتي پهتا. اهو ممڪن آهي تہ گروُ صاحب ماڻهن کي گرهڻ جي وقت دان، پوڄا، سوُتڪ، سنان آدي ڀرمن مان ڪڍڻ چاهيو ٿي ۽ گهڻن ماڻهن کي پنهنجي وچار ڌارا انوسار بدلڻ ۾ پاڻ سڦل بہ ٿيا.

مهربان جي جنم ساکيءَ کي ڇڏي، باقي سڀني جنم ساکين ۾ آيل آهي تہ پاڻيپت ۾ گروُ صاحب جي ملاقات اُتي جي پير شيخ شرف سان ٿي هئي. هيءَ پير گهڻو وقت اڳ، گذري چڪو هو. انهيءَ لاءِ اهو صاف ظاهر آهي تہ گروُ صاحب جي ملاقات اُن جي جانشين سان ٿي هوندي. هن نديءَ چوڪ سبب ساري ورتانت کي ٻي پروسي سمجهڻ ٺيڪ نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ ليکڪ جو ڪڏهن قدرتي سڀاءُ ٿيندو آهي، جو هوُ پنهنجي ڳالهہ کي پرڀاوشالي بڻائڻ لاءِ اُن سمي جي وڏن ماڻهن کي پنهنجي ورتانت سان جوڙي ڇڏيندو آهي. چيو وڃي ٿو تہ اُن درويش گروُ صاحب جا هٿ ۽ پير چميا ۽ هوُ پوري طرح گروُ صاحب جي اُپديش کي سويڪار ڪري، سندن شرڻ ۾ اچي ويو.

گروُ صاحب جي اڳيلي منزل دهلي هئي، جتي نہ تہ هوُ وڌيڪ ڏينهن ترسيا ۽ نہ ڪا خاص گهٽنا ٿي. دهليءَ کان پاڻ هردوار ويا. اُتي گروُ صاحب ڏٺو تہ انيڪ پانڊي اُڀرندي طرف منهن ڪري پنهنجي پترن لاءِ سورج کي پاڻي ڏئي رهيا هئا. اهو ڏسي گروُ صاحب اولهہ طرف پاڻي ڏيڻ شروع ڪيو. جڏهن ماڻهن کانئن پڇيو تہ پورب جي بجاءِ پڇم طرف پاڻي ڇو ڏئي رهيا آهيو تہ گروُ صاحب جن جواب ڏنو تہ لاهور جي ڀرسان منهنجا کيت آهن، مان اُنهن کي پاڻي ڏئي رهيو آهيان. ماڻهن چيو تہ اهڙي طرح ايترو دور کيتن کي پاڻي ڪيئن پهچي سگهندو تہ گروُ صاحب

جواب ڏنو ته جڏهن تـوهانجو پاڻي پرلوڪ تائين پهچي سگهي ٿو ته منهنجو پاڻي به ضرور لاهور تائين پهچي سگهندو، ڇو ته لاهور پرلوڪ کان گهڻو ويجهو آهي. هتي به گروُ صاحب ماڻهن کي اُپديش ڏيڻ چاهيو ٿي ته هن قسم جا ڪرم ڪاند وشواس آهن ۽ انهن مان ڪنهن کي ڪجهه به پراپت ٿي نٿو سگهي.

اتڪانپوءِ گروُ صاحب اُتر پرديش ۾ پيليڀيت جي نزديڪ ”گورکه متا“ نالي استان تي ويا. اُنکي هاڻي گروُ صاحب جي ياترا جي ياد ۾ ”نانڪ متا“ سڏيو وڃي ٿو. اُتي گروُ صاحب جي ڪمترن سڌن سان ملاقات ٿي. اُنهن سمجهيو ته هيءَ يوگ جو سٺو وڳياسو آهي، انهيءَ ڪري اُنهن گروُ صاحب کي پنهنجي مت ۾ شامل ٿيڻ جي پرنا ڏني. چيو وڃي ٿو ته گروُ صاحب اُن وقت سوهي راڳ جو هيٺيون شبد اُچاريو ۽ جوڳين کي سمجهايو ته سچي يوگ جو رهسيه باهرمکي ڪريائن ۾ نه، بلڪ سنسار جي لوڀ لالچن ۾ رهندي اُنهن کان نرليپ ٿي رهڻ ۾ آهي. پاڻ کين سمجهايائون ته سچو جوگ گوڏڙي، ڏنڊي، ڀسم، مندرائون ڌارڻ يا مٿو ڪوڙائڻ ۾ نه آهي ۽ نه سڱي وڄائڻ، شمشان ۾ چاليها رکڻ يا ڌيان لڳائڻ ۾ آهي. جڳهه جڳهه تي ڀٽڪڻ ۽ تيرٿن ۾ سنان ڪرڻ سان به جوڳ جي پراپتي نٿي ٿئي. سچو جوڳ ڳـالهين سان نٿو ملي. هيءَ انترمکي ڪٺن ابياس آهي، جنهن ۾ ايڪتا ۽ دويت کي تياڳي، پورن ايڪتا ۾ استر رهڻو پوي ٿو. هن سچي جوڳ جي پراپتيءَ لاءِ جيئري ئي مرڻ جي جڳتي سکڻ ۽ اُن تي عمل ڪرڻ سان ٿئي ٿي. چنچل من کي ايڪاگر ڪري، اندر شبد ڌن سان جوڙڻ مان ئي سهج ۽ سچي جوڳ جي پراپتي ٿئي ٿي. شبد جي اها انوکي نرمل ڌن ڪنهن باهرئين ساز سان ڪانه ٿي وڄي. اها سوکيم سڱي سهج اوستا ۾ اٺئي پهر هرهڪ جي اندر

خود بخود وڃي رهي آهي. هن ڏن ۾ ليِن ٿيڻ سان جيو کي اندر ئي ستيہ جو گيان پراپت ٿئي ٿو ۽ اُنکي سنسار يا مايا (انجن) ۾ رهندي بہ اُنکان نرليپ (نرنجن) رهڻ جي جُڳتي پراپت ٿئي ٿي. آلما جو اهڙي طرح پرماتما ۾ سمائجي وڃڻ ۽ سنسار کان نيارو رهڻ ۾ سچو جوڳ آهي:

جوڳ نہ کنٿا جوڳ نہ ڏنڊي جوڳ نہ ڀسم چڙائيئي،
جوڳ نہ منڍي موڍ منڍائيئي جوڳ نہ سڱي وائيئي،
انجن ماهہ نرنجن رهيئي جوڳ جڳت اِو پائيئي.

گلي جوڳ نہ هوئي،
ايڪ درسٽ ڪر سمسر جاڻيئي جوڳي ڪهيئي سوئي. رهاءُ.

جوڳ نہ باهر مڙي مساڻي جوڳ نہ تاڙي لائيئي،
جوڳ نہ ديس ديسنتر ڀوئي جوڳ نہ تيرٿ نائيئي،
انجن ماهہ نرنجن رهيئي جوڳ جڳت اِو پائيئي.

ستگر ڀيٽئي تا سهسا ٽوٽئي ڌاوت ورج رهائيئي،
نجهر جهري سهج ڌن لاڳي گهر هي پرچا پائيئي،
انجن ماهہ نرنجن رهيئي جوڳ جڳت اِو پائيئي.

نانڪ جيوتا مر رهيئي ائسا جوڳ ڪمائيئي،
واجي باجهہ سنڱي واجئي تئہ نرڀئہ پد پائيئي،
انجن ماهہ نرنجن رهيئي جوڳ جڳت تئہ پائيئي.
(سوهي م ۱ - ۷۳۰)

هيءُ اُپديش ٻڌي سڌن ادب سان گروءُ صاحب جي اڳيان سر جهڪايو. گروءُ صاحب جي اُپديش اُن ڪيتر جي ڪيترن ماڻهن کي وهم ۽ ڀرم کان مڪت ڪيو.

"گورک متا" کان گروءُ صاحب ڀرڀاڳ ويا، جو گنگا ۽ جمنا جي سنگم لڳي وسيل هندن جو پرسڌ تيرٿ آهي. ڪنڀ جي سمي ياتري ۽ شرڌالوءَ گهڻي تعداد ۾ ندين جي

پوتر جل ۾ سنان ڪري رهيا هئا. انهيءَ پاري پيڙ ۾ ويٺي گروُ صاحب اُن پرم پتا جي مهما جو شبد آلاپيو. ڪئين ڀاتري گروُ صاحب ڏانهن ڇڪجي ويا. گروُ صاحب جي مڌر سنگيت اُنهن کي موهي ڇڏيو. هڪ پنڊو جو هيءَ درشيه ڏسي رهيو هو، جلدي گروُ صاحب جن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: ”ڪنڀ جو وقت سماپت ٿي رهيو آهي ۽ توهان اڃا تائين سنان نہ ڪيو آهي. هيءُ موقعو هٿ مان نہ نڪري وڃي ۽ توهانجا پاپ اَڻڌوتا نہ رهجي وڃن“. گروُ صاحب کانئس سوال پڇيو: ”سرير کي ڌوئڻ سان پاپ ڪيئن ڌوپي سگهندا؟ سرير کي ڌوئڻ سان من جي مليڻتا ڪيئن ڌوپي سگهندي؟“ پوءِ گروُ صاحب جن وري هڪ شبد اُچاريو، جنهن ۾ پاڻ هيءُ ويچار پرگهٽ ڪيائون: ”شرير کي ڌوئڻ سان من نرمل نہ ٿي سگهندو. نرمل اصل ۾ اُهي جيوَ آهن، جنجي هردي ۾ اهو نرمل پرماتما وسي رهيو آهي“.

سوُچي ابهہ نہ آکيئهہ بهن ج پنڊا ڌوءِ،
سوُچي سي ٿي نانڪا جن من وسئا سوءِ.

(آسادي وار، م ١- ۴۷۲)

گروُ صاحب جي اڳلي اهميت ڀري منزل بنارس (جنهنکي ڪاشي وارانسي سڏجي ٿو) جي پوتر نگر ۾ هئي. گروُ صاحب ڏٺو تہ هتي ڪئين ودوان ۽ پنڊت گرنٿن شاسترن جي پاٺ ۾ لڳل آهن. مورتي پوجا ڪرڻ وارا وشنوُ ۽ انيڪ پرڪار جي هٺ يوگن ۾ لڳل ڪيترا سادو بہ گروُ صاحب ڏٺا. ڪيترا ماڻهو مڙهين مساڻن ۾ آسڻ لڳائي ويٺل بہ نظر آيا. گروُ صاحب جو لباس، هرهڪ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو، ڇاڪاڻ تہ اُهو نہ تہ پوري طرح گرهستين جو ويس هو ۽ نہ سادن يا فقيرن جو. اُن وقت جو هڪ ودوان پنڊت، جنهنجو نالو چترداس هو، گروُ صاحب وٽ اچي پڇڻ لڳو:

"هي ڀلا ماڻهو! توهان ڪهڙي ڌرم کي مڃو ٿا؟ نه توهانجي ڳلي ۾ تلسيءَ جي مالها آهي، نه ته توهان وٽ پوڄا لاءِ سالگرام آهي، نه توهانجي هٿ ۾ مالها آهي، نه توهانجي مٿي تي تلڪ آهي". گروءَ صاحب هڪ شبد ذريعي هيءُ اُپديش ڪيو ته هي براهمڻ، تون رام نام جو سالگرام ٺاهه ۽ شڀ ڪرمن جي مالها ڳلي ۾ پاءِ. پرڀوءَ کان دَيا ڀهر گهر ۽ اُنکي ئي پنهنجي ٻيڙيءَ جو لنگر مڃ. تون ڪلراٺي زمين کي پاڻي ڏيڻ ۽ واريءَ جي ديوار اڏڻ ۾ وقت ڇو وڃائي رهيو آهين؟ من کي ٻيل ٺاهي، پرڀو ڀڳتيءَ جي نار دواران رام نام جي امرت سان جيون روپي کيت کي پاڻي ڏي. تڏهن پرڀوءَ روپي مالهي تنهنجي ڪمن ڪارڻ ٿي پرسن ٿيندو.

سالگرام بپ پوڄ مناوهه سڪرت تلسي مالا،
رام نام جپ بيڙا بانڌهه دئيا ڪرهه دئيالا.

ڪاهي ڪلرا سنچهه جنم گواوهه،
ڪاچي ڍهگ دوال ڪاهي گچ لاوهه. رهاءُ.

ڪر هرهٽ مال ٽنڊ پروهه تس ڀيتر من جووهه،
امرت سنچهه ڀرهه ڪياري تئُ مالي ڪي هووهه.

(بسنت هنڊول، م ١ - ١١٧١)

چندرداس کي اڃا به پنهنجي گيان جو فخر هو، تنهن گروءَ صاحب کي چيو ته توهان بنارس ۾ رهي، هر قسم جي وديا سکو. گروءَ صاحب جواب ڏنو ته موکي ته پرڀو پراپتيءَ لاءِ صرف شبد يا نام جي ضرورت آهي، باقي ٻئي ڪنهن به گيان يا وديا جي ضرورت ناهي. پراڻن جنم ساکيءَ انوسار گروءَ صاحب پنهنجي پرسِڌ لمبي باڻي "دکڻي اونڪار" بنارس ۾ ئي اُچاري هئي. دکڻي اونڪار جون ٥٤ پؤڙيون آهن، اُن ۾ پرماتما ۽ سنسار رچنا جي سروپ ۽ سڀاءَ جي

وٺايا ڪئي وئي آھي. ان مان چترداس کي سچي گيان جي پراپتي ٿي ۽ ھو گروءَ صاحب جي چرڻن ۾ ڪري پيو ۽ سدائين شش بڻيو.

ھڪ پرمپرا انوسار گروءَ صاحب جي ڪبير صاحب سان بہ ملاقات ٿي ھئي. مھربان جي جنم ساکيءَ ۾ ھيءَ ملاقات گروءَ صاحب جي بنارس جي ياترا وقت ٿيل ڄاڻائي وئي آھي. ڪبير پنٿين جو اھو ويچار آھي تہ ٻئي سنت ھڪ ٻئي جا واقف ھئا. اھڙيءَ ملاقات لاءِ بنارس ئي سڀ کان وڌيڪ ممڪن ۽ موزون جڳھہ ٿي سگھي ٿي. اھو بہ خيال ڪيو وڃي ٿو تہ گروءَ صاحب پوسا ۾ سنہ ١٥٠٦ع ۾ ڪبير صاحب سان مليا ھئا. مئڪالف ان ڳالھہ سان سھمت ناھي تہ ٻنھي جي ڪٿي ملاقات ٿي ھجي. اُنجو ويچار آھي تہ گروءَ صاحب جي بنارس ياترا وقت، جيتوڻيڪ ماڻھو ڪبير صاحب کي برابر وساري نہ سگھيا ھئا، پر ڪبير صاحب سرڳواس ٿيائي چڪو ھو. اتھاسڪ طور گروءَ صاحب ۽ ڪبير صاحب جو پاڻ ۾ ملڻ ناممڪن ڪونھي، پر ملاقات جي پڪي ثابتي ڪانہ ٿي ملي.

بنارس کان گروءَ صاحب پانڌا، ايوڌيا ۽ گيا ويا. ايوڌيا ۾ بہ گروءَ صاحب جي اُتي جي ڀڳتن ۽ پنڊتن سان گيان چرچا ٿي. گيا ۾ گروءَ صاحب جن اُپديش ڏنو تہ ھندن طرفان پترن لاءِ ڏيندڙ انيڪ قسمن جا سراڌ، پنڊ دان ۽ ٻيا اھڙا ڪرم ڪانڊ وئرٿ آھن.

انکانپوءِ جنم ساکيون اسانکي ڪوڙوُ يا ڪَوروُ ديش ڏانھن وٺي ٿيون وڃن، جتي راڻي نورشاھہ جو راڄ ھو. انھيءَ ديش ۾ استرين جي سٽا ھئي ۽ اھي خاص طور جادوءَ ٽوڻي لاءِ مشھور ھيون. چيو وڃي ٿو تہ انھن جادوگرڻين گروءَ صاحب تي بہ پنھنجو ڪارو جادو استعمال ڪيو، پر

سندن ازغيبي روحاني شڪتيءَ ڪارڻ ئي ان جو ڪو به اثر ڪونه ٿيو. آخر ۾ اهيءَ ديش جي راڻي ۽ سڀ جادوگرڻيون گروءَ صاحب جي مت ۾ شامل ٿي ويئون. ڪئين ديش کي عام طور ڪامروپ سان جوڙيو وڃي ٿو، جو هيٺئين آسام ۾ آهي. اهو ٺيڪ آهي ته بعد جي شرڌالو ليکڪن گروءَ صاحب جي آسام ياترا ۾ ڪئين قسم جون گهٽنائون جوڙيون آهن جي هڪ ٻئي جي ورڌ آهن، پر تنهن هوندي به گروءَ صاحب جي آسام جي دوري جي وارتا ڪافي پڪي آهي.

پراڻ جنم ساکيءَ کي ڇڏي، باقي سڀني جنم ساکين ۾ گروءَ صاحب جي پوريءَ جي ياترا جو ورڻن آهي. ”چئتنيه ڀاڳوت“ انوسار گروءَ صاحب هتي پرسڌ وشنوءَ سنت چئتنيه مها پرڀوءَ سان مليا هئا ۽ ٻنهي گڏجي ڪيرتن ڪيو هو. ”چئتنيه ڀاڳوت“ موجب گروءَ صاحب جو شش سارنگ به ساڻن گڏ هو. اهو ممڪن آهي ته هن بنگالي ليکڪ کي مرداني جي نالي جو پتو نه هجي ۽ هن سارنگي وڄائڻ واري مرداني کي ئي سارنگ ڪري بيان ڪيو هجي. ليکڪ جي بيان موجب ٻه ڀاءُ روپ سناتن ۽ جڳائي مڌائي به ڪيرتن ۽ ڏولهه ليليه (ناچ) ۾ شامل ٿيا هئا.

”چئتنيه ڀاڳوت“ ۾ ڪيرتن ۾ ڀاڱو وٺڻ وارن جن شخصن جا نالا آهن، تن ۾ نگر پرشوتم، جنگلي، نندلي ۽ گوپال گرو به آهن. چيو وڃي ٿو ته گوپال گروءَ سان گروءَ نانڪ صاحب جو گهرو پريم هو. انهن ۾ نتيانند پرڀو به هو، جنهن کي ڪرشن ڀڳوان جي ڀاءُ بلرام جو اوتار مڃيو ويندو هو.

ائين ٿو لڳي ته گروءَ نانڪ صاحب ۽ چئتنيه مها پرڀوءَ جي وچ ۾ ٿيل ملاقات جو وشنوءَ مت جي ودوانن تي ڏاڍو گهرو پرڀاءُ پيو هو. ”ڏهين سڪند“ جي بنگالي ٽيڪا ۾ هيٺ لکيل منگلا چرڻ مان اهيءَ ڳالهه جي ساک ملي ٿي ته ان ملاقات جي ياد سؤ سالن کانپوءِ به قائم هئي:

"پرڀام آهي گروءَ نانڪ کي، جو سڀني گرنٿن شاسترن جو گياتا، ڄاڻو آهي ۽ سچو برهم گياني آهي ۽ سڀني گرن جو گروءُ آهي"

گروءَ صاحب پريءَ وينديءَ يا پريءَ کان پنجاب موٽنديءَ اوڙيسا جي بالاسور ضلع ۾ به ترسيا هئا. هڪ روايت آهي ته گروءَ صاحب هن ضلع ۾ ڀدرڪ نالي نديءَ شهر جي نزديڪ سنگم نالي ڳوٺ ۾ ويا هئا. ڳوٺ جي نالي مان ٿي ان ڳالهه جو اشارو ملي ٿو ته گروءَ صاحب اُتي آيا هوندا.

اِئين پرليت ٿئي ٿو ته پريءَ کان واپس موٽنديءَ، سنه ١٥١٠ع جي آسپاس گروءَ صاحب موٽي تلونڊي آيا. هيءَ ڳالهه اتهاسڪ درشٽيءَ کان صحيح لڳي ٿي. پراڻن جنم ساکيءَ ۾ ٻڌايل اُداسي يا ياترا ١٢ سالن جي لنبي ڄاڻي وئي آهي ۽ هيءَ ڳالهه انهيءَ سمي سان به ميل کائي ٿي. پر واپس اچي، گروءَ صاحب نه پنهنجي پتا جي گهر ويا ۽ نه پنهنجي پتنيءَ سان ٿي ملڻ ويا. ڀائي مرداني کي ساڻ وٺي ٻيو دفعو پنهنجي ياترا تي نڪري پيا. هن دفعي ديش جي دور دراز علائقن جو دؤرو ڪرڻ کان پهريان پنجاب جي ڪجهه حصن ۾ رٽڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيائون. راوي ۽ چناب ندين کي پار ڪري گروءَ صاحب پاڪ پٽڻ ويا. چوڻ ۾ اچي ٿو ته هتي گروءَ صاحب شيخ برهم يا شيخ ابراهيم سان مليا ۽ کيس ستيه جو اُپديش ڏنائون. شيخ برهم (ابراهيم) شيخ فريد شڪر گنج جي گديءَ جو ٻارهون پير هو. ان کانپوءِ گروءَ صاحب ديپال پور، ڪنگن پور، قصور، پٽي، گوئندوال، سلطانپور، وئرووال، جلال آباد ۽ پٺاڻ جي ڪڙيءَ ۾ به ويا. پٺاڻ جي ڪڙيءَ ۾ ڪيترا پٺاڻ سندن شش بڻيا. اُن بعد گروءَ صاحب بٽالا ويا ۽ اُتي ڪجهه عرصو ترسي، پسرور، سيال ڪوٽ ۽ منڪ ڪوٽ ويا ۽ آخر ۾ لاهور وڃي پهتا.

لاهور گروءَ صاحب جي ڀيرن ياترا جي آخري منزل هئي. پراڻن جنم ساکي (حافظ آباد واري) جي مطابق گروءَ صاحب ڪجهه وقت لاءِ راوي ندي‌ءَ جي ساڄي ڪناري تي وسيل ڪرتارپور نالي ڳوٺ ۾ رهيا. هي ڳوٺ هڪ لکپتي اهلڪار وسايو هو.

چيو وڃي ٿو ته پنجاب کان ٻاهر ٻيءَ لمبي ياترا تي وڃڻ کان اڳ ۾ گروءَ صاحب پنهنجي ڪٽنب پريوار جي رهائش جو پورو پربند ڪري ڇڏڻ ٿي چاهيو. اڃا تائين سندس ڪٽنب پاکوڪي ڳوٺ ۾ سندس ساهري گهر ۾ ئي رهيل هو. هتي هڪ ٻالڪ گروءَ صاحب جي صحبت ۾ آيو، جو پوءِ بابي ٻڍي جي نالي سان پرسڌ ٿيو. اهو ممڪن آهي ته گروءَ صاحب پنهنجي لکاري راڳ جي پرسڌ "بارهه ماهه" جو اُچارڻ هتي ٿي ڪيو هجي.

## ٻين اُداسي يا ياترا

پراڻن جنم ساکيءَ مطابق گروءَ صاحب جي ٻين اُداسي ڏکڻ جي طرف ٿي هئي. چيو وڃي ٿو ته سيدو ۽ گهيهو به جاٽ به ساڻن گڏ هئا. جنم ساکين جي ليکڪن هن ياترا جي باري ۾ ڏکڻ جي دور دراز علائقن سمبنڌي وچتر ڳالهين تي آڌار رکندڙ ڪيترن ئي ڪلپت ڪهاڻيون جوڙيون آهن. چيو وڃي ٿو ته ٽاسري ديش ۾ گروءَ صاحب جي ملاقات پراڻن يا ديوَ ڪٿائن ۾ آيل مسلمان درويش خواجا خضر سان ٿي هئي. ڪنهن کي به معلوم ناهي ته ٽاسري ديش ڪهڙي علائقي کي چيو ويو آهي. ائين به چيو وڃي ٿو ته هتي گروءَ صاحب جي هڪ جين مُنيءَ سان به ملاقات ٿي هئي. اِنکانپوءِ گروءَ صاحب هڪ ٻيٽ ۾ ويا. اُتي جي الياچاري راجا، گروءَ صاحب کي گرم تيل جي ٽهڪندڙ ٽئيءَ ۾ تَرڻ جي ڪوشش ڪئي. بعد ۾ گروءَ صاحب

جو مقابلو هڪ پاڪبازي مسلمان پير سان ٿيو، جنهن کي گروُ صاحب اُپديش ڏنو ته سچيءَ ٻاهرمکي رسمون رواج ۽ ڏيکاءُ ونرٿ آهن.

اهو ٿي سگهي ٿو ته اِتهاسڪ درشٽيءَ کان انهن ڪٿائن جو ڪو مهتو نه به هجي، پر اهي ٻاڌڪ کي ان عجيب ۽ ويروڌ ڀريل واتاورڻ جو احساس ته ضرور ڪرائين ٿيون، جنهن مان گروُ نانڪ ۽ سندس ساٿين کي لنگهڻو پيو هو.

پر گروُ صاحب جي لنڪا جي ياترا پڪي، تسلي بخش بنياد تي ٻڌل آهي. ڪيترن دلير پارٽي واپارين لاءِ لنڪا ڪو اڻ سڃاتل ملڪ نه هو. گروُ صاحب جي اچڻ کان اڳ سنڌ جو هڪ شرڌالوُ واپاري اُن ديش ۾ پنهنجو گهر ٺاهي چڪو هو. هن گروُ صاحب جي هڪ شبد جو انواد لنڪا جي راجا لاءِ اِسٿاني بوليءَ ۾ به ڪيو هو. گروُ صاحب جي لنڪا ياترا وقت ڌرم پراڪرم باهو اُتي جو راجا هو. شلاليکه مان اِها ثابتي ملي ٿي ته جنا چاريه نالي ڌرم پرچارڪ راجا سان مليو ۽ کيس پنهنجي مت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. راجا کيس چيو ته جي توهان ديش جي راج پروهت يا سنگهه راج کي، جنهن جو نالو ڌرم ڪيرتي ستويرا هو، ڌرم چرچا ۾ جيتيندا ته مان توهانجي مت ۾ شامل ٿيندس.

چيو وڃي ٿو ته سرگڻ برهم ۽ امر آتما جي وشيه تي ڪيل کليءَ بحث مباحثي ۾ حاضر ماڻهن جي گهڻائيءَ پنهنجي راج پروهت جي مقابلي ۾ جنا چاريه جي پٺڀرائي ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح جنا چاريه پنهنجي وروڌيءَ کان جيتيو. بعد ۾ ڪيترن سببن ڪري برهمڻ لوڪ جنا چاريه جي خلاف ٿي بيٺا. جنا چاريه ادويت واد تي قائم رهيو ۽ مورتي پوڄا جي برخلاف پرچار ڪيائين. انهيءَ کانسواءِ هن ذات پات جي آڌار تي برهمڻن کي اوچو مڃڻ کان انڪار ڪيو. آخر

۽ هو راجڌاني ڇڏي هليو ويو ۽ راجا جي مت بدلڻ جي ڳالهه وچ ۾ ئي رهجي ويئي.

اِهو ٺيڪ آهي ته هن شلاليکه ۾ گروءَ صاحب جو نالو نه ڪونه ٿو اچي، پر ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اها واردات گروءَ صاحب جي لنڪا جي ياترا سان ئي سنبنڌ رکي ٿي.

گروءَ صاحب پڇمي سامونڊي ڪناري کان ٿيندا واپس پنجاب موٽي آيا ۽ اِنهيءَ سان سندن ٻي ياترا سماپت ٿي. واپس ايندي گروءَ صاحب ڪيترن هنڌن تي ستسنگ ڪيا. مهربان جي جنم ساکيءَ ۾ آيل آهي ته گروءَ صاحب اُجين، وند ياچل پربت، نرمدا ندي، بيڪانير ۽ سوراشٽر جي طرف به ويا هئا. ٻين جنم ساکين ۾ بيڪانير کي ڇڏي، باقي جڳهن جو ذڪر ڪونه ٿو ملي.

## ٽين اُداسي يا ياترا

گروءَ صاحب جي ٽين اُداسي اُتر طرف ٿي هئي. اُن ياترا ۾ هسو لوهار ۽ صهان ڇيپا ساڻن گڏ هئا. مڪاليف انوسار گروءَ صاحب جي هن ياترا جي پهرين منزل اچل ٻٽالا هو، جو ضلع گرداسپور ۾ اڄڪلهه جي ٻٽالا کان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي هو. هتي گروءَ صاحب جي جوڳين سان لنبي گيان وارتا ٿي هئي ۽ پاڻ هتي ئي "سڌ گوشٽ" جي رچنا ڪئي هئائون. ڀائي گرداس جي وارن مان هن ڳالهه جي شاهدي ڪانه ٿي ملي، ڇاڪاڻ ته سندس ڪٿن موجب هيءَ گهٽنا ڪافي عرصي بعد گروءَ صاحب جي پڇم جي ياترا ڪانپوءِ ٿي هئي.

پراڻن جنم ساکيءَ انوسار، گروءَ صاحب اچل ٻٽالا کان سري نگر، ڪشمير ۾ ويا. اُتي پاڻ ڪجهه ڏينهن ترسيا ۽ گهڻائي ماڻهو سندن ستسنگ ٻڌي ۽ سندن سنگت صحبت

۾ اچي، سنڌ ۾ پونا گُهِ ٻٽيا. سِري نگر کان گروُ صاحب هماليہ پربت ۾ دور ڏانهن هليا ويا ۽ اُتي جي ڪيترن اوچين چوٽين تي چڙهيا.

پرمپرا موجب اِهو سڌ ٿيل آهي تہ پاڻ لداک ۽ تبيت تائين پهتا هئا، پر اِجا تائين هن ڳالهہ جي ثابتيءَ ۾ ڪو شلاليکہ ڪونہ مليو آهي. پراڻن جنم ساکيءَ ۾ آيل آهي تہ گروُ صاحب سمير پربت تي ويا هئا ۽ اُتي سڌن سان گيان گوشت ڪيو هئائون. ڀائي گرداس ٻہ هن گوشٽيءَ جو وستار پوربو ورڻن ڪيو آهي. سڀني مهتو پورن جنم ساکين ۾ گروُ صاحب جي سڌن سان هن وارتالاپ جو ورڻن آهي. ڇاهي ورڻن ۾ فرق پئي ڏسڻ ۾ ايندو هجي. تنهن هوندي بہ مٿڪلوڊ هن ڳالهہ کي پوريءَ طرح رد ڪيو آهي. هوُ اِهيءَ ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو تہ جاگرافيءَ انوسار سمير پربت جهڙو ڪو اِستان ٿي ڪونهي ۽ هيءَ صرف ڪلپت ڪٿائن جو ئي حصو آهي. هوُ سمير پربت جو ناڻو ڪئلاش پربت يا بين ڪن پهاڙن سان جوڙڻ لاءِ تيار نہ آهي. پر هن اِنهيءَ ڳالهہ تي ويچار باڪل نہ ڪيو آهي تہ ڀائي گرداس مان يا جنم ساکين جي ليکڪن مان هماليہ پربت سنبنڌي جاگرافيءَ جي صحيح ڄاڻ رکڻ جي آشا ڪئي ڪري سگهجي.

## چوٿين اُداسي يا ياترا

گروُ صاحب جي چوٿين اداسي، حسن ابدال (اٽڪ ضلع جو هڪ ڳوٺ، جو هاڻي پاڪستان ۾ آهي) کان شروع ٿي هئي، جتان گروُ صاحب پڇم طرف ويا هئا. چيو وڃي ٿو تہ حسن ابدال ۾ گروُ صاحب پربت تان زور سان رڙهندي ايندڙ هڪ ڀاري ڇپ کي هٿ ڏيئي روڪي ڇڏيو هو. هيءَ ڇپ هڪ مسلمان فقير غصي ۾ اچي هيٺ ڏکي هئي. اِهو چيو وڃي ٿو تہ اُن ڇپ تي گروُ صاحب

جي پنجي (هٿ) جو نشان ٺهيل ويو ۽ هي اسٿان "پنجا صاحب" جي نالي سان مشهور ٿيو. مئڪلفوڊ هن وارداتن کي انهن چئي رد ڪيو آهي ته هن ۾ ڪا به اهڙي ڳالهه ڪانهي جنهنجي آڌار تي هنکي سچ مڃي سگهجي.

لڳ ڀڳ سؤ سالن کان گروءَ صاحب جي عرب ديش جي ياترا جي وارتائن کي شڪ جي نظر سان ڏٺو پئي ويو آهي. پر تازو اهڙيون ثابتيون مليون آهن جن مان پتو پوي ٿو ته گروءَ صاحب سچ پچ دنيا جي انهيءَ حصي جي دوري تي به ويا هئا. ڀائي گرداس گروءَ صاحب جي بغداد، مڪي ۽ مديني وڃڻ جو اشارو ڏنو آهي. پراڻن جنم ساکي ۽ مهربان جي جنم ساکيءَ ۾ مديني ۽ بغداد جو ذڪر ڪونهي، پر مڪي جي ياترا جو بيان ضرور ملي ٿو. گيان رتناولي ۽ ڀائي بالي جي جنم ساکيءَ ۾ بغداد جو ذڪر آيل آهي. مئڪالف گروءَ صاحب جي مڪي، مديني ۽ بغداد، ٽنهي جڳهن تي وڃڻ جي روايتيءَ ساکيءَ کي صحيح ڄاتو آهي. پنهنجي پهرين وار ۾ ڀائي گرداس دواران گروءَ صاحب جو مڪي جي ياترا جو ڪيل ورنن جيترو تفصيل وار آهي، اوترو وشواس جوڳو پڻ آهي. ڀائي گرداس جي ڪٿن موجب گروءَ صاحب هڪ مسلمان فقير جي لباس ۾ مڪي ويا هئا. ٻاڻ نيرا ڪپڙا پهريا هئائون، هڪ هٿ ۾ ڏنڊو هون، بغل ۾ پستڪ هون، ٻئي هٿ ۾ لوٽو هون ۽ ڪلهي تي مصلو هون. مڪي پهچي گروءَ صاحب، هڪ مسجد ۾ ديرو ڪيو. رات جو گروءَ صاحب پنهنجا پير محراب جي طرف ڪري سمهيا. هڪ جيون نالي ماڻهو (پراڻن جنم ساکيءَ ۾ رڪن الدين جو نالو آهي) گروءَ صاحب کي چوڻ لڳو ته محراب جي طرف پير ڪري سمهڻ ڪفر آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ طرف ڪعبو يعني رب جو گهر آهي. گروءَ صاحب چيس ته "ڀائي جنهن طرف ڪعبو يا رب نه رهندو هجي، ٻلي

اُنهيءَ طرف منهنجون نگاهون ڦيري ڇڏ". سڀ ماڻهو گروُ صاحب جي اِنهن گيان ڀريل لفظن تي حيران ٿيا ۽ سڀني گروُ صاحب جو آدر سنمان ڪيو. مسلمان درويشن گروُ صاحب کان پرمارٿي مسئلن تي ڪيئي سوال پڇڻ شروع ڪيا. گروُ صاحب کان هڪ سوال اِهو پڇيو ويو ته هندوُ وڏو آهي يا مسلمان؟ گروُ صاحب جواب ڏنو: "نيڪ اعمالن (ڪرمن) بنا هندوُ سچو هندوُ نـاهي ۽ مسلمان سچو مسلمان ناهي. بنا نيڪ يا شڀ ڪرمن جي، ٻنهي مان ڪنهنکي به رب جي درگاهه ۾ جڳهه نه ملي سگهندي. مسلمان ۽ هندوُ ناداني‌ءَ ڪارڻ هڪ ٻئي کـان نفرت ڪن ٿا، پر اِهو نٿا ڄاڻن ته رام ۽ رحيم هڪ ئي رب جا ٻه نالا آهن".

ڀائي گرداس جي چوڻ موجب گروُ صاحب مڪي کان بغداد ويـا. بغداد ۾ گروُ صاحب طرفـان گروُ صاحب جـي ڪارگذارين جو ڪو وشواس جوڳو ورلن ڪونه ٿو ملي، پر اِنهيءَ ڪري سندن بغداد ياترا ۾ شڪا ڪري نٿي سگهجي. اِنهيءَ باري ۾ ڪجهه وقت اڳ ٻه شلالیکه مليا آهن ۽ ٻنهي مان هن بابت ڪافي ڀروسي جوڳي شاهدي ملي ٿي. هڪ چبوتري يـا مڙهي جي ڀنيان ڀيتل ديوار تي اُڪريل هڪ ليکه جو انواد هيٺينءَ طرح ڪيل آهي:

"گروُ يعني سنت ستگرو بابا نانڪ فقير اولياءَ جي ياد ۾ هيءَ عمارت ستن درويشن جي مدد سان نئين سر ٺاهي ويئي. (تاريخ جو حوالو). سڳوري مريد رحمت جو چشمو وهائي ڏنو آهي. سال ٩٢٧ هجري برابر ١٥٢٠-٢١ع".

ٻيو شلالیکه سوامي آنند آچاريه کي بغداد کان ٻاهر هڪ مقبري تـي مليو. پاڻ پنهنجي ڪولـا جي هڪ حصي ۾ هن ليکه جو ترجمو هيٺينءَ ريت ڪيو آهي:

"هتي هندوُ گروُ نـانڪ پنهنجا وچن فقير بهلول کـي سڻايا ۽ هندن سمت سيارن ۾، جڏهن کان گروُ ايران مان ويو،

ٻهلول جي آتما گروءَ جي شبد تي لئين وشرام ڪيو آهي، جيئن ماکيءَ جي مک، پرڀات جي لاليءَ سان روشن ماکي ڀريل گلاب تي ويٺي رهندي آهي".

صحيح معنيٰ ۾ مڪي جي ياترا ۾ مديني جي ياترا ٻه اچي ٿي وڃي. ڪوئي سبب ناهي، جو هڪ ئي ملڪ جي هڪ پوتر شهر جي ياترا ڪابيوءَ گروءَ صاحب ٻئي پوتر شهر جي ياترا نه ڪئي هجي. ڀائي گرداس هن طرف اهڙو ئي اشارو ڪيو آهي:

گڙهه بغداد نواءِ ڪيو، مڪا مدينا سڀئي نوائيا.
(وار ۱، پؤڙي ۸۷)

هاڻي گروءَ صاحب پنهنجيءَ ياترا جي آخري منزل تي پهچي چڪا هئا. هو ڪرتارپور واپس اچي ويا ۽ پنهنجو اداسي يا ياتريءَ وارو ويس لاهي ڇڏيائون.

ڪيترن ماڻهن جو وشواس آهي ته جڏهن بابر ۱۵۲۰ع ۾ سيدپور (ايمن آباد) کي لٽيو، اُن وقت گروءَ نانڪ صاحب اُن شهر ۾ موجود هئا. هي وچار گهڻو ڪري گروءَ صاحب جي آد گرنٿ ۾ شامل "بابر واڻي" نالي رچيل شبدن تي آڌار رکي ٿو. منش ذات جي دک ڪليش ڏانهن همدردي ۽ اونهي احساس ڪارڻ گروءَ صاحب جي هردي مان رحمت ۽ ڪروڻا ڀري ٻاڻيءَ جو اهو شڪتي شالي وهڪرو وهڻ لڳو، جنهن ۾ همدرديءَ جي گهريءَ ڀاونا سان گڏ سوکيم وروڌ جا ڀاو پڻ ڏيکاري ڏين ٿا.

هڪ شبد ۾ گروءَ صاحب فرمائين ٿا:

جن سر سوهن پٽيا مانگي پاءِ سندور،
سي سر ڪاتي مُنيئنهه گل وچ آوي ڌوڙ،
محلا اندر هو ديتا هڻ بهڻ نه ملنهه حدور.

آڏيس بابا آڏيس،
آڏ پرک تيرا انت نه پائتا ڪر ڪر ڏيکهه ويس.
جيڌهه سيتا ويتا هيتا لاڙي سو هن پاس.
هيٺ ولي چڙ آئيا ڏنڊ ڪڍ ڪيتي راس.
اُپرهه ٻائي واريتي جهلي جهوڪن پاس.
اڪ لکهه لهنهه ٻهنيتا لکهه لهنهه ڪڙيتاه.
گري ڇهاري ڪانديتا ماڻندهه سيجهڙيتاه.
تنهه گل ملڪا پائيتا تنهه موس سريتاه.
ڌن جوبن دئي ورئي هوئي جنهي رکي رنگ لاءِ.
دوتا نو فرمائتا ليءِ چلي پت گواءِ.
جي تس ڀاوي دي وڏائي جي ڀاوي ديئي سجاءِ.
اگوردي جي چيتيئي تان ڪائت مليءِ سزاءِ.
ساهان سرت گنوائيا رنگ تماسي چاءِ.
بابر واڻي ڦر گئي ڪئنر نه روٽي کاءِ.
اڪنا وکت کئائيئهه اڪنها پوجا جاءِ.
چوڪي وڻ هندوانيا ڪئن ٽڪي ڪيڌهه ناءِ.
رام نه ڪبهو چيتئو هڻ ڪهڻ نه مليءِ خداءِ.
اڪ گهر آوهه آپڻي اڪ مل مل پڇهه سک.
اڪنها ايهو لکيا بهه بهه رووهه دک.
جو تس ڀاوي سو ٿيئي نانڪ ڪيا مانک.
(آسا، م ١ - ٤١٧)

هيءَ ورنن بابر جي لٽ مار ۽ ظلم ستم جو اکڙو سچو ۽ جيئرو جاڳندو چٽر پيش ڪري ٿو، جو انکان متاثر ٿي مئڪلفڊ چئي ٿو:

”گروُ صاحب دوارن هن دکہ ۽ تباهيءَ جي چٽيل تصوير ۾ اصليت جي اُها وهڪ آهي ۽ ڀاوناڻ جي اُها گهرائي آهي، جي صرف سڌيءَ طرح شخصي انڀو مان ئي پيدا ٿي سگهن ٿا“.

## آخري سال

گروُ صاحب جي جيون جو آخري وقت سنه ۱۵۲۰ع کان ۱۵۳۹ع تائين ڦهليل آهي. هي سيدپور جي تباهي ۽ لٽ مار کان وٺي سندن پرلوڪ سڌارڻ تائين جو سمو آهي. پاڻ هي سارو وقت راوي نديءَ جي ڪناري ڪرتارپور ڳوٺ ۾ گذاريائون. ڀائي گرداس جي ڪٿن موجب گروُ صاحب هتي هڪ گرهستيءَ جي ويس ۾ ستيه جي رهبر ۽ سنت ستگروءَ جو جيون وليت ڪيو.

ڦر بابا آئيا ڪرتارپور ڀيک اداسي سڪل اُتارا،
پهر سنساري ڪپڙي منجهي پڻت ڪيئا اوتارا.

(وار ۱ پؤڙي ۳۸)

هتي گروُ صاحب پرماتما جي سچي گيان جي ٻاٽي اُچاري، جنهن مان اگيانتا جو اندڪار دور ٿيو ۽ گيان جو پرڪاش ڦهليو. پاڻ سچي گيان جا ستسنگ ڪيائون ۽ سچ (روحانيت) جي ويچار ڌارا جو وهڪرو وهايائون ۽ پنهنجي سنگت صحبت ۾ ايندڙن کي انهد شبد جي اکنڊ ڌن سان جوڙيائون.

واٽي مکه اُچارئي هوءِ رسنائي مٽيءِ اندارا،
گيان گوسٽ چرچا سدا انهد سبد اُٺي ڌنڪارا.

(وار ۱، پؤڙي ۳۸)

ڀائي گرداس جو ڪٿن آهي ته ان سچي گرمک جي بدايل مارگ تي هلڻ وارا جيو اترويد جو بار لاهڻ ۾ سڦل ٿي ويا. انجو مطلب اِهو آهي ته اُنهن کي اندر سچو گيان پراپت ٿي ويو. تنهنڪري ڪين ڪنهن ٻاهرئين گيان جي ضرورت نه رهي.

اهڙيءَ طرح گروُ صاحب خود سهج اوستا جو لاثاني جيون وليت ڪري رهيا هئا ۽ سندن سنگت ۾ ايندڙ جيو ٻه

انهن مان اڪو لاڀ پراپت ڪري رهيا هئا. جيئن جي هن دؤر ۾ گرو صاحب دوارا شروع ڪيل ٻن مهتوپورڻ رتائن جو ورڻن ڪرڻ ضروري آهي. اهي آهن لنگر ۽ شيوا جون رتائون. گروءَ جو لنگر ايڪتا، سمانتا، نمرتا ۽ برادري ڀاو جي نشاني هو، ڇو ته لنگر ۾ سنگت جي شيوا ۾ هڪ يا ٻئي ڪاري ۾ لڳل سڀ ماڻهو ذات پات ۽ امير غريب جا ڀيد ڀاو وساري هڪ ئي قطار ۾ ويهي ڀوڄن کائيندا آهن. گرو صاحب سان ملڻ لاءِ ايندڙ ٻاهريان ماڻهو به انهيءَ ئي پنگت ۾ ويهي ڀوڄن ڪندا هئا، جڏهن مان پرمارٿي ويچارن وارا سڀ ماڻهو هڪ ئي گڏيل برادريءَ جو انگ بڻجي ويندا هئا. شيوا ۾ سنگت ۽ لنگر لاءِ کوهه مان پاڻي ڪڍڻ، پاڻي ڍوئڻ، ڪاٺيون ٻارڻ لاءِ آڻڻ، اٽو پيهڻ، ڀوڄن رڌڻ، ڀوڄن کارائڻ، برتن صاف ڪرڻ، جهاڙو ڏيڻ وغيره ڪم شامل هئا. جيترو ڪنهن ڪم کي سنساري درشٽيءَ کان گهٽ يا نيچ ڄاتو ويندو هو، اوترو ئي پرمارٿي درشٽيءَ کان اهو وڏو لاڀدائڪ سمجهيو ويندو هو.

گرو صاحب جي هن گوشي لهڻيءَ جي جيون ۾ ڪي غير معمولي گهٽنائون ڪوله ٿيون، جو جنم ساکين جي ليکڪن لاءِ ڪهاڻين جو مصالحو بڻجي سگهن. جنم ساکين جي ليکڪن هن عرصي جون صرف ٻه گهٽنائون ئي ورڻن لائق سمجهيون آهن: هڪ گرو صاحب جي سچي ۽ وفادار ساٿي ڀائي مرداني جو پرلوڪ سڌارڻ ۽ ٻي ڪنڊور جي ڀائي لهڻي جو گرو صاحب جو پريمي شش بڻجڻ ۽ آخر ۾ گرو صاحب جو اڪي ئي گرو گدي سنڀالڻ.

مرداني جي عمر ٧٦ سالن جي ٿي چڪي هئي. هو بيمار ٿي پيو ۽ اتر و ڪمزور ٿي ويو، جو سندس بچڻ جي ڪا آشا ئي نه رهي. مرداني جو جنم مسلمان پرتوار ۾ ٿيو هو، تنهنڪري گرو صاحب اڪان پڇيو ته تنهنجي مرتڪ شرير

جي آخري ڪريا ڪيئن ڪئي وئي؟ هن گروءَ صاحب جن کي چيو ته جيئن ته اوهين نيڪ سمجهو، ائين ئي سرير کي ٽڪاڻي لڳائجو. وري گروءَ صاحب کانئس پڇيو: ”لون چوڻ ته ڪنهنجو مقبرو ٺهرايون، جيئن ساري سنسار ۾ ڪنهنجو ناماچار ٿئي“. مرداني چيو: ”جڏهن ستگرو منهنجي روح کي سرير جي قبر مان آزاد ڪري رهيا آهن ته منهنجي سرير کي ڇا لاءِ پٿر جي مقبري ۾ قيد ڪرڻ ٿا چاهيو؟“ هيءَ ڏيکارڻ ۾ ياءت جو مردانو پرلوڪ سڌاريو ۽ سندس سرير کي راوي نديءَ ۾ پرواهه ڪيو ويو.

اهڙي طرح هن رابيءَ جو شاندار جيون سماپت ٿيو، جڏهن پنهنجي زندگيءَ جي ۴۷ سالن جو ڊگهو عرصو پنهنجي ستگروءَ جي سنگت ۾ گذاريو ۽ پاڇي وانگر سنسار جي ڇيڙي ڪنڊن ۾ ساڻن گڏ رهيو. مرداني لاءِ گروءَ صاحب جن ايڏو سنيهه هو، جو ٿلونديءَ ۾ گروءَ صاحب پنهنجي ويجهن عزيزن ۽ پاڙي وارن سان به ايترو پرسن نه هوندا هئا، جيترو مرداني سان هوندا هئا. پنجين پاتشاهي سري گروءَ ارجن ديو جن مرداني جو ايترو قدر سنمان ڪيو، جو سندس ٽي شبد آد گرنٿ ۾ شامل ڪيائون، اُن مان هڪ شبد هيٺيئن ريت آهي:

* ڪل ڪلوالي ڪام مد منوئا پيوڻ هار،
ڪروڌ ڪٽوري موهه ڀري پيلاوا اهنڪار،
مجلس ڪوڙي لب ڪي پي پي هوءِ خئار.
ڪرڻي لاهڻ ست گڙ سچ سرا ڪر سار،
گڻ منڊي ڪر سيل گيءُ سرم ماس آهار،
گرمکه پائيئي نانڪا کاڌي جاهه بڪار.

(آد گرنٿ، بهاڳڙي کي وار مردانا، صفحو ۵۵۳)

---

* فوٽ نوٽ ڏسو صفحي ۴۴ تي.

ڪرتارپور ۾ ڀائي لهڻي جڙ اچڻ ڏاڍي شڀ گهڙيءَ ۾ ٿيو. ڀائي لهڻي جو جنم مڪتسر جي نزديڪ سراءِ ناگا ناليءَ ڳوٺ ۾ ٿيو هو، پر هو ننڍيءَ عمر ۾ ئي پنهنجي ڪٽنب پروار سوڌو کڏور صاحب ۾ اچي ويو. کڏور صاحب ڪرتارپور کان ٦٠ ميلن جي مفاصلي تي آهي. هتي گرو نانڪ صاحب جو هڪ ڀڳت جوڌا نالي رهندو هو، جنهن جي مک مان سدائين "گرو گرو" جي ڌن نڪرندي هئي. ڳوٺ جا رهواسي درگا جا پوڄاري هئا ۽ جوڌا جي گرو ڀڳتيءَ جو مذاق اُڏائيندا هئا. هو هر سال هماليه جي دامن ۾ جوالامکيءَ جي ياترا تي ويندا هئا. هڪ ڏينهن ڀائي جوڌو گرو صاحب جي بانيءَ جا ڪجهه شبد ڳائي رهيو هو. ڀائي لهڻي تي اُنهن شبدن جو اهڙو گهرو اثر پيو، جو پنهنجي ساٿين سان گڏ جوالامکيءَ جي ياترا تي ويندي، هن پنهنجي من ۾ ڪرتارپور وڃي گرو صاحب جي درشن ڪرڻ جو نسچو ڪيو. گرو صاحب سان پهرينءَ ملاقات ۾ ئي ڀائي لهڻي جا سڀ شڪ ۽ سنسا دور ٿي ويا. ڪيس گرو صاحب جي سنگت ۾ اڪمڪ شانتي ۽ آنند پراپت ٿيا، جنهن جهڙا

---

صفحي ۴۳ جو فوٽ نوٽ

* ڪلجگ جي ڪڙاهيءَ ۾ ڪام جو شراب ڪڍيو پيو وڃي ۽ من پيئڻ وارو شرابي آهي. ڪروڌ جو پيالو موهه سان ڀريل آهي ۽ هؤمي پيئاري رهي آهي. ڪوڙ جي سڀا ۾ ويٺي هي نشو پيئڻ وارو خوار خراب، تباهه ٿي رهيو آهي.

ان جي اُبتڙ جڏهن ڪو ستگروءَ جي سنگت ۾ وڃي، شبد ڪرمن جي لاڻ وجهي، نرملتا يا شيل جو گڙ وجهي، نام جو شراب ڪڍي پيئي ۽ ان سان گڏ نيڪيءَ جون رونيون، سنجم جو گيهه ۽ محنت جو ماس کائي ته اُن جا سڀ وڪار ناس ٿي وڃن.

ڪيس اڳ ۾ ٻئي ڪڏهن هندن ۾ ڪونه مليا هئا. سندس ڪوچ پوري ٿي چڪي، سندس سفر سماپت ٿي چڪو. ڀاڻ اهي گهڻيون ڀيري ڦٽي ڪري ڇڏيائين، جنکي ڪَڙڪائيندي هوُ ڏيوِيءَ جي سامهون ڳائيندو هو. گروُ صاحب ڪائنس پڇيو: ”ڀائي، تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ جواب ڏنائين: ”جي، منهنجو نالو لهڻو آهي“. گروُ صاحب فرمايو: ”ها ڀائي، تون اسانکي ڪجهه لهڻين ۽ توکي مونکان اهو ڪجهه وٺڻو آهي ۽ اِنهيءَ لاءِ ئي اڪال پرکہ توکي مون وٽ موڪليو آهي“ لهڻي جو مطلب آهي وٺڻ. ڀائي لهڻي گروُ صاحب کان اها ڏات ورتي، جا صرف سندس لاءِ ئي رکي وئي هئي ۽ سو ڀائي هوُ گروُ صاحب جو جانشين ٿيو. جڏ گروُ نانڪ هو اهوئي لهڻو ٻڻجي ويو. جهڙو گروُ هو، اهڙو شش ٻڻجي ويو.

ٿاپيئا لهڻا جيوندي گرنائي سر ڇتر ڦرائيئا،
جوتي جوت ملائڪي ستگرو نانڪ روپ وٽائيئا،
لکہ نہ ڪوئي سڪئي آچرجي آچرج دکائيئا،
ڪائيئا پلٽ سروپ ٻڻائيئا.

(ڀائي گرداس، وار ۱، پوڙي ۴۵)

## جوتي جوت سمائڻ

ڀرائن جدم ساکيءَ ۾ گروُ نانڪ صاحب جي سنسار مان چالاڻي جو چتر اهايت ڀرڀاو شالي ڍنگ ۾ چٽيل آهي. جڏهن گروُ صاحب ورڌ اوستا ۾ آيا ته ڀاڻ سنسار مان ڪوچ ڪرڻ جو ويچار ڪيائون. گروُ صاحب ڀائي لهڻي کي پنهنجي جڳهه تي مقرر ڪري کيس انگد جي نالي سان ظاهر ڪيو، جنهنجو مطلب آهي ته هوُ منهنجو ئي انگ آهي. اِنهيءَ مان هر طرف خبر ڦهلجي وئي ته ستگرو آخري سفر جي تياريءَ ۾ آهن. سنگت ستگروءَ جي آخري درشن لاءِ ڪٺي ٿيڻ لڳي. گروُ صاحب جي ڌرمتين، سڀني مت سنپردائي

۽ سڪ، شيوڪ سخت دک محسوس ڪري رهيا هئا ۽ سڀني جي اکين مان آنسن جي ڌارا وهي رهي هئي. گروُ صاحب سڀني کي ڌيرج ۽ دلاسو ڏنو ۽ کين روئڻ کان منع ڪئي. پاڻ اُن وقت هيٺيون شبد اُچاريائون ۽ سنگت کي اُپديش ڏنائون ته اهو پرم پتا پرماتما خود ئي سنسار جو ڪرتا، اُپائڻهار آهي ۽ خود ئي سڀني کي سنسار ۾ موڪلڻ وارو ۽ انهن واپس سڏائڻ وارو آهي. سنسار ۾ چار ڏينهن رهي هرهڪ کي هتان هليو وڃڻو آهي ۽ اُنهي وچ هرهڪ کي پنهنجي ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻو آهي. هن سنسار ۾ اچي سدائين اِن پرماتما ۾ لنوَ لين رهڻ جڳائي، ڇاڪاڻ ته سنسار ۾ اچڻ صرف اُنهنجو ئي سڦل آهي، جيڪي هڪ من، هڪ چت ٿي يعني ايڪاگر رهي اُن پرم پتا کي ڌيائين ٿا. ڪنهنجي موت لي روئڻ اجايو آهي، ڇاڪاڻ ته جو ڪجهه به ٿي رهيو آهي، سو سڀ ڪل مالڪ جي ڀاڻي يا موج انوسار ٿي رهيو آهي. اصل ۾ سنسار جا اگياني جيو مايا جي اثر هيٺ روئندا آهن ۽ دکي ٿيندا آهن. سچو روئڻ اهو آهي جو اِن پرماتما جي ورهه جي نشاني هجي، نه ته باقي ڪنهن به قسم جي روئڻ مان ڪو به لاڀ ڪونهي. هتي ڪنهن به چيز جو فخر ڪرڻ اجايو آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪو سنسار ۾ آيو آهي، اُنکي هتان اوس هلي وڃڻو آهي. اِن لاءِ من ۾ پرماتما جي سچي پريت، سچي ورهه هئڻ جڳائي.

ڏِن سرندا سچا پاتساهه جن جڳ ڌنڌيءَ لائيا،
مهلت ٻني پائي پري جانيندڙا گهت چلائيا.

جاني گهت چلائيا لکيا آئيا رني وهر سمائي،
ڪائيا هنس ٿيئا وڇوڙا جان دن ٻني ميري مائي.

جيها لکيا ليها پائيا جيها پُرب ڪمائيا،
ڏِن سرندا سچا پاتساهه جن جڳ ڌنڌيءَ لائيا.

صاحب سمرٿ ميري پاليھو سيٺا اهڙ ڀڳتاٽا،
ايٿي ڌ لڌا ڪوڙ چار دھا آڳي سر ڀرجاٽا.
آڳي سر ڀر جاٽا جنھ مھماٽا ڪاهي گارب ڪيجي،
جت سيوئي درگھ سڪھ پائيئي نام انسي ڪا ليجي.
آڳي حڪم نھ چلي مُولي سر سر ڪنا وھاٽا،
صاحب سمرٿ ميري پاليھو سيدا اهڙ ڀڳتاٽا.

جو تس ڀاوي سمرٿ سو ٿيئي هيلڙا ايھ سنسارو،
جل ٿل مھيئل رو رھيا ساچڙا سرجڻھارو.
ساچا سرجڻھارو الک اپارو تاڪا انت نھ پائيا،
آئيا تن ڪا سڦل ڀئيا هئھ اڪ من جني ڌيائيا.
ڍاهي ڍاهھ اساري آپي حڪم سوارڻ هارو،
جو تس ڀاوي سمرٿ سو ٿيئي هيلڙا ايھ سنسارو.
نانڪ رنا بابا جاڻيئي جي رووي لاءِ پيارو،
واليوي ڪارڻ بابا روئيئي رووڻ سگل بڪارو.
رووڻ سگل بڪارو غافل سنسارو مائيا ڪارڻ رووي،
چنگا مندا ڪڇ سوجھئي ناهي اِھ تن اينوي کووي.
ايٿي آئيا سڀ ڪو جاسي ڪوڙ ڪرهو اهنڪارو،
نانڪ رنا بابا جاڻيئي جي رووي لاءِ پيارو.
(وڏهنس، م ١ - ٧٩ - ٥٧٨)

هيءَ شبد ٻڌي سڀ سنسنگي ۽ سنبنڌي ٻاڻيءَ جا شبد ڳائڻ لڳا. سارو وايو منڊل پولر گيتن جي دويه ڌن سان گونجي اٿيو. پراڻن جنم ساکيءَ ۾ آيل آهي تھ اِنھيءَ ٽي گرو صاحب سماڌيءَ ۾ التوڪان ڏي ويا ۽ "بارھ ماھ" اُچاريائون، جنھن ۾ آتما جي پرماتما سان ميلاپ لاءِ گھري تڙپ ۽ ويڳن کي ٻاڻيءَ جي روپ ۾ لکيو ويو آهي. سھپي "بارھ ماھ" ۾ استري ۽ پرش جي روپڪار دوارا جيو آتما روپي

پڙهي ٻڌا ويا. وسوڙل استريءَ جي پرماتما روپي پتيءَ سان ميلاپ لاءِ تڙپ جو ڀاو ڀريو ورڻن ڪيو ويو آهي.

جڏهن شبدن جي ڳائڻ جو ڪاريه پورو ٿيو ته گرو صاحب پنهنجي ٻانهيءَ جي ڀوٽي ٻه گرو انگد صاحب کي سونپي ڏني. انهيءَ وقت رات جو آخري پهر سماپت ٿي ويو هو ۽ پرڀات ٿي چڪي هئي. جنم ساکيءَ ۾ گرو صاحب جي آخرين گهڙين جو ذڪر هيٺين ڪيو ويو آهي.

تڏهن گرو صاحب جي چيلن مسلمان شخص چيو ته اسين مرتڪ سرير کي دفنائينداسين ۽ سندن چيلن هندن شخص چيو ته اسين سندن اگني سنسڪار ڪنداسين. گرو صاحب فرمايو ته توهين پنهنجا پنهنجا گل رکي ڇڏيو. جيڪڏهن سڀاڻي هندن جا گل تازا ۽ سرها رهن ته سرير کي جلائي ڇڏجو ۽ جي مسلمانن جا تازا رهن ته سرير کي دفنائي ڇڏجو. پوءِ گرو صاحب سنگت کي پرماتما جي ڪيرتي ۽ مهما ڳائڻ لاءِ چيو ۽ حڪم انوسار سنگت سوهلي جو پاٺ شروع ڪيو:

جيءِ گهر ڪيرت آکيئي ڪرتي ڪا هوءِ بيچارو،
تت گهر گاوهه سوهلا سورهه سرجڻ هارو.
تم گاوهه ميري نربئو ڪا سوهلا،
هئو واري جت سوهلي سدا سک هوءِ.
نت نت جيئڙي سماليئن ديکيگا ديوڻ هار،
تيري دانيءِ قيمت نا پوئي تس داتي ڪوڻ سمار.
سمبت ساها لکئا مل ڪر پاوهه تيل،
ديهو سجڻ اسيسڙيئا جئه هوويءِ صاحب سئه ميل.
گهر گهر ايهو پاهچا سدڙي نت پون،
سدڻ هارا سمريئي ناناڪ سي ڏه آون.
(سوهلا گوڙي م ١-١٢)

انڪالپوءِ جپجي جو آخري سلوڪ پڙهيو ويو ۽ گروُ صاحب پنهنجي مٿان چادر وجهي ليٽي پيا. جنم ساکيءَ ۾ آيل آهي:

"جڏهن سلوڪ پڙهيو ويو ته گروُ صاحب جن چادر اوڍي ۽ سنگت مٿو ٽيڪيو. پوءِ چادر کڻي وئي ته اُتي ڪجهه به نه هو، پر هندن ۽ مسلمانن ٻنهي جا گل سرها ۽ تازا رهيا. هنن پنهنجا پنهنجا گل کڻي ورتا. ساري سنگت چرڻن ۾ جهڪي وئي".

گروُ صاحب ٧ سيپٽمبر ١٥٣٩ع* جو پنهنجو پنجن تتن جو خاڪي سرير تياڳيو. گروُ صاحب پاڻ ناسولت سنسار مان هليا ويا، پر ايندڙ پيڙهين جي لاءِ هڪ اٿاهه روحاني ورثو ڇڏي ويا.

گروُ صاحب جي پوئلڳن سندن ڪئين يادگار بڻايا، پر اهي سڀ راوي نديءَ جي سيلاب ۾ وهي ويا. چيو وڃي ٿو ته گروُ صاحب جن جي اڄا به انهن ۾ هئي. اهو ڏسي سندن پوئلڳن ۽ ڪٽنب پريوار وارن راوي نديءَ جي ٻئي ڪناري تي "ڏيرا بابا نانڪ" نالي قصبو وسايو. اُن قصبي کي آباد ڪرڻ وارا ماڻهو ئي ان جي هاڻوڪين نواسين جا اَبا ڏاڏا هئا.

---

* هيءَ تاريخ آد گرنٿ جي ڪرتار پوري بيڙ ۾ درج ٿيل تاريخ سان ميل کائي ٿي. ڏيرا بابا نانڪ ۾ انهيءَ ڏينهن تي گروُ صاحب جي جوتي جوت سمائڻ جو پرب ملهائڻ جو رواج هلندو ٿو اچي. الڳ الڳ جنم ساکين ۾ الڳ الڳ تاريخون ڏنل آهن. مئڪلوڊ به پنهنجي پستڪ "گروُ نانڪ ۽ سک ڌرم" ۾ اهائي تاريخ مڃي آهي.

## اُپديش

آکي ٻاجهه ويکڻا وڻ ڪنان سڻڻا،
پيرا ٻاجهه چلڻا وڻ هٿا ڪرڻا.
جيڀي ٻاجهه بولڻا اءِ جيوت مرڻا،
نانڪ حڪم پڇاڻڪي تئ خصمي ملڻا.
( سلوڪ م ٢-١٣٩ )

سبد ڌرتي سبد آڪاس،
سبدي سبد ڀيا پرڪاس.
سگلي سرسٽ سبد ڪي پاڇي،
نانڪ سبد گهٽي گهٽ آڇي. (پراتن جنم ساکي، ١٣٧)

بن ستگر ڪنهي نه پائيو،
بن ستگر ڪنهي نه پائيا. (آسا دي وار، م ١-٤٦٦)

## ڪرم ڪانڊ جو وروڌ

جڏهن سنسار اگيانتا جي اونداهي ۾ گمراهه ٿيل ۽ وهم وڪارن جي بندشن ۾ ڦاٿل هوندو آهي ته سنت مهاتما ۽ پير پيغمبر جيون کي انهن ٻراين کان مڪت ڪرڻ لاءِ سنسار ۾ پرگهٽ ٿيندا آهن. گروءَ نانڪ صاحب جو جنم سنسار ۾ انهيءَ سمي ٿيو، جڏهن سڄو ڌرم پر ڪري اڏامي چڪو هو. ڇا هندو، ڇا مسلمان، ٻئي ڪرم ڪانڊ، رسم رواج يا شريعت کي سڄو ڌرم ۽ سڄو مذهب سمجهڻ لڳي ويا هئا. ماڻهو جڻيو پائڻ، مٿي تي ڪيسر جو تلڪ لڳائڻ، وچار يا ڀاو بنا صرف منڪن واري مالها ڦيريندو رهڻ ۽ ديوي ديوتائن کي پرسن ڪرڻ لاءِ جانورن ۽ پڻ انسان جي بل ڏيڻ کي ئي ڌرم جو نالو ڏيڻ لڳي ويا هئا. هڪ نراڪار پرماتما جي سچي ڀڳتيءَ جو مارگ، انيڪ ننڍين وڏن اشٽن جي پوڄا ۽ آراڌنا جي جهنگل ۾ گم ٿي چڪو هو.

گروءَ صاحب جن زوردار اکرن ۾ مورتي پوڄا جو کنڊن ڪيو. پاڻ سمجهايائون ته مورتي پوڄا جو ڪو پرمارٿي لاڀ ڪونهي، بلڪ جيئن جيو دوارن جڙ پدارٿن جي پوڄا ڪرڻ، آتما کي اوچو اٿارڻ جي عيوض هيٺ ڪرائڻ وارو ڪرم آهي.

گروءَ صاحب ڏاڍي سنڌر نموني سان سمجهائين ٿا ته هي پنڊت! تون پنهنجي گهر ۾ اشٽ ۽ ايڪ ديوتائن جي سيوا، مورتين جي روپ ۾ سجائي ويٺو آهين، تون اڳيان ٿو ۾ انهن کي سچا ديوتائون سمجهي، انهن کي اشنان ڪرائين ٿو، انهن لئي ڌوپ، ڦل، ڪيسر وغيره چاڙهين ٿو ۽ جهڪي انهن اڳيان متو رڳڙين ٿو. اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جي باوجود توکي روٽي ڪوڙي لاءِ پڻ ماڻهن جي اڳيان هٿ ٽنگڻو ٿو پوي. اهي پٿر جا ٺاڪر نه توکي ٻڪ کان ڇڏائي سگهن ٿا ۽ نه موت کان ئي بچائي سگهن ٿا.

گهر نارائڻ سڀ نال پوڄ ڪري رکي ناوال.
ڪنگو چندڻ ڦل چڙائي پيري پئه پئه بهت منائي.
ماڻوئا منگ منگ پيني کاهه الذي ڪمي الذ سچاه.
پکتا ديئه نه مرد تا رکيو الذا جهگڙا الذي ستيو.
(سلوڪ م ۱ - ۱۲۴۰)

انهيءَ سمي جا جتني ۽ پوڙي ٻه اهڙي آلمڪ گراوٽ جي دوش کان پوري طرح ڇٽل نه هئا. انهيءَ وقت جا لڳ ڀڳ سڀيئي ڌرم الذ وشواس، ٻوڙنگ، ڪپٽ ۽ ڏيکاو جو روپ ڌارڻ ڪري چڪا هئا. اصل ۾ ماڻهو ڌرم جي سار کي وڃائي چڪا هئا ۽ ان جي ڦوڳ يا ڇلڪي لي ئي سنتوش ڪري ويٺا هئا.

گروءَ نانڪ صاحب انهن مهان سنتن جي پرمپرا مان آهن، جن پرم پتا پرماتما جي ساڪياٽ انڀو کي ئي سچي ڌرم جو

سار مڃيو آهي. گروُ صاحب پنهنجي سمي جي ڌرمن ۾ پرچلت ذات پات، ديش ڌوم وغيره جي ننڍن وڏن سڀني ٻنڌنن کي ٽوڙيو ۽ ايڪ پرڪار جي ڪرم ڪانڊن جو کنڊن ڪيو. گروُ صاحب انسان جي من کي اندوشواس، هٺ ڌرمي، روايت ۽ مذهبي تعصب کان آزاد ڪرڻ لاءِ آيا هئا. ٻاڻ پرچلت يا چالو عقيدن کي صرف ٻڌي ۽ دليل جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جو اپديش نه ڏنائون، چاڪاڻ ته ان مان جيو جي شنڪا ۽ سنسي جي انڌيري گليءَ ۾ ڀٽڪڻ جو خطرو رهي ٿو. گروُ صاحب وويڪ ۽ منطق سان گڏوگڏ هڪ آشا ۽ آنند جو سنديش به ڏنو، جو چئني ئي طرف ڦهليل اگيانتا، اوشواس، نراشا جي انڌيري ۽ اداسيءَ کي ختم ڪرڻ ۾ سمرٿ هو.

## منش جي مهانتا

گروُ صاحب جن ٻڌايو ته هي انساني چولو خاص اديش جي پراپتيءَ لاءِ مليو آهي. ٻاڻ پنهنجي اپديش دوارا انهيءَ مقصد جي پراپتيءَ لاءِ اهو سڌو مارگ به ڏيکاريائون. هي اپديش يا ورڻن ڪو نئون نه هو، چاڪاڻ ته ڀارت جي پراچين گرنٿن ۾ انهيو ورڻن آهي، پر صديون گذري وڃڻ سبب ماڻهو هن اپديش ۽ مارگ کي ڀلائي چڪا هئا. گروُ صاحب الڪي اهڙي سندر نموني ۾ ٿمن سر جيئاريو، جو هي اپديش نه صرف نئون پر شڪتي شالي به ڀاسڻ لڳو. گروُ صاحب پنهنجي وقت جي ماڻهن کي سمجهايو ته منش جو جيون جانورن جي زندگيءَ وانگر ٻي معني ناهي، جي پيدا ٿي وڏا ٿين ٿا ۽ کائي پي سنسار مان هليا وڃن ٿا. چوراسي لک جوٽين جي ٻي الٽ ڀساري ۾ صرف منش کي ئي اها ذات بخشي ويئي آهي ته هوُ جنم مرڻ يا آواگون جي دائما چڪر کي ٽوڙي، پنهنجي آتما کي ان مان آزاد ڪري وٺي. هيءَ رچنا چوراسي لک جوٽين جو هڪ وڏو

جيلخانو آهي، جنهن مان ٻاهر نڪرڻ جو فقط هڪ ئي دروازو آهي؛ جو آهي منش ديهي يا منش جنم. سنسار روپي جيلخاني مان صرف منش کي ئي ڇوٽڪارو پراپت ڪرڻ جي شڪتي ڏني وئي آهي. انهيءَ درشٽيءَ کان منش کي ساري سرشٽي يا ڪائنات کان اوچي پدوي پراپت ٿيل آهي، جنهن لاءِ ڪمس سرشٽيءَ جو سرمور (Top of the Creation) چيو ويو آهي. گروُ ارجن صاحب جن فرمائين ٿا:

لک چوراسيهه جون سڀاڻي مانس ڪؤ پربه ديئي وڏائي،
اس پؤڙي تي جو نر چوُڪيم سو آءِ جاءِ دک پائدا.
(راڳ مارو، م ٥ - ١٠٧٥)

ڪبير صاحب جن اُپديش ڏين ٿا:

اس ديهي ڪؤ سمرهه ديو،
سو ديهي ڀڄ هر ڪي سيؤ. (پئُرؤ ڪبير، ١١٥٨)

پرماتما نه صرف منش سرير ۾ براجمان آهي، بلڪ هوُ پرگهٽ به انهيءَ سرير جي اندر ٿيندو آهي. انهيءَ طرح انساني جامي کي بيحد نعمت بخشيش ٿيل آهي، ڇاڪاڻ ته نه صرف پرماتما ان سرير ۾ براجمان آهي، پر انهيءَ سرير ذريعي ئي ان گپت پرماتما جي پراپتي به ٿئي ٿي.

گروُ امرداس جن فرمائين ٿا ته پرماتما روپي انمول رتن منش سرير ۾ ئي پراپت ٿيندو آهي، پر منمک ماڻهو انڌير ملهه لڳا جاڻن ۽ اهڙا ڪاڳهه مڇ لاءِ تيار لڳا ٿين ته انساني ديهه ئي اصل هريءَ جو مندر آهي:

هر مندر ايهه سرير هئه گيان رتن پرگٽ هوءِ،
منمک مول نه جاڻدي مانس هر مندر نه هوءِ.
(پربڀاتي، م ٣ - ١٣٤٦)

گروءَ رامداس صاحب جن ٻه فرمايو آهي ته منش سرير اهو سوهڻيڪ شهر آهي، جنهن ۾ وڻهي هريءَ جي رس ٻيا سڀ امرت جو سؤدو ڪري سگهجي ٿو.

ڪائنا نگر، نگر هٽ ٻهڪو، وچ سؤدا هر رس ڪيجي۔
(ڪلياڻ، م ۴- ۱۲۲۳)

پرماتما، جو اندر براجمان آهي، اُنکي ٻاهر ڳولهڻ اگيانتا ٻه آهي ۽ مورکتا ٻه. اندر ۾ موجود پرماتما کي ٻاهر مندرن، مسجدن، گرجا گهرن، گردوارن، تيرٿن، ندين، سروورن، جهنگلن، پهاڙن، وڻن ٽڻن، ٻين پکين وغيره ۾ تلاش ڪرڻ جو ڪوبه جتن ڪنهن به حالت ۾ سڦل نٿو ٿي سگهي. سنتن مهاتمائن ۽ گروءَ صاحبن اهڙين سڀني ڪوششن جو کنڊن ڪيو آهي. گروءَ رامداس جن فرمائين ٿا ته جو شخص ان پرماتما کي سرير کان ٻاهر ڳولهيندو ڦري ٿو، سو مورکُ ۽ اگياني آهي. اهو اُنهيءَ هرڻ سمان آهي جو پنهنجي نابيءَ ۾ موجود ڪستوريءَ جي تلاش ۾ ٻاهر جهاڙين ۾ ڀٽڪندو ڦري ٿو.

وڻ ڪانٿا ج هؤرليءِ ڏن کوجدي سي مورڙ ٻيتالي،
سي اُجهڙ ڀرم ڀوالڻهه جڻ جهاڙ مرڱ ٻالي.
(گؤڙي کي وار، م ۴- ۳۰۹)

گروءَ نانڪ صاحب سمجهائين ٿا ته اسانجو سرير ئي پرماتما جي رهڻ جو اصلي مندر آهي ۽ اسان جي سرير جي اندر ئي ان مندر ۾ داخل ٿيڻ جو دروازو آهي. هيءَ ڪايا هڪ قلعو يا محل آهي، جنهن ۾ اهو سڀ پريو پنهنجي سلطاني تخت تي براجمان آهي. ڪايا جي اندر ئي چوڏهن ڀون ۽ چنڊ، سورج وغيره آهن ۽ ڪايا جي اندر ئي پرماتما ۽ انجي نام جو امولڪ ڌن ٻه آهي. جيڪي ماڻهو گرمکن جي سکيا تي هلي اندر وڃن ٿا، اُهي مايا جي هر طرح جي

ٻاهر کان ڏسجي وڃن ٿا، اُهن کي اندر ۾ پرڀو روپي اصلي ڌن پراپت ٿي وڃي ٿو.

گهر در مندر ڇاڻي سولي،
جس پوري گر ٿي سوجهي هوئي.
ڪاڻتا گڙ محلي هر سب ساچا،
سچ ساچا لخمت رچاڻتا.
چتردس هاٽ ديوي دنه ساکي،
سيوڪ پدچ ناهي ٻڪه چاکي.
انتر وست انوپ نرمولڪ،
گر ملتي هر ڌن پائتا.
(مارو م ١-١٠٣٩)

ٻاڻي سمجهائين ٿا ته اسانجو سرير ٿي سڀ کان اُتم هر مندر آهي. ان ۾ پنج وڏا کنڊ يا منڊل آهن. انهن سڀني کنڊن منڊلن کان مٿي اهو نراڪار پرماتما براجمان آهي. سرير اندر ويٺل پرڀو اسانکي نظر نٿو اچي، ڇاڪاڻ ته اسان جو گيان ڌيان صرف سرير جي نون دوارن تائين ٿي محدود آهي. اهي نو دوار يا دروازا سنساري ڪار وهنوار لاء آهن. اهو سرو شڪتيوان پرماتما من اندرين جي اثر کان آزاد ۽ نرليپ آهي. هو انهن نون دوارن ۽ من بُڌيءَ جي منڊلن کان پري ۽ مٿي آهي. جڏهن اسين سندس ڪرپا سان سرير اندر موجود ڏهين دروازي يا ڏهين گليءَ ۾ داخل ٿينداسين ته اُن الک پرڀوءَ کي پنهنجي اندر ٿي سڃاڻي يا پائي سگهنداسين.

ڏهين لکري اولم ٿانا پنج لوڪ وسهه پرڌانا،
اوپر ايڪنڪار نرالم سند سماڌ لڳائتا.
ڏهين لکري لؤ دروازي سر سر ڪرتهاري ساچي،
دسوي پرکه الپم نرالا آپي الک لکائتا.
(مارو م ١-١٠٣٩)

صرف گروءَ نانڪ صاحب ۽ ڀارت جي سڀني مهاتمائن پڻ هن ديش جي گرنٿن شاسترن ۾ مذهب ڌرم جي اهڙي مهما نه ڪئي آهي، بلڪ قرآن شريف ۾ به انسان کي "اشرف المخلوقات" يعني سرشٽيءَ جو سرمور يا ساري رچنا ۾ سڀ کان سرشٽ ڪري ڪوٺيو ويو آهي. بائيبل ۾ به آيل آهي ته پرماتما انسان کي پنهنجي شڪل تي بڻايو آهي. (Genessis ١:٢٧). سو گروءَ نانڪ صاحب اهڙي روحانيت جو ورڻن ڪيو، جنهن جو سنسار جي لڳ ڀڳ سڀني مهان ڌرمن ۾ ذڪر ڪيل آهي، پر جنهن روحانيت کي دنيا جا لوڪ ڪافي عرصي کان ڀلائي چڪا هئا.

## آتمڪ گيان يا روحانيت

گروءَ نانڪ صاحب جي اپديش جو مول تت يا سار اهو آهي ته منش پنهنجي اندر ۾ پرماتما جو انڀوءَ يا درشن ڪري سگهي ٿو. هيءَ ذاتي انڀوءَ سڀني ڪوششن ۽ اڇائن جي پورائي يا منزل آهي. انهيءَ مان منش سمي ۽ استان جي قيد کان ۽ انهن سان لاڳو سڀني ڪمزورين ۽ ڪمين کان اوچو اٿي ٿو وڃي. هڪ طرف هو دک سک ۽ جمڻ مرڻ جي چڪر کان آزاد ٿي وڃي ٿو ۽ ٻئي طرف هو ان اوستا مان امر آنند، بي انت سندرتا ۽ دائمي شانتيءَ جو ڀاڳي ٿئي ٿو. جيئن ته هيءَ اوستا وقت جي اننتتا يعني بي انت يا بيحد هئڻ جي اوستا آهي، انهيڪري هيءَ آد انت، لاهي چاڙهي، گهٽ وڌائيءَ جي نيمن کان به آزاد آهي. وقت کان آزاد هئڻ ڪري، هيءَ اوستا ڪارڻ ۽ اثر يعني ڪرم ۽ ڦل کان به پري ۽ پار آهي، ڇاڪاڻ ته ڪارڻ ۽ اثر يا ڪرم يا ڦل جو سنبنڌ به وقت سان جڙيل آهي. دراصل ڪرم ۽ ڦل جو ارٿ ئي اهو آهي ته هڪ وقت ۾ ڪيل ڪرم، ڪجهه وقت گذرڻ بعد ڦل ڏئي ٿو. پر جو جيو

وقت جي حد کان پار ٿي وڃي ٿو، سو ازخود ڪرم ۽ ڦل جي حد کان به مٿي اُٿي ٿو وڃي.

پرماتما کي اندر پراپت ڪرڻ جي هن ذاتي انڀو کي ئي "ڌرمي انڀوءَ"، "روحاني انڀوءَ" يا "رهسيہ وادي انڀوءَ" چيو وڃي ٿو. هيءَ اوستا نه خيالي آهي، نه ڀاوني ۽ نه هن جو منو وگيان سان ڪو واسطو آهي ۽ نه شرير کان ٻاهرين شڪتين سان. هيءَ نه ٻڌيءَ جي دائري جي وستو آهي ۽ نه دليل جي. هيءَ ڀاوَ ۽ ويچار کان پري ۽ پار جي اهڙي اکٿ ڪٿا آهي، جنهن جو نه ڪڏهن ٻوليءَ ۾ بيان ڪري ٿو سگهجي ۽ نه ڪڏهن ٻاهرين سنسار جي ڪنهن به چيز، اوستا سان ڀيٽ يا مقابلو ڪري ٿو سگهجي. هيءَ اهڙي اوستا آهي، جنهن ۾ ساري سرشٽيءَ جي ايڪتا جي ڀنيان هلندڙ هڪ اهڙيءَ مُول ايڪتا جو جيئرو جاڳندو انڀوءَ ٿئي ٿو، جو مَن، اندرين، ٻڌي ۽ منطق کان پري آهي.

گروءَ ارجن صاحب فرمائين ٿا:

نانڪ ايڪو رو رهيا، دوسر هوئا نه هوگ.
(گؤڙي، م ۵ - ۲۵۰)

سنت نامديو جن فرمائين ٿا:

سڀ گوبند هَي سڀ گوبند هَي، گوبند بن نهين ڪوءِ.
(آسا نامديو ۴۸۵)

مولانا روم جو ڪٿن آهي:

هم ڪوزا - و - هم ڪوزاگر، و - هم گل - ي - ڪوزا.

ان جو ارٿ هي آهي ته هوءَ خود ئي برتڻ آهي، پاڻ ئي برتڻ ٺاهڻ وارو ڪنڀار آهي ۽ پاڻ ئي برتڻ جي مٽي آهي.

دراصل هيءَ اهڙي پورن أدويت يا ايڪتا جي اوستا آهي، جنهن ۾ درشن ڪندڙ ۽ درشن ڏيندڙ، ساڌڪ ۽ ساڌنا يا ساڌنا جو مرڪز، پوڄاري ۽ پوڄيه اشٽ جي دئي، دويت يا ڀيائي سماپت ٿي وڃي ٿي. هن اوستا ۾ پرم آنند، الوڪي شانتي ۽ عجيب سندرتا جو انڀوُ ٿيندو آهي. سڀني پورن سنتن جي باڻيءَ ۾ هن جو اشارو ملي ٿو. هن بي نظير اوستا ۾ جيو ظاهري سنسار جي انيڪتا مان سميٽجي اڳ ڏنل پرم ستيه جي پورن ايڪتا ۾ سمائجي وڃي ٿو. ان پرم ستيه جي پراپتيءَ جي الوڪي آنند ۾ محوُ ٿيا لين ٿي، ان جو روپ ٿي وڃڻ ئي هن رهسيه روحاني انڀو جو اصلي سار آهي. گروُ نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

نامي راتي اندن ماتي، نامي ٿي سک هوئي.

(سڌ گوشٽ، م ١-٩٦۴)

وري فرمائين ٿا:

نانڪ ايڪتا ايڪ سالاهڻ سچ نام آڌار،
سدا انند رهي دن راتي گڻو نتا پاچار.

(آسا، م ١-۴٦٦)

روحانيت جو هيءُ الوڪڪ آنند من انڊرين جو وشيه ناهي. هي انڊرين جي محدود سک ڏک کان نيارو ۽ گهٽ وڌائي، لاهي چاڙهي، آد انت کان پار ۽ مٿي آهي. هي اهڙو اُجر، اَمر ۽ اَٿاهه انڀوُ آهي جو سمي ۽ استٿان مان اُٿين ٿيندڙ تبديلين کان مٿي آهي. هن اوستا ۾ پهچي جنم مرڻ ۽ آواگون جا هر قسم جا بندن ختم ٿي وڃن ٿا. گروُ صاحب فرمائين ٿا ته ڪو ورلو خوشقسمت جيو ئي پوري گروُءَ جي مت ٿي هلي، هن اوستا تائين پهچي ٿو:

گرمک ڪوئي سچ ڪماوي، آوڻ جاڻا ناک رهاوي.

(پرڀاتي، م ١-١٣۴۴)

اکٿ ڪهاڻي پد نرباڻي، ڪو ورلا گرمک بوجهئي.
( بلاول، م ١ - ٨٤٤ )

هن اوستا ۾ پهچڻ لئي ئي ساڌڪ کي سچي جيون جي پراپتيءَ جو احساس ٿيندو آهي. هنکي معلوم ٿيندو آهي ته من ۽ اندريون، سمي ۽ استان جي سنسار کي ڪا پهنجي آزاد هستي ڪانهي. دراصل اهو اَسٽ آهي، ڪنهن اُڻاڌُنل اصليت جي ڇايا، مايا وي ڇل يا وهم ۽ ڀرم آهي.

گروُ صاحب هنجو ورڻن ڪندي فرمائين ٿا:

سو جيوٽا جس من وسٿا سوء، نانڪ اور نه جيوئ ڪوء.
( مانجهه، م ١ - ١٤٢ )

اٿئي گوٿڙا ڏن چاري کيل تماسا ڏٺ وڪاري،
بازي کيل گئي بازيگر جيءُ نس سهئي يکلائي هي.
( مارو م ١ - ١٠٢٣ )

جيڪي منش ستگروءَ جي ڏسيل راهه تي هلي ان نهچل اوستا کي پراپت ڪن ٿا، اهي مايا جي ٿهندڙ ڀاڃي ۽ چليندڙ پساري کان هميشهه لاءِ آزاد ٿي وڃن ٿا.

ساچ محل گر الکه لکائيا، نهچل محل نهي ڇائيا مائيا.
( گوڙي م ١ - ٢٢٨ )

هن اوستا جي پراپتيءَ جو مارگ ڏاڍو ڪٺن آهي. ڪيترن فيلسوفن ۽ مهاتمائن هنکي تلوار جي ڌار جهڙو مارگ ڪوٺيو آهي. پر جڏهن منزل تي پهچي وڃون ٿا ته قول ۾ امله ملن ٿا ۽ جيترا ئي مصيبتون سهڻيون پيون ٿيون، تنهجو عيوضو ۾ پورو پورو ملي وڃي ٿو. گروُ صاحب فرمائين ٿا هن اوستا کي پسائي، من جا سڀ وڪار ۽ بندن دور ٿي وڃن ٿا ۽ آتما نرمل ۽ پوتر ٿي پوي ٿي:

پنج تسڪر ڏاوت راکي ڇوُڪا من ايمان،
دست ٻڪارِي درمت ڀاڳي السا ٻرهم گيان.
(پرڀاتي، م ١ - ١٣٢٩)

مٿي ڏسي آيا آهيون ته الهيءَ سته جي پراپتي جيو کي پنهنجي اندر ۾ ٿيندي آهي ۽ هن انترمک انڀو جي پراپتي ۾ سڀ ڌرم ڀيا سڀيءَ روحانيت جو اصلي سار آهي. پرسڌ صوفي سنت مولانا روم جو ڪٿن آهي ته ٻاهرين سنسار ڏانهن کليل اندرين جا دوار بند ڪرڻ سان اندر ۾ سچ جو ٻيهر پراپت ٿئي ٿو. هوُ دعويٰ ڪري ٿو ته جيڪڏهن سرير جا نَوَ دروازا بند ڪرڻ ۾ حق يعني پرماتما جو نور نه ڏسڻ ۾ اچي ته پلي منهنجي مذاق اڏائجو.

چشم بند و گوش بند و لب ببند،
گر نه بيني نور حق بر من بخند.

گروُ رامداس صاحب جن ٻه اشارو ڪيو آهي ته جڏهن سرير جا نَوَ دوار بند ڪري، ڏسوين دوار ۾ داخل ٿيون ٿا ته اندرين جا پوتر ڦڪا لڳڻ شروع ٿين ٿا ۽ اندران اهڙي آنند ڀري امرت جي پراپتي ٿئي ٿي، جنهن کي پائي من ۽ آتما سدائين لاءِ شانت ٿي وڃن ٿا:

نئه درواجي نوي در ڦيڪي، رس امرت دسوي چئجيءِ.
(ڪلياڻ، م ٤ - ١٣٢٣)

## روحانيت ۽ سداچار

سداچار ۾ نيڪي بدي ۽ چڱي بري جو سوال اٿاريو ويندو آهي، پر پرماتما ۾ سمائجي پرماتما جو روپ ٿي ويل شخص هن دويت يا ڀيائيءَ مان نه مڪت ٿي ويندو آهي. گروُ امرداس صاحب فرمائين ٿا ته جڏهن سڀني جيون جو اُپائڻهار هڪ پرماتما ئي آهي ته پوءِ چڱو ڪنهکي چئجي ۽ برو ڪنهکي؟

جيڪي جنت سڀ تس دي سڀنا ڪا سوئي،
مندا ڪسنو آکيئي جي دوجا هوئي.
(آسا، م ٣ - ٤٢٥)

اهڙيءَ طرح سداچار تي درد رهڻ وارا مٺن نيڪيءَ ۽ پريم جي شڀ ڪَرِ تي زور ڏين ٿا. اها چڱي ڳالهه آهي، پر پرڀوءَ جا ڀڳت ٻيا پيارا هن ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته ساري نيڪيءَ ۽ سڀئي پريم جو ڀنڊار اهو پرم پتا پرماتما ئي آهي. اهي چون ٿا ته سداچاري ڪڻ اوس ڌارڻ ڪرڻ گهرجن، پر جيستائين منش پلي بري ۽ پيار نفرت جي ٻيائيءَ کان آزاد نٿو ٿئي، تيستائين هوُ نه سچي نيڪيءَ جو روپ ٿي سگهي ٿو ۽ نه سچي پريم جو. ساري برائيءَ جي جڙ دويت يا هؤمئي آهي. جو شخص پنهنجي اندر بديءَ جي جڙ کي ڪٽي ٿو ڇڏي، سو سدائين لاءِ بديءَ جي چنبي مان آزاد ٿي وڃي ٿو ۽ سچي نيڪيءَ جو ساڪيات روپ ٿي وڃي ٿو. جڏهن هؤمئي کي ختم ڪرڻ سان دويت يعني دوُجا ڀاو ختم ٿي وڃي ٿو ته هوُ ڪنهن سان برائي ڪيئن ڪري سگهندو. گروُ صاحب ڏاڍي سندر نموني ۾ سمجهائين ٿا:

هڪ هڪ مڪ وڇهه ڪوويءِ، دوجا ميٽيءِ اڪو هوويءِ.
(رامڪلي، م ١ - ٩٤٣)

نانڪ سا سوهاڳڻ ڪنتي پر ڪيءِ اڪ سماوئي.
(تکاري، م ١ - ١١٠٨)

پريم پدارٿ پائيئي گرمکه تت وچار،
ساڌن آپ گوائتا گر ڪيءِ سبد سيگار.
(سري راڳ، م ١ - ٦١)

اهڙيءَ ريت جڏهن جيو آتما پريم سروپ پرڀوءَ ۾ لين ٿي وڃي ٿي ته هوُءَ خود به پريم جو روپ ٿي وڃي ٿي ۽ اُن

۽ پنهنجي لاءِ به پريم چلڪڻ لڳي ٿو. گروُ صاحب ۽ ٻين سنتن مهاتمائن آتما ۽ پرماتما جي پيار کي استري ۽ پرش جي صورت ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيتوڻيڪ اها صورت ان ئي الٽ پريم جو صرف ڏنڌلو پاڇو ئي ٿي سگهي ٿي. پر هن مشابهت مان پتو لڳي ٿو ته جيئن آتما روپي استريءَ کي سچو سک ۽ سچي شانتي صرف پرماتما روپي پتيءَ جي ميلاپ مان ئي ملي سگهن ٿا. جڏهن هوءَ الهيءَ پريتم جي پيار ۾ سمائجي سهج اوستا پراپت ڪري ٿي ته هوءَ راحت ڏيندڙ معنيٰ ات ئي پهر ان پيار جي آنند ۾ مگهن رهي ٿي، تڏهن ئي هوءَ پنهنجي پريتم جي پيدا ڪيل خلقت سان سچو پيار ڪري سگهڻ جي قابل ٿئي ٿي. گروُ صاحب فرمائين ٿا:

آپڻي ڪنت پياري سا سوهاگڻ ناڪ سا سيرائي،
الس رنگ رالي سهج ڪي ماتي اهنس ڀاءِ سمائي،
سندر ساءِ سروپ بچکڻ کهيئي سا سياڻي.
(تلنگ، م ١ - ٧٢٢)

پر چوڙي جيئن ڪوڻ ملاوي،
رس پريم علي جيئن سبد سهاوي.
(گوڙي، م ١ - ٢٤٣)

جيڪي مٿي لکيو ويو آهي ان مان ئي هن سوال جو جواب ملي ٿو وڃي ته اهڙي روحاني انوڀو جو سنسار ۾ نيڪ جيون گذارڻ تي ڪهڙو اثر پوي ٿو. عام طور اهو دوش لڳايو ويندو آهي ته اهڙو روحاني اپياس سنساري ذميوارين ۽ پنهنجن اصليتن کان منهن موڙي، هڪ طرح جي سوارٿ پرايل سک ڀا آنند ۾ مگهن رهڻ جي برابر آهي. پڇمي ديشن جي ڪيترن ٽيڪاڪارن پارت جي سنتن مهاتمائن ۽ پارٽي روحانيت بابت خاص طور هي اعتراض

آتاڙو آهي ۽ اهي زندگي ۽ ان جي ضروري فرض کان منهن موڙڻ جا قصوروار آهن.

مٿي ڏسي آيا آهيون ته پرم سنت ۾ لين ٿيل شخص ئي صحيح معنيٰ ۾ نيڪ جيون گذاري سگهي ٿو ۽ اهو ئي دراصل سچي پريم، سچي دَيا ۽ سچي اُپڪار جي مورتي هوندو آهي. سڀني کي ڄاڻ آهي ته ڀارت ۾ سنت مهاتما سنسار مان ويندي وقت، پنهنجو ڪارج، پنهنجي جانشين کي سونپي ويندو آهي. اهڙي طرح سچي نيڪي، سچي پريم، سچي سيوا ۽ سچي تياڳ جي جوت هڪ کان ٻئي جي ذريعي روشن رهندي ايندي آهي. پورن سنت ستگروءَ کي سدائين ٻين جي دکن ۽ ڪليشن جو احساس رهندو آهي. هو سنسار جو تياڳ نه ڪندو آهي ۽ صرف پنهنجي مڪتيءَ ۽ ذاتي روحاني پراپتيءَ لئي لئي سنتوش نه ڪندو آهي. هو سنسار کي ٻه دکن کان نورت ٿيڻ جو سچو مارگ ڏيکاريندو آهي. هن کي سوارٿي يا خود غرض نٿو سڏي سگهجي، ڇاڪاڻ ته جڏهن روحاني مارگ کي هو اُتم سمجهي ٿو، اُنجو ئي اُپديش هو سنسار کي ٻه ڏئي ٿو. پورن سنت ستگرن جو زندگيءَ جي باري ۾ پنهنجو الڳ نظريو ٿيندو آهي. هو سچي روحانيت جي پراپتيءَ کي سنساري ضرورتن جي پورتيءَ يا دنيوي دکن جي نورتيءَ کان گهڻو وڌيڪ ضروري سمجهن ٿا. هو جيون کي روحانيت جي سچي راهه ڏيکارڻ کي ئي سڀ کان اوچو ۽ اُتم پراُپڪار ۽ سڀ کان وڏي شيوا ڪري مڃين ٿا.

جڙ وادي درشٽيءَ وارن ماڻهن ۽ سنت ستگرن جي وچارڌارا جي وچ ۾ هڪ بنيادي فرق اهو آهي ته جڙ وادين جو وشواس آهي ته سنسار کي ڪافي حد تائين سکن جي نگري بڻائي سگهجي ٿو ۽ سنسار جي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ سماج سڌار جون رٿائون عمل ۾ آڻي سگهجن ٿيون، پر

گروُ نانڪ، مهاتما ٻڌ ۽ ٻين سنتن مهاتمائن جو عقيدو آهي ته دک سنسار جي جڙ ۽ بنياد ۾ آهي. هن دک جو اصلي ڪارڻ جيو جي هؤمي آهي يا اُنجو پرماتما کان وڇڙو ۽ جدائي آهي. جنهنڪري جيو هؤمي جو شڪار آهي ۽ پرماتما کان جدا يا الڳ پنهنجي هستي ڀانئي ويٺو آهي، انهنڪري هن جي دکن جو انت ڪڏهن به نه ٿي سگهندو. گروُ نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

هؤمي بک پاء جگت اُپائتا، سهد وسي بک جاء.
(مارو م ١-١٠٠٩)

ارثات هؤمي جو زهر سنسار جي جڙ ۾ آهي. صرف پرماتما جي شبد يا نام ۾ لين ٿيڻ سان ئي جيو هن دک کان مُڪتي پائي سگهي ٿو. پاڻ وڌيڪ فرمائين ٿا ته سڄو سنسار بري طرح دکن جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو آهي:

نانڪ دکيئا سڀ سنسار.
(رامڪلي دي وار، م ٣، سلوڪ م ١-٩٥٤)

سنسار دکن جو گهر آهي، پر جنهنڪي جيو نام يا شبد سان جڙيو وڃن ٿا، اهي سدائين لاءِ سڄو سک پائين ٿا:

نانڪ رام رتي سدا سک هوءِ.
(رامڪلي سڌ گوشٽ، م ١-٩٤١)

گروُ صاحب هڪ هنڌ فرمائين ٿا:

بابا جگ ڦاٿا مهاجال، گر پرسادي اُبري سچا نام سمال.
(مارو م ١-١٠٠٩)

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

نانڪ هؤمي روگ بري،
جهه ديکان تهه ايکا بيدن آپي بخسي سبد ڌري.
(ڀيرو، م ١-١١٥٣)

جيستائين جيو پرڀوءَ روپي ايڪتا کان وڇڙيل يا جدا ٿي، ڪال ۽ من مايا جي پيدا ڪيل وقت ۽ جڳهه جي اينڪتا، دويت يا هؤميءِ جو شڪار آهي، تيستائين سندس دک ناس نه ٿي سگهندو ۽ نه ڪيس سچو سک ملي سگهندو. انهيءَ لاءِ پورن سنت ستگرو سنسار جا سچا خيرخواهه بڻجي جيون کي هن هؤميءِ بابت سچيت به ڪن ٿا، هن دکن جي بنيءَ مان نڪرڻ لاءِ مارگ به ڏيکارين ٿا ۽ ان مارگ تي هلڻ ۾ انهن جي رهنمائي ۽ سهائتا به ڪن ٿا. تنهنڪري سنتن جي سچي روحانيت جي مارگ کي جيڪي منش سوارٿ يا ڪانئرتا سمجهن ٿا، انهن سنتن جي زندگيءَ ۽ سندن روحاني سنديش کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي آهي.

## روحانيت ۽ ڌرم

عام طور روحانيت کي ڌرمي ڪارڄ سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڌرم جي معنيٰ پرم پتا پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ آهي ته روحانيت سچ پچ ئي ڌرمي ڪارڄ آهي. سنت مهاتما سدائين اُن ئي امت انادي ستيه جو اُپديش ڪندا آهن، جنهن سان هو ميلاپ ڪري چڪا آهن. هو پنهنجي ذاتي انڀو مان ئي گيان پراپت ڪري چڪا آهن ته اهو پرماتما روپي ستيه نهايت نرمل ۽ پرم چيتن آهي. اهو نيڪي، اُپڪار، پريم ۽ ديا جو روپ آهي. اهو نهچل ۽ ابناسي آهي ۽ هر قسم جي تبديليءَ، هؤميءِ، تراسا، دک ۽ چنتا کان مڪت آهي. سچي روحانيت ڌارڻ ڪرڻ واري گرمک کي هن پرم ستيه ۾ سمائجي اهڙي انوکي اوستا پراپت ٿئي ٿي، جنهن جو بيان يا ڪلپنا ذريعي انومان لڳائڻ ناممڪن آهي. انهيءَ درشٽيءَ کان جي روحانيت کي ڌرم جو سار يا مول تت چيو وڃي ته اهو صحيح ٿيندو.

پر جيڪڏهن ڪنهن خاص مت، عقيدي يا جٿيبنديءَ
کي ڌرم سمجهيو وڃي ته اهڙيءَ حالت ۾ روحانيت ۽ روحاني
اهڃاڻ ڌرم جي دائري ۾ نٿا اچن ۽ ان کان آزاد سمجهيا وڃن
ٿا. سچي روحانيت دنيا جي ڪنهن به خاص ڌرم جي
پکش ۾ يا خلاف ڪانهي. حقيقت ۾ اهو سوال پڇڻ نه
گهرجي ته ڇا روحانيت ڌرمي ڪاريه آهي يا نه؟ ان جي
بجاءِ هيءُ سوال پڇڻ گهرجي ته ڇا روحانيت ئي ڌرم جو
اصلي آڌار آهي يا نه؟ هن سوال جو بنا ڪنهن سنڪوچ
جي اهو جواب ڏيئي سگهجي ٿو ته سنسار جا گهڻا ڌرم ۽
ڀارت جا سڀ وڏا ڌرم، بنيادي طور روحانيت ۽ انترمکي
اهڃاڻ تي آڌارت آهن. روحاني اهڃاڻ يا انترمکي پرک گيان
سڀني ڌرمن جي پراڻ سمان آهي. سڀ ڌرم هڪ ئي
روحانيت يا هڪ ئي روحاني ويچارڌارا جي شاخن جي
روپ ۾ ڦليا ڦوليا آهن. پر سمي گذرڻ تي هر ڌرم ۾
آتما کي اندر پرماتما سان جوڙي پرم ستيه جو سڌو ساکيات
اهڃاڻ پراپت ڪرڻ وارا سنت مهاتما الوپ ٿيندا ويا ۽ انهن
سان گڏ ئي انترمکي روحاني اهڃاڻ پراپت ڪرڻ واري عملي
سادنا جو به خاتمو ٿي ويو.

گرو صاحب جي اچڻ سان ڀارت ۾ سچي ڌرمي ڀاونا
نئين سر جاڳي اٿي. سندن پرگهٽ ٿيڻ کان اڳ ماڻهو سچي
روحانيت يا سچين ڌرمي ڀاونائن کي ڀلائي، بي جان
ڪرم ڪانڊ ۽ رتين رسمن ۾ بري طرح ڦاسي چڪا هئا.
لوڪ هڪٿين قسم جي عقيدن ۽ ويچارڌارائن ۾ ٻڌجي، انيڪ
ننڍن ننڍن مت متانترن جا قيدي بڻجي چڪا هئا ۽ انهن
جي وچ ۾ ڦوٽ پئجي چڪي هئي. ڌرم ۾ آشا ته اها رکي
ٿي وئي ته اهو جيو جي اندر گپت پرم ستيه کي جاڳائي،
الکي ليکي، پريم، شيوا ۽ نياءَ جو پتلو بڻائڻ ۾ سهائتا
ڪري، پر نتيجا انجي بلڪل ابتڙ نڪري رهيا هئا. اها

ڪا حيرانيءَ جي ڳالهه ناهي ته جيتوڻيڪ ماڻهن ڌرم کي ڌڪاريندا نه هئا، پر ته به ان مان وشواس وڃائي چڪا هئا. پر گروءَ نانڪ صاحب لوڪن کي اهڙي نرمل روحاني سادنا جي جڳتي ٻڌائي، جا هر طرح جي ڪرم ڪانڊ، شريعت ۽ رسم رواج کان مٿي ۽ اوچي هئي. ان سادنا جو مُول مقصد آتما کي اندر پرماتما سان جوڙڻ ۽ اندر سچو گيان ۽ پرڪاش پراپت ڪرڻ جو هو. اِنهيءَ ڪري هن جڳتيءَ جو ڪنهن ٻاهرينءَ ڄٿيبنديءَ ۽ اَنڌوشواس سان ڪو به سنٻنڌ نه هو. هيءَ انترمکي جڳتي هر قسم جي ٻاهرمکي ڀيد ڀاو کان مٿي هئي. اهڙي طرح گروءَ صاحب مذهب کي سچي وشواس ۽ سچيءَ ڪرڻيءَ جو مارگ ڏيکاريو. اِهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته گروءَ صاحب جن صرف انسان جو پنهنجو پاڻ ۾ پرماتما ۾ وڃايل وشواس وري نئين سر جاڳرت ڪرڻ لاءِ ئي سنسار ۾ آيا هئا. اِهوئي سبب آهي جو گروءَ صاحب جيون کي ان سمي جي پرچلت انيڪ طرح جي جڳتين جهڙوڪ ڪرم يوگ، اُپاسنا يوگ، ليه يوگ، راج يوگ، هٺ يوگ، گيان يوگ ۽ ٻين ڪيترن قسمن جي جپن تپن، پوڄا پاٺ، ڪرم ڪانڊ وغيره جي ڀُول ڀُليئان مان ٻاهر ڪڍيو. پاڻ لوڪن کي پراچين زماني جي پورن سنتن دوارا پريو پراپتيءَ لاءِ اختيار ڪيل اهو سرل ۽ قدرتي مارگ ڏيکاريو، جو پرماتما خود جيو جي ڪلياڻ لاءِ ان جي اندر ٺاهيو آهي. هي مارگ پنهنجي آتما کي اندر شبد سان جوڙڻ ۽ جيئري ئي سچي مڪتي پراپت ڪرڻ جو مارگ آهي.

## روحاني اڀياس

گروءَ نانڪ صاحب جن، جنهن روحاني سادنا کي اختيار ڪيو ۽ جنهنجو پرچار ڪيائون، تنهنکي ”سرت شبد يوگ“ جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو. ان کي شبد يوگ، سهج يوگ يا

شبد ابياس ۾ سنڌيو وڃي ٿو. هن ابياس ۾ ساڌڪ پنهنجي ڌيان ۽ سرت (آتما) جي ڌارا کي ساري سريَر مان پوري طرح سميٽي، اکين جي پٺيان هڪ نقطي تي ايڪاگر ڪري ٿو. هن مرڪز کي پرمارٿي ٻوليءَ ۾ ٽيسرا تل* يا ٽين اک چيو ويو آهي.

ساڌڪ کي هن ابياس ۾ سنسار طرف کلڻ وارن سريَر جي نون دوارن کي بند ڪري، سرت کي پوري طرح ٽين اک ۾ ايڪاگر ڪرڻو آهي، جا سرت يا آتما جي اصلي بيٺڪ يا هيڊڪوارٽر آهي. سرت کي هن نقطي يا مرڪز تي پورن رِيت ايڪاگر ڪرڻ سان سماڌيءَ جي اوستا پراپت ٿئي ٿي. هيءَ نرمل چيتنتا جي اوستا آهي جنهن ۾ سچو آنند ۽ سچي شانتي پراپت ٿين ٿا. سري آد گرنٿ ۾ آتما کي ڏهين دوار يعني اکين جي مرڪز مان لنگهائي من ۽ آتما يعني جڙ ۽ چيتن جي ڳنڍ کولڻ جي جڳتيءَ جو ڪيترن هنڌن تي ورڻن آيل آهي. گروُ صاحبن ۽ ڀائي گرداس اکين جي مرڪز جو ڪيترن ئي لفظن ذريعي ورڻن ڪيو آهي. انهن هن استان کي "دسوان"، "تل گهر"، "گهر مندر"، "گهر"، "دويه درشٽي"، "تل"، "گهر در"، "در"، "سردر"، "مڪتي دوار" وغيره ڪئين نالن سان ياد ڪيو آهي. گروُ امرداس صاحب فرمائين ٿا:

---

* ڪي مسلمان فقير "نقطا-ي-سويدا" ڪوٺيندا آهن. ٻين به ڪيترن نالن سان ڪي ياد ڪيو ويو آهي، مثال طور الدر يا اک، هڪ اک. تلسي صاحب ڪي "خس خس جو داڻو"، "سٽي دوار"، "دور بين"، "مهين يعني سوکيم داڻو"، "مکر" (شيشو)، "تل" وغيره به ڪوٺيو آهي. هندو مهاتما ڪي "شو نيتر"، "دويه چڪشو" يا "ٽيسرا تل" چوندا آهن. شايد فرانس جي فلاسافر رُني ڊيڪارٽ جي "پينيَل گلانڊ" جو به اهوئي مطلب آهي.

نؤ در ناکي ڏاوس رهائي،
'دسويءِ' ڏج گهر واسا پائي.
اوٿيءِ الهد سبد وڄهه ڌن رائي،
گرمتي سبد سڻاوڻيا.
(مالهه، م ٣-١٢٤)

هر جيئڻ غفا اندر رکه ڪيءِ،
وا ڄا پوڻ وڄائيا،
وڄائيا واڄا پئڻ نؤ دئاري پرگٽ ڪيئي،
'دسوا' گپت رکائيا.
گر دئاري لاءِ پاوڻي،
اکئا 'دسوا دئار' ڏکائيا،
ٿهه انيڪ روپ ناءُ نوٺ،
ٽس دا انت نه جائي پائيا.
(رامڪلي انند، م ٣-٩٢٢)

سري آد گرنٿ ۾ هن کي ڪيترن هنڌ ”گهر مندر“، ”نج گهر“ يا صرف ”گهر“ چٽي ۽ انجو بيان ڪيو آهي.

من کن کن پرم پرم پهه ڏاويءِ 'نج گهر' تهي واسا پائيئيءِ،
گر اکس سبد دارو سر ڏارئو 'گهر مندر' آڻ وسائيئيءِ.
(بسنت هنڊول، م ٤-١١٧٩)

'گهر' رهه ري من مگڌ اٺائي، رام جپهه انترگت ڌيائي:
(مارو، م ١-١٠٣٠)

ڪها چلئه من رههه 'گهري'،
گرمکه رام نام ترپتاسي، کوجت پاوهه سهج هري.
(آسا، م ١-٤١٤)

من بيراگي 'گهر' وسيءِ سچ پئه راتا هوءِ،
گتان مها رس ڀوگويءِ باهڙ ڀوکه نه هوءِ.
(سري راڳ، م ١-٢١)

سري آد گرنٿ ۾ هن کي ٻين ڪيترن هنڌ ”دوءِ-دڙشٽي“، ”گهردر“ يا ”مکت دئارا“ به چيو ويو آهي:

هرڪا گاهڪ هوويءَ سولئي پسائي رتن ويچارا،
اندر کوليءِ ’دب دست‘ ديکيءِ مکت ڀنڊارا.
(آسا، م ٣-٤٢٥)

’دب دست‘ جاڳيءِ ڀرم چڪائي، گر پرساد ڀرم پد پائي.
(مارو، م ٣-١٠١٦)

رام رسائڻ گرمکہ چاکيءِ، ’در گهر‘ محلي هر پت راکيءِ.
(آسا، م ١-٤١٥)

جت در وسهہ کون در کهيئيءِ،
درا ڀيتر ’در‘ کون لهيءِ،
جس ’در‘ کارڻ ڦرا اداسي،
سو ’در‘ کوئي آءِ کهيءِ.
(رامڪلي، م ١-٨٧٧)

’گهر در‘ مندر جاڻيءِ سوئي،
جس پوري گر تي سوجهي هوئي.
(مارو، م ١-١٠٣٩)

نانڪ ’مکت دئارا‘ اتِ ليکا لانا هوءِ سہ جاءِ،
هؤميءِ مَن استول هہ ڪہ ڪر وچدي جاءِ.
(گوجري، م ٣-٥٠٩)

ڀائي گرداس، جنهنجي باڻيءَ کي سري آد گرنٿ جي ڪنجي چيو ويندو آهي، هن نقطي جو وستار سان ورنن ڪن ٿا. سندن ۾ ڪبت ڀنڊت نارائڻ سنگهہ گياني‌ءَ جي وياکيا سميت هيٺ ڏنا وڃن ٿا:

ڪنچن ڪناچ ڪرپا بدن انوپ روپ،
ات اسچرج مہ نانڪا کهائي هہ.

لوچن کي پتري مين لنڪ تار ڪا سنگار،
تاکو پرلي بدب 'تل' بدتا بنائي هئہ.
کونن ڪونان چب 'تل' چبت چاهہ،
کونن ڪونان سوپ لوپ للچائي هئہ.
ڪومد برهمنڊ ڪي ناٿڪ ڪي ناٿکا پٽي،
'تل' ڪي تلڪ سرب نائڪا متائي هئہ.

(ڪبت، ٢٠٤)

ارٿ - جڏهن من ۽ اندرين جي سنگت ۾ اپولو ٿي وڃن آتما، اهڙو ساڪ چڙي، "تل" ۾ پهچي وڃي ۽ شبد کي پنهنجو پتي ۽ سوامي ڄاڻائين ته ان نهايت پرڪاشمي سندرتا پراپت ڪري ورتي. جيئن هڪ سهاڳڻ استري پنهنجي متي تي سندور جو تلڪ لڳائيندي آهي، اهڙيءَ طرح جيڪا آتما نون دوارن مان سميٽجي پنهنجي سواميءَ سان ملڻ لاءِ ڏسوين دوار ۾ داخل ٿئي ٿي، سا پنهنجي متي تي سوڀاڳيہ جي بندي لڳائي ٿي (ٻين لفظن ۾ آتما تيسري تل ۾ داخل ٿي وڃڻ جو سوڀاڳيہ پراپت ڪري ٿي). هن اڪ جو روپ بيان ڪان ٻري آهي. ڪروڙين قسمن جي ڪشش تل جي چاپا هيٺان لڪل آهي ۽ ڪروڙين قسمن جي سوڀيا ان تل جي سوڀيا لاءِ للچائي رهي آهي. هوءَ ڪروڙين برهمنڊن جي سواميءَ جي پتني ٿي وڃي آهي ۽ هنجي متي جي بنديءَ جي سولهن سوڀيا اهتري وڌي وڃي آهي، جو اُن جي مقابلي ۾ ٻين سڀني استرين جي چمڪ بلڪل ڦڪي پئجي وڃي آهي.

پرتم ڪي پتري مٿن لنڪ تارڪا سنگار،
تاکو پرلمب تل تلڪ ترلوڪ ڪو.
بدتا بدن پر پرگٽ بناہ راکئہ،
کام دیو ڪوٽ لوٽ پوٽ اڏلوڪ ڪو.

ڪوٽن ڪوٽان روپ ڪي انوپ روپ ڇٻ،
سڪل شنگار ڪو شنگار سرب ٿوڪ ڪو.
ڪنچت ڪٽاڇ ڪرپا ٽل ڪي اٽل شوڀا،
سرسري ڪوٽ مان ڀڳ ڏئان ڪوڪ ڪو.
(ڪبت، ٢١٣)

ارٿ- ٽل بيحد پوتر ۽ موهيندڙ آهي. ان جي اندر داخل ٿيڻ بعد آتما شبد سان سينگار جي جيڪا سوڀيا پراپت ڪري ٿي، ان جو بيان ڪرڻ ناممڪن آهي. هن ٽل جي پوترتا ڪروڙين گنگا ندين ۾ سنان ڪرڻ جي ڦل کان به وڌيڪ آهي. بيشمار چنڊن جو پرڪاش، انهي پرڪاش ۽ چمڪ ڏمڪ جي سامهون جهڪو معلوم ٿئي ٿو. ٽل جي سندرتا جي اها مقناطيسي ڪشش ڪرڻ جي شڪتي آتما کي ان وقت ٽي پنهنجي طرف ڪڍندي ٿي وڃي، جڏهن اها ابياس ذريعي نَوَ دوارا خالي ڪري ڏسوين دوار ۾ داخل ٿئي ٿي.

**شبد**

گرو نانڪ صاحب جي باڻيءَ ۾ بار بار آيل لفظ "شبد" جو ڪهڙو ڀاوارٿ وٺڻ گهرجي؟ شبد جي لفظي معنيٰ آواز يا ڌُن آهي. ڪنهن ڌرمي گيت سا اُهن کي به شبد چيو ويندو آهي. پر سنتن مهاتمائن "شبد" لفظ هڪ پرم چيتن ۽ نراڪار شڪتيءَ جي ڀاو ۾ ڪم آندو آهي. هيءَ اها اڪٿ ڪٿا آهي، جنهنکي زبان بيان ڪري نٿي سگهي، ڪن ٻڌي نٿا سگهن، قلم لکي نٿو سگهي ۽ ڪابه ڀاشا ان جو ورنن ڪري نٿي سگهي. هيءَ انسان جي من ٻڌيءَ کان پري جي حقيقت آهي. هيءَ هر طرح جي دويت ۽ هر طرح جي تبديليءَ کان پري جو اهو سچ آهي، جو سرشٽيءَ جي هر وستوءَ ۽ هر پراڻيءَ ۾ رميو رهيو آهي. گرو نانڪ صاحب

سمجهائين ٿا ته شبد ڪانسواءِ انسان جي اندر ۾ اندريون لئي اندريون رهي ٿو. گروءَ صاحب کان سِڌ سوال ڪن ٿا ته ڀوساگر کان پار ڪرڻ وارو شبد ڪٿي رهندو آهي؟ ڏهن قسمن جي هوا مان اهو ڪنهن جي سهاري ٽڪيل آهي؟

سبد ڪا ڪها واس ڪٿيئلي جت تريئي ڀوجل سنسارو،
ترئي ست انگل واٽي کهيئي تس ڪهه ڪوُن آڌارو.
(رامڪلي سڌ گوشٽ، م ۱ - ۹۴۴)

گروءَ صاحب اُتر ڏين ٿا ته شبد سروويآپڪ آهي ۽ هر ڪنهن جي اندر ۾ آهي. جنهن طرف نظر ڪريو، شبد ئي شبد آهي يا ڏسڻ ۾ اچي ٿو. شبد اهڙي ڪلا رهت ڪلا آهي، جو پنهنجي سهاري پاڻ بيٺو آهي ۽ ڪنهن ٻئي تي سندس آڌار ڪونهي.

سبد ڪؤ نرنتر واس الکن جهه ديکا تهه سوئي،
پون ڪا واسا سُن نواسا اڪل ڪلا ڌر سوئي.
(رامڪلي سڌ گوشٽ، م ۱ - ۹۴۴)

سري آد گرنٿ ۾ نام* ۽ باڻي وغيره ڪئين ٻين لفظن دوارا به شبد جو ورڻن ڪيو ويو آهي. گروءَ امرداس صاحب فرمائين ٿا ته جڳ جڳانترن کان هلي ايندڙ باڻي ئي شبد جي روپ ۾ پڇاڻي ويندي آهي يا سڃاڻي آهي ۽ اهوئي مٺو ۽ پيارو نام آهي:

جڳ جڳ باڻي سبد پڇاڻي، ناءُ ميٺا مدهه پيارا.
(سورٺ، م ۳ - ۶۰۲)

---

* سري گروءَ گرنٿ صاحب ۾ ”شبد“ خاص طور ته ”نام“ جي ارٿ ۾ ئي آيل آهي. گروءَ گرنٿ صاحب ۾ جيڪو ”نام“ جو ارٿ آهي، سو ئي ”شبد“ جو ارٿ آهي.
(سري گروءَ گرنٿ ڪوش، صفحو ۲۲۵-۲۲۶)

اهيءَ کي گروُ صاحب "حڪم" چئي به وران ڪن ٿا.
پاڻ فرمائين ٿا ته انهاڻجو حڪم سچو آهي ۽ انجي سمجهه
ٻوجهه گرمکن ذريعي پراپت ٿئي ٿي. سنگروءَ جي مت
ٿي هلي، هؤميءِ يعني آپي کي دور ڪرڻ بعد هن سچ جو
گيان پراپت ٿئي ٿو:

سچا تيرا حڪم گرمک جاڻيا، گرمتي آپ گواءِ سچ پڇاڻيا.

(مانجهه، م ١-١٤٤)

اهڙي طرح پاڻ فرمائين ٿا ته هي پرڀو، تنهنجو حڪم،
تنهنجو نام چئني دشائن ۾ ۽ پاتال لوڪ تائين به ورتجي
رهيو آهي، وياپڪ آهي. اهو شبد ئي سچو پرڀو بڻجي،
سرو وياپڪ ٿي رهيو آهي، سڀني ۾ رمي رهيو آهي.
توهانجي ڪرپا سان ئي اسين ان شبد کي پائي سگهون ٿا:

چهه دس حڪم ورتيءِ پرڀ تيرا چهه دس نام پتالن،
سڀ مهه سبد ورتيءِ پرڀ ساچا ڪرم مليءِ بتالن.

(ملار، م ١-١٢٧٥)

اهو صاف آهي ته گروُ صاحب نه صرف "نام"، "شبد"
۽ "حڪم" لفظن جو ئي، بلڪ "سچ" ۽ "پرڀو" لفظن
کي به هڪ ئي ارٿ ۾ استعمال ڪيو آهي. هيٺ لکيل
پد ۾ به پاڻ "ناد"، "شبد"، "ڌن"، "سچ"، "رام"
۽ "نام" جو به ساڳئي ئي ارٿ ۾ پريوگ ڪن ٿا:

نانڪ نرمل ناد سبد ڌن، سچ راميءِ نام سمائندا.

(مارو، م-١٠٣٨)

بائيبل ۾ به هن شڪتيءَ کي ورڊ (Word - شبد) ڪوٺيو
ويو آهي. سينٽ جان الوسار "شروع ۾ شبد هو، شبد
پرمالما سان گڏ هو ۽ شبد ئي پرمالما هو". ويدن ۾ انکي
"ناد" يا "آڪاش واڻي" چيو ويو آهي. مسلمان درويشن

انکي ”کامو“ (شبد)، ”ندا - ء - سلطاني“ (مالڪ جي باڻي)، ”بانگ - ي - آسماني“ (آسمان مان ايندڙ بانگ يا آواز)، ”اسم اعظم“ (مهان نام) يا ”سلطان - ال - اذڪار“ (سمرن، جاپ يا ذڪر جو بادشاهه) ڪري ڪوٺيو آهي.

گروءَ صاحب جي ڪٿن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته شبد جا ٻه گڻ آهن، آواز ۽ پرڪاش:

انتر جوت نرنتر باڻي، ساچي صاحب سيتي لِوَ لائي.
(سورٺ، م ١ - ٦٣٤)

انتر جوت سبد ڌن جاڳي، ستگر جهگڙ نبيري.
(گوجري، م ١ - ٤٨٩)

سڳي سرت اناحد واجي، گهٽ گهٽ جوت تماري.
(رامڪلي، م ١ - ٩٠٧)

سپ ڪان اوچي روحاني منزل تي پهچڻ واسطي ساڌڪ جي مارگ ۾ آواز ۽ پرڪاش ٻئي ضروري آهن. جيئن انڌيري ۾ رستو ڀليل مسافر ڪتان پري کان ايندڙ آواز جي مدد سان پنهنجو رخ قائم ڪري وٺي ٿو، اهڙيءَ طرح شبد ٻه اپياسيءَ جي آتما کي پنهنجي پندار يا اصل ڏانهن کيدهي ٿو. جيئن باهريون پرڪاش منش کي رستي جي کڏن کوبن وغيره کان بچائي، سفر طئه ڪرڻ ۾ سهائتا ڪري ٿو، تيئن شبد جو اندروني پرڪاش اپياسيءَ کي اليڪ اندروني رڪاوٽن کان بچائي ٿو. گروءَ صاحب فرمائين ٿا:

هي ديو! توهانجي پرڪاش جا ڪرڻا اندر هر طرف ڦهلجي رهيا آهن ۽ انحد شبد جون منيون، سريليون ڌنيون اندر بڌڻ ۾ اچن ٿيون.

پسري ڪرڻ جوت اُجيالا ڪر ڪر ديکيو آپ دئيالا،
انهد رڻجهڻڪار سدا ڌن نر ڀؤ ڪيو گهر واڻدا.
(مارو دکڻي، م ١ - ١٠٣٣)

شبد جي دوني ڌُن اَن پرم پتا پرماتما مان پرگهٽ ٿي، سڀني کنڊن ۽ برهمنڊن جي رچنا ڪري، انهن جو آڌار بڻجي ويٺي آهي. جيڪڏهن انهين ڇنڇي لاءِ اهو پريو روحانيت جو اٿاهه ساگر آهي ۽ آتما ان ساگر جي ٿي هڪڙي بوند آهي ته شبد کي ان سمنڊ مان نڪتل اهڙيءَ وشال لهريءَ سمان ڄاڻي سگهون ٿا، جا پرڀوءَ روپي سمنڊ مان اُڀري، سڀني هيٺين کنڊن برهمنڊن جي زندگيءَ جو آڌار بڻي بيٺي آهي.

اهڙيءَ ريت شبد ئي پرماتما جو نج روپ آهي ۽ شبد ئي اصلي پرم لبت آهي. شبد جي ڌُن سڀني کنڊن برهمنڊن ۾ گونجي رهي آهي، هيءَ ئي ساري جيون ۽ چيتنا جو مُول، آڌار آهي. هن شبد کي پرماتما جو سروويا پي روپ ڄاڻي سگهون ٿا يا انهين ڄاڻي سگهون ٿا ته پرماتما شبد روپ ۾ ئي سروويا پڪ آهي ۽ آتما ۽ شبد، ٻنهي جو اصلي يا مُول روپ پرماتما ئي آهي. انهيءَ ڪري جيئن سُئيءَ کي چقمق پنهنجي طرف ڇڪيندو آهي، ليڪن شبد ۾ پوري ٻل سان آتما کي پنهنجي طرف ڇڪيندي ٿو. انهيڪري هن روحاني اڀياس کي "سرت شبد يوگ" چئو وڃي ٿو يعني هن ۾ سرت يا آتما کي الک، اگم منڊلن مان ايندڙ شبد سان جوڙيو وڃي ٿو. هن ساڌنا جو ورڻن ڪندي گروُ صاحب فرمائين ٿا ته اسين سرت (آتما) کي شبد سان جوڙي، سنسار روپي ڀوساگر تري سگهون ٿا:

سرت سبد ڀوساگر ترئي، نانڪ نام وکاڻي.
(رامڪلي سڌ گوشٽ، م ١ - ٩٣٨)

وري فرمائين ٿا ته ساڪت يا منمک، جيڪو سرت کي شبد سان جوڙڻ جي جڳتي نٿا ڄاڻن، پر جيستائين شبد کي سرت سان جوڙڻ جي جڳتي نه ملندي، تيستائين

ڪنهن جو بہ آواگون جي چڪر مان ڇوٽڪارو نہ ٿي سگهندو:

ساڪت نر سبد سرت ڪٿ پائيٿي،
سبد سرت بن آئيٿي جائيٿي.

(مارو، م ١ - ١٠٤٢)

مسلمان فقيرن بہ هن واچار کي انهيءَ ئي ٻئي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. صوفي فقير شاهہ نياز فرمائين ٿا تہ تون هن بي انت، انادي ڪلام يا شبد کي ٻڌ، جنهنجو ڪو آد يا انت ڪونهي. اهو ڪلام ٻڌي تون جنم مرڻ جي قيد مان آزاد ٿي پوندين.

بشنو يڪ ڪلامي لا مڪتوءَ، ازحد وسو فنا بود مرفوءَ.

مولانا روم بہ پنهنجي مثنويءَ ۾ فرمائين ٿا تہ هي سورويرا! تون آسمان کي پنهنجي پيرن هيٺان ڪر ۽ تون مٿان گگن يا آڪاش مان ايندڙ بانگ يا آڪاش واڻي ٻڌ.

چرخ را در زير- پا آر اي شجاع،
بشنو از فوق فلڪ بانگ- ي- سماع.

انهيءَ شبد جي اهو جو اشارو ڪندي مولانا روم فرمائين ٿا تہ جڏهن مون انيڪ قسم جون مٺيون ۽ پياريون راڳ- راڳڻيون ٻڌيون تہ مونکي مندر ۽ مسجد ٻئي ڪافر (ناستڪ) پرتيت ٿيڻ لڳا، مطلب تہ منهنجي لاءِ هن شبد ۾ لين ٿيڻ ئي سچو ڌرم بڻجي ويو ۽ مونکي ڪنهن بہ قسم جي ٻاهرين مندر، مسجد يا ان سان سنٻنڌ رکندڙ ڌرم ڪرم جي ضرورت ئي نہ رهي.

نغماها لشڪ شنيدم وا نداها وافر،
ڪعبا و بتخانا بنزدم شد هردو ڪافر.

## جيئري مرڻ

ڀارت ۾ عام ماڻهن جو وِچار آهي ته جيڪڏهن زندگيءَ ۾ شُڀ ڪرم ڪيا وڃن ته مؤت کانپوءِ مُڪتي ملي ويندي. انهي سوال اُٿي ٿو ته اسين جيئري ئي مُڪتي يا نرواڻ جي اوچي ۽ پورڻ اوستا پراپت ڇا ڪري سگهون، ڇا؟ اسين جيئري ئي مؤت جي گهاٽيءَ کان پار ٿا ڪري سگهون، ڇا؟ دنيا چوي ٿي نه نه، پر گروُ نانڪ صاحب وشواس ڏيارين ٿا ته اسين انهن ضرور ڪري سگهون ٿا. گروُ صاحب پاڻ به جيئري ئي اها اوستا پراپت ڪئي آهي ۽ اسانکي به جيئري ئي اها اوستا پراپت ڪرڻ جي جڳتي سيکارين ٿا. جڏهن اسين جيئري ئي مُڪتي پراپت نه ڪنداسين، ته ان ڳالهه جو ڪهڙو ڀروسو آهي ته موت کانپوءِ ضرور مُڪتي پائينداسين؟ گروُ صاحب جي ٻاڻيءَ مان انهيءَ ڳالهه جا پرماڻ ملن ٿا ته پاڻ پنهنجي اِڇا انوسار جڏهن به چاهيائون، موت جي دروازي کان پار وڃي سگهيا ٿي ۽ جڏهن به چاهيائون، اُتان واپس اچي سگهيا ٿي. پاڻ فرمائين ٿا:

نت نت مران ني نت نت جيوان،
گر اسي جڳت بتائي هئه.
(پراڻ سنگلي)

سچي روحانيت جي پرچار ڪندڙ سڀئي ڌرمن ۾ موت جي دروازي کي پار ڪرڻ جي ابياس جو ذڪر ملي ٿو. اُپنشدن کان وٺي ڀارت جي سڀني پراچين ڌرم گرنٿن ۾ هن ڳالهه جي گواهي ملي ٿي.

ڪٺو اُپنشد (٦:٤) ۾ آيل آهي ته جو پراڻي جيئري پنهنجو پاڻ کي نه ٿو ڄاڻي، اُهي بار بار جنم مرڻ جا چڪر لڳائڻا پوندا. انهيءَ ئي اُپنشد (٦:١٣) ۾ چيل آهي ته

جو شخص جيئري ڀمهنجي چاڻ حاصل نٿو ڪري، اهو هن ڳالھ جي ڪلپنا بہ نٿو ڪري سگهي تہ مرڻ کانپوءِ اُنکي ڪيترا دک سهڻا پوندا.

مسلمانن جي مذهبي گرنٿن ۾ آيل آهي تہ موت کان پهرين مرو.

موتو قبل ان تموتو.

مولانا روم فرمائين ٿا تہ هي آلما، تون موت کان اول مٿي اُٿ ۽ موت کان اول ان درگاهہ ۽ ڀمهنجي انادي ۽ دائمي گهر جا درشن ڪر.

کوچ بیاستان بیا پیش از اجل،
در نگار شاهي او ملڪي بي خلل.

ڀمهنجي اندر هي لاثاني روحاني انڀو پراپت ڪرڻ، ڀمهنجي اچا انوسار مرڻ جي برابر آهي. اِنهيءَ ڪري گروُ نانڪ صاحب انکي "جيئري مرڻ" چئي بيان ڪيو آهي. موت جي وقت سرت جي ڌارا ڌيري ڌيري سرير جي هيٺين انگن مان سميٽجي مٿي وڃي ٿي. سنت مهاتما ابياس جي وقت سرت کي سرير جي سڀني هيٺين انگن مان سميٽي، مٿي آڻي، اندر ٽيسري تل يا نيڻ اک ۾ ايڪاگر ڪرڻ جو ساڌن ڪندا آهن. عام ماڻهوءَ جو موت تي ڪوئي وس نٿو هلي ۽ هوُ موت وقت مرڻ لاءِ بيوس ۽ مجبور ٿي وڃي ٿو. پر هن روحاني ابياس سان ساڌڪ ڀمهنجي مرضيءَ سان سرت کي سرير مان سميٽي ٿو. ساڌارڻ ماڻهوءَ لاءِ موت ڏاڍو دکدائي ٿئي ٿو ۽ هوُ موت کانپوءِ سرير ۾ واپس نٿو اچي سگهي، پر سرت شبد جي ابياسيءَ لاءِ اهو سکدائي ۽ آنندمئہ انڀو ٿئي ٿو ۽ هوُ جڏهن چاهي سرير کي خالي ڪري سگهي ٿو ۽ جڏهن چاهي ان ۾ واپس اچي سگهي ٿو. گروُ نانڪ صاحب اُپديش ڪن ٿا تہ جڏهن

گهر ۾ موت ڪاڻهوءِ وڇڙو آهي، اُنڪري جيئري ئي مري، جيتي ونڃ گهر جي.

مٺتا جت گهر جاڻيئي، لت جيود ٿا مر مار.
(سري راڳ، م ۱-۲۱)

باڻ فرمائين ٿا تہ اهڙي جوڳہ جي ساڌنا ڪرڻ گهرجي جنهن ذريعي جيئري ئي مرڻ جي جڳتي هٿ اچي وڃي:

نانڪ جيوتئا مر رهيئي، ائسا جوڳہ ڪمائيئي.
(سوهي، م ۱-۷۳۰)

اهڙيءَ طرح مرضيءَ موجب جيئري ئي مرڻ جو اڀياس ڪرڻ سان آتما کي مٿين روحاني منزلن ۾ رسائي حاصل ٿئي ٿي ۽ سڀني دکن، ڪشٽن ۽ آواگون جي چڪر کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. گروُ صاحب فرمائين ٿا تہ جو شخص پنهنجي هستيءَ کي شبد ۾ لين ڪري ڇڏي ٿو، اُن کي هميشہ لاءِ مڪتي پراپت ٿي وڃي ٿي ۽ اُن کي بار بار جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچڻو نٿو پوي.

سبد مريءِ سو مر رهيءِ، ڦر مريءِ نہ دوجي وار.
(سري راڳ، م ۱-۵۸)

گروُ نانڪ صاحب ئي نہ پر ٻين بہ ڪيترن سنتن مهاتمائن هن سچ جو زوردار لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. مولانا روم فرمائين ٿا تہ مرڻ کان پهرين مرڻ ۾ هيءَ ڀيد لڪل آهي تہ انهين مرڻ سان اِن پرماتما جي انوکي دنيا مهر پراپت ٿئي ٿي:

سري مدت را قبل از مدت اي بود،
کز پسائي مردن غنيمت ها رسد.

سائين بلي شاهہ بہ پنهنجي ڪافين ۾ فرمائين ٿا تہ جي لوڪ مرڻ کان اڳ مري وڃن تہ لوڪي اهڙي مرڻ لاءِ ڦل جي پراپتي ٿيندي.

جي ڪون مري مرڻ کؤن پهلون، انهن مرڻا ڦل پاريگا.

جيئري ئي مرڻ جو هيءُ اُپديش صرف پورب جي سنتن مهاتمائن ئي نه ڏنو آهي. حضرت عيسيٰ به اِئين فرمائين ٿا ته پرماتما جي درگاهه ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هن زندگيءَ ۾ ”وري جنم وٺڻ“ ضروري آهي. (جان - ٣:٣).

حضرت عيسيٰ پنهنجي لاءِ فرمائين ٿا:

ڪوبه مڻش مون کان منهنجي زندگي وٺي نٿو سگهي، پر مان اها پنهنجو پاڻ ڇڏيان ٿو. مونکي شڪتي آهي ته مان جڏهن به چاهيان، زندگي ڇڏي سگهان ٿو يا مري سگهان ٿو ۽ جڏهن چاهيان، اِها وري ڌارڻ ڪري سگهان ٿو يا وري زنده ٿي سگهان ٿو. هيءَ طاقت مونکي پنهنجي پرم پتا کان مليل آهي. (١٨ : ٧)

سقراط به پنهنجي وچن ۾ اِهو ظاهر ڪيو آهي ته مان جڏهن چاهيان، شرير جي اندر وڃي سگهان ٿو ۽ جڏهن چاهيان، ان مان ٻاهر نڪري سگهان ٿو؛ بلڪل اهڙي طرح جيئن ڪو پنهنجي گهر جي اندر گهڙندو آهي يا اُن گهر کان ٻاهر نڪرندو آهي. اهڙيءَ طرح مونکي پرم آنند ۽ گهري شانتي حاصل ٿئي ٿي.

## پرماتما اندر آهي

اهو بي انت ۽ ڄاڻي ڄاڻڻهار پرڀو، محدود ۽ ٿوريءَ جاءِ واري جيو جي اندر سمايل آهي. اهو اڪٿ، اگم، نراڪار پرماتما اِنساني هڏ ماس جي شرير جي پردي ۾ ڇپيل آهي. اهو پرم پرش، مڻش شرير ۾ براجمان آهي. هيءَ سچائي گروُ نانڪ صاحب جي اُپديش ۾ بار بار دهرايل آهي.

ساچه دور نه ڄاڻيئي، انتر هئه سوئي.
(آسا، م ١ - ٤٢١)

کھٽ کھٽ انتر برھم لکائتا، کھٽ کھٽ جوت سمائي.
(سورٺ، م ۱-۵۹۷)

جڏهن گروُ صاحب ائين فرمائين ٿا تہ پرماتما مدش سرير جي اندر آهي تہ ان جو اِهو مطلب ناهي تہ اهو پرماتما هن اسٿول سرير جو ڪو انگ آهي. جي ائين هجي ها تہ ڊاڪٽر سرير جي چير ڦاڙ ڪري انکي اوس ڳولهي ڪڍن ها. اهو پرماتما سوکيم، چيتن ۽ پرڪاشمي آهي، تنهنڪري جيتوڻيڪ هوُ اسانجي اندر آهي، پر سرير کي مارڻ سان اسين پرماتما کي ماري نٿا سگهون. هوُ سرير، من ۽ اندرين کان پري آهي، سو سرير جي مرڻ جو اُن تي ڪوبہ اثر نٿو ٿئي. اصل ۾ پرماتما نہ تہ اسٿول سرير جو انگ آهي ۽ نہ ئي اسٿول سرير مان ملي سگهي ٿو. گروُ صاحب جو ڪٿن تہ پرماتما اسانجي اندر آهي، انجو پرمارٿي ڀاؤارٿ هي آهي تہ اسين پنهنجي اندر آتما کي اڪاگر ڪري پنهنجي اندر ئي اُن پرماتما کي پراپت ڪري سگهون ٿا. ان باري ۾ گروُ صاحبن جا وچن ويچارڻ جوڳا آهن:

ڪائتا اندر آپي وسي الکہ نہ لکتا جائي،
مدمکہ مگد بوُجهي ناهي باهر ڀالڻ جائي.
(سوهي، م ۳-۷۵۴)

ڀهپ مڌ جتہ باس بست هتہ مکر ماهہ جتسي ڇائي،
لتسي هي هر بسي نرنتر گهٽ هي کوجهہ ڀائي.
(ڌناسري، م ۹-۶۸۴)

گر پرسادي ويکہ تو هر مندر تيري نال.
(پرڀاتي، م ۳-۱۳۴۶)

معوُ وگيان جو مشهور اُصول هي آهي تہ گيان پائڻ واري کي، سنچدت وشيہ جي گيان پائڻ جي شڪتي يا لائقي

هيٺ گهرجي. مثال طور اسانجون اکيون پنهنجي طاقت کان گهٽ يا وڌيڪ روشنيءَ واريءَ جڳهه تي ڪجهه نٿيون ڏسي سگهن. اهڙيءَ طرح ڪَن پنهنجي شڪتيءَ کان وڌيڪ يا گهٽ آواز نٿا ٻڌي سگهن. جيڪي ڌنيون يا آواز ڪنن جي طاقت جي دائري کان ٻاهر آهن، اُنهن کي ٻڌڻ لاءِ اسين ڪيترن قسمن جي اوزارن جي سهائتا وٺون ٿا. ساڳيءَ طرح بلڪل ننڍين يا بلڪل دور پيل پدارٿن کي ڏسڻ لاءِ اسين خوردبين يا دوربين جي سهائتا وٺون ٿا. هيءَ اُصول ساري اسٿول سنسار جي هڪ ئي سطح تي رهندڙ شخصن ۽ پدارٿن سان برابر لاڳو ٿئي ٿو. پر جي اسين سوکيم منڊل جي ڪا وستو ڏسڻ چاهيون ٿا ته اسانکي سوکيم چڪشو پوندو. اهو پرم ستيه پرماتما سوکيم کان سوکيم آهي، سو انجو گيان پراپت ڪرڻ يا انجو ساکيات درشن ڪرڻ لاءِ اسانکي پنهنجي سوکيم وجود ۾ وڃڻو پوندو، يعني پنهنجي آتما جي سهائتا سان اندر اُن پرماتما جو درشن ڪرڻو پوندو.

گروُ نانڪ صاحب سمجهائين ٿا ته اسٿول سنسار جا هميشه بدلجندڙ نظارا اسانجي سامهون هڪ پردو ڏيئي ٿا ڇڏين ۽ اسين اُن سوکيم پرم ستيه کي ڏسي نٿا سگهون. اُپنشدن ۾ هن ڳالهه جو ورنن هن ريت ڪيل آهي ته مايا، برهم تي پردو وجهي ٿي ڇڏي، تنهنڪري اهو اسانکي ڏسڻ ۾ نٿو اچي. هن مايا جي پردي کي هٽائڻ سان ئي اسين انجي پنهان لڪل برهم کي ڏسي سگهون ٿا.

گروُ صاحب جو ڪٿن ته ”پرماتما اندر آهي“، اُن جو اِهو مطلب ناهي ته پرماتما ٻاهر ڪونهي، پر گروُ صاحب جو صرف اِهوئي مطلب آهي ته جيستائين اسين پرماتما جا درشن اندر نٿا ڪريون، تيستائين اسين ٻاهر ڪٿهن ۾ سندس درشن ڪري نٿا سگهون. اِهيءَ ڪري پنهنجي

وچارواڻن جو اهو سمجهڻ ته اندريون ۽ ٻاهريون اکيون هڪ ٻئي کان پوري طرح الڳ ۽ آزاد آهن، سو اصليت کي ڏسڻ جو صحيح طريقو ڪونهي. اصل ڳالهه هيءَ آهي ته ٻاهر پرماتما جي جلوي ڏسي سگهڻ جو دارومدار، اندران انهي جلوي ڏسڻ تي آهي. تنهنڪري انترمکي روحاني انڀو کي پهريون ۽ مکيه استان پراپت آهي ۽ پرماتما جي ٻاهرئين درشن جي ڳالهه پوءِ جي ڳالهه آهي.

## ستگرو

روحانيت جي وشيه تي سنتن مهاتمائن جي ورڻن يا ذڪر ۾ تنهن تنهن تفصيلن جو فرق ته ٿي سگهي ٿو، پر سڀ پورن سنت مهاتما روحاني اُنتيءَ لاءِ ستگروءَ جي ضرورت تي ۽ سندس رهنمائي ۽ سهائتا جي ضرورت تي هڪ جهڙو زور ڏين ٿا. هو سڀ اها ڳالهه مڃين ٿا ته روحاني ترقيءَ ذريعي پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ ستگروءَ جي نهايت ضرورت پوي ٿي. سندس سهائتا بنا هن مقصد ۾ سڦلتا ناممڪن آهي. دراصل روحانيت جي ڪنهن به پهلوءَ کي صرف ان جي نيمن ۽ سدانتن جي آڌار تي پرکي نٿو سگهجي. ان ۾ ڌيان ڏيڻ جوڳي ڳالهه ته هيءَ آهي ته انهي اڳواڻي يا رهنمائي ڪندڙ مهاتما ڪهڙي هستيءَ جو مالڪ آهي ۽ سندس اندروني پهچ يا رسائي ڪيتائين آهي.

ڪنهن به ڪلا سکڻ لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت پوندي آهي، جتن ۽ جڳتي. هلڻ بنا نه ته سفر پورو ٿي سگهندو ۽ نه منزل تي پهچي سگهبو. ابياس ڪرڻ بنا ڪنهن به ڪلا ۾ ماهريت پراپت نٿي ٿي سگهي. اهوئي اُصول روحاني ترقيءَ سان به لاڳو ٿئي ٿو.

بنا جتن ۽ ابياس جي اوچ روحاني انڀو جي پراپتي ناممڪن آهي. پر صرف جتن يا محنت ڪافي ناهي.

جيستائين اسانجي ڪوشش صحيح طرف ۾ ناهي ۽ جيسين اسين صحيح مارگ تي ڪونه آهيون، تيسين لاڀ ٿيڻ نه پري رهيو، ڦاهيءَ جو خطرو ٿي بيٺو رهي ٿو.

جيڪڏهن اسين ريلوي اسٽيشن تي پهچڻ لاءِ ڏاڍي ڦڙتيءَ ۽ تيزيءَ سان هلون، پر پنهنجو منهن اُلٽي طرف ڪريون ته جيترو وڌيڪ ڊوڙندا وينداسين، اوترو ئي منزل کان وڌيڪ دور ٿيندا وينداسين. انيڪ جڳياسن جي هردي ۾ پرم ستيه جي ڄاڻ جي گهري اِڇا ۽ سچي تڙپ آهي، پر ڪين انهي پراپتيءَ جي اصلي جڳتيءَ جو گيان ڪونهي. گرو امرداس صاحب فرمائين ٿا ته پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ پوڄا پاٺ ڀڳتي ته سڀ ڪن ٿا، پر انهنکي ڀڳتيءَ جي سچي جڳتيءَ جي ڄاڻ ڪانهي:

پوڄا ڪرهه پر بڌ نهي ڄاڻهه. (رامڪلي، م ٣-٩١٠)

جڏهن سنسار جو ڪوئي سادارڻ ڪم سکڻ لاءِ به اُستاد جي ضرورت آهي ته روحاني مارگ جي پيرويءَ لاءِ ته راهه جي واقفڪار اُستاد جي ازحد ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته هن سفر جي راهگير کي نه صرف هن رستي جي پوري خبر ڪانهي، بلڪ هيءُ رستو ڪيترن قسمن جي سڪٽن ۽ خطرن سان ڀريل آهي ۽ هن تي اڪيلي سر سفر ڪرڻ خطري کان خالي ناهي. خواجه حافظ فرمائين ٿا ته جي پير مرشد توکي پنهنجو نماز جو مصلو شراب سان رڱڻ لاءِ به چوي ته تون سندس چوڻ مڃي، اِئين ڪري ڇڏ، ڇاڪاڻ ته هوُ خود ان روحاني راهه تي هلي چڪو آهي ۽ ان روحاني منزل جي راهه ۽ رسمن کان بيخبر نه آهي، بلڪ پوري طرح بخوبي واقف آهي.

به مي سجاده رنگين ڪن گر ته پير-ي-مغان گويد،
ڪه سالڪ بيخبر نه بود ز راهه و رسم منزل ها.

مولانا روم اها به وڌيڪ وستار سان فرمائين ٿا ته تنهنجو سفر ڪيترن سنڪٽن ۽ خطرن سان ڀريل آهي. انهيءَ لاءِ تون راهه جي واقفڪار ٻا پيديءَ کي ضرور ساڻ کڻ. جيڪو بنا ڪامل مرشد جي هن رستي تي هلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، اُن کي ڪال جهڙن شڪتيون گمراهه ڪري، ڪمارگ تي لائي، ڪوهه ۾ ڦٽو ڪري ڇڏينديون. جي تنهنجي سر تي پوري ستگروءَ جو هٿ ناهي ته تنهنجي اندر سدائين شيطان انيڪ وهم ڀرم ۽ سنسا شنڪائون وغيره پيدا ڪندو رهندو ۽ توکي هميشه لاءِ پريشان رکندو. ڪيترائي لوڪان وڌيڪ سياڻا، لوڪان اول اڪيلي سفر ڪرڻ جي مورکتا ڪارڻ شيطان هٿان نقصان پائي چڪا آهن:

پير را بگزين ڪ بي پير اين سفر،
هست پر آفت و پر خوف و خطر.
هرڪ او بي مرشدي در چاهه شد،
او ز غولان گمراهه و در چاهه شد.
گر نباشد سايه ي پير اي فضول،
پس ترا سر گشته دارد بانگ غول.
غولت از راهه افگند اندر گزند،
از تو واهي تر درين راهه بس بدند.

گروُ صاحب لوڪن کي سمجهايو ته اسانجو سنسار ۾ موجود هئڻ ۽ چؤراسيءَ لکا آواگون جو حصو بڻيو رهڻ ئي انهيءَ ڳالهه جي وڏي ثابتي آهي ته اسين پنهنجي اُدم ۽ ڪوشش سان هن جار مان ڇوٽڪارو پائي نٿا سگهون. گروُ ارجن صاحب ڏاڍي سندر نموني ۾ سمجهايو آهي ته هي پرماتما! جيڪڏهن جيو پنهنجي سر توهان سان ميلاپ ڪري سگهي ها ته ڪنهنجو من ڪري ها ته توهان کان وڇڙي، هن رچنا جي دکن روپي چڪيءَ ۾ پيسجندو رهي؟ پرماتما سان ميلاپ

جو آنند صرف پورڻ سنتن جي سنگت دوارا ئي پراپت ٿي سگهي ٿو.

آپڻ ليئا جي ملي وڇڙ ڪٺ روون،
ساڌو سنگ پراپتي نانڪ رنگ ماڻن.

(بارهه ماهه مانجهه، ص ۵-۱۳۴)

نه صرف گروُ نانڪ صاحب جي پنهنجي باڻي، بلڪ سري آد گرنٿ جي سموري باڻي ستگروءَ جي مهما ۽ پيار سان ڀرپور آهي. پروفيسر پورڻ سنگهه جو ڪٿن آهي ته گروُ نانڪ صاحب ڪالهوءَ آئل پنجاب جي سڀني مهاتمائن ۽ ڀڳتن ستگروءَ جي ڏليءَ يا سُر لي ئي پنجابي گيت رچيا آهن. ڀائي گرداس جي باڻيءَ جو به اهوئي پردان سُر آهي. پروفيسر پورڻ سنگهه پنهنجي پستڪ ”دي اسپرٽ آف اورينٽل پوئٽري“ (The Spirit of Oriental Poetry) ۾ ڀائي گرداس جي باڻيءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته ستگروءَ جي سپرش پراپت ٿيڻ سان شش جو هردو روحاني پرڪاش سان ڀرجي وڃي ٿو، جڙ پڻو ۽ مليڻتا دور ٿي وڃي ٿي ۽ جيو جي راهه لي اکنڊ پريم جو نور لڳاتار چمڪندو رهي ٿو. شش جاڳندي هوندي به سمهيو رهي ٿو ۽ ستگروءَ جي ديا مهر سان هوُ پرماتما جهڙو ئي نرمل ٿي پوي ٿو. ڀائي گرداس لاءِ گروءَ بنا شش جي ڪلپنا به نٿو ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته هُن جي ميلاپ سان ئي سنسار ۾ روحانيت جي دويه جيون جو پرڪاش ٿيندو آهي. جيڏانهن به شش جي درشٽي ويندي آهي، اُتي هنکي اهوئي دويه جيون نظر ايندو آهي. سڀئي چيزون اُنکي پنهنجي ستگروءَ لاءِ پريم جي پرگهٽ ڪرڻ جو ذريعو لڳنديون آهن. هنکي پنهنجو ستگرو ديهه ڌاري پرماتما جي روپ ۾ ساکيات انهي سنمک بيٺل نظر ايندو آهي ۽ سنڌس من ستگروءَ جي پيار ۾

اهڙي قدر لين هوندو آهي، جو ڪيس بنا ستگروءَ جي ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي نه ايندو آهي. ڀائي گرداس پنهنجي باڻيءَ ۾ هڪ هنڌ فرمايو آهي:

”منهنجي هردي ۾ پرڪاش جي ان پران داتا شراب جو هڪ قطرو وجهي ڇڏيو. شڌتا ۽ پوترتا جي سهڻي نيمن کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ منهنجو نالو اُنهن زاهدن، پرهيزگارن جي لسٽ مان ڪڍي ڇڏيو، جيڪي جيون جو امرت لتا پيئن“.

گرو گوبند سنگهه جن جو ڀڳت ۽ پرسند ڪري ڀائي نند لعل پنهنجي ”زندگي نامي“ ۾ بلڪل لاثاني نموني ۾ ستگروءَ جي مهما ڪئي آهي. سندن ڪٿن آهي:

”ڪامل مرشد جو ديدار ئي پرماتما جو ديدار آهي. ڪامل مرشد جي زبان الاهي ڀيد پرگهٽ ڪري ٿي. پرماتما پورڻ ستگروءَ جو سروپ ڌاري سامهون اچي ٿو، تنهنڪري تون ڪامل مرشد جو سروپ من ۾ وهاري ڇڏ. جنهن هردي ۾ ڪامل مرشد جو سروپ ڇپجي وڃي ٿو، اُن ۾ پرماتما جو شبد به گهر ڪري ٿو وٺي“.

مرشد-ي-ڪامل بود ديدار-ي-حق،
ڪ ز زبانش بشنوي اسرار-ي-حق.
صورت-ي-حق مرشد-ي-ڪامل اود،
نقشي او قائم دروني دل بود.
نقشي او چون در دلي ڪس جا ڪنند،
حرف-ي-حق اندر دلش ماوا ڪنند.

## ستگروءَ جي ضرورت

ستگروءَ جو پيار ڇا آهي؟ هن سوال ڪري ٻيو سوال اُٿي ٿو ته ستگرو ڇا آهي؟ جيڪڏهن ستگرو به ساڌارڻ ناسونت منش ئي آهي ته پوءِ اُن سان پيار ڪرڻ بجاءِ ڇو نه

سدا اُن سرو وياپڪ پرماتما سان ئي پيار ڪيو وڃي جو سرشٽيءَ جي ڪڻ ڪڻ ۾ سمايل آهي؟ منش جي پريم جو پاتر يا اڌڪاري صرف نرليپ ۽ پرپورڻ پريو ئي هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته صرف اهڙي پورڻ پرماتما جو پريم ئي اسانکي سنسار جا انهي پريم کان آزاد ۽ نرليپ ڪري سگهي ٿو. جيڪو خود اڌورو ۽ اڻپورو آهي، اُنجو پيار اسانکي مايا جي ڀرمن ۾ ئي ڀٽڪائيندو رهندو ۽ اسانجو چوراسيءَ جي چڪر کان ڇوٽڪارو نه ڪرائي سگهندو.

"پر" (۽ هي "پر" وارو شرط نهايت مهتوپورڻ آهي)، اُن سرو وياپڪ نراڪار پرماتما کي پنهنجي ڀاونائن ۽ پريت جو آڌار ڪيئن بڻائي سگهجي. هاڻي جنهن سان ڀاونائون ڪيئون جوڙي سگهجن، اُن سان پيار ڀلا ڪيئن ڪري سگهجي. بين لفظن ۾ جو ڀاونا جي دائري ۾ ڪيئن اچي سگهي، سو پيار جي دائري ۾ به نه اچي سگهندو. دراصل اهڙي شڪتيءَ سان پيار جا انهي ڳڻتي ڪرڻ ته هڪ طرف رهيو، انهي باري ۾ يروسي جا خاطريءَ سان اهو چوڻ به مشڪل آهي ته اُن جي هستي به آهي يا نه. هيءُ سچ ته پرتڪ روپ ڌارڻ ڪري چڪو آهي ته ڪنهن به شخص يا هستيءَ کي پيار ڪرڻ لاءِ انجو زنده هجڻ، موجود هجڻ لازمي آهي.

اهو پرم پتا پرماتما منش جي هن سنڪٽ کان بيخبر ناهي، تنهنڪري هن هر سمي ۽ جڳهه ۾ پورڻ سنت ستگرن کي سنسار ۾ موڪلڻ جو قانون بڻايو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو پورڻ سنت ستگرو ڀليل ڀٽڪيل جيون کي اپديش ڏيڻ ۽ اُنهنجو مارگ درشن ڪرڻ لاءِ سدائين سنسار ۾ ايندا رهن ٿا. پرماتما جا موڪليل اهي پورڻ سنت ستگرو انڌيري ۾ ڀٽڪندڙ جيون کي شبد يا نام جي ڀيد جو پرڪاش ڏين ٿا، جنهن جي اڀياس سان جيو جنم مرڻ جي چڪر کان مڪتي پراپت ڪري وٺن ٿا.

گروءَ صاحب فرمائين ٿا تہ شبد يا نام ٻڌا مڪتي نٿي ملي ۽ ستگروءَ ٻڌا شبد يا نام جو ڀيد نٿو ملي، ڇاڪاڻ تہ پرماتما پاڻ سان ملڻ لاءِ اھوئي قدرتي نيم ٺاھيو آھي:

ٻن گر سبد نہ ڇوٽيئي ديکھہ وچارا،
جي لک ڪرم ڪماوھي ٻن گر انڌيارا.
انڌي اڪلي ٻاھري ڪٿا نہ سٽ ڪھنيئي،
ٻن گر پرتيت نہ سوجھئي ڪٿ ٻڌ نہ ٻھيئي.
(گوڙي، م ١-٢٢٩)

سچي سبد سچي پت ھوئي،
ٻن ناوي مڪت نہ پاوي ڪوئي.
ٻن ستگر ڪو ناءُ نہ پائي،
پرڀ ائسي ٻڻت ٻڻائي ھي.
(مارو، م ٣-١٠٤٦)

ھن مان ظاھر ٿئي ٿي تہ ان پرماتما خود ئي جيون جي ڪلياڻ لاءِ سڌمت ستگروءَ جو روپ ڌاري سنسار ۾ اچڻ جو نيم ٺاھيو آھي. ستگرو ان پرماتما جوئي سرگڻ روپ آھي، ڇاڪاڻ تہ صرف انھي پرگھٽ روپ سان ئي پريم ڪري سگھجي ٿو. جيڪڏھن صرف پريم ذريعي ئي پرماتما سان ملي سگھجي ٿو*، تہ پوءِ پرماتما سان ميلاپ جي ساڌن ۾ ستگرو ھڪ ضروري ڪڙي آھي.

دڪٽي اوئنڪار ۾ گروءَ صاحب ڏاڍي سندر نموني ۾ فرمائين ٿا تہ ھرڪو جيو پرماتما سان ملڻ لاءِ ارداس (پرارٿنا)

---

* ١. من ري ڪٿ ڇوٽھ ٻن ٻيار،
گرمک انتر رو رھيا ٻخسي ڀگت ڀنڊار.
٢. ٻن گر پريم نہ اوپجي، ھؤمي مل نہ جاءِ.
(سري راڳ، م ١-٦٠)

ڪندو آهي، پر جڏهن ڪي به پرماتما پاڻ سان ملڻ جي بخشش ڏيڻ چاهيندو آهي ته اها پورڻ ستگروءَ جي ذريعي ئي ڏيندو آهي.

ديهه ديهه آکيءَ سڀ ڪوئي جيءَ ڀاويءَ ئيءَ ديهه،
گر دئاريءَ ديهو سي لکا لواريءَ سوهه.
(راماڪلي، م ١ - ٩٣٣)

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته گرو نانڪ صاحب نه فقط گروءَ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي، بلڪ ستگروءَ جي هستيءَ کي لازمي به ڄاڻايو آهي. پر شنڪا اٿي سگهي ٿي ته ڇا گذريل سمي جو ڪوئي پورڻ سنت ستگرو اسانجو گرو ٿي سگهي؟ ڇا اهڙو مهاتما اسانکي روحاني رهنمائي ۽ سهائتا ڏئي سگهي؟ پنهنجي وقت جي زنده ستگروءَ بنا ڪم ڇونه ٿو هلي سگهي؟ هن سوال جي جواب لاءِ اها ڳالهه ياد رکڻي پوندي ته گذريل وقت ۾ آيل پورڻ ستگرو انهيءَ لاءِ ئي پرماتما وٽان اسان وٽ آيا هئا، جو اسين پرماتما مان پيا ان ۾ سمايل اڳين پورڻ مهاتمائن مان لاڀ وٺي نٿا سگهون. هيءَ مسئلو انهنجي سمرٿيءَ جو نه، پر اسانجي مجبوريءَ جو آهي، جو اسين هاڻوڪيءَ اوستا ۾ انهن کان رهنمائي يا سهائتا وٺڻ جا سمرٿ نه آهيون. اڄ اسين هڪ ديش مان ٻئي ديش ۾ ويل سورج کان پرڪاش پائي نٿا سگهون. ٻئي ديش ۾ لٿل سورج کان لاڀ وٺڻ لاءِ اُن ديش ۾ وڃڻو پوندو. اهڙيءَ طرح جي اسين خود پرماتما جي نج ڌام سڌو وڃي سگهون ها ته اسانکي نه اڄ ۽ نه ڪڏهن اڳ ۾ پيا ٻهرين ڪنهن ستگروءَ جي ضرورت پوي ها. وقت جو ستگرو ٻهرين پرماتما جي سطح تان اسانجي سطح تي ايندو آهي ۽ پوءِ اسانکي اُن سطح تي وٺي ويندو آهي، جتي پرماتما آهي يا جتي گذريل

سمي جا پورڻ سنت مهاتمائون پهچي چڪا آهن. تنهنڪري پرماتما سان جڙڻ لاءِ يا گذريل سمي جي سنتن سان جڙڻ لاءِ هر حالت ۾ وقت جي پوري گروءَ جي ضرورت آهي. اهو ٺيڪ آهي ته گذريل سمي جي سنتن جو ڪلام يا ٻاڻي اسانجي من تي گهرو اثر وجهن ٿا ۽ ان مان اسانجي من ۾ انهنجي پڌايل راهه تي هلڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو. انهيءَ باري ۾ ڪوبه شڪ سنديهه ڪونهي ته جيڪي جيو انهن مهاتمائن جي جيئري هوندي سندن سنگت صحبت ۾ آيا، تنهنڪري انهن مهاتمائن پرماتما سان ملائي، پنهنجو يا پرماتما جو ئي روپ بڻائي ڇڏيو. پر اهي مهاتما مرت لوڪ مان وڃي چڪا آهن ۽ اڄ اسين پنهنجي روحاني سفر ۾ انهن ڪان ڪابه عملي سهائتا نٿا وٺي سگهون.

## زندهه ستگرو

اصل ڳالهه ته اها آهي ته ”ستگرو“ لفظ جي معنيٰ ئي زندهه يا ساڪيات ستگرو آهي. پورڻ ستگرو ۽ پرماتما ۾ اهوئي فرق آهي ته پورو ستگرو ديهه سروپ ۾ اسانجي سامهون پرتڪ پرگهٽ ٿيندو آهي، جڏهن پرماتما نراڪار روپ ۾ اسان لاءِ الک (اڻڏٺل) هوندو آهي. جڏهن پورڻ مهاتما ديهه جو چولو ڇڏيندو آهي ته هو واپس وڃي نراڪار پرماتما ۾ سمائجي ويندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ان ۾ ۽ نراڪار پرماتما ۾ ڪوبه ڀيد يا جدائي نه رهندي آهي. تنهنڪري روحاني سفر يا پرماتما سان ميلاپ لاءِ گذريل وقت جي ڪنهن به سنت مهاتما تي آڌار رکڻ ڪان ته سڌو پرماتما تي ئي آڌار رکي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هاڻي اهو مهاتما ۽ پرماتما هڪ ٿي چڪا آهن. ان حالت ۾ ڪنهن وچ واري جي ضرورت ئي نه رهندي. سڌو پرماتما کان سهائتا وٺڻ جو مطلب هيءُ آهي ته اسانکي ته اڄوڪي ۽

نه ڪڏهن گذريل سمي جي مهاتما جي ضرورت آهي.
انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو نه اسانکي ستگروءَ جي ڪا
ضرورت ئي ڪانهي. انهيءَ حالت ۾ ان سوال جو جواب
ڏيڻو پوندو ته سنسار ۾ پورن سنت مهاتما ڇا لاءِ ايندا
رهيا آهن؟

سنتن جا ٻه روپ ٿيندا آهن. هڪ هن سنسار ۾ ورتڻ
لاءِ استول سريرو. جيستائين ڪوئي سنت زنده آهي،
تيستائين ڪيس هن سرير جي ضرورت آهي. ٻيو سنتن جو
شبد روپ هوندو آهي، الکي شبد روپ چئو يا پرميشور
روپ چئو، ڪوبه فرق ڪونه آهي. هن روپ دواران سنت
سنسار ۾ رهندي به، نراڪار پرماتما سان جڙيل يا ايڪ
هوندا آهن ۽ سرير روپي چولو لاهڻ بعد به هوُ انهيءَ روپ
۾ ئي وڃي سمائبا آهن. گروُ ارجن صاحب جن سمجهائين
ٿا ته صرف ديهيءَ جي فرق ڪري پرماتما ۽ پورن سنت
۾ لٿا ئي وڃن. سرير جي فرق هئڻ جي باوجود اصل ۾
ٻئي هڪ آهن.

هر ڪا سيوڪ سو هر جيها، ڀيد نه جاڻهُ ماڻس ديها.

(مارو م ۵ - ۱۰۷۶)

جڏهن اسين چئون ٿا ته پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ستگروءَ
جي ضرورت آهي، ته انجو اهو مطلب ناهي ته پرماتما سان
ملڻ لاءِ پرماتما جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته سرير جو چولو
ڇڏي ويل مهاتما هن وقت پرماتما ئي ٿيچي ويل آهي.
سو ستگروءَ جي ضرورت جو مطلب آهي پنهنجي وقت
جي زنده ديهه ڌاري مهاتما جي ضرورت. مهاتما جو
ديهه سروپ صرف تيستائين قائم رهي ٿو، جيستائين هوُ
هن ماتلوڪ ۾ زنده آهي. انڪاڻوه هنجو ماتلوڪ ۾
ڪارنه سمايت ئي وڃي ٿو. وقت جو ستگرو ئي پرگهٽ

يا پرلڪ ستگرو آهي. سو جيڪڏهن اسانکي ستگروءَ جي ضرورت آهي ۽ سڀ گرنٿ شاستر بار بار ياد ڏيارين ٿا ته اسانکي ستگروءَ جي ضرورت آهي ته لاشڪ انجو هڪ ئي مطلب آهي ته اسانکي پنهنجي سمي جي پرلڪ، زنده، ديهه ڌاري ستگروءَ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته سرير جو چولو ڇڏي ويل مهاتما سدا لاءِ پرماتما ۾ سمائجي چڪو آهي. اسين صرف انهيءَ مهاتما مان لاڀ وٺي سگهون ٿا جو اڄ پرلڪ اسانجي سامهون يا سمڪ موجود هجي، جو اسانکي شبد سان جوڙڻ جو ڀيد ڏيئي سگهي ۽ اسانکي پاڻ سان گڏ مٿي روحاني منڊلن ۾ وٺي وڃي سگهي. گروءُ نانڪ صاحب خود ڌاڻي سندر نموني ۾ اشارو ڪن ٿا ته جيڪو ستگروءَ کي ڏسي ٿو، ان کان دکشا ۽ شبد جو ڀيد پائي ٿو، پنهنجو تن من انکي ارپڻ ڪري ٿو، اهوئي سرت کي ٻاهران اندر آڻي، پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ يعني آتم گيان پراپت ڪري ۽ پرماتما جو ڀيد پائڻ يعني پرماتما جي سڃاڻپ يا گيان پراپت ڪرڻ ۾ سڦل ٿئي ٿو:

ستگر دکشا دکشا ليئي،
من تن ارپيو انترگت ڪيئي،
گت مت پائي آتم چيئي.

(گؤڙي، م ١ - ٢٢٧)

جيڪڏهن اسين کليل دل ۽ بي رعايتي ڀاو سان ويچار ڪريون ته اسين سمجهي وينداسين ته گذريل زماني جي سنتن مهاتمائن لئي اسانجو وشواس صرف اسانجي ڪلپنا تي ئي آڌار رکي ٿو. انجو ڪوئي اصلي يا دليل پريو آڌار ناهي. گذريل وقت جي ڪنهن مهاتما ۽ اڄوڪي سمي جي شش ۾ ڪوبه سمبنڌ يا رشتو ناتو قائم ٿئي نٿو سگهي. اسين پنهنجي من ۾ ضرور سوچيون ٿا ته فلاڻو گذاري ويل

مهاتما اسانجو گروُ آهي، پر اُن مهاتما وٽان نه ڪائي حامي يا هاڪار ڪانه ٿي اچي ته هن اسانکي پنهنجي شش يا شيوڪ طور قبول ڪيو آهي. جڏهن اسين گذريل سمي جي هڪ مهاتما کي چئون، گذريل سمي جي ئي ڪنهن ٻئي مهاتما کي پنهنجو گروُ مڃون ٿا، ته نڪو پهريون مهاتما اسانکي ٻڌائي ٿو ته هن اسانکي پنهنجي سکيءَ شيوڪيءَ کان خارج ڪيو آهي ۽ نه ٻيو مهاتما ٿي ٻڌائي ٿو ته هن اسانکي پنهنجو سک شيوڪ ڪري سويڪار ڪيو آهي. ڪنهن به جيو کي پنهنجو سک يا شيوڪ ڪري قبول ڪرڻ يا نه ڪرڻ صرف ستگروءَ جو ئي اڌڪار آهي، شش جو نه. ڪو به شخص ڪنهن مهاتما کي پنهنجو گروُ بڻجڻ لاءِ مجبور ڪري نٿو سگهي. اهڙيءَ طرح زندهه شش ۽ گذاري ويل ستگروءَ جي وچ ۾ ڪو به اصلي يا سچو سنٻنڌ قائم ٿي نٿو سگهي. هي نه صرف اسانجي من جو ڀرم يا دوکو هوندو آهي. اسين گذاري ويل ستگروءَ جي طرفان سهمتي ملڻ بدران پنهنجي طرفان ئي سوچيندا آهيون ته اسين فلاڻي گذاري ويل ستگروءَ جا شش بڻجي چڪا آهيون. انهيءَ حالت ۾ اسانجو من ئي اسانجو اصلي اڳوان يا گروُ هوندو آهي ۽ اسين من جي چوڻ تي ئي هلندا رهندا آهيون.

هڪ ٻي ڳالهه به ويچار جوڳي آهي ته جڏهن اسين اهو اٽل وشواس ڪري ٿا چئون ته هڪ خاص مهاتما کانپوءِ سنسار ۾ ٻيو ڪو به پورن مهاتما ڪونه ايندو ته اسين ان مهاتما کان اڳ ۽ پوءِ سنسار ۾ ايندڙ جيون سان ڀاري بي انصافي ڪريون ٿا. اهو پرم پتا پرماتما، جو صرف نياءَ جو ئي نه، پر پيار ۽ رحمت جي به مورتي آهي، سو پنهنجي دَيا مهر جي اهڙي بيجاهه ونڊ ورڇ نٿو ڪري سگهي. هوُ ڪڏهن به اِئين نٿو ڪري سگهي ته ٿوري سمي لاءِ پنهنجن سنتن مهاتمائن کي سنسار ۾ موڪلي ۽ انهن مهاتمائن کان

اول ته پوءِ سنسار ۾ ايندڙ جيون کي مڪتي پراپت ڪرڻ ۽ ساڌن ميلاپ ڪرڻ جي اڌڪار کان محروم رکي. اهڙيءَ حالت ۾ آهي منش، جي ڪڏهن اهڙي خاص هڪڙي ئي مڪتي داتا سنت جي اچڻ کان اڳ ۾ سنسار ۾ آيا، خاص طور بدنصيب ٿيندا، ڇاڪاڻ ته آهي وچارا ته ان مهاتما جي ڪا خيالي تصوير به ٺاهي نٿا سگهن، جنهن لاءِ بعد ۾ اهو سوچڻو آهي ته آئينده لاءِ اهو اڪيلو سنت ئي سڀني پيڙهين جو مڪتي داتا آهي.

اصل ۾ ان پرماتما جي ديا مهر جو پڌار اڪمت آهي. پنهنجي اپار ديا ڪارڻ ئي ان اهڙو پربند ڪري رکيو آهي، جو سنسار ڪڏهن به پورن سنت مهاتمائن کان خالي نٿو رهي. سنسار جا ٻيا سڀ سماجڪ ۽ راجنيتڪ نيم ۽ قانون بدلجي سگهن ٿا، پر هي ايشوري قانون اٽل آهي ۽ ڪڏهن به بدلجي نٿو سگهي ته پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جي چاهه رکندڙ جيو آتمائن جي سهائتا لاءِ ڪو نه ڪو پورن سنت سدائين سنسار ۾ موجود رهندو. جنهن آتما ۾ پرماتما سان ملڻ لاءِ سچي تڙپ يا سچي برهه رهندي، اُن جي سهائتا لاءِ پورن ستگرو ضرور پرگهٽ ٿيندو. گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته هي پريو! توهان جا سنت هر جڳهه ۾ ڏن آهن جي سدا توهان جا گڻ ڳائين ٿا ۽ جن جي زبان تي سدائين توهان جي پريم جا گيت آهن:

جڳه جڳه سنت ڀلي پرڀ تيري،
هر گڻ گاوهه رسن رسيري.

(مارُو، م ١ - ١٠٢٥)

سچي ڳالهه ته اها آهي ته سموري گرو گهر جي ٻاڻيءَ ۾ بار بار هن ڳالهه تي زور ڏنو ويو آهي ته بنا پوري ستگروءَ جي ڪڏهن به پرماتما سان ميلاپ نٿو ٿي سگهي.

مت ڪو ڀرم ڀوليج سنسار، گر بن ڪوهه نه اُترس پار.
(گونڊ، م ٥ - ٨٦٤)

بن ستگر سيوي نام نه پائيئي،
پڙ ٿاڪي سانت نه آئي هي.
(مارُو، م ٥ - ١٠٤٦)

ڪهه نانڪ پرڀ اهيج جنائي، بن گر مڪت نه پائيئي پائي.
(گونڊ، م ٥ - ٨٦٤)

بن گر داتي ڪوءِ نه پائي، لک ڪوٽي جي ڪرم ڪمائي.
(مارُو، م ٣ - ١٠٥٧)

ساڌُو ستگر جي مليئي، تا پائيئي گُڻي نڌان.
(سري راڳ، م ١ - ٢١)

سو بوجهيج جو ستگر پائي، هؤميئي ماري گر سبدي پائي.
(گؤڙي، م ١ - ٢٢٨)

ستگروءَ لاءِ پريم ۽ شرڌا جو ڀاو صرف گروُ گهر جي پاڻيءَ تائين محدود ناهي. ايران جي صوفي سنتن جي رچنا ۾ بہ هن گهري پيار ۽ شرڌا جا درشن ملن ٿا. مثال طور شمس تبريز جي ڪلام ۾ آيل آهي:

"جي تون رب جو ديدار ڪرڻ چاهين ٿو تہ انهن (پورن سنتن) جي چرڻن جي ڌوڙ کي پنهنجي اکين جو سرمو بڻاءِ، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ جنم کان انڌن کي بہ اکيون ڏيئي سگهڻ جي سامرٿي آهي". "انڌن" مان سندس مطلب اهڙن منش جو آهي، جن کي سرو وياپڪ پرماتما ڪٿي نظر نٿو اچي.

گر اَيان خواهي ز خاڪ-ي-پاءِ ايشان سرما ساز،
زان ڪي ايشان ڪوري مادر زاد را اَحيان ڪنند.

## سچو ستگرو

سنتن مهاتمائن ۽ گرنٿن شاسترن جي پاڻيءَ ۾ اهو ڏسڻ ڪاڻوءَ نه پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ پوري ستگروءَ جي سهائتا حاصل ڪرڻ لازمي آهي، هيءَ ڏسڻ ضروري آهي ته پورو ستگرو ڪنهن کي ٿا چون؟ پورو ستگرو اهو مهاتما آهي، جنهن پنهنجي روحاني چڙهائيءَ ۾ ان ستپرش پرماتما سان ميلاپ ڪيو آهي ۽ جيڪو ٻين جيون کي به روحاني چڙهائي ذريعي پرماتما سان ميلاپ ڪرائڻ ۾ سهائتا ڪري ٿو. پرماتما سان خود ميلاپ ڪرڻ ۽ ٻين کي پرماتما سان ميلاپ ڪرائڻ جو سمرٿ هجڻ، پوري ستگروءَ جي مکيه نشاني آهي. اهڙو مهاتما اوچي روحاني پراپتيءَ جو ساڌن هوندو آهي. هوُ اهڙي ڪنجي آهي، جا جگياسوءَ جي روحاني سفر جي دروازي تي لڳل تالي کي کولڻ جو ڪم ڪري ٿي. گروُ انگد صاحب فرمائين ٿا ته ستگرو چابي آهي، جيو تالو آهي، من ڪوٺو يا گهر آهي ۽ تن ڇت آهي. گروُءَ بنا تالو نٿو کلي سگهي ۽ گروُءَ کانسواءِ ڪنهن ٻئي وٽ چابي ڪانهي.

گر ڪنجي پاهوُ نول من ڪوٺا تن ڇت،
نانڪ گر بن من ڪا ٽاڪ نه اگهڙي اور نه ڪنجي هٿ.
(سارنگ کي وار، م ۴، سلوڪ م ۲-۱۲۳۷)

ستگرو خود روحاني ابياس ذريعي پرماتما سان ميلاپ ڪري چڪو آهي، انهي آتما پرماتما ۾ سمائجي پرماتما جو روپ ٿي چڪي آهي. متي چئي آيا آهيون ته سڀ کان اوچي روحاني انڀو جو اصل مطلب ٿي پرماتما ۾ سمائجي پرماتما جو روپ ٿي وڃڻ آهي. گروُ صاحب ان باري ۾ اشارو ڪن ٿا ته پرماتما پنهنجو پاڻ گروُءَ جي اندر رکيو آهي:

گر ٻهه آپ رکيا ڪرتاري.
(مارو، م ١ - ١٠٢۴)

گرو ارجن صاحب فرمائين ٿا ته پرماتما جا ڀڳت، منش ديهه ۾ هٺ ڪري، ڏسڻ ۾ ضرور پرماتما کان الڳ يا جدا لڳن ٿا، پر اصل ۾ هو پرماتما کان الڳ ڪونهن. جيئن سمنڊ مان اُٿيل لهر سدائين سمنڊ جو الڳ يا حصو هوندي آهي ۽ سمنڊ مان اُٿي وري سمنڊ ۾ ئي سمائجي ويندي آهي، اهڙيءَ طرح هريءَ جا سچا سيوڪ يا پورا سنت، پرماتما روپي سمنڊ جون لهرون هوندا آهن. اهي لهر جي روپ ۾ سمنڊ جو انگ هوندا آهن ۽ لهر وانگر ئي آخر پرماتما روپي سمنڊ ۾ ئي سمائجي ويندا آهن.

هر ڪا سيوڪ سو هر جيها پيد نه جاڻهه مانس ديها،
جيءَ جل ترنگ اُٺهه بهه ڀاتي ڦر سلليءَ سال سمائدا.
(مارو، م ٥ - ١٠٧٦)

مرشد يا ستگروءَ جي پرماتما ۾ سمائجي، پرماتما جو روپ ٿي وڃڻ جو ڀاو شمس تبريز نهايت سندر مثال ذريعي سمجهايو آهي.

”اهو سرو شڪتيوان پرماتما ڀهرياڻين مضبوط تالو لڳائي، خود دروازي جي پنيان لڪي ٿو وهي ۽ پوءِ پاڻ ئي انساني جامو پائي اهو دروازو کولڻ اچي ٿو“.

آن پاد ساهـ - ي - اعظم در بستا بود محڪم،
پوشيد دلقي آدم يعني ڪ بردر آمد.

پوري ستگروءَ جي هڪ وڏي نشاني گرو نانڪ صاحب اها ٻڌائين ٿا ته هو ساڌڪ يا شش کي اندران ئي پرماتما سان وصال ڪرڻ جو سمرٿ بڻائيندو آهي ۽ اهو ڪم هو پنجن شبدن جي جڳتيءَ يا ساڌنا ذريعي ڪندو آهي.

## پنج شبد

گروءَ نانڪ صاحب جي سڌانت موجب شبد کي ئي ساري ڏسڻ ۾ ايندڙ ۽ ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ سرشٽيءَ جو ڪرتا سرجڻهار ۽ آڌار مڃيو ويو آهي ۽ شبد کي ئي مڪتيءَ يا پرڀو پراپتيءَ جو هڪڙو ئي ساڌن ڪري سويڪار ڪيو ويو آهي. هن وچار ڌارا ۾ "پنجن شبدن" جو بہ ذڪر آيل آهي، جنهن جي سمجهاڻي ڏيڻ ضروري آهي. هڪ طرف تہ هڪ شبد دواران پوري سرشٽيءَ جي رچنا جي ڳالهہ ۽ ٻئي پاسي پنجن شبدن جي ڳالهہ ۾ جو ظاهري ڀيد نظر اچي ٿو، اُهو اصلي ڪارڻ هيءُ آهي تہ سچ پچ شبد تہ هڪ ئي آهي ۽ اهو هڪ ئي شبد ساري ڪائنات ۾ سمايل آهي. پر هيءُ شبد پنجن روحاني منڊلن مان گذرندي پنج الڳ الڳ روپ ڌارڻ ڪري ٿو. درياهہ يا نديءَ جو پنهنجي سروت يا مول مان نڪرڻ وقت آواز ۽ شڪل ٻي هوندي آهي، پهاڙن ۾ آبشار ٿي هيٺ ڪرڻ وقت ٻي، ماٿرين ۾ ٻي، ميدانن ۾ ٻي ۽ سمنڊ ۾ سمائجڻ وقت ٻي هوندي آهي. اهڙيءَ طرح شبد جي هڪ ئي ڌارا الڳ الڳ روحاني منڊلن مان لنگهندي، الڳ الڳ پرڪاش ۽ الڳ الڳ ڌنين جو روپ ڌارڻ ڪري ٿي. نديءَ جي سڀني شڪلين ۽ سڀني آوازن کي پوريءَ طرح ڄاڻڻ لاءِ نديءَ جي اُن ساري رستي جو منڍ کان آخر تائين پورو گيان هئڻ گهرجي، جنهن مان ندي گذرندي اچي ٿي. ساڳيءَ طرح ستگروءَ کي الڳ الڳ منڊلن ۾ ۽ شبد جي الڳ الڳ پرڪاش ۽ انهيءَ جدا جدا ڌنين يا آوازن جو پورو گيان هئڻ گهرجي. گروءَ نانڪ صاحب فرمائين ٿا تہ سچو ستگرو جيو کي ڏهہ روپي گهر ۾ ئي پرماتما جو نج گهر ڏيکاري ٿو ۽ انهيءَ نشاني اهي پنج شبد آهن، جيڪي گواهيندڙ ڏين جيو پنهنجي اندر ان روحاني سفر جي دوران ٻڌي ٿو.

گهر مهه گهر ڏکاءِ ڏيئي سو سَتگر پرکه سڄاڻ،
پنچ شبد ڌنڪار ڌنِ تهه ٻاجهي سبد نيساڻ.
(ملار ڪي وار، سلوڪ م ١ - ١٢٩٠)

پنجن شبدن جو ورنن گروُ صاحب ۽ ڀارت جي ٻين انيڪ سنتن مهاتمائن ئي نه ڪيو آهي، بلڪ ٻاهرين ديشن جي صوفي فقيرن به ڪيو آهي. خواجه حافظ جي فارسي ڪلام ۾ آيل آهي:

"تون خاموش رهي اندر آسمان مان ايندڙ "پنج نوبتون" ٻڌ، جي ڇهن چڪرن ۽ ستن آسمانن جي پرڀان اچن ٿيون".

خاموش پنج نوبت بشنوز آسماني،
کان آسمان بيرون زان هفت و اين شش آمد.

## سداچاري زندگي

نيڪ ۽ پاڪ زندگي، روحاني اُنتيءَ لاءِ ضروري ڀُهريون شرط به آهي ۽ روحاني پراپتيءَ جو قدرتي نتيجو به آهي. نيڪ پاڪ جيون بنا روحاني پراپتي ممڪن ناهي. ساڳيءَ طرح اهو به سچ آهي ته سچي روحاني رسائي ڪيل آتما مان نيڪي اُنهن قدرتي نڪرندي آهي، جيئن گل مان سڳنڌ. سچو مهاتما اهو ناهي جنهنجو روحانيت ۾ صرف اُصولي طور يا سڌانتڪ وشواس هجي، پر اهو آهي جنهن سچ پچ پنهنجي اندر روحاني ايڪ پراپت ڪري عملي طور سچ جو درشن ڪيو هجي. ٻين لفظن ۾ سچي روحانيت ۽ پريو پراپتيءَ لاءِ واچڪ گيان تي نه، پر عملي ابياس ذريعي پرماتما جي ساڪيات درشن پراپت ڪرڻ تي زور ڏنو وڃي ٿو. جيستائين ڪو جيو سرير خالي ڪري، اکين جي مرڪز تي سرت کي ايڪاگر ڪري، اندر شبد جي پرڪاش ۽ آواز

سان جڙيو ناهي، جيسين هو ساڌوءَ يا مهاتما سڏائڻ جو اڌڪاري لٿو ٿي سگهي. هاڻي اها حقيقت آهي تہ اندر اهڙي روحاني انڀو يا شبد جي ساکيات انڀو ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول نرمل رهڻي يا نيڪ پاڪ جيون جي ڀاري ضرورت آهي. هن مارگ جي جگياسوءَ يا ساڌڪ جي آچار وهنوار يا هلت چلت ۾ پورن نرملتا جو هئڻ ضروري آهي. نيڪ آچار سان گڏ هڪڙي حق حلال جي يا ايمانداريءَ جي روزي بہ ڪمائڻ گهرجي. گروءَ صاحب فرمائين ٿا تہ مالڪ جي درگاهہ ۾ صرف اهو ڏنو قبول پوندو، جو پنهنجي ڏهن ندهن يا پگهر جي پورهئي مان ڏنو ويندو.

نانڪ اگي سو ملي، ج کٽي گهالي ديہ.
(آسا دي وار، م ١ - ٤٧٢.)

گروءَ صاحب جو مطلب اهو آهي تہ حق حلال جي ڪمائيءَ جو ڪجهہ حصو خوشيءَ سان ٻين ۾ ونڊڻ ورهائڻ ۽ پرمارٿي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ بہ ضروري آهي. اهڙيءَ طرح ونڊي کائڻ واري جيو کي پرماتما جي سچي مارگ جي سوجهي لڌي ٿي.

گهال کاءِ ڪڇ هٿهہ ديہ، نانڪ راهہ پڇاڻهہ سيہ.
(سارنگ کي وار، م ١ - ١٢٤٥)

نيڪ ڪمائيءَ مان ٺهيل ڀوڄن جو بہ من تي نيڪ پرڀاءُ پوي ٿو ۽ ان مان روحاني ابياس ۾ سهائتا ملي ٿي. انجي اُبتڙ بري ڪمائي يا پرائي ڪمائيءَ جو ڀوڄن روحاني ترقيءَ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو. روحاني اُنتي چاهيندڙ لاءِ اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ ڀوڄن ڪهڙي قسم جو آهي، ڪهڙيءَ ڪمائيءَ مان آيو آهي ۽ خاص طرح ان ۾ جوش ڏياريندڙ يا وڪار پيدا ڪندڙ جزا نہ هئڻ گهرجن. گروءَ صاحب جن فرمائين ٿا:

بابا هور ڪاٿا خوسي خئار،
جت کاڌي تن پيڙيئي، من مهه چلهه وڪار.
(سري راڳ، م ١-١٦)

اهڙيءَ طرح سچي پرمارٿيءَ جو جيون اندران ٻاهران هڪ جهڙو يا سمان هئڻ گهرجي. گروُ صاحب بلڪل صاف لفظن ۾ پاکنڊ يا ڏيکاو جي زندگيءَ جو کنڊن ڪيو آهي. سچي پرمارٿيءَ جي سوچ ويچار، ڪٿنيءَ ۽ ڪرڻيءَ ۾ سمانتا هئڻ گهرجي. هن جي ڪٿني، ڪرڻي ۽ رهڻي سندس سوچ ويچار جي آرسي هئڻ گهرجي. گروُ صاحب انهن ماڻهن جي نقطچيني ڪن ٿا، جي ٻاهران نيڪي ۽ پاڪيزگيءَ جو ڏيکاو ڪن ٿا، پر اندران جوُٺا ۽ ملين ويچارن جا هوندا آهن. اهڙا لوڪ سچي عمر تيرٿن تي اشنان ڪندي به ڪڏهن نرمل نه ٿي سگهندا.

اندرهه جهوٺي پيج باهر دنيا اندر فيل،
اٺسٺ تيرٿ جي ناوهه اترئي ناهي ميل.
(آسا دي وار، م ١-٤٧٣)

گروُ صاحب جن پنهنجي وقت جي قاضين ۽ پنڊتن جي خاص طور ڪڙي نقطچيني ڪئي آهي، جي دورنگي زندگي گذاريندا هئا، يعني ٻاهران نيڪ پاڪ ڏيکاري ڏيندا هئا ۽ اندر سڀني ساڌارڻ انساني برائين ۽ وڪارن جو شڪار هوندا هئا. پاڻ فرمائين ٿا ته قاضي انصاف جي ڪرسيءَ تي وهي ٿو، تسبيح (مالها) ڦيري ٿو ۽ پرماتما جو نالو وٺي ٿو، پر هوُ رشوت وٺي انياءُ ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪير ڪانئس انهن ڪرڻ لاءِ سبب پڇي ٿو ته هوُ قران شريف جي آيتن جا حوالا ڏئي ٿو.

قاضي هوءِ ڪي بهي نياءُ ڦيري تسبي ڪهي خداءِ،
وڍي لي ڪي حق گوائي جي ڪو پڇي تا پڙ سڻائي.
(رامڪلي کي وار، م ١-٩٥١)

ساڳيءَ طرح گرو صاحب اِهين بہ فرمائين ٿا تہ پرماتما جي نالي جو واپار ڪرڻ وارن لوڪن جي زندگيءَ ڪي ڏڪار آهي. انهيجي پرمارٿ جي کيتي اُجاڙ ٿي وڃي ٿي ۽ انهن وٽ پاڻ سان پرلوڪ ۾ کڻي وڃڻ لاءِ ڪجهه بہ نٿو هجي.

ڏرگ ٿيا ڪا جهرليا ج لک لک واڇهه ٿاءِ،
ڪيتي جن ڪي اُجڙيءَ ڪلواڙي ڪتا ٿاءِ.

(سارنگ ڪي وار، م ١ - ١٢۴۵)

سنساري پدارٿن ۽ ڌن دولت جي ٽرشنا روحاني اُنتيءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. مايا جي لوڀ ۾ اچي جيو ڀلي بري جي پڇاڻ ڪوهي ٿو وهي. جيترو ڪيس وڌيڪ ملي ٿو، اوترو ئي سندس لوڀ وڌي ٿو. جيئن جيئن سندس لوڀ جي پورتي ٿيندي ٿي، تيئن پاڻ سندس ٽرشنا وڌندي ئي رهي ٿي. گرو صاحب فرمائين ٿا تہ ساريءَ دنيا جي دولت ملڻ تي بہ لوڀيءَ جي ٽرشنا اَترپت نٿي ٿئي.

ڀُکيا ڀُک نہ اُتري، جي بنان پوريا پار.

(جپجي م ١ - ١)

سنساري پدارٿن پٺيان ڀاڄل ٿيل جيو چوري، ٺڳي، بي ايماني ۽ ٻيا کوٽا ڪرم ڪرڻ کان بہ نٿو ڊڄي.

لک چوريا لک جاريا لک ڪوڙيا لک گال،
لک ٺڳيا پهدا ميٺا راتِ ڏنس جيئہ نال.

(آسا دي وار م ١ - ۴٧١)

گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا تہ ڌن دولت جي چار ۽ پرياؤ اهڙو ڏکدائي آهي، جو اها پاڻ ٻيا ڪٿي بہ ڪانہ ٿي ٽڪي ۽ مرڻ تي ساڻ بہ ڪانہ ٿي هلي. انيڪ ماڻهو هن مايا جار ۾ ڦاسي خوار ۽ برباد ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترا ٿي رهيا آهن.

اس ڄر ڪارڻ گهٽي وڃي اس ڄر گهٽي کائي،
پاپا ٻاجهه هوويءِ ناهي ڄتا سانڍ نه جائي.
(آسا، م ۱-۴۱۷)

بي ايمانيءَ جي ڪمائي ڪرڻ وارن هندن ۽ مسلمانن ٻنهي جي گروُ صاحب هڪ جهڙي ندا ڪئي آهي. هندو ڳانءِ کي ۽ مسلمان سوئر جي ماس کي کائڻ حرام سمجهندا آهن. گروُ صاحب فرمائين ٿا ته پرائو حق مارڻ، ڳانءِ ۽ سوئر جي ماس کائڻ برابر آهي. پاڻ فرمائين ٿا ته گروُ يا پير مالڪ جي درگاهه ۾ انهيءَ سهائتا ڪندو، جيڪي پرائي حق جو مردار يا حرام کائڻ کان پرهيز ڪندا آهن.

حق پرائتا نانڪا اُس سوئر اُس گاءِ،
گر پير حاما تا ڀري جا مردار نه کاءِ.
(وار ماجهه، م ۱-۱۴۱)

## ويشنوُ پوڄن

گروُ نانڪ صاحب ويشنوُ پوڄن جا نهايت زوردار حمايتي هئا. ويشنوُ پوڄن جو رواج ڀارت جي اهنسا ۽ جيوديا جي پراچين سڏائت لي آڌار رکي ٿو. جين مت جي باني مهاڀير ڀڳوان ۽ ٻڌ مت جي باني مهاتما ٻڌ جي ڏينهن کان اڄ تائين ڀارت جي سداچاري ۽ ڌرمي زندگيءَ ۾ هن سڏائت تي زور ايندو رهيو آهي. محسن فاني پنهنجي پرسڌ فارسي پستڪ ”دبستان - ي - مذاهب“ ۾، جو گروُ نانڪ صاحب جي باري ۾ ڪافي ڀروسي جوڳو پستڪ آهي، چوي ٿو:

هو (گروُ نانڪ صاحب) ماس ۽ شراب جي استعمال جي خلاف هئا. پاڻ انهن شين جي ورتائڻ کان پرهيز ڪيائون ۽ جيون سان نردئي سلوڪ ڪرڻ جي ٻر خلاف پرچار ڪيائون. گروُ صاحب جي جوتي جوت سمائڻ بعد سندن ڪجهه پوئلڳن ماس کائڻ شروع ڪيو. جڏهن گروُ نانڪ صاحب

جي گديءَ جي جانشين گروُ ارجن ديو کي هن ڳالهه جي خبر پهتي ته هنن ماڻهن کي ماس کائڻ کان منع ڪئي ۽ فرمايو ته ”ماس کائڻ گروُ نانڪ صاحب جي حڪم جي خلاف آهي“.

سري آد گرنٿ ۾ ڪيترن هنڌ گروُ صاحب هندن ۽ مسلمانن جي ڌرمي اڳوانن، پروهتن ۽ ملن جي پاکنڊي زندگيءَ کي زوردار لفظن ۾ ننديو آهي. اهڙن بيانن ۾ پاڻ ماس کائڻ جو خاص طرح کنڊن ڪيو اٿن. پاڻ ”جپجي“ ۾ هڪ جڳهه تي فرمائين ٿا ته سنسار ۾ انيڪ ماڻهو جيوهتيا جي پاپ جا ڀاڳي بڻجن ٿا ۽ انيڪ مليڇ ٻڌيءَ وارا ماڻهو اپوتر ڀوڄن کائي رهيا آهن:

اسنک گل وڍ هتيا ڪماهه    اسنک پاپي پاپ ڪر جاهه،
اسنک ڪوڙيار ڪوڙي ڦراهه    اسنک مليڇ مل ڀک کاهه.
(جپجي، م ١-۴)

پاڻ فرمائين ٿا ته برهمڻ ماڻهن کي جٽيو پائڻ لاءِ چوي ٿو، پر هن جي ڪرٽي اها آهي جو ٻڪري کي ڪٺي ۽ رڌائي کائي ٿو. ماس کائيندڙ ملان نماز پڙهي پنهنجي نيڪيءَ جو ڏيکاءُ ڪري ٿو. جيون جي گلي تي ڇريون ڦيريندڙ برهمڻ پنهنجي گلي ۾ جٽيو پائي ڦرن ٿا. اهڙن ماڻهن جي رهڻي ۾ ڪوڙ آهي ۽ انهنجو کائڻ پيئڻ ۾ ڪوڙو آهي. برهمڻ متي تي تلڪ لڳائي، سر تي ڌوتي ٻڌي ڦرن ٿا، پر انهن جي هٿن ۾ ڇريون آهن ۽ اهي ڪسائيءَ وانگر جيوهتيا ڪندا ڦرن ٿا.

نڪ ڪپا هه ڪتيئي ٻاڻ وني آءِ،
کهه ٻڪرا رنهه کائتا سڀ ڪو آکي پاءِ.

ماڻس کاڻي ڪرهه نواج ڇري وڳائن تن گل تاگ،
تن گهر براهمڻ پوره ناد انا ڀي آوهه اوني ساد،
ڪوڙي راس ڪوڙا واپار ڪوڙ بول ڪرهه آهار.

مٿيءَ ٽڪا ليڙ ٽوپي ڪڪاني، هٿ ڇري جڳت ڪاساني.
(آسا، م ۱ - ۷۳ - ۴۷۱)

گروءَ صاحب دوران جاري ڪيل گروءَ جي لنگر ۾ ڪڏهن به ماس ورتائڻ جي آگيا نه ڏني ويئي. گردوارن جي پربنڌ ۾ آيل ڪيترن ئي تبديلين جي باوجود، گردوارن ۽ ڌرم استانن ۾ اڄ تائين ماس، شراب ۽ ٻين نشيدار شين جي داخلا جي اجازت نه ڏني ويئي آهي، جيئن انهن استانن جي پوترتا ڀنگ نه ٿئي. جنم ساکين ۾ مڪي ۽ مديني سان سنبنڌ رکندڙ ساکين ۽ ڀائي بالي جي جنم ساکيءَ مان به هن وچار جي پشٽي ملي ٿي ته گروءَ نانڪ صاحب جي وقت ۾ وشنوءَ ڀوڄن جو رواج هو. ڇهين پاتشاهي گروءَ هرگوبند سنگهه صاحب به پنهنجي حڪم نامن* ۾ سنگت کي ماس مڇي کائڻ جي منع ڪئي آهي.

ڀارت ۾ وشنوءَ کاڌي جو رسم رواج ڪرمن جي قانون تي آڌار رکي ٿو. ڪرمن جي قانون جي پڪي ڌارڻا آهي ته ڪوبه جيو ڪيل ڪرمن جي ڦل کان ڇٽو نٿو سگهي، چاهي اهو ڦل هن جنم ۾ ملي يا ڪنهن ايندڙ جنم ۾، پر ملندو ضرور. ٻج پوکڻ جو ڪرم، فصل کائڻ جي مجبوريءَ سان جڙيل آهي. جيڪو هن جنم ۾ ڪنهنکي ماري ٿو، تنهنکي اڳلي ڪنهن جنم ۾ اُن هٿان مرڻو به پوندو. جيڪو ڪنهن جانور جي جان وٺي ٿو، اُنکي ڪرمن جو ليکو چڪائڻ لاءِ پنهنجي جان به ڏيڻي پوندي. ڀارت ۾ شايد ئي ڪو اهڙو ڌرم، فلاسافي يا وچارڌارا هجي، جنهن ۾ ڪرم ۽ ڦل جي نيم کي نه مڃيو ويو هجي. هيءُ نيم فقط هن جنم تائين محدود ناهي، ايندڙ جنمن تائين به ڦهليل

* ڏسو "حڪم ناما". سمپادڪ ڊاڪٽر گنڊا سنگهه، پنجابي يونيورسٽي، پٽيالا.

آهي. گروُ صاحب فرمائين ٿا ته ڪرمن جو قانون صرف ڪهاوت يا چوڻي ڪانه آهي، هڪ سچي اصليت آهي ۽ هر ڪنهن کي ڀوڳڻي ڪمل ڪرمن جو ڦل ڀاڱي پرڻو پوي ٿو.

پني پاپي آکڻ ناهه ڪر ڪر ڪرڻا لکي ليءِ جاهه،
آپي بيج آپي هي کاهه نانڪ حڪمي آوهه جاهه،
(جپجي، م ١-۴)

سک دک پورب جنم کي ڪيئي،
سو جاڻي جس داتي ديئي،
ڪس ڪوُ دوس ديهه تو پراڻي،
لمهه اپڻا ڪيئا ڪرارا هي.
(مارو، م ١-١٠٣٠)

چنگيائيئا برائيئا واچي ڌرم حدور،
ڪرمي آپو آپڻي ڪي نيڙي ڪي دور.
(جپجي، م ١-٨)

ڀارت ۾ پرچلت وشنوُ پوڄن جي روايت پٺيان هڪ ٻيو مهتو پورن وچار ڪم ڪري رهيو آهي، اُهو هي آهي ته انسان جي وچارن ۽ آچار وهنوار تي انسان جي پوڄن جو ڏاڍو اثر پوي ٿو. اهڙا سالوڪي پوڄن به آهن، جي شانتي ۽ ڌيرج ۾ واڌ ڪن ٿا ۽ اهڙا راجسي ۽ تامسي پوڄن به آهن جي وڪارن کي جنم ڏين ٿا. اهڙا پوڄن به آهن، جي من کي ايڪاڳت ۽ پوڄن سمرن ڏانهن موڙين ٿا ۽ اهڙا پوڄن به آهن، جي انساني آدم ۽ شڪتيءَ کي ڀاهرمکي ڪمن ڪارين ۽ پيچ لوڙ طرف مائل ڪن ٿا. گروُ صاحب فرمائين ٿا:

رس گهوڙي رس سيجا مندر رس ميٺا رس ماس،
ايتي رس سرير ڪي ڪڪ گهٽ نام نواس.
(سري راڳ، م ١-١۵)

سنتن مهاتمائن ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته صرف اهڙو ڀوڄن ورتائڻ گهرجي، جو روحاني ترقيءَ ۾ سهائتا ڏيڻ وارو هجي، ڇاڪاڻ ته اها چوڻي مشهور آهي ته ”جهڙو کائبو اَن، تهڙو ٿيندو مَن“. انهيءَ ڪري سنت مهاتما زوردار لفظن ۾ پنهنجي سکن شيوڪن کي ماس، مڇي، آنڊا (بيضا)، شراب ۽ نشيدار دوائون استعمال ڪرڻ کان سخت منع ڪندا آهن. هو کين داليون، اناج، سبزيون، ميوا، کير ۽ ان مان ٺهندڙ شيون ۽ سڪي ميوي، مغزات وغيره جي استعمال جو تاڪيد ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ته انهن شين مان ٺهيل ڀوڄن صحت ۽ ٻين سڀني لاءِ لاڀدائڪ آهي.

## آخري اکر

ارسطوءَ هڪ دفعي پنهنجي ستگروءَ جي باري ۾ هيءُ وچار پرگهٽ ڪيو هو ته ”پهڻو ايڏو اوچو ۽ مهان آهي جو ڪو ٻيو شخص هن جي تعريف ڪرڻ جي لائق ئي ناهي“. ڇا اهو راز اسانجي طرفان گروءُ نانڪ صاحب جي ڪيل مهما سان لاڳو نٿو ٿي سگهي؟ اسين گهڻو ڪري سندن تعريف سماج سڌار جي ڪارڻ لاءِ ڪندا آهيون. اسين سندن قدرداني سمپردائڪ ۽ ڄاتيوار ميل ميلاپ آڻڻ لاءِ ڪندا آهيون. اسين ذات پات ۽ اوچ نيچ جي ڀيد ڀاو کي ختم ڪرڻ جو سهرو به گروءُ صاحب جي سر تي ٻڌندا آهيون. گروءُ نانڪ صاحب بيشڪ هنن سڀني ڳالهين ۾ ڪافي حد تائين سڦلتا پراپت ڪئي هئي. پر هي سڀ پراپتيون سندن مهان روحاني اپديش جي پربل پرواهه ۽ وهڪري جي هڪ معمولي نتيجي جي روپ ۾ هيون. گروءُ نانڪ صاحب هن ساريءَ مهما کان گهڻو وڌيڪ مهان ۽ بلند هئا. جيڪي جيو سندن سنگت ۽ صحبت ۾ آيا ۽ سندن سکيا گرهڻ

ڪري، سندن هدايتن جي پيروي ڪيائون، تن کي
گروءَ صاحب پنهنجي بخشش سان آتمڪي ساڌنا ذريعي
پرم ستيه جو ساڪيات گيان پردان ڪيو. گروءَ صاحب پنهنجي
سکن شيوڪن کي ان ستيه جو نه صرف مانسڪ گيان ئي
بخشيو، بلڪ اندر ڪين ان ستيه جو جيئرو جاڳندو انڀو ڪرايو
ته هڪ ئي سرووياپڪ پرماتما سڀ ۾ سمايل آهي ۽ ٻاهريان
ڀيد ڀاو صرف ڏيکاو جا ۽ مٿاڇرا يا بناوٽي آهن. گروءَ صاحب
کين روحاني چيتنتا دواران پورن ايڪتا جو اهڙو گهرو
گيان پردان ڪيو، جو دويت، هؤمي يا جدائيءَ جو ڀاو
هڪ قسم جو پرم ٻٽجي رهجي ويو. هن طرح جي روحاني
پرڪاش ۽ سهج ڀاو ڪالهوءِ ڪڏهن به قسم جي لڙائي جهڳڙي
۽ واسر وروڌ جي گنجائش ئي ڪٿي رهجي وڃي؟
پريم ۽ ديا مهر روپي ان پريوءَ ۾ سمائجڻ بعد جيوآتما ۾
ڪڏهن به سوارٿ، دويش، ڪروڌ يا ڌڪار لاءِ جاءِ ئي
ڪٿي ٿي بچي؟

ڪڏهن به مهان سنت ستگروءَ جي هن سنسار مان چالاڻي ڪانپوءِ سندائين اهڙو لڪل خطرو ٻڌيو رهي ٿو ته وقت گذرڻ سان سندس اوچو ۽ نرمل سنديش ۽ اُپديش ڪٿي نربل يا بي اثر نه ٿي وڃي، ان ۾ گراوٽ نه اچي وڃي ۽ آخر ۾ اهو پوري طرح وسري يا ميسارجي نه وڃي. مونکي پوري آشا آهي ته گروءَ نانڪ صاحب جي اُپديش ۽ سنديش بنسبت اِئين نه ٿيندو، سندن نرمل سچ جي جرت ڪڏهن به نه وسامندي، بلڪ هميشه لاءِ پوري شان سان ٻرندي رهندي ۽ عشق جاليءَ جي راهه روشن ڪندي رهندي. آخر ۾ گروءَ صاحب جي جيون ۽ اُپديش جي باب جي سماپتي ڪندي مان هيءَ نماڻي وينتي ٿو ڪريان ته هي پربو! اسانکي گروءَ نانڪ صاحب جي اُپديش کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ جي ٻڌي بخشيو ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي شڪتي پردان ڪريو.

# ڀاڱو ٻيون

## ٻاڻي

* جپجي
* آسا دي وار
* رهراس
* آرتي
* سوهلا
* سڌ گوشٽ
* پهر
* پٽي
* بارهه ماهه
* دکڻي اونڪار

## جپجي

عام طور "جپجي" کي گروءَ نانڪ صاحب جي اُپديش جو سار مڃيو ويو آهي. پنجين پاتشاهي سري گروءَ ارجن ديو "سري آد گرنٿ" جو سنگرهه ڪرڻ وقت جپجي کي گرنٿ صاحب ۾ پهريون اِستان ڏنو. چيو وڃي ٿو ته اُن وقت ڪجهه شش گروءَ ارجن صاحب کي وينتي ڪئي ته "جپجي" ڏاڍو ڳوڙهه ۽ ڪٺن آهي، تنهنڪري ان جي وياکيا لاءِ ڪيترين ڳالهين کولي سمجهائڻ جي ضرورت آهي. ان تي گروءَ ارجن صاحب فرمايو ته سارو "آد گرنٿ" ئي "جپجيءَ" جي وياکيا آهي.

"جپجيءَ" جي رچنا جي ڪارڻ ۽ وقت جي باري ۾ ڪافي متڀيد آهي. گهڻيون جنم ساکيون اِهو ٿيون ٻڌائين ته جپجيءَ جا شروعاتي پد گروءَ صاحب بيئين نديءَ ۾ الوپ ٿيڻ وقت پرابت ٿيل الترمکي روحاني انڀو کان هڪدم پوءِ رچيا هئا. اهڙيءَ طرح انهن پدن جي رچنا جو سمو سنه ١٥٠٠ع کان ١٥٠٧ع ليکي ٿو. پر ڪيترا ودوان ان وچار سان سهمت نه آهن. اُنهن جو وچار آهي ته "جپجي"، "آسادي وار"، ۽ "سڌ گوشٽ" ۾ "ڀاو" ۽ "ورنن" جي جيڪا پختائي ۽ گمڀيرتا ڏسجي ٿي، ان مان "جپجيءَ" کي گروءَ صاحب جي جيون جي آخري حصي جي رچنا مڃڻو پوندو، جڏهن هوءَ پنهنجون ياترائون سماپت ڪري چڪا هئا ۽ پڪي طرح ڪرتار پور ۾ رهڻ لڳا هئا. هن مان "جپجي" جي رچنا جو ممڪن سمو سنه ١٥٣٢ع بيٺجي ٿو.

"جپجيءَ" ۾ ان وقت جي رچنائن جي پرمپرا ورتائي وئي آهي ۽ ان موجب انجي شروعات ۾ پرماتما جي استت ۾ منگلاچرڻ رچيو ويو آهي ۽ آخر ۾ ان رچنا جي سماپتيءَ تي پرماتما جو شڪرانو مڃيو ويو آهي.

"جپجيءَ" جي شروعات ۾ پرماتما جي گڻن جو ورڻن ڪيل آهي. ان ۾ اُن پرڀوءَ جي سرو وياپڪتا ۽ سندس اجر، امر، الک، اگم وغيره روپن جي مهما ڪئي وئي آهي ۽ کيس ست ۽ اصل ڪري مڃيو ويو آهي. الهيءَ ورڻن جي آخر ۾ گروءَ صاحب فرمائين ٿا تہ اُن سچي پرماتما جي پراپتي صرف ستگروءَ جي ديا مهر سان ٿي ٿئي ٿي.

گروءَ صاحب "جپجيءَ" ۾ روحانيت جي لڳ ڀڳ سڀني مکيہ وشين تي گنڀيرتا سان ويچار ڪيو آهي. ان ۾ سرشٽيءَ جي رچنا ۽ ان رچنا جي اننت انيڪتا جي بيان، جا پرماتما جي سرو شڪتيوان حڪم جي پورن ايڪتا ڪم ڪري رهي آهي، اُن جو سندر ورڻن ڪيل آهي. هن ۾ پوري ستگروءَ جي ضرورت ۽ سمرتيءَ تي پرڪاش وڌل آهي ۽ ستگروءَ جي ٻڌايل جڳتيءَ انوسار اندر شبد کي ٻڌڻ ۽ مڃڻ جي گڻن جو ڀاو ڀريو ۽ اثرائتو بيان ڪيل آهي. "جپجيءَ" ۾ گروءَ صاحب ڀوڪت ڪرم ڪانڊ ۽ سڀني پرهيزگاري ۽ ڌارمڪتا جو کنڊن ڪن ٿا ۽ سداچار ۽ روحاني گڻن جي ميل تي بہ زور ڏين ٿا. تنهن کانسواءِ ان ۾ روحاني ابياس وقت ٿيندڙ انترمکي سوکيم انڀون جي جهلڪ بہ ڏني وئي آهي. هيءَ شايد گروءَ صاحب جي اهڙي قسم جي اڪيلي هڪڙي ٻاڻي آهي، جنهن ۾ هن انترمکہ چڙهائيءَ جو اول کان آخر تائين پورو ورڻن ڏنل آهي ۽ هن چڙهائيءَ ۾ ايندڙ وڏن منڊلن جو بہ اشارو ڪيل آهي. دراصل "جپجي" روحاني ويچارن جو "گهاگهر ۾ بند ڪيل ساگر" ٿي آهي.

سک پنٿ "جپجي" کي پنهنجي سڀ کان مهتوپورن ٻاڻي ۽ ارداس ڪري مڃين ٿا. هرهڪ سک مان اها آشا رکي وڃي ٿي تہ هو هر روز پنهنجو ڪاروهنوار شروع ڪرڻ کان اڳ پراتهڪال جو "جپجيءَ" جو پاٺ ڪري.

”جپجيءَ“ جا ڪجهه چونڊيل پد هتي ڏنا وڃن ٿا. انهن مان ”جپجيءَ“ جي ايڪ ٻهلن لي ۽ گرو صاحب جي سچي اُپديش لي ۾ پرڪاش پوي ٿو.

## نراڪار پرماتما

هتي مول منتر ۾ گرو صاحب اُن نراڪار، ڪل مالڪ پرماتما جي مهما ڪري رهيا آهن. پاڻ فرمائين ٿا: اهو پرماتما هڪ ئي آهي، هر قسم جي دوئيت کان پري ۽ مٿي آهي. هو پاڻ ست آهي ۽ سندس نام ۾ ست آهي. هو سڀني جو ڪرتا، سرجڻهار ۽ پتا آهي. هو نه ڪنهن کان ڊڄي ٿو، نه ڪنهنکي ڊيڄاري ٿو ۽ نه ڪنهن سان وير ڀاو رکي ٿو. هو اڪال آهي يعني ڪال يا موت کان پري ۽ پار آهي. اجوني آهي يعني جوڻ يا جنم ۾ ڪونه ٿو اچي، اجر، امر ۽ ابناسي آهي. هو پنهنجي هستيءَ لاءِ ڪنهن تي آڌار ڪونه ٿو رکي. هن جو پرڪاش پنهنجو پاڻ مان ئي ٿيو آهي. اهڙن گڻن سان ڀرپور اُن سرو سمرٿ پرماتما جي پراپتي پوري ستگروءَ جي ديا مهر ۽ بخشش سان ئي ٿئي ٿي.

اِڪ او ستنام ڪرتا پرک نربهه نرونر،
اڪال مورت اجوني سئڀن گر پرساد.

(جپجي، ۱)

## آد جڳادي پرماتما

اهو پرماتما آد جڳاد سچ آهي، هن جي هستي انادي آهي. هو سدائين هو، سدائين آهي ۽ سدائين رهندو. هو وقت جي حد کان پري ۽ پار آهي. جيڪي تائين انجي باري ۾ سوچيندا رهو، پر هن جو صحيح پار پائي نه سگهبو. جيڪي تائين چپ چاپ سماڌي لڳائي سندس چنتن ڪندا رهو، پر هڪڙو انت، پاراوار، ڀيد پائي نه سگهبو. سڀني

ڀريل جو ڌن دؤلت يا راڄ ڀاڳ ملڻ سان به پرماتما جو گيان پائي نه سگهبو ۽ نه من جي ترشنا ئي بجهندي. سوين هزارين سياڻپون ۽ چترايون ڪرڻ سان به پار نه پئبو. پوءِ اهو پرماتما ملي ته ڪيئن ملي؟ جيئن ڪوڙ جي ديوار ڪي ڪيرائي، اُن سچي پرماتما سان ملي، سچو ڪيئن ٿجي؟ اُنجو هڪڙو ئي مارگ هيءُ آهي ته هُو ان اڪال پرش جي ڀاڻي ۾ اچي، حڪم رضائي ٿئي پرماتما جي حڪم ۾ هلي ۽ پنهنجي مرضي يا رضا پرماتما جي رضا ۾ لين ڪري ڇڏي، ملائي جذب ڪري ڇڏي. ان جو حڪم سڃاڻي، ان حڪم انوسار زندگي هلائڻ يا بسر ڪرڻ ئي، ان پرم پتا پرماتما تائين پهچڻ جو هڪڙو ئي مارگ آهي. ٻيو ڪو مارگ نه ڪڏهن ٿيو آهي ۽ نه ئي ڪڏهن ٿي سگهي ٿو:

آد سچ جگاد سچ،
هَئه ڀي سچ نانڪ هوسي ڀي سچ.

سوچئه سوچ نه هووئي جي سوچي لک وار،
چپئه چپ نه هووئي جي لاءِ رها لو تار،
ڀکيا ڀک نه اُلري جي ٻنان پوريا ڀار.
سهس سياڻپ لک هوهه ته اک نه چلئه نال،
ڪو سچيارا هوئيئه ڪو ڪوڙئه ٽٽئه پال،
حڪم رضائي چلڻا نانڪ لکيا نال.

(جپجي، ١)

## اڪال پرک جو حڪم

اُن پرماتما جو حڪم سرو سمرٿ آهي. اهو حڪم اڪٿ آهي، ٻولڻ ۽ ٻڌڻ کان پري آهي. سرشٽيءَ جا سڀ روپ، سڀ آڪار يا شڪليون ۽ سڀ جيو سندس حڪم سان وجود ۾ آيا آهن. ان جي حڪم سان ئي ڪي ننڍا آهن ۽ ڪي وڏا آهن. سندس حڪم سان ئي ڪجهه لوڪن کي

ساڻس ميلاپ ڪري جو سؤ ڀاڱيو ملي ٿو ۽ سندس حڪم سان ئي ٻيا هميشه لاءِ آواگون جي چڪر ۾ ڦاٿل رهن ٿا. جو ڪجهه به آهي سو سڀ سندس حڪم جي اندر آهي، ڪوئي به ۽ ڪجهه به اُن پرماتما جي حڪم کان يا حڪم جي دائري کان ٻاهر ناهي. جيڪڏهن ان حڪم جي سمجهه ٻوجهه اچي وڃي ته منش ڪڏهن، ڪنهن به حالت ۾ هؤميءَ جو شڪار نه ٿيندو ۽ ”مان“ ۽ ”منهنجو“ لفظ اُچاري نه سگهندو.

حڪمي هووَن آڪار حڪم نه ڪهيا جائي،
حڪمي هووَن جيئه حڪم ملي وڏيائي.
حڪمي اُتم نيچ حڪم لکه دک سک پائيئه،
اِڪنا حڪمي بخشيس اِڪ حڪمي سدا ڀوائيئه.
حڪميءَ اندر سڀڪو ٻاهر حڪم نه ڪوءِ،
نانڪ حڪميءَ جي ٻجهي ته هؤمي ڪهي نه ڪوءِ.
(جپجي، ١)

## پرماتما بي انت آهي

اُهو پرماتما الک ۽ اگم آهي. منش کي نه سندس آد، انت ۽ پاراوار جي سمجهه پئجي سگهي ٿي ۽ نه سندس رچيل سرشٽيءَ جي.

ڌرتي هور پري هور هور،
تس تي ڀار تلي ڪوڻ جور. (جپجي، ٣)

گروءَ صاحب فرمائين ٿا ته اُهو پرڀو اڪال آهي يعني وقت ۽ ڪال يا موت کان پري آهي، آد ۽ انت کان پري آهي ۽ هر طرح جي تبديليءَ کان مٿي آهي. هوءُ سدائين هڪ رنگ، هڪ رس ۽ هڪ روپ آهي. هوءُ اليل آهي يعني مايا جي هر طرح جي غلاظت ۽ گندگيءَ کان مڪت آهي. هوءُ پرم چيتن، پرم نرمل آهي، پرم پوتر آهي. ان پرماتما کي سدائين نمسڪار آهي.

آديس تسيءِ آديس،
آد انيل اناد اناهت،
جُگ جُگ ايڪو ويس.        (جپجي، ۷)

## ڪرتا پرک پرماتما

هتي گروءَ صاحب هن سرشٽيءَ کي اُن ڪرتا پرک پرماتما جو انوکو چمتڪار ڄاڻي اُنجي واکاڻ ڪري رهيا آهن. هن سرشٽيءَ جي نه ته اورين ڪناري جو پتو آهي ۽ نه پرئين ڪناري جو. ان ۾ رهندڙ جيون جي رنگ، روپ، ناليءَ، جڳهه جو ڪوئي حساب لڳو نٿي سگهي. جو ڪجهه به آهي، اُن پرماتما جي ليزيءَ سان هلندڙ قلم جو سندر چمتڪار آهي. اهو ڪرتا به اڪٿ آهي ۽ اُن جي رچنا به اڪٿ آهي. اُن پربوءَ جي رچيل روپن ۽ آڪارن جي سندرتا عجيب آهي. هنجي ديا جي ڏات کي ۽ سندس پيدا ڪيل جيون کي ڏسي ۽ سندس اٿاهه شڪتيءَ جو انومان لڳائي، بُڌي چڪر ۾ ڦٿجي ٿي وڃي. ڪيتري مهان ۽ وشال آهي قدرت جي اها سلطنت، جا پربوءَ پنهنجي اپار ديا مُهر سان منش کي بخشي آهي. هيءَ بي انت ليلا انجي هڪ شبد جو چمتڪار آهي. ساري رچنا، سرشٽي وشال کنڊ برهمنڊ اُن پرماتما جي شبد، نام يا حڪم جي پيداش آهي. جيو ڪنهن طرح به ان رچنا، انجي رچڻهار ۽ انجي ڪارڻ ۽ قدرت کي سمجهڻ يا انجي مهما ڪري سگهڻ جي سمرٿي ناهي.

ڌرتي هور پري هور هور  تس تي ڀار تلي ڪوڻ جور.
جيئه جات رنگا کي ناو  سڀنا لکيا وڙي ڪلام.
ايهه ليکا لک جاڻي ڪوءِ  ليکا لکيا ڪيتا هوءِ.
ڪيتا تاڻ سئالهه روپ  ڪيتي دات جاڻي ڪوڻ ڪوت.
ڪيتا پساءُ ايڪو ڪواءُ  تس تي هوئي لک درياءُ.

قدرت ڪوڻ ڪٿا وچار وارنا نہ جاوا ايڪ وار،
جو تد ڀاويءِ سائي ڀلي ڪار تو سدا سلامت نرنڪار.
(جپجي، ٣)

## ويل نہ پائيا پنڊتي

سنسار ڪڏهن ٺهيو، اُن جو پتو نہ پنڊتن ۽ گيانين کي آهي ۽ نہ ويدن پراڻن ۾ ئي هن باري ۾ ڪو ذڪر آهي. قاضي قرآن مان رچنا جي شروعات جي ڪا تاريخ ٻڌائي نٿا سگهن. جوڳين کي بہ اُن گهڙي، پل، رت يعني موسم ۽ مهني جي ڪا بہ سڌ بڌ ڪانهي، جڏهن سرشٽي پيدا ٿي يا وجود ۾ آئي. صرف ان سرشٽيءَ جي ڪرتا سرجڻهار پرماتما کي ئي خبر آهي تہ ڪهڙي شُڀ گهڙيءَ ۾ پاڻ سرشٽيءَ جي رچنا ڪيائين. سڀ لوڪ پنهنجي پنهنجي ٻڌيءَ انوسار ان ڪرتا پرک جي مهما ڪرڻ جو جتن ڪن ٿا ۽ هرهڪ پاڻ کي ٻئي کان سياڻو سمجهي ٿو، پر سچي ڳالهہ اِها آهي تہ سرشٽيءَ جي سندر ڪرتا ۽ مالڪ، اُن پرماتما جي ڪهڙن بہ لفظن ۾ مهما ۽ واکاڻ ڪري سگهڻ ممڪن ناهي. هوُ پاڻ بہ مهان کان مهان آهي ۽ سندس نام بہ اُتم کان اُتم آهي. جو ڪجهہ هوُ پاڻ يا سندس نام ڪري ٿو، اُهو ئي ٿئي ٿو ۽ پنهنجي ڪُل ڳالهہ کي صرف هوُ پاڻ ئي ڄاڻي ٿو. جيڪڏهن ڪو اِئين سمجهي تہ مون پرماتما يا اُنهي قدرت جي پساري جو پتو لڳايو آهي تہ اُن مورک جو پريوءَ جي درگاهہ ۾ ڪوبہ مانُ، قدر نہ ٿيندو، ڪا بہ سونهن سوڀ نہ ٿيندي. لکين آڪاش ۽ لکين پاتال آهن، جي منش جي وچار ۽ پهچ کان پري آهن. سڀ گياني، سڀ گرنٿ شاستر ۽ ويد پران وغيره ان ستيہ کي مڃين ٿا تہ هن سمپورن، اَٽل رچنا جو ڪِهت آڌار يا مُول اهو هڪ پرماتما ئي آهي. ان هڪ ذاتءَ مان ئي سڀ برڻ ٺهيا آهن. ان الکہ، اگم جي ڪم يا ڄاڻ پائي

سگهڻ ناممڪن آهي ته پوءِ اسين ڪريون ته ڇا ڪريون؟ اسين محدود جيو صرف اُهو ڪريون، جو پاڻ کي اُن اسيم، بيحد ۽ بي انت پرماتما جي پوڄا، ڀڳتي ۽ مهما ۾ لين ڪري ڇڏيون. اسانکي اپار جي پار ۽ اسيم جي سيما پائڻ جي ڪوشش ئي نه ڪرڻ گهرجي. اسانکي اُن اپار ساگر روپ پرماتما ۾ لائين جذب ٿي، ملي وڃڻ گهرجي، جيئن نديون هلنديون وڃي سمنڊ ۾ سمائجي وينديون آهن، اُنهن کي نه ته ڪا اِها ڄاڻ هوندي آهي ۽ نه ئي ان ڄاڻ پائڻ جي اِڇا يا پرواهه هوندي آهي ته سمنڊ ڪيتري قدر وسيع آهي.

ويل نه پائيا پنڊتي جي هووي ليک پراڻ،
وکت نه پائيو قاديا جي لکن ليک قراڻ.
ٿت وار نا جوگي ڄاڻي رت ماهه نا ڪوئي،
جا ڪرتا سرٺي کؤ ساجي آپي ڄاڻي سوئي.
ڪو ڪر آکا ڪو سالاهي ڪؤ ورني ڪو ڄاڻا،
نانڪ آکڻ سڀڪو آکي اِڪدو اِڪ سياڻا.
وڏا صاحب وڏي نائي ڪيتا جا ڪا هووي،
نانڪ جيڪو آپؤ ڄاڻي اگي گيا نه سوهي.
پاتالا پاتال لک آگاسا آگاس.

اوڙک اوڙک ڀال ٿڪي ويد ڪهن اِک وات،
سهس اٺاره ڪهن ڪتيبا اصلو اِک ڌات.
ليکا هوءِ ته لکيئي ليکي هوءِ وڻاس،
نانڪ وڏا آکيئي آپي ڄاڻي آپ.
سالاهي سالاهه ايتي سرت نه پائيا،
نديا اتي واهه پوهه سمنڊ نه ڄاڻيئهه.

( جپجي، ۴-٥ )

## گرنٿن شاسترن کان پري

ويد ۽ پراڻ اُن پرماتما جي مهما ڪن ٿا ۽ گڻ ڳائين ٿا. اليڪ ودوان ۽ گياني شاسترن جو اڀياس ڪري، سندس نام جي واکاڻ ۽ وياکيا ڪن ٿا. اندر ۽ برهما، ڪرشن ۽ سندس گوپيون، شو، سِڌ ۽ گوتم ٻڌ، ان پرڀوءَ ۽ سندس حڪم جو ورنن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهن. اسنڪ، بيشمار ماڻهو انهي مهما ڪري هليا ويا ۽ اڃا اسنڪ ماڻهو انهي مهما ڪرڻ لاءِ سنسار ۾ ايندا. پر اُن اپر اپار امولڪ پرماتما جو نه ڪوئي پورڻ ملهه ڪٿي سگهيو آهي ۽ نه ڪڏهن ڪو آئيندهه ڪٿي سگهندو. اهو پرماتما من ٻڌيءَ جي پهچ کان پري آهي. هوُ مهان کان مهان آهي. جو ڪجهه آهي، هوُ پاڻ ئي آهي ۽ پنهنجي وڏائي ۽ مهانتا صرف هوُ پاڻ ئي ڄاڻي ٿو.

آکهہ ويد پاٺ پراڻ آکهہ پڙهي ڪرهہ وکياڻ.
آکهہ برمي آکهہ اند آکهہ گوپي تي گووند.
آکهہ ايسر آکهہ سد آکهہ ڪيتي ڪيتي ٻد.
آکهہ دانو آکهہ ديو آکهہ سر نر من جن سيو.
ڪيتي آکهہ آکڻ پاهہ ڪيتي کهہ کهہ اُٺ اُٺ جاهہ.
ايتي ڪيتي هور ڪريهہ تا آکہ نہ سکهہ ڪيئي ڪيئہ.
جيوڊ ڀاوي تيوڊ هوءِ نانڪ جاڻي ساچا سوءِ.
(جپجي، ٦-٥)

## ستگرو سرو سمرٿ آهي

گروُ ئي شبد آهي، گروُ ئي گيان جو روپ آهي. گروُ ئي سڀ کان وڏو ڌرم گرنٿ آهي يا سڀ کان اوچو، اُتم گيان آهي. گروُ سرو وياپڪ آهي. گروُ برهما، وشنوُ ۽ مهيش نهي ديوتائن ۽ ماتا شڪتي ديويءَ کان به وڏو آهي. گروءَ دوارا ئي پرماتما روپي سچ جو پورن ۽ اصل گيان

پراپت ٿئي ٿو. گروءَ دواران ئي هيءَ پڪ ٿئي ٿي ته هڪ پرماتما ئي پرم ستيه آهي، اهوئي سڀ جيون داتا آهي ۽ ان کي ڪڏهن ڪنهن به حالت ۾ وسارڻ نه گهرجي.

گرمک نادن گرمک ويدن گرمک رهيا سمائي،
گر ايسر گر گورک برما گر پاربتي مائي،
جي هئُه جاڻا آکا ناهي کهڻا ڪٿن نه جائي.
گرا اِک ديهه بجهائي،
سڀنا جيئا ڪا اِک داتا سو مئن وسر نه جائي.

(جپجي، ۲)

## ستگروءَ جو اڌڪار

جن سنتن کي اهو پرماتما پاڻ، ڌر کان پروانو ڏيئي مقرر ڪري ٿو، اهي ئي سچا ستگرو آهن ۽ اهي ئي جيون جي رهنمائي ۽ اڳواڻي ڪري ڪمن سڀ مارگ ڏيکارين ٿا. اهي ئي پرماتما جي درگاهه ۾ سولائي سوڀيا پائين ٿا ۽ اهي ئي هتي ۽ اتي، هن لوڪ ۽ پرلوڪ ۾ اصلي ڪرتا ڌرتا آهن.

اهڙا ئي پنچ، گرمک يا سنت سنسار جو پرڪاش آهن. اهي دنيا کان پار ٿي چڪا آهن ۽ سدائين هڪ پرماتما جي ڌيان ۾ مگهن رهن ٿا.

پنچ پرواڻ پنچ پرڌان پنچي پاوهه درگهه مان،
پنچي سوهه در راجان پنچا ڪا گر ايڪ ڌيان.

(جپجي، ۳)

## نام ست آهي

اهو پرماتما به سچو آهي ۽ انجو نام به سچو آهي. اهو پرماتما يا انجو نام پريم جو روپ آهي. اهو پريو يا سنڌس نام ساريه پران آڌار رچنا جي جان آهي. هوءَ هر وستوءَ

جي هستيءَ جو سار آهي. هوُ جيون داتا آهي، رچنا کي پراڻ يا زندگي ڏيڻ وارو آهي. سڀ جيو سندس در جا ڀيکاري آهن. جڏهن ساريءَ رچنا جو آڌار، مالڪ ۽ داتا اهو پرڀو پاڻ آهي ۽ اسانجي زندگيءَ سميت جيڪي ڪجهه به آهي، سو ان پرڀوءَ جو آهي ته پوءِ اسين ڪيئن ڪهڙي ڀيٽا ڏيئي ٿا سگهون ۽ ڪيئن ڪهڙي چيز ارپڻ ڪري ٿا سگهون؟ اسين مک مان ڇا ٻوليون، ڪهڙا ڳڻانواد ڳايون جنهن ٻڌڻ سان ان پرماتما جو پريم پيار اُلهن ٿئي؟ اسانکي ضرورت ته ان ڳالهه جي آهي ته اسين صبح سويري، امرت ويلي، ان سچي پرڀوءَ جي سچي نام سان لنوَ لڳايون. اهڙي طرح ان سدا بخشڻهار ۽ سدا مهربان پرڀوءَ جي ڪرپا سان آواگون جو چڪر ختم ٿي ويندو، سچي مڪتي حاصل ٿيندي ۽ ان پرم پتا پرماتما سان ميلاپ ٿي ويندو:

ساچا صاحب ساچ ناءِ ڀاکيا ڀاءُ اپار،
آکهه منگهه ديهه ديهه دات ڪري داتار.

ڦير ڪ اگي رکيئي جت ديسي دربار،
مهوُ ڪ بولڻ بوليئي جت سڻ ڌري پيار.

امرت ويلا سچ ناءُ وڏيائي ويچار،
ڪرمي آوي ڪپڙا ندري موک دوار،
نانڪ ايوي جاڻيئي سڀ آپي سچيار.

(جپجي، ۲)

## شبد جي ٻڌڻ جا ڦل

هتي چئن پوڙين ۾ گروُ صاحب ٻڌهڻ جي اندر ستگروءَ جي بخشيل شبد سان جڙڻ جو ڦل ورڻن ڪري رهيا آهن. پاڻ فرمائن ٿا ته اندر شبد سان جڙڻ مان جيو کي سڌيون، پيرن ۽ ديوتائن جي اوچي اوستا پراپت ٿئي ٿي ۽ ڪيئن پاتال لوڪ، مرت لوڪ ۽ ديو لوڪ جو ۽ انهن کي سهارو

ڏيندڙ شڪتيءَ جو گيان ٿئي ٿو. رچنا جا سڀ ڀيد پستڪ وانگر انجي اڳيان کليل ٿين ٿا. هنجا سڀ پاپ ۽ دکه ناس ٿي وڃن ٿا. هُو موت يا ڪال تي جيت پائي ٿو ۽ بنا ڪنهن تڪليف جي موت جي گهاٽي پار ڪري دسوين گليءَ ۾ پهچي ٿو ۽ سندس هردو سدائين الوڪ آنند ۽ پرسنتا سان ڀريل رهي ٿو.

شبد سان جڙڻ ڪري سادڪ کي رڌيون سڌيون ۽ ازغيبي شڪتيون پراپت ٿين ٿيون ۽ هُو انتر درشتيءَ ذريعي آتم گيان جو يا پاڻ کي سڃاڻڻ جو انڀوَ به ڪري ٿو. کيس سڀني گرنٿن شاسترن جو سڄو ڀيد معلوم ٿئي ٿو. شبد سان جڙڻ سان يا شبد ٻڌڻ سان هنکي سيل، سنتوش، گيان، سهج اوستا ۽ امر آنند پراپت ٿين ٿا. شبد ۾ ليِن ٿيڻ سان هُو ٻين به ڪيترن گڻن جو مالڪ ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ پريو پراپتيءَ جي قابل بڻجي ٿو.

سڻئي سڌ پير سر ناٿ سڻئي ڌرت ڌول آڪاس،
سڻئي ديپ لوءَ پاتال سڻئي پوهه نه سڪي ڪال،
نانڪ ڀڳتا سدا وڳاس سڻئي دوکه پاپ ڪا ناس.
سڻئي ايسر برما اند سڻئي مکه سالاهڻ مند،
سڻئي جوگ جگت تن ڀيد سڻئي ساست سمرت ويد،
نانڪ ڀڳتا سدا وڳاس سڻئي دوکه پاپ ڪا ناس.
سڻئي* ست سنتوکه گيان سڻئي انٺ ڪا اسنان،

---

* شبد ڌن ٻڌڻ وارو جيو سيلوان ۽ سنتوشي بڻجي پوندو آهي، هنکي پورن گيان پراپت ٿيندو آهي. شبد ڌن ٻڌڻ واري کي انهٺ تيرٿن جي اشنان جو ڦل حاصل ٿيندو آهي ۽ گرنٿن پوٿين جي پاٺ مان ملندڙ عزت ۽ ستڪار به ملي ويندو آهي ۽ هُو ٽنهي گڻن يا ترگڻي مايا مان نڪري سهج اوستا ۾ سمائجي ويندو آهي.

سڻئي پڙ پڙ پاوهه مان سڻئي لاڳي سهج ڌيان،
نانڪ ڀڳتا سدا وگاس سڻئي دوکه پاپ کا ناس.
سڻئي[1] سرا گڻا کي گاهه سڻئي سيخ پير پاتساهه،
سڻئي انڌي پاوهه راهه سڻئي هاٿ هووي اسگاهه،
نانڪ ڀڳتا سدا وگاس سڻئي دوکه پاپ کا ناس.
(جپجي، ٢-٣)

## شبد جي چنتن[2] جا ڦل

شبد يا نام سان اندر جڙڻ ۽ شبد يا نام کي ٻڌڻ جي ڦل جو ورڻن ڪرڻ بعد گروءَ صاحب اُن ساڌڪ جي اوستا جو بيان ڪن ٿا، جو شبد جو لڳاتار، نرنتر ابياس ڪندي شبد ۾ ٿي لين ٿي وڃي ٿو. اهڙو ابياسي اُها اُتڪي اوستا پراپت ڪري ٿو، جنهن جو بيان لفظن ۾ ڪري سگهڻ مشڪل آهي.

---

١. شبد ڌُن ٻڌڻ واري کي پرماتما جي سڀني گڻن جي سوجهي ٿئي ٿي، ڪيس پيرن، شيخن ۽ بادشاهه جي پدوي ملي ٿي. شبد ٻڌڻ سان انڌا ۽ اگياني جيو به پريو پراپتيءَ جي سچي راهه تي هلڻ جي قابل ٿيندا آهن. شبد ٻڌڻ واري کي اٿاهه ۽ اسگاهه يا اگاهه (جنهن جي سوجهي نه پوي) سنسار ساگر جي اصليت جي خبر پوي ٿي.

٢. اُپنشدن ۾ پرمارٿ جي ٽن انگن- سروڻ (ٻڌڻ)، منن (مڃڻ يا هردي ۾ وسائڻ) ۽ نديڌياسن (سماڌيءَ ۾ اندر شبد يا نام روپي سچ سان جڙڻ) جي ڪافي مهما ڪيل آهي. گروءَ صاحب به "سڻئي- منئي" ۽ "پنچ پرواڻ" جي پوڙين ۾ اندران شبد کي ٻڌڻ، شبد جي رنگ ۾ رڱجڻ ۽ پورن سماڌيءَ جي اوستا ۾ شبد ۾ سمائجي، شبد جو روپ ٿي وڃڻ جي مهما ڪن ٿا.

شبد ۾ لڪل لِيءِ واري اڀياسيءَ جي چيتنتا اُڀري وشال ٿئي ٿي، جو سارو برهمانڊ ڪيس ساڪيات ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساري سرشٽي اُنجي درشٽيءَ ۾ اچي وڃي ٿي. شبد جي اڀيد ڀيا الوڪي شڪتيءَ جي سهاري، هو هڪ کان ٻيو روحاني منڊل طئه ڪندو، اڳيان ئـي اڳيان وڌندو رهي ٿو ۽ آخر پرماتما جي اِڄ ڌام سچکنڊ ۾ پهچي وڃي ٿـو، جو سڀ جو آد ۽ انت آهي. جيئن جيئن هو اُتهن اوچن منڊلن ۾ وڃي ٿو، تيئن هنجي درشٽي وشال ٿيندي ٿي وڃي. سندس آتما جا پورب جنمن جا هر پرڪار جي پاپن جا سنسڪار ڌوپي وڃن ٿا ۽ هـو جنم مرڻ جي دکن ۽ آواگون جي بندڻن کان مڪت ٿي وڃي ٿو.

شبد يا نام هر قسم جي مايا وي اثر کان آزاد آهي ۽ ان شبد يا نام ۾ سمائجي ويل منش به هر قسم جي مايا وي ڇل ڀرم کانِ ڇوٽڪارو پائي ٿو. اهڙي طرح شبد جو روپ بڻجي ويل جيو سچي مڪتي پراپت ڪري ٿو ۽ اُن ڀرم پتا پرماتما ۾ سمائجي اُنجو ئي روپ ٿي وڃي ٿو. اهڙو گرمک مهاتما پاڻ به سچي ۽ دائمي مڪتي پراپت ڪري وٺي ٿو ۽ ٻين ڪيترن جيون کي به دائما مڪتيءَ جي سچي مارگ تـي لڳائڻ ۾ سمرٿ ٿئي ٿو.

شبد نه سرو سمرٿ آهي ٿي، پر ڪي ورلا ڀاڳن وارا جيو آهن، جيڪي شبد جيءَ اپار شڪتيءَ جو ڀيد جاڻن ٿا ۽ اُنجي انترمک سادنا مان پورو لاڀ پراپت ڪن ٿا:

مڃيءَ ڪي گت ڪهي نه جاءِ جيڪو ڪهيءَ پڇي پڇتاءِ،
ڪاگد قلم نه لکڻهار مڃيءَ کا ٻهه ڪرن وچار،
ائسا نام نرنجن هوءِ جيڪو من جاڻيءَ من ڪوءِ.
مڃيءَ سرت هووي من بڌ مڃيءَ سگل ڀوڻ کي سڌ،
مڃيءَ مهه چوٽا نا کاءِ مڃيءَ جم ڪي ساٿ نه جاءِ،
ائسا نام نرنجن هوءِ جيڪو من جاڻيءَ من ڪوءِ.

مٿيءَ مارڳ ناڪ نہ پاءِ، مٿيءَ پت سڻ پرگٽ جاءِ،
مٿيءَ مڪ نہ ڇليءَ پنت، مٿيءَ ڌرم سيتي سنبنڌ،
ايسا نام نرنجن هوءِ، جي ڪو من جاڻيءَ من ڪوءِ.

مٿيءَ پاوهہ موڪہ دئار، مٿيءَ پرواريءَ ساڌار،
مٿيءَ ترءِ تاري گر سکہ، مٿيءَ ناڪ ڀوهہ نہ ڀکہ،
ايسا نام نرنجن هوءِ، جي ڪو من جاڻيءَ من ڪوءِ.

(جپجي، ٣)

## اسنڪہ ناو اسنڪہ ٿاو

اُن پرماتما کي ايڪ نالن سان ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ اسنڪہ، بيشمار استانن سان سندس سنبنڌ جوڙيو وڃي ٿو. اسنڪہ، انگنتيا آڪاش، کنڊ برهمنڊ وغيرهہ اُن پرماتما جي سهاري بيٺل آهن. سچ تہ اهو آهي تہ ”اسنڪہ“ لفظ استعمال ڪرڻ سان بہ اُن ڪل مالڪ جي مهانتا جو پوريءَ طرح ورنن، انومان ڪري نہ ٿو سگهجي. اهڙي ڪا ڳڻتي ڪانهي. اسين ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ لفظ ڪم آڻيندا آهيون. اهي لفظ يا شبد تہ اسان کي گيان ڏين ٿا ۽ انهيءَ مهانتا سان تہ اسين پرماتما جا ڳڻ ڳايون ٿا. جيئن ۽ پرماتما جي سنبنڌ جو ورنن بہ لفظن يا اکين دوارا ٿئي ٿو. پر اهو پريو پاڻ انهن لفظن ۽ ڪرمن جي حد کان پار ۽ پري آهي. انهن شبدن يا لفظن ذريعي ئي پورب جنمن جي ڪرمن ۽ انهيءَ ڦل انوسار ۽ سمي ۽ استان جي ڀيدن انوسار اسان ڪرم ڀوميءَ جي واسين جي پرالبڌ لکي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ تہ اسين سمي ۽ استان جي دائري ۾ آهيون ۽ انهن مان پيدا ٿيندڙ ڪرمن جي قانون جي ماتحت بہ آهيون. پر اسانجي پرالبڌ جي ليکن جو وڌاتا، ڪرم سڌانت جو ڪرتا اهو ڪل مالڪ پرم پتا پرماتما، جنهنجي حڪم سان سڀ ڪاروبار هلي ٿو، سو پاڻ ڪرم ڦل، سمي استان

۽ ٻين اکرن سڀني ٻڌن کان پار ۽ پري آهي. اهو گپت پرماتما پنهنجي سرجڻهار، سرو وياپي ۽ سرو سمرٿ شبد يا نام ذريعي پرگهٽ ٿيندو آهي، اهو امر، اجر ڪل مالڪ ڪرتا پرک ۽ الکي اها شبد روپي شڪتي، انساني سمجهه ٻوجهه کان پري ۽ اڪٿ آهي.

اسنک ناو اسنک ٿاو اگم اسنک لوءِ،
اسنک کهه سر ڀار هوءِ.
اکري نام اکري سالاهه اکري گيان گيت گڻ گاهه،
اکري لکڻ ٻولڻ ٻاڻ اکرا سر سنجوگ وکاڻ،
جن ايهه لکي تس سر ناهه جو فرمائي تو تو پاهه.
جيتا ڪيتا تيتا ناءُ وڻ ناوي ناهي ڪو ٿاءُ،
قدرت ڪوڻ ڪها ويچار وارِيا نه جاوا ايڪ وار،
جو تڌ ڀاوي سائي ڀلي ڪار تو سدا سلامت نرنڪار.
(جپجي، ۴)

## اوهه ڏوبي ناوَءِ ڪي رنگ

هٿن پيرن کي ميل يا گندگي لڳي وڃي ته اسين انکي پاڻيءَ سان ڌوئي سگهندا آهيون. سرير کي لڳل گندگي به پاڻيءَ سان ڌوئي سگهندي آهي. ڪپڙا گندا ٿي وڃن ته صابڻ سان صاف ڪيا آهن، پر جڏهن من پاپن جي ميل يا گندگيءَ سان ملين ٿئي ٿو ته صرف نام جو امرت يا نام جو صابڻ ئي انجي مليڻتا کي ڌوئي، انکي نرمل يا پوتر ڪري سگهي ٿو. هيءَ سنسار "ڪرمان سنڌڙا کيت" يعني ڪرمن جو کيت يا ڀومي آهي. هتي هر ڪنهن کي پنهنجي ڪرمن روپي ٻوڪيل ٻج جو فصل لڻڻو پوي ٿو. انيڪ قسمن جا جنم ڄمي، ٻج دان ۽ ٻيرٿن جي ياترا ڪڍهن به نام ابياس يعني اندر وڃي نام روپي تيرٿ ۾ سنان ڪرڻ جي برابر نٿا ٿي سگهن.

جيڪڏهن من ۾ سچو شوق، سچي برهه يا تڙپ پيدا نه ٿي، هردي ۾ شرڌا ۽ ڀروسو يا وشواس پيدا نه ٿيا ۽ اندر ۾ پيار جي ٻوڏي جي باڙ ٻڌتي يا ڀڪي نه ٿي ته پوءِ هر طرح جا ٻاهرمکي ڪرمڪانڊ پاڻي ولوڙڻ جي برابر آهن.

پڙهيءَ هٿ پير تن دهيءِ پاڻي ڌوتيءَ اترس کيهه،
موت پليتي ڪپڙ هوءِ دي صابوڻ لئيئي اهه ڌوءِ.
ڀريئي مت پاپا ڪيءَ سنگ اوهه ڌوپئي ناويءَ ڪيءَ رنگ،
پني پاپي آکڻ ناهه ڪر ڪر ڪرڻا لک ليءِ جاهه،
آپي بيج آپي هي کاهه نانڪ حڪمي آوهه جاهه.
تيرٿ تپ دئيا دت دان جيڪو پاويءَ تل ڪا مان،
سڻيا منيا من ڪيتا ڀاءُ انترگت تيرٿ مل ناءِ.
(جپجي، ۴)

## جيو نربل ۽ بيوس آهي

جيو نربل، محدود بڌيءَ وارو ۽ ننڍو آهي، پر هؤميءَ وس ٿي پاڻ کي تمام وڏو ۽ شڪتي شالي سمجهي ٿو. جيڪڏهن پرالبڌ ۾ لکيل ناهي ته جيو ڪڏهن به ڪا ريکا زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏي، ته به هن جا ارادا، سنڪلپ ۽ جتن ڪڏهن به سڦل نه ٿيندا. اگياني جيو اهو نٿو سوچي سمجهي ته سندس پورب ڪرم ئي سندس چڱيءَ يا بريءَ تقدير جو ڪارڻ آهن. ڪل مالڪ، پرماتما جي دِيا مهر بنا هو ڪڏهن به جنم مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو پائي نٿو سگهي، مڪت ٿي نٿو سگهي.

گرو صاحب اُن دِيالو پرماتما کي ارداس ڪن ٿا ته هي داتار! مون کي اڪيلو نه ڇڏج، ڇاڪاڻ ته منهنجي سر مان ڪجهه به نه آهيان. منهنجي مرضيءَ سان نه مان ڳالهائي سگهان ٿو ۽ نه چپ رهي سگهان ٿو. منهنجي شڪتيءَ سان

مان نه ڪجهه گهري سگهان ٿو ۽ نه ڪجهه ڏيئي سگهان ٿو. مونکي منهنجي شڪتيءَ جي سهاري نه چڙج، ڇاڪاڻ ته پنهنجي سِر مان نه ته، ٿو ڪل مالڪ کي پرارٿنا ٿي ڪري سگهان ٿو ۽ نه پنهنجو پاڻ لوڪي ارپڻ ڪري سگهان ٿو. زندگي ۽ موت منهنجي وس ۾ ڪونهن. پنهنجي مرضيءَ سان مان نه جيئرو رهي سگهان ٿو ۽ نه مري سگهان ٿو، مان نه راجا ٿيڻجي سگهان ٿو ۽ نه بيکاري. پنهنجي سر يا پنهنجي شڪتيءَ سان مان نه پنهنجي آتما کي سڃاڻي سگهان ٿو ۽ نه ٿو پرماتما کي ۽ نڪو پنهنجي جتن سان مان هي مايا وي سنسار ساگر تري يا پار ڪري سگهان ٿو.

گرو صاحب پنهنجي ارداس سماپت ڪندي فرمائين ٿا ته جيڪي ڪجهه ٿيڻو آهي، مالڪ توهانجي ديا مهر سان ٿيڻو آهي. جيڪو مورک اگياني جيو اِئين سمجهي ٿو ته هو پنهنجي ٻل سان ڪجهه ڪري سگهي ٿو، سو ڀلي پنهنجو زور آزمائي ڏسي. سندس ارادا ڪڏهن به پورا ٿي نه سگهندا. سڀ منش ساڳيا آهن، ڪو به پنهنجو پاڻ اُتم يا نيچ ڪونهي، جو ڪجهه آهي سو اُن مالڪ جي هٿي ۾ آهي.

آکڻ جور چپي نهه جور جور نه منگڻ ديڻ نه جور،
جور نه جيوڻ مرڻ نهه جور جور نه راج مال مَن سور.
جور نه سرتي گيان ويچار جور نه جگتي ڇٽي سنسار،
جس هٿ جور ڪر ويکي سوءِ نانڪ اُتم نيچ نه ڪوءِ.
(جپجي، ٧)

## سو در ڪيها سو گهر ڪيها

سو در جو لفظي ارٿ آهي "اهو دروازو" يا "اهو دوار. جيئن گهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪو دروازو هوندو آهي، اهڙيءَ طرح اندروني روحاني منڊل ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ

ڏروازو آهي. جيئن جو روحاني سفر اِهي ڏروازي ۾ داخل ٿيڻ سان شروع ٿيندو آهي ۽ سهڪنڊ ۾ پهچي، اُن ستپرش سان ميلاپ ڪرڻ سان پورو ٿيندو آهي. روحاني منڊل ۾ داخل ٿيڻ جي هن نقطي کي پرمارٿي ٻولي ۾ "ٽين اک" چيو ويو آهي. هندو شاسترن ۾ اِنکي "شو نيتر" ۽ مسلمانن جي پاڪ پستڪن ۾ اِنکي "نقطا - اي - سويدا" يا "ڪارو نقطو" چئي بيان ڪيل آهي. بائيبل ۾ اِنکي "هڪ اک" (Single Eye) چيو ويو آهي. "جيڪڏهن توهان هڪ اک وارو بڻجي پون ته تنهنجو سڄو سرير نور سان ڀرجي ويندو". (مئٿيو، ٢٢-٦).

گرو نانڪ صاحب هن کي "دَر" ڪوٺيو آهي، ڇاڪاڻ ته هن نقطي کان ئي اسانجو اصلي روحاني سفر شروع ٿئي ٿو. هي نقطو سهڪنڊ روپي محل جو مکيه وارو يا پرويشي دوار آهي هن نقطي تي پهچي جيو آتما هيٺين سنسار جو راڳ رنگ ڏسي ٻڌي سگهي ٿي ۽ مٿين طرف به ڏسي سگهي ٿي. هتي پهچي ڪيس هيٺ ۽ مٿي واري سرشٽيءَ جو وراٽ روپ به نظر اچي ٿو. هن نقطي تي پهچڻ تي اليڪ ناد يا شبد وڄندا ٻڌجن ٿا. نه صرف پنج تت ۽ اُنهن مان ٺهيل سرشٽي ئي، پر سڀ ديوي ديوتائون، سڌ سادڪ، اوتار، جتي ستي، رشي منيون ۽ ڪرمن جو حساب رکندڙ ڌرمراج وغيره اُن ڪرتا پرک جي مهما ڪرڻ ۾ لڳل ڏسجن ٿا.

هن اوستا جي پراپتيءَ سان رشين منين واري دويه درشٽي حاصل ٿئي ٿي، جيو انترجامي ٿي پوي ٿو ۽ ڪيس آئيندهه ۾ ايندڙ گهٽنائون، حال ۾ بيتي اُن وقت ۾ ئي صاف صاف نظر اچن ٿيون بيتي ڪيس اُڪتي ڪرڻ جي سامرٿي به پراپت ٿئي ٿي.

هن نقطي تي پهچي، ساري سرشٽي، سڀ چنڊ، سورج، تارا، گرهه، اپگرهه وغيره ملي هڪ گڏيل مڌر سنگيت جي ٽان يا ٽال تي نچندا نظر اچن ٿا. ساري ڪائنات اُن پرماتما جي سرو شڪتيوان حڪم جي ڌاڳي ۾ پوتل ڏسجي ٿي. سڀ کنڊ برهمنڊ اُن ڪرتا سرجڻهار جي حڪم سان ڪم ڪندا ڏسجن ٿا. جيڪي ڪجهه به ٿئي ٿو اُن جي حڪم، ڀاڻي يا رضا انوسار ٿئي ٿو. اُهو پرماتما ساريءَ ڪائنات جو ڪرتا، مالڪ ۽ سڀني شاهن جو شاهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هوءُ سرو وياپڪ، سرو شڪتيوان ۽ ڪرڻ ڪرائڻهار پرتيت ٿئي ٿو. اِئين لڳي ٿو ته جو ڪجهه به آهي، اهو ڀاڻ ئي آهي.

سو در ڪيها سو گهر ڪيها جت بهه سرب سمالي،
واجي ناد انيڪ اسنکا ڪيتي واوڻ هاري.
ڪيتي راڳ پري سيءُ کهيئن ڪيتي گاوڻ هاري،
گاوهه تهنو پئڻ پاڻي بيسنتر گاوي راجا ڌرم دئاري.
گاوهه چت گپت لک جاڻهه لک لک ڌرم ويچاري،
گاوهه ايسر برما ديوي سوهن سدا سواري.
گاوهه اند اندائڻ بيٺي ديوتيا در نالي،
گاوهه سڌ سماڌي اندر گاون ساڌ وچاري.
گاون جتي ستي سنتوکي گاوهه وير ڪراري،
گاون پنڊت پڙن رکيسر جڳ جڳ ويدا نالي.
گاوهه موهڻيا من موهن سرگا مڇ پئيالي،
گاون رتن اُپائي تيري اٺسٺ تيرٿ نالي.
گاوهه جوڌ مهابل سورا گاوهه کاڻي چاري،
گاوهه کنڊ منڊل ورڀنڊا ڪر ڪر رکي ڌاري.
سيئي تڌنو گاوهه جو تڌ ڀاون رتي تيري ڀڳت رسالي،
هور ڪيتي گاون سي مئ چت نه آون نانڪ ڪيا ويچاري.
سوئي سوئي سدا سچ صاحب ساچا ساچي نائي،

هڪ ٻي هوسي جاءِ نه جاسي رچيا جن رچائي.
رنگي رنگي ڀانتي ڪر ڪر جنسي مايا جن اپائي،
ڪر ڪر ويکي ڪيتا اپڻا جو تس دي وڏيائي.
جو تس ڀاوي سوئي ڪرسي حڪم نه ڪرڻا جائي،
سو پاتساهه ساهه پت صاحب نانڪ رهڻ رضائي.
(جپجي، ٦)

## سچکنڊ وسي نرنڪار

اهو نرنڪار ڪل مالڪ پرماتما سڀ کان اوچي روحاني منڊل سچکنڊ جو نواسي آهي. اتي سچکنڊ واسي نرنڪار پرماتما جي ديا درشٽي ٿي جيون، سنديرتا ۽ پرم آنند جو هڪڙو ئي سر چشمو يا ڀنڊار آهي. سڀ کنڊ برهمنڊ، سچکنڊ ۾ سمايل آهن. جيڪي ڪجهه به ٺهيو آهي، سو سڀ اُن نرنڪار، بي انت پرماتما ۽ اُنجي حڪم سان ئي ٺهيو آهي ۽ جو ڪجهه ٿي رهيو آهي، سو سڀ ڪجهه اُنجي حڪم سان ئي ٿي رهيو آهي. اُن ديالو، آنند روپ، بي انت، بيپرواهه پرماتما جي مهما ۽ استتي ڪري سگهڻ ناممڪن آهي.

سچکنڊ وسي نرنڪار ڪر ڪر ويکي ندر نهال،
تٿي کنڊ منڊل ورڀنڊ جي ڪو کٿي ته انت نه انت.
تٿي لوه لوه آڪار جو جو حڪم تيوي تيو ڪار،
ويکي وگسي ڪر ويچار نانڪ ڪٿنا ڪرڙا سار.
(جپجي، ٨)

## پوڻ گرو پاڻي پتا

گرو نانڪ صاحب جپجيءَ جي سماپتي هڪ سلوڪ سان ڪئي آهي، جنهن ۾ ٻاڻ اهو ويچار پرگهٽ ڪيو اٿن ته منش سرير هوا، پاڻي ۽ مٽيءَ مان ٺهيو آهي. گرو صاحب

هوا کي گروءَ ڪوٺيو آهي، ڇاڪاڻ تہ جيئن گروءَ بنا روحاني جيون ناممڪن آهي، تيئن هوا بنا جسماني زندگي بہ ناممڪن آهي. پاڻيءَ کي پتا چيو ويو آهي، جو پاڻي ونسپتيءَ جو پالڻ پوشڻ ڪري ٿو ۽ هريو ڀريو رکي ٿو. ساڳيءَ طرح سڀ ڪجھ پاڻيءَ سان ئي پلجندو ۽ تازو توانو رهندو آهي. ڌرتي ماتا آهي، ڇو جو هوءَ سڀني وستن جو آڌار آهي، ماتا والگر وشال هردي واري آهي ۽ ماتا والگر ئي پالڻ پوشڻ ڪري ٿي. ڏينهن ۽ رات دائيءَ والگر اسانکي پيار سان کيڏائين ٿا ۽ اسانجي زندگيءَ جو پينگهو لوڏين ٿا.

الڪاڻهو گروءَ صاحب جن انسان جي ڪرمن جي مهتو تي زور ڏين ٿا ۽ سنسار کي "ڪرمن سندڙا کيت" يا ڪرمن جي ڀومي يا اکاڙو ڄڻي ظاهر ڪن ٿا ۽ فرمائين ٿا تہ سارو سنسار هن زندگيءَ جي اکاڙي ۾، پينگهي ۾ پيل آهي ۽ ڪرمن جا کيل کيلي ٿو. جيو کي ڪرمن جي قانون انوسار ڌرمراج جي اڳيان پنهنجي ڪرمن جو حساب ڏيڻو پوي ٿو ۽ انجو ڦل ڀوڳڻو پوي ٿو. پر جيڪي جيو پرماتما جو نام ڌيائين ٿا ۽ پنهنجي لنو نام سان جوڙي رکن ٿا، اهي سدائين لاءِ جنم مرڻ جي دکن کان پار ٿي وڃن ٿا. انهنجو پرماتما سان ميلاپ ٿي وڃي ٿو ۽ هوءَ اُن اوري آنند جو ئي روپ ٿي وڃن ٿا. اهڙا سچا گرمک ڀڳت نہ صرف پاڻ ئي مڪت ٿين ٿا، پر سندن سنگت صحبت ۾ اچڻ وارا ٻيا انيڪ جيو بہ سهڄي مڪتي پراپت ڪن ٿا.

پوڻ گروءَ پاڻي پتا ماتا ڌرت مهت،
دوس راتہ دہ دائي دائيا کيلي سڪل جڳت.

چنگيائيان برائيان واچي ڌرم حدور،
ڪرمي آپو آپڻي ڪي نيڙي ڪي دور.

جني نام ڌيائنا ڪٽي مشقت گھال،
نانڪ تي مک اجلي ڪيتي ڇٽي نال.

(جپجي، ٨)

## آسا دي وار

"آسا دي وار" گرو نانڪ صاحب جي پراڀاتي ڪال ڳائڻ واري باڻيءَ جو سنگرهه آهي. پر جيئن عام طور صبح سوير جپجيءَ جو پاٺ هر ڪو اڪيلو ڪندو آهي، اُتي آسا دي وار گڏجي ڳائڻ لاءِ آهي. مُول "وار" وير رس جي وار جي نموني تي ۽ راڳ آسا جي سنگيت جي ڌُن تي رچي وئي آهي. ان جون ٢۴ پؤڙيون آهن، پؤڙين سان گڏ سلوڪ به شامل ڪيل آهن. هنن پؤڙين ۽ سلوڪن هڪ ٻئي جي پٺيان مضمون ۽ وياکيا جي روپ ۾ ڏنل آهن. پؤڙين ۽ سلوڪن جي گڏيل روپ ۾، "آسا دي وار" پوريءَ طرح ڪنهن هڪ وشيه جي وياکيا ڪانه ٿي ڪري ۽ نڪو پؤڙين ۽ سلوڪن جو پاڻ ۾ ڪو انومت سنبنڌ ٿي آهي. تڏهن هوندي به ساري رچنا اهڙيءَ ويچار جي ڌاڳي ۾ پوتل ڏسجي ٿي ته جيو پنهنجي هاڻوڪي ڪريل اوستا کان مٿي اُٿي، اوچي روحاني اوستا ڪيئن ٿو پراپت ڪري سگهي ۽ پرماتما سان ميلاپ لاءِ ڪيئن ٿو تيار ٿي سگهي.

وار جي شروعات ستگروءَ جي مهما ۾ رچيل منگلاچرڻ سان ڪئي وئي آهي. ستگروءَ جي اپار ڪرپا آهي، ڇاڪاڻ ته اُهوئي جيو کي نيچ مان اوچ ڪري پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جي لائق بڻائي سگهي ٿو. جيڪو جيو اهڙيءَ وهم ۾ آهي ته هُو پاڻ ئي اهڙيءَ ڪم ۾ سڦل ٿي سگهي ٿو، سو ڪڏهن به منزل تي پهچي نه سگهندو.

اُن پرم پتا پرماتما هن سرشٽيءَ ۽ اهڙي نيمن جي رچنا ڪئي آهي. هي نيم سچ ۽ نياءَ تي ٻڌل آهن. جيو ڪي

صرف اُن ڪري ٻرڪ ۽ سندس نام جي پوڄا، ڀڳتي يا مهما ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته صرف اُهو پرماتما ئي سچو داتا آهي ۽ فقط اُهو هڪڙو ئي ابناسي، نهچل سچ آهي. اُن الک، اگم پرماتما جي ٿاهه يا سمجهه پائي سگهڻ ناممڪن آهي. اسين ته صرف سندس ڪيل ڪمن لئي اچرج ۽ پرسنتا پرگهٽ ڪري سگهون ٿا، سندس مهما ۽ واکاڻ ڪري سگهون ٿا.

سرشٽيءَ جي هرڪا وستو اُن پرماتما جي ڀؤ ۾ رهي ٿي يعني اُنهي حڪم، ڀاڻي موجب ڪم ڪري ٿي. اُهو پرماتما ئي صرف نرڀؤ آهي، ڇاڪاڻ ته هوُ ئي سڀني بندڻن کان مڪت ۽ آزاد آهي. هوُ ئي صرف اڪال آهي، ڪال ۽ وقت کان پري آهي. وشنوُ ڀڳوان جا اوتار شري رام ۽ شري ڪرشن به پرماتما جي حڪم موجب پنهنجي پنهنجي سمي ۾ آيا ۽ پنهنجي ليلا ڏيکاري هليا ويا. پر هوُ به ڪرمن جي بندڻ ۽ آواگون جي چڪر مان ڇوٽڪارو پائي نه سگهيا.

گروُ صاحب اُپديش ڪن ٿا ته پرماتما جي پراپتي تيرٿن يا سروورن ۾ ٽٻڪڻ سان ڪانه ٿيندي. اها پراپتي سچي ستگروءَ دوارا ٿئي ٿي ۽ ستگروءَ جي شرڻ پرماتما جي ديا مهر سان ملي ٿي. پورڻ ستگرو شش کي شبد جي ڪمائيءَ جو ساڌن سيکاري ٿو، جنهنجي سهائتا سان شش مَن ۽ هؤميءِ کان مٿي اٿي، چوراسيءَ جي چڪر کان مڪتي پراپت ڪري ٿو.

پرماتما پاڻ ئي، ستيه ۽ اَستيه، سچ ۽ ڪوُڙ ٻيا مايا اُپايا آهن ۽ هوُ ئي ديا مهر ڪري ٻنهي جي وچ ۾ ٻرڪ ۽ سڃاڻڻ ۾ اسانجي سهائتا ڪري سگهي ٿو. ڪوبه جيو صرف ڪرمڪانڊ يا ڌارمڪي ڪريائن جي سهاري ڪوُڙ يا مايا کان مٿي اٿي، سچ ۾ لين ٿي نٿو سگهي. مايا کان مڪتي

صرف پرماتما جي ديا مهر سان ئي پراپت ٿي سگهي ٿي. ٻاهرمکي ڪرم ڪانڊ ان ۾ ڪابه سهائتا نٿا ڏيئي سگهن.

پورڻ ستگروءَ جي ديا مهر ۽ سهائتا بنا، پرڀو پراپتيءَ ۾ نه ڪوئي ڪڏهن اڳي سڦل ٿيو آهي ۽ نه ڪڏهن ڪو هينئر يا آئينده ۾ سڦل ٿي سگهندو، ڇاڪاڻ ته پرماتما پاڻ ستگروءَ جي روپ ۾ جيون جي اڌار يا ڪلياڻ لاءِ سنسار ۾ اچي ٿو. هو ئي پرماتما جو عموضي آهي ۽ صرف هو ئي اسانکي شبد سان جوڙي سگهي ٿو، جنهن جي سهاري اسين واپس پرماتما تائين پهچي سگهون ٿا.

هؤمي ئي ساريءَ اگيانتا، پاپن ۽ برائيءَ جي جڙ آهي. هؤمي کي وس ڪرڻ ۽ من کي نرمل ڪرڻ لاءِ نيڪ پاڪ زندگي گذارڻ، ماس، شراب ۽ ٻين نشي وارن شين کان پرهيز ڪرڻ ۽ ستگروءَ کان مليل شبد يا نام جي ڪمائي ڪرڻ لازمي آهي.

ڪيترن ئي گرنٿن پوٿين پڙهڻ مان اسانکي پرڀو پراپتيءَ جو ساڌن يا جڳتي نه ملي سگهندي. ڪوبه ڌرم گرنٿ روحاني اُنتيءَ جي سلسلي ۾ ڪڏهن به ستگروءَ جي جاءِ وٺي نه سگهندو. شبد جي انترمک ساڌنا ڪرڻ بنا خالي ڌرم پستڪن جو پاٺ ڪرڻ سان اُلٽو جيو جي هؤمي وڌي ٿي. اهڙي طرح تيرٿ ياترا ڪرڻ سان به ٻاهرين نيڪيءَ ۽ اوچتا جو اهنڪار پيدا ٿئي ٿو ۽ جپ تپ، گهرٻار جي تياڳ ۽ هٺ يوگ جي ساڌنائن مان به ڪو لاڀ ڪونه ٿو پراپت ٿئي، ڇاڪاڻ ته من تي چڙهيل هؤمي جي ميل صرف شبد يا نام جي ڪمائيءَ سان ئي لهندي آهي. جڏهن شبد جي اڀياس سان هردو نرمل ٿئي ٿو ته جيو کي سڀ ۾ هڪ ئي پرماتما جو نور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پوءِ هن جي هردي ۾ سنسار جي سڀني پراڻين لاءِ پيار ۽ ڪرڻا پرجي وڃن ٿا.

هينئر ڪلجڳ جو زور آهي. هن جڳ ۾ سڀني ماڻهن جي سر لي ڪام، لوڀ، موهه وغيره وشيه وڪارن روپي ڀوت سوار آهن. اسانجا ودوان سچيءَ وديا کان محروم آهن، ڀڳتا سچيءَ سورويرتا کان خالي آهي. پر اهو سرب پرماتما سڀني جي گهٽ گهٽ جي ڳالهه ڄاڻي ٿو ۽ آخر هر ڪنهن کي پنهنجي ڪيل ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻو ٿي پوي ٿو.

عام طور دک دوا ۽ سک روڳ بڻجي پوندو آهي. دک اسانجي روڳن جو دارون ٿي پوندو آهي، ڇاڪاڻ ته دک ۾ اسانجو ڌيان پرماتما جي طرف ويندو آهي. پر عيش عشرت جي وقت ۾ من پرماتما کي وساري ويهندو آهي. ڪلجڳ ۾ پاپن، دکن ۽ ڪمزورين کان ڇوٽڪارو پائڻ جو صرف هڪڙو ئي اپاءُ آهي ۽ اهو آهي پورن ستگروءَ جي شرن وٺڻ. ستگروءَ جو بخشيل نام سڀني دکن جي دوا آهي.

سرب روگ کا اوکد نام. (سري آد گرنٿ، م ۵-۲۷۴)

ٻاهرئين بيک يا ڏيک ويک لي ڀلجڻ ڀٽڪڻ نه گهرجي. سيمل جو وڻ ڏسڻ ۾ سندر، شاندار، ڊگهو ۽ موٽو هوندو آهي، پر نه اُن جا ڦل ڪنهن به ڪم ۾ ايندا آهن ۽ نه گل ۽ ڦل. سيمل اڪڙ ۾ پنهنجو سر اوچو رکندو آهي، پر اُن جي برعڪس ڦلدار درخت جو رخ هميشه ڌرتيءَ طرف جهڪيل هوندو آهي. سچيءَ روحانيت جو ٻاهرمکي ڏيکاو يا مظاهري سان ڪو به سنٻنڌ ڪونهي. مٿي لي ڪنٽسر جو ٽلڪ لڳائڻ ۽ طوطن وانگر گرنٿن شاسترن جا پاٺ جاپ ڪرڻ جو ڪو به لاڀ ڪونهي. هندو جنتي کي پوتر مڃين ٿا، پر اهو سندن زندگيءَ ۾ ميرو گندو ٿي ٽٽي پوي ٿو يا سندن مرڻ لي باهه ۾ جلي وڃي ٿو. ڪنهن کان ڇو نه ديا، سنتوش، سچ ۽ سنجم جو جنيو پائجي، جو هن لوڪ ۽ پرلوڪ ٻنهي ۾ سهائڪ ٿئي؟

گروُ صاحب اُپديش ڪن ٿا تہ جيڪي منش بي ايماني، هيرا ڦيري يا ڇل ڪپٽ سان ڌن ڪمائين ٿا ۽ انهيءَ جو ڪجهہ حصو پنهنجي پترن جي نمت دان وغيرہ ۾ خرچين ٿا، اُنهن کي ۽ سندن پترن کي چوريءَ جي مال مان دان ڪرڻ لاءِ جوابدار ٺهرايو ويندو ۽ اهڙي ڌن مان پوڄا ڪرائڻ ۽ دکشنا وٺندڙن پنڊتن ۽ پروهتن کي بہ سزا ڀوڳڻي پوندي.

ٻاهرمکي پوڄا صرف ڏيکاءُ آهي. سچي پوڄا هردي جي هوندي آهي. جيسين من، وچن ۽ ڪرم يا ويچار، واڻيءَ ۽ ڪارج ۾ نرملتا نٿي اچي، تيسين ٻاهرين پوڄا وئرٿ آهي.

گروُ صاحب اُپديش ڪن ٿا تہ استري ذات جي نندا ڪرڻ يا اُنکي نيچ سمجهڻ ٺيڪ ناهي. پرشن ۽ استرين جو جنم هڪ ئي طرح ٿئي ٿو. راجائن مهاراجائن ۽ مهاپرشن کي جنم ڏيڻ واري ناريءَ جي نندا يا گهٽتائي ڇو ڪرڻ گهرجي؟ دنيا ۾ ڪو اهڙو جيو آهي جو ماتا جي پيٽ مان نہ ڄائو هجي؟ پوءِ ناريءَ جي نندا ڪجي تہ ڇا لاءِ ڪجي؟

سچ پچ تہ ڪنهنجي بہ نندا نہ ڪرڻ گهرجي. نندڪ جو تير سندس پنهنجي ئي تن من کي گهائل ڪري ٿو ۽ سندس ئي اندر ۾ زهر ڦهلائي ٿو. نندڪ سان سڀ نفرت ڪن ٿا ۽ کيس دشٽ سمجهي ڌڪارين ٿا.

جيڪو اندران جوٺو ۽ گندو آهي، سو ڀلي پنهنجي چترائيءَ سان مان وڏائي پراپت ڪري وٺي، پر اُهو پاکنڊي سچي وڏائيءَ جو حقدار ناهي. هڪ نيڪ ۽ اُدار دل وارو ڪنگال اهڙي ڪوڙي پاکنڊيءَ کان لکہ درجا بهتر آهي جو ٻاهران اوچ ۽ اندران نيچ آهي.

اسانکي گهرجي تہ پورن ستگروءَ جي وڏائي، واکاڻ ڪريون ۽ جس ڳايون، جو پرم پرش آهي ۽ وڏي کان وڏو آهي، ڇاڪاڻ تہ هوُ ئي اسانکي سچ جي راهہ ڏيکاري

ٿو، هوُ ٿي اسانجي اندر مانُ بڻائي ڪڍي ٿو ۽ هوُ ٿي اسانکي پرماتما سان ملڻ جي يوڳيه بڻائي ٿو.

هيٺ ڏنل چوند ٽڪرا آسا دي وار جي پاونا ۽ سمپورڻ سروپ جي ترجماني ڪن ٿا:

## نانڪ گرو نه چيتني

کيت ۾ بوناڙ جا پوُدا بلڪل ترن وانگر هوندا آهن، پر انهن ۾ اندر تر ڪونه هوندا آهن يا سڙي ويل هوندا آهن. هاري ترن جي ڪٽائيءَ وقت بوناڙ کي کيت ۾ ئي ڇڏي ڏيندو آهي. جيڪي منش پاڻ کي پڌ ڌمان سمجهن ٿا ۽ ستگروءَ جي مت تي نٿا هلن، سي به بوناڙ جي پوُدن سمان آهن. جيتوڻيڪ ٻاهران هوُ ڀلي ٺاهڪي لڳندا هجن، پر حقيقت ۾ انهن کي آشا ترشنا ۽ دپ وغيره لڳا پيا هوندا آهن. هوُ ٻاهران هريا ڀريا، قليل قوليل ۽ سڌساري آنجي ڪيل نظر ايندا آهن، پر اندران بوناڙ وانگر سڪل ۽ سڙيل هوندا آهن.

نانڪ گرُوءَ نه چيتني مَن آپڻي سچيت،
ڇٽي تل بوناڙ جئن سڃي اندر کيت.
کيتي اندر ڇٽا* ڪهه نانڪ سئه ناهه،
ڦليئه ڦليئه بپڙي ڀي تن وچ سُناهه.
(آسا، م ۱ - ۴۶۳)

## لکين نيڪيون ۽ چڱايون

جيو جون لکين نيڪيون ۽ چڱايون ڪيس جنم مرڻ جي چڪر کان ڇڏائي يا مڪت ڪرائي نٿيون سگهن. ايڪ قسمن جا جپ تپ، ايڪ تيرٿن جي ياترا، ايڪ ويرتا جا ڪم ۽ رڻ ڀوميءَ ۾ جان جون قربانيون ۽ انيڪ گرنٿن پوٿين

* ڇڏيل، ٺاهڪيل.

جا پاٺ ۽ واچڪ گيان چوراسيءَ جي چڪر کان ڇڏائي نٿا سگهن. اُن ڪل مالڪ پرماتما جي نظر ۾ اهي سڀ ڌرم ڪرم وِئرٿ آهن. جڏهن ڪي هُو چاهي ٿو، تڏهن ڪي پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان سچي گيان جي ڏات بخشي ٿو. پر اهو سچو پريو پنهنجي ديا مهر سدائين ستگروءَ جي دوارا ئي وسائي ٿو. اگياني جيو هن ڳالهه کي نٿا ڄاڻن. هُو ان ڀرم جو شڪار آهن ته اسين خود ئي سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا. اهڙا اهنڪاري جيو ڪڏهن به ڪناري لڳي نه سگهندا.

ودوان پنهنجي وديا ۽ واچڪ گيان جي اهنڪار ۾ ڀرم ۾ ڦليل رهي ٿو، پر اهو نٿو ڄاڻي ته گرنٿن ۽ پوٿين جي پاٺ جو، مالڪ جي درگاهه ۾ ڪوبه مله ڪونهي. چاهي ڪوئي ڀلي پڙهي پڙهي، پوٿين گرنٿن جون گاڏيون ۽ جهاز ڀري ڇڏي ۽ مهينن جا مهينا، سالن جا سال بلڪ ساري عمر ۽ سواس سواس يا دم دم سان پڙهندو رهي، ته به انکي ڪو روحاني لاڀ نه ملي سگهندو. صرف هڪ ئي ڳالهه، ستگروءَ لاءِ پريم پيار ۽ شبد يا نام جي ڪمائي، انت سمي ليکي لڳندي ۽ ساٿ ڏيندي، باقي سڀ ٻاهرمکي ڪريا ڪرم جهڙوڪ پوڄا پاٺ، واچڪ گيان وغيره اجايا ۽ بي فائدي آهن. اهي من جي مليڻتا ڌوئڻ بجاءِ الٽي پاڻ وڌيڪ گندو ڪن ٿا. تياڳي ۽ ويراڳي بک مري پنهنجي زبان جو سواد به وڃائي ٿا وهن ۽ دکي ٿين ٿا. تيرٿ ياترا ڪرڻ وارا پنهنجي پوترتا جو ڍنڍورو پٽين ٿا. دنيادارن ۽ منمکن جي سنگت ڪري پڇتائڻو پوي ٿو، مؤن ڌارڻ سان جيون وئرٿ هليو وڃي ٿو. ڀرم ۾ ڦليل جيو ستگروءَ جي ديا مهر بنا پنهنجي اگيان روپي ننڊ مان ڪيئن ٿو سجاڳ ٿي سگهي؟ هٺي تپي، تياڳي ويراڳي، سنسان جهنگلن ۽ شمشان ڀوميءَ ۾ رهڻ وارا، ديهيءَ کي بيڪار دک ڏيڻ وارا

يعني اُگهاڙي پيرين گهمڻ وارا، مٿي تي ڌوڙ لڳائڻ وارا ۽ صحت لاءِ تصلڪار ڪاڏو ڪاڻ وارا وغيره، منش انڌا اگياني آهن، جو ڪين خبر ناهي ته پرماتما جي سچي نام يا شبد جي ڪمائيءَ بنا، ڪنهن به ٻئي هٺ ڪرم وغيره جو ڪوبه لاڀ ڪونهي. ستگروءَ کان سچ جي گيان ملڻ تي ئي منش کي سچي شانتي پراپت ٿئي ٿي.

گروُ صاحب فرمائين ٿا ته جيو جي وس ۾ ڪجهه به ڪونهي. جڏهن تي اهو ڪل مالڪ پاڻ ديا مهر ڪري ٿو، اُنکي تي پريو پراپتيءَ جو سوڀاڳيه ملي ٿو ۽ اُهو شبد جي ڪمائيءَ سان آشا ترشنا کان آجو ٿي، هؤمي کي جيتي، سدا لاءِ مکت ٿي وڃي ٿو.

لک ليکيئان چنگائيئان لک پنا پرواڻ،
لک لپ اُپر ليرتا سهج جوگ بيباڻ.
لک سوڌڻ سنگرام رڻ مهن ڇٽهه پراڻ،
لک سرتي لک گيان ڌيان پڙهيئهه پاٿ پراڻ.
جن ڪرتي ڪرتا ڪيئا لکيا آوڻ جاڻ،
نانک مٿي مٿيا ڪرم سچا نيساڻ.
سچا صاحب ايڪ تون جن سچو سچ ورتائيا،
جس تون ڏيهه تس ملي سچ تا تنهي سچ ڪمائيا.
ستگر ملئي سچ پائيا جنهه ڪي هردي سچ وسائيا،
مورک سچ نه جاڻنهي منمکي جنم گوائيا،
وچ دنيا ڪاهي آئيا.

پڙ پڙ گڏي لديئهه پڙ پڙ ڀريئهه ساٿ،
پڙ پڙ ٻيڙي پائيئي پڙ پڙ گڏيئهه کات.
پڙيئهه جيتي برس برس پڙيئهه جيتي ماس،
پڙيئي جيتي آرجا پڙيئهه جيتي ساس،
نانک ليکي اڪ ڳل هور هؤمي جهکڻا جهاک.
(آسا، م ۱-۴۶۷)

لکه لکه پڙهيا ليکا ڪڙيا[1]،
بهه امرت پوڻا ليتو[2] لوڻا؛
بهه پيکه کيتا ديهي دکه ديتا،
سهه وي جيتا اپدا کيتا.

آن نه کاڻتا ساد گواڻتا،
بهه دکه پاڻتا دوجا پاڻتا؛
بستر نه پهري اهدس[3] کهڙي،
مون وگوتا کته جاگي گربن سوتا.

پگه[4] اپيناڻا اپدا کيتا کماڻا،
ال مل[5] کائي سر[6] چائي پائي؛
مورکه اندي پت گوائي،
وڻ ناوي کيچ ٿاءِ نه پائي.

رهيم بيباڻي مڙي مساڻي،
الله نه جاڻي ٿر پڇتاڻي؛
ستگر پيٽي سو سکه پائي،
هر کا نام من وسائي.

نانک ندري کري سو پائي،
آس[7] اندهسي ني نهه کيول، هؤمي سبد جلائي.
(آسادي وار، م ١-٤٦٧)

---

١. ڪروڙي سپاءِ ٿي ويو. ٢. ٻوليو ورو پٽ لڳو.
٣. ڏينهن رات، بدا وسترن ۾ بستري جي، سرديءَ ۾ لڳي ٿيو. ٤. اڳهاڙي پيراسن رهيو.
٥. گندو مندو ڪاڌو ڪاڌو. ٦. سر ۾ رک وڌي.
٧. آشا ۽ اراشا ڪان پري رهي شبد جي ڪمائيءَ سان هؤمي جي مليدتا کي جلايو.

## ڪُوڙ سڀ سنسار

سنسار جا سڀ رشتا ناتا ۽ پدارٿ جُڙنا ۽ ڪُوڙا آهن. راڄا ۽ پرجا ڪُوڙ آهن، محل ماڙيون ۽ اُهي ۾ رهندڙ ڪُوڙ آهن، سنسار جو سمورو ڌن پدارٿ ڪُوڙ آهي، سڱ، سونهن، سهڻا وستر ۽ سڀ هار سينگار جُڙنا آهن. سنسار جا سڀ سنٻنڌ مايا روپي ڇل آهن. ٻنهي ڌرين جو رشتو به سچو ۽ دائمي ناهي، اهو به ڪچو ۽ عارضي آهي. ڪهڙي نه ارمان جي ڳالهه آهي جو ڪوڙا ڪوڙن سان پيار پائي ويٺا آهن ۽ ان سچي ڪل مالڪ، ڪرتار، پرماتما کي ۽ سندس نام کي ڀلائي ويٺا آهن. پرماتما جو سچو نام صرف سچي هردي ۾ ئي پرگهٽ ٿئي ٿو. اهو نام ئي آتمڪ گيان جي سچي جڳتي آهي. هيءُ نام ئي پاپن جي گندگيءَ کي ڌوئڻ وارو ۽ سچو مڪتي داتا آهي.

اِهو صحيح آهي ته ڏسڻ ۾ ايندڙ سنسار جُڙتو ۽ چلائمان آهي، فاني آهي، پر اُن نراڪار، ادرشٽ يا ڏسڻ ۾ نه ايندڙ پرڀوءَ سان ۽ سندس نام سان ڪيئن پيار ڪجي؟ گُرُو صاحب جواب ڏين ٿا ته اهو پرماتما ۽ سندس نام اوس سچو آهي. پر اهو نراڪار پرماتما اکين سان ڏسڻ ۾ نٿو اچي. تنهنڪري ان گپت پرماتما، نرگڻ پرڀوءَ جو پرگهٽ ۽ سرگڻ روپ، پورو ستگرو ئي اسان جي پيار جو سچو اڌڪاري آهي. سنسار جا مت مائٽ ته جيئري ئي ساٿ ڇڏيو وڃن، پر سچو ستگرو موت کانپوءِ به نٿو ڇڏي ۽ ساٿ نباهي ٿو. گرُو صاحب پرارٿنا ڪن ٿا ته موکي ستگروءَ جي چرڻ ڌوڙ* ملي وڃي ته اُنجو تلڪ پنهنجي متي تي

* هتي ستگروءَ جي نوري سروپ ڏانهن اِشارو آهي. اُنهيءَ اندروني پرڪاش کي پرمارٿي ٻوليءَ ۾ ستگروءَ جي "چرڻ ڌوڙ" چيو ويندو آهي.

لڳايائن. پر اهو سڀ ڀاڳين تڏهن نصيب ٿيندو آهي، جڏهن ان ڪل مالڪ ڌر ڪرمن ۾ لکيو هجي، نہ تہ نہ تہ لڄ ٻڏيءَ وارو مڌش ٽوريءَ گهٽي ڪيل شيوا جو ڦل بہ ڪوهي وهي ٿو.

ڪُوڙ راڄا ڪُوڙ پرجا ڪُوڙ سڀ سنسار،
ڪُوڙ منڊپ ڪُوڙ ماڙي ڪُوڙ بہٺڻهار.
ڪُوڙ سُنا ڪُوڙ رُپا ڪُوڙ پهنڻهار،
ڪُوڙ ڪانيا ڪُوڙ ڪپڙ ڪُوڙ روپ اپار.
ڪُوڙ ميٺا ڪُوڙ ٻيٺي ڪب هوئي خوار،
ڪُوڙ ڪُوڙيءَ نيهہ لڳا وسريا ڪرتار.
ڪس نال ڪيجي دوستي،
سڀ جڳ چلڻهار.

ڪُوڙ مٺا ڪُوڙ ماکي ڪُوڙ ڏوبي پُور،
نانڪ وکاڻي بينتي تڌ ٻاجهہ ڪُوڙو ڪُوڙ.

سچ تا پر جاڻيئي جا رديءَ سچا هوءِ،
ڪُوڙ ڪي مل اُتريءَ ڌن ڪري هڇا ڌوءِ.

سچ تا پر جاڻيئي جا سچ ڌري پيار،
ناءِ سڻ من رهسيئي تا پائي موک دُئار.

سچ تا پر جاڻيئي جا جڳت جاڻي جيءُ،
ڌرت ڪانيا ساڌ ڪيءَ وچ ديئہ ڪرتا بيءُ.

سچ تا پر جاڻيئي جا سکہ سچي ليئہ،
دئيا جاڻي جيئہ ڪي ڪڇ پن دان ڪريئہ.

سچ تا پر جاڻيئي جا آتم تيرٿ ڪري نواس،
ستگرو نو پڇ ڪيءَ ٻهہ رهيءَ ڪري نواس.

سچ سڀنا هوءِ ڌارُو پاپ ڪڍيءَ ڌوءِ،
نانڪ وکاڻي بينتي جن سچ پلي هوءِ.

دان مهندا تلي خاڪ جي ملي ۽ مستڪ لائيندي،
ڪوڙ لالچ ڇڏيندي هڪ ئي اڪ من الک ڏٺائيندي.
ڦل ليوهو پائيندي جيوهي ڪار ڪمائيندي،
جي هووي پورب لکيا تا ڏوڙ لدا دي پائيندي،
مت ٿوڙي سيو گوائيندي.

(آسا دي وار، م ١ - ٤٦٨)

## ديا مهر ڇا آهي؟

عام ماڻهو ڌن دولت، عيش عشرت، سٺي صحت ۽ مان وڏائي جي پراپتي کي ئي پرماتما جي ديا مهر سمجهن ٿا. گروُ نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته سڀي ديا مهر آها آهي، جڏهن سان من ان پرماتما جي طرف لڳي، ان جي ياد ۾ جاڳي ۽ جيو جو ان پياري پريتم سان ميلاپ ٿي وڃي. گروُ صاحب الهي درشٽي کان پرماتما جي ياد ڀلائڻ واري سک کي دک ۽ پرماتما جي ياد ڏيارڻ واري دک کي سک ڪري مڃين ٿا. پريوءَ کان وڇڙڻ ۽ پريوءَ کي وسارڻ ئي سڀني دکن جو مول آهي. انهيءَ ڪري ان پريوءَ جي ياد ڏيارڻ وارو دک سڀني دکن جي يا روڳن جي اوشڌي يعني علاج آهي.

گروُ صاحب ان پرماتما کي "ڪرتا"، "قدرت ۾ وسيل" ۽ "اڪل ڪلا ڀرپور" چئي، سندس مهما ڪئي آهي. پاڻ فرمائين ٿا ته اهو الک، اڳم پرماتما بي انت ۽ اٿاهه آهي، اهو سڀ آهي، سرو وياپڪ آهي ۽ سندس پرڪاش سڀ ۾ سمايل آهي. اهو ڪرتا پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي ۽ جيئن کيس وڻي ٿو تيئن ڪري ٿو. اهو ستگرو ڌن آهي، جو من کي وس ڪرڻ ۽ ان بي انت پريوءَ سان ميلاپ ڪرڻ جو سچو گيان ڏئي ٿو.

گروُ صاحب فرمائين ٿا ته صرف ڪتابي علم يا واچڪ گيان جي آڌار تي ڪنهن جي مهانتا پرکي نٿي سگهجي.

اصلي مهانتا، مهان ڪرم ڪرڻ ۾ آهي. پڙهيل لکيل پاپيءَ کي به پنهجي ڪرمن جي سزا خود ڀوڳڻي پوندي ۽ انهي عيوض ڪنهن اڻ پڙهيل ساڌوءَ کي قربانيءَ جو ٻڪرو نه ڪٽيو ويندو. ان مالڪ جي درگاهه ۾ جيون جي ڪيل ڪرمن لاءِ ئي ليکو ٿيندو آهي. مالڪ جي درگاهه ۾ پڙهيلن ۽ اڻ پڙهيلن جي وديا يا اوديا نه جاچي ويندي آهي، پر سندن ويچار ۽ ڪرڻي جاچي ويندي آهي. گروءَ صاحب اسانکي سچيت ۽ ساوڌان ڪن ٿا ته جڏهن هر ڪنهنکي ڪيل ڪرمن جي سزا ڀوڳڻي آهي ته پوءِ اهڙا ڪرم ئي ڇو ڪرڻ گهرجن، جن ڪارڻ درگاهه ۾ بازي هارڻي پوي؟ پاڻ چتاوڻي ڏين ٿا ته جيڪي جيو من جي چوڻ تي لڳي گمراهه ٿين ٿا يا ڪمارگ تي وڃن ٿا ۽ صحيح مارگ تي هلڻ جي ڪوشش نٿا ڪن، اهي آخر ۾ خراب خوار ٿين ٿا ۽ پڇتائين ٿا.

دکه دارو سکه روگ ڀئيا جا سکه تام نه هوئي،
تو 'ڪرتا' ڪرڻا مئه ناهي جا هئه ڪري نه هوئي.

ٻلهاري 'قدرت وسيا' تيرا انت نه جائي لکيا،
جات مهه جوت، جوت مهه جاتا 'اڪل ڪلا ڀرپور' رهيا.

تون سچا صاحب صفت سئالڻ جن ڪيتي سو پار پئيا،
ڪهه نانڪ ڪرتي ڪيا باتا جو ڪڇ ڪرڻا سو ڪر رهيا.

ڪيتي ٻڌا جل رهئي جل بن ڪڏب نه هوءِ،
گنان هڪا ٻڌا من رهئي گر بن گنان نه هوءِ.

ٻڙتا هوويءِ گنهگار تا اومي ساٿ نه مارئيءِ،
جيها ڪهالڻا تيويهو ناءُ پڪارئيءِ.
السي ڪلا نه ڪيڊئيءِ جت درگهه گڻتا هارئيءِ،
ٻڙتا الئي اومڻتا ويچار اگيءِ ويچارئيءِ،
مهه چليءِ سه اگيءِ مارئيءِ. (آسا، م ١-٤٦٩)

## سُوتڪ

گرو صاحب سُوتڪ، ڇوت ڇات يا ٻوٽر اڀوٽر ٿيڻ جي وهم بابت پنهنجي ويچارن سان سڀني کي حيرت ۾ وجهي ٿا ڇڏين. لوڪ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ سُوتڪ ڏسندا آهن ۽ اهو سوچيندا آهن ته انهن سان لڳڻ يا سپرش ڪرڻ ڪري ڀرشٽ يا اڀوٽر ٿي پوندا آهن. جيڪڏهن سُوتڪ جو ويچار صحيح مڃيو وڃي ته هر طرف سُوتڪ ئي سُوتڪ نظر ايندو. ڇيڻي ۽ ڪاٺين جي اندر ڪيڙا آهن، تنهنڪري انهن کي هٿ لڳائڻ يا ٻارڻ سان اڀوٽر ٿي پوندا آهن. اَن جي داڻي ۾ جيو آهن، پاڻيءَ ۾ جان يا جيون آهي، جو ساري وسنديءَ ۽ سڀني وڻن ٽڻن کي هريو ڀريو رکي ٿو. اهڙيءَ طرح سُوتڪ مڃڻ سان ڪاٺيون، ڇيڻا، اَن ۽ پاڻي، ڪجهه به رسوئيءَ ۾ نٿو ورتائي سگهجي. اهڙي قسم جو سُوتڪ ڪنهنکي به پار پهچائي نه سگهندو. گرو صاحب فرمائين ٿا ته صرف شبد يا نام جي ڪمائي يا اَن پرماتما جو سچو گيان ئي هر قسم جي سُوتڪ کي صاف ڪري سگهي ٿو.

هي سُوتڪ صرف ٻاهرين پدارٿن تائين محدود ناهي. لوڀ من کي گندو ڪري ٿو ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ پرائي نندا ڪرڻ سان زبان اڀوٽر ٿئي ٿي. پرائي ڌن ۽ پرائي استريءَ جي روپ کي بري نظر سان ڏسڻ ڪري اکيون گنديون ٿين ٿيون ۽ پرائي نندا ۽ چغلي ٻڌڻ سان ڪن گندا ٿين ٿا. هن قسم جي مليڻتا جو شڪار ٿيندڙ جيو، ٻاهران ڀلي هنسن وانگر ڪيترا به سهڻا ڇو نه نظر اچن، پر اهي اوس نرڪن ۾ ويندا. هر قسم جي گندگيءَ ۽ اڀوٽرتا جو ڪارڻ ڀرم يا اگيانتا آهي، جنهنڪري جيو هڪ پرماتما کي ڇڏي، سنسار جي ٻين وستن سان پيار ڪري ٿو. هر طرح جي مليڻتا کان ڇوٽڪارو چاهيندڙن کي گهرجي ته پوري ستگروءَ جي

تلاش ڪن، ڇاڪاڻ ته جيڪي پوري ستگروءَ جي مت تي، گرمت تي هلن ٿا، تن جا سڀئي سُوتڪ دور ٿي وڃن ٿا. ستگرو مهان آهي ۽ مهانتا يوگيه آهي. جڏهن به جيو جي سر تي هؤُ پنهنجو ديا مهر پراڻ ۽ سمرت هٿ رکي ٿو، اُنجي اندر مان ساري غلاظت ۽ مليڻتا نڪري وڃي ٿي. پيو ته ڇڏيو پر ستگرو ته ڪرپا ڪري اسانجو پرماتما سان ميلاپ به ڪرائي ٿو ڇڏي ۽ اُنکي هميشه لاءِ اسانجي اندر ۾ وسائي ٿو ڇڏي. جڏهن ستگروءَ جي ڪرپا ٻاجهه ٿئي ٿي ته پنهنجي اندر ئي سڀ کان اوچي سچي دؤلت ملي وڃي ٿي.

جيڪر سُوتڪ منيئي سڀ تي سُوتڪ هوءِ،
گوهي الي لڪڙي اندر ڪيڙا هوءِ.
جيتي داڻي اَن ڪي جيئان باجهه نه ڪوءِ،
پهلا پاڻي جيئه هئه جت هريا سڀ ڪوءِ.
سُوتڪ ڪئه ڪر رکيئي سُوتڪ پوي رسوءِ،
نانڪ سُوتڪ ايوَ نه اُتري گيان اُتاري ڌوءِ.
من ڪا سُوتڪ لوڀ هئه جهوا سُوتڪ ڪُوڙ،
اکي سُوتڪ ويکڻا پرتريءَ پردن روپ.
ڪني سُوتڪ ڪن پئه لائتباري کاهه،
نانڪ هنسا آدمي ٻڌي جمپر جاهه.
سڀو سُوتڪ ڀرم هئه دوجي لکيءِ جاءِ،
جمڻ مرڻا حڪم هئه ڀاڻئي آوي جاءِ.
کاڻا پيڻا پوتر هئه ڏتون رزق سٻاهه،
نانڪ جني گرمکه ٻجهيا تنهان سُوتڪ ناهه.

(آسا دي وار، م ۱-۴۷۲)

ستگر وڏا ڪر سالاهيئي جس وچ وڏيا وڏائيا،
سهه ميلي تا ندري آئيا جا تس ڀاڻا تا من وسائيا.

ڪر حڪم مستڪ هڪ ڏر وڇڻ مار ڪيئا پرتائيا،
سڀ ٽٽيءَ لو لڌ پائيئا. (آسادي وار، م ١ - ٤٧٣)

## نانڪ ڦڪي بوليان

پرائي نندا ڪرڻ وارو، ٻين کي ٻرو ڪوٺڻ وارو يا ٻين سان ڌوکو يا بي رحميءَ جو وهنوار ڪرڻ وارو هڪ ته پنهنجي ئي من کي گندو ۽ ملين ڪري ٿو ۽ ٻيو نه هو ساري سنسار ۾ بدنام ٿئي ٿو. هو ٻنهي جهانن مان لوڏيو وڃي ٿو. هن لوڪ ۾ هنجي بي عزتي ٿئي ٿي ۽ پرماتما جي درگاهه ۾ هن کي ڌڪا ملن ٿا ۽ پرويش نٿو ملي. اهڙي مورک کي جتي ڪٿي سزا ملي ٿي.

جيڪو منش اندران پاپي آهي پر ٻاهران نيڪ پاڪ هئڻ جي ڏيکاري ڏئي ٿو ۽ اهنڪار ۾ اَڙيو رهي ٿو، اُن جي گندگي اٺهٺ تيرٿن تي سنان ڪرڻ سان به نه ڌوپندي. ان جي برعڪس جيڪي جيو ٻاهران ڏسڻ ۾ ڪٿي وانگر سخت ۽ کهرا لڳن ٿا پر اندران ريشم وانگر ڪومل ۽ پاڪ دامن آهن، اهي ئي صحيح معنيٰ ۾ ڀلا يا نيڪ منش آهن، انهنجي اندر پرماتما جو سچو پيار هوندو آهي ۽ کين سدائين پرماتما سان ملڻ جي تڙپ لڳي رهندي آهي. مالڪ جا اهڙا پيارا، پريمي ڀڳت سدائين پرماتما جي پيار ۾ رهندي، ٻئي ڪنهن جي به پرواهه نه ڪندا آهن ۽ پنهنجي حال ۾ ئي مست رهندا آهن. انهنکي ان پرماتما ۽ سندس نام کانسواءِ ٻي ڪا به اِڇا نه هوندي آهي. هو صرف پرماتما جي در جا ڀيکاري هوندا آهن ۽ جيڪي ڪجهه کين پرماتما پنهنجي موج سان ڏيندو آهي، اُن تي راضي رهندا آهن. اهو پرماتما ئي سڀني جو مالڪ آهي. جو ڪجهه به ٿي رهيو آهي، سو سڀ ڪجهه سندس حڪم جي قلم انوسار ٿي رهيو آهي. اهو مالڪ هر ڪرم جو

حساب گھري ٿو ۽ برا ڪرم ڪندڙ سندس دربار ۾ اڳين پيڙبا آهن، جيئن گھاڻي ۾ تلي ٻج پيڙبا آهن.

سلوڪن کانپوءِ آيل پؤڙيءَ ۾ گروُ صاحب ان سرو وياپڪ ۽ سرو سمرٿ پرماتما جي مهما ڪندي فرمائين ٿا ته ان مالڪ پاڻ ئي سنسار جي رچنا ڪئي آهي ۽ پاڻ ئي انهو آڌار ٽڪيو بيٺو آهي. هوُ پاڻ ئي سرشٽيءَ جي ليلا رچائڻ وارو آهي ۽ پاڻ ئي انهو تماشو ڏسي رهيو آهي. هوُ خود ئي ڪچن ۽ پڪن جي پرک ۽ سنڀال ڪري رهيو آهي. انهي حڪم ۾ ئي جيو پنهنجي واري سان سنسار مان ڪوچ ڪري ٿا وڃن. گروُ صاحب فرمائين ٿا ته مالڪ کي ڪڏهن هڪ پل، هڪ گھڙيءَ لاءِ به پنهنجي من مان وسارڻ نه گھرجي جو اسانجي زندگي ۽ پراڻن جو داتا آهي. هن سنسار ۾ اچي، ان مالڪ جي ڀڳتي ڪري پنهنجو ڪارج سنواري، پنهنجو آڌار ڪري وڃڻ گھرجي.

نانڪ ڦڪي بوليئي تن من ڦڪا هوءِ،
ڦڪو ڦڪا سديئي ڦڪي ڦڪي سوءِ.
ڦڪا درگهہ سٽيئي مهہ ٿڪا ڦڪي پاءِ،
ڦڪا مورک آکيئي پاڻا لهي سزاءِ.
اندرهہ جھوٺي پيج باهر دنيئا اندر فيل،
انسٺ تيرٿ جي ناوهہ اُتري ناهي ميل.
جنهہ پٽ اندر باهر گدڙ تي ڀليم سنسار،
تنهہ نيهہ لگا رب سيتي ديکڻي وچار.
رنگ هسهہ رنگ رووهہ چپ ڀي ڪر جاهہ،
پرواهہ ناهي ڪسيءِ ڪيري باجهہ سچي ناهہ،
در وات اُپر خرچ مڪا جپيءِ ديئي نه کاهہ.
ديبان ايڪو قلم ايڪا هما تمها ميل،
در لئي ليکا پيڙ چٽي نانڪا جيئن تيل.

(آسادي وار، م ١- ٤٧٣)

آپي ھي ڪرتا ڪيتو ڪل آپي ھي ليءِ ڌارڻيءِ،
ديکھہ ڪيتا آپڻا ڌر ڪھي پڪي سارڻيءِ؛
جو آئتا سو چلسي سڀڪو ٿي آئي وارڻيءِ،
جس ڪي جيئہ پراڻ ھھ ڪئہ صاحب مڌھہ وسارڻيءِ،
آپڻ ھٿي آپڻا آپي ھي ڪاج سوارڻيءِ.
(آسا دي وار، م ١ - ٤٧٣)

## رھراس

رھراس سکن جي سنڌيا، يعني شام جي وقت جي ارداس جو ھڪ حصو آھي. ان ۾ گروءَ رامداس ۽ گروءَ ارجن ديو جن جا شبد به آھن ۽ گروءَ نانڪ صاحب جي باڻيءَ جا به ٻه شبد آھن. پھرين شبد ۾ گروءَ نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته ان پرماتما جي وڏائي نه سڀ ڪن ٿا پر دراصل ھنجي سچي وڏائي يا مھانتا نه صرف اھي ئي ڄاڻن ٿا جن شخصي طرح سنڌس انڀؤ ڪيو آھي ۽ اُن ۾ سمائجي سنڌس روپ ٿي ويا آھن. ٻين سڀني کي، جن انجو درشن يا ميلاپ نه ڪيو آھي، سنڌس مھانتا جو اندازو به ڪڏھن نه لڳي سگھندو.

گروءَ صاحب فرمائين ٿا ته ھي پرڀو، تون اڪٿ، اگم، اٿاھہ آھين، گڻن جو اڀُت ڀنڊار آھين. وڏا وڏا گياني ڌياني پورو زور لڳائي به تنھنجي رتي پر وڏائي به ڄاڻي نٿا سگھن. ڪوبه پنھنجي زور لاءِ ستّ پرش نٿو بڻجي سگھي. ڀڄ دان ۽ جپ تپ جي وڏائي به تنھنجي ڏاتُ آھي. تون گڻن ۽ ڀلاين جو ڀنڊار آھين، پر ڪوبه پنھنجي ڪوشش، زور يا چترائيءَ سان توکان ڪجھ نٿو پائي سگھي. جنھنکي تون چاھين، تنھنکي ئي سچن گڻن جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ اھو ئي پرم ستيہ يعني پرماتما کي پائي ٿو.

ٻئي شبد ۾ گروءَ صاحب نھايت ڀڳتي ڀاو سان فرمائين ٿا ته ان پرماتما جي نام کي ياد ڪرڻ ۾ ئي جيون آھي ۽

الڪي ڀلائي ڇڏڻ ۾ مؤثر آهي. دنيا جي سڀني ڀڳتن کي سدائين ان پرماتما ۽ انهي سچي نام جي لڳ لڳي رهي ٿي. اهو پرماتما ۽ انجو نام ٿي اهڙي جهڙون جو مول تت يا اصلي آڌار آهي. پرماتما جي سچي نام جي پرپل چاهه يا اڇا ۾ سڀ دک نورت ٿي وڃن ٿا، پر انجي سچي نام جي آراڌنا ڏاڍي مشڪل آهي.

اهو نام اڪٿ آهي. ڪهڙن ۾ لفظن ۾ انجي مهما ڪرڻ ناممڪن آهي. انيڪ ڪوشش جي باوجود به لوڪ پرماتما جي نام جا گڻ نٿا ڳائي سگهن. سنسار جا سڀ لوڪ ملي به انجو پورو مله ڪٿي نٿا سگهن. لوڪن جي مهما يا نندا ڪرڻ سان ان پرپوڪ جي يا انجي نام جي مهانتا گهٽ يا وڌ نٿي ٿي سگهي. اهو الک، اگم پرماتما جنم مرڻ ۽ هاڃي لاڀ کان مٿي آهي. اهو داتا ٻڌهجي اڪٿ ڀنڊار مان سدائين ڏات ورهائي رهيو آهي. ان جهڙو نه ڪوئي مهان ٿيو آهي ۽ نه ڪوئي ٿي سگهندو. ان وڏي داتا جي سڀ کان وڏي ڏات سندس سچو نام آهي. ان سنهرش، ڪرتار جي نام کي ڀلائڻ وارا جيو نيچ ۽ اڪما آهن.

## سڻ وڏا آکي سڀ ڪوءِ

سڻ وڏا آکي سڀ ڪوءِ ڪيوڊ وڏا ڊيٺا هوءِ،
قيمت پاءِ نه ڪهتا جاءِ ڪهڻي والي تيري رهي سماءِ.

وڏي ميري صاحبا گهر گنڀيرا گڻي گهرا،
ڪوءِ نه جاڻي تيرا ڪيتا ڪيوڊ چيرا.

سڀ سرتي مل سرت ڪمائي،
سڀ قيمت مل قيمت پائي،
گياني ڌياني گر گرهائي،
ڪهڻ نه جائي تيري تل وڊيائي.

سڀ سَت سڀ تپ سڀ چڱيائيان،
سدا پرکا ڪيئا وڏ ڀائيان،
تڌ وڻ سڌي ڪديءَ نه پائيان،
ڪرم مليءَ ناهي ٺاڪ رهائيان.
آکڻ والا ڪيتا ويچارا،
صفتي ڀري تيري ڀنڊارا،
جس تو ڏاهه تسيءَ ڪيا چارا،
نانڪ سچ سوارڻهارا.
(آسا، م ١-٩)

## سچو نام

آکا جيوا وسري مر جاءِ، آکڻ اؤکا ساچا ناءُ،
ساچي نام ڪي لاگي ڀوک، اُت ڀوکي کاءِ چليئهِ دوک،
سو ڪئه وسري ميري ماءِ، ساچا صاحب ساچي ناءِ.
ساچي نام ڪي تل وڏائي، آک ٿڪي قيمت نهي پائي،
جي سڀ مل ڪي آکڻ پاهه، وڏا نه هووي گهاٽ نه جاءِ،
نا اوهه مري نه هووي سوگ، ڏيندا رهي نه چوڪي ڀوگ.
گڻ ايهو هور ناهي ڪوءِ، نا ڪو هوئا نا ڪو هوءِ،
جيوڊ آپ تيوڊ تيري داتِ، جن دن ڪر ڪي ڪيتي راتِ،
خصم وساري تي ڪمذات، نانڪ ناوي باجهه صفات.
(آسا، م ١-٩)

## آرتي

"آرتي"، ڄيکن جي "سوهلي" وانگر، رات جو سمهڻ کان اڳ ڳائڻ واري ارداس يا وينتي آهي. آسادي وار وانگر عام طور آرتي گروپ ۾ ملي، گڏجي ڳائي ويندي آهي. پر سوهلي سان گڏ ڳائڻ وقت انکي اڪيلي سر ڳاتو ويندو آهي. گهڻي وقت کان اهو ورتالت هلندو ٿو اچي ته

گروءَ صاحب جڳن ناٿ پريءَ ۾ چنتامڻ مها پرڀوءَ سان ملاقات جي وقت هيءَ آرتي اچاري هئي.

گروءَ صاحب روايتي آرتيءَ جو مثال وٺي ان ڪل مالڪ ڪرتا پرک جي پيدا ڪيل قدرت جي سونهن جو ذڪر ڪن ٿا. ساري قدرت هڪ الوڪي آرتيءَ جو نمونو آهي. هن آرتيءَ ۾ آڪاش ٿالهه آهي، چنڊ ۽ سورج ڏيئا آهن ۽ تارا موتين سمان آهن. چندن سان ڀريل پربتن مان ايندڙ سڳنڌ، ڌوپ جو ڪم ڏئي رهي آهي. هوا ان مالڪ کي چؤر لوڏي رهي آهي ۽ ساري ونسپتيءَ جا گل ڦل ان پرماتما تي چاڙهيل گلن ڦلن سمان آهن. هيءَ ڪهڙي نه الوڪي ۽ عجيب آرتي ٿي رهي آهي، جنهن ۾ اناهد شبد جي لاثاني ڀيري وڄي رهي آهي!

گروءَ صاحب هن الوڪ آرتيءَ جي اشٽ-پرماتما جي مهما ڪندي فرمائين ٿا ته، هُو رنگ روپ کان مٿي آهي. هُو اکين ڪنن، هٿن پيرن کان نيارو آهي، پر هُو سڀ رنگ روپ، هٿن پيرن، اکين ڪنن ۾ سمايل به آهي. هن جو ڪوئي روپ ڪونهي، پر اڻ ڳڻيا روپ سندس ئي پرڪاش کي پرگهٽ ڪن ٿا. هر جيو جي گهٽ ۾ سندس جوت ٻري رهي آهي، روشن آهي، پر ان جوت جا درشن پوري ستگروءَ جي سکيا جي پيروي ڪرڻ سان ئي ٿين ٿا. هن عجيب آرتيءَ جي سمجهه به سندس ڀاڻي يا حڪم سان ئي پوي ٿي.

گروءَ صاحب آرتيءَ جي آخر ۾ فرمائين ٿا:

هي پرڀو! مان توهانجي چرن ڪنولن جو ڀنئرو آهيان.
مان توهانجي نام جي سوانتي بوند جو پياسي پپيهو آهيان.
توهان دَيا مهر ڪري مون کي پنهنجي نام جو امرت بخشيو
جيئن مان اهو نام روپي امرت پي انهو ئي روپ ٿي وڃان.

۱ گگن مَهه ٿال رَوِ چند ديپڪ بني،
تارڪا منڊل جنڪ موتي؛
۲ ڌوپ ملئانلو پوڻ چورو ڪري،
سگل بنراءِ ڦولنت جوتي.

۳ ڪيسي آرتي هوءِ ڀوکنڊن تيري آرتي،
انهتا سبد واجنت ڀيري. رهاءُ.

۴ سهس تو نين نن نين ههِ توهه ڪؤ،
سهس مورت ننا ايڪ توهي؛
۵ سهس پد بمل نن ايڪ پد گنڌ بن،
سهس تو گنڌ ايو چلت موهي.

سڀ مهه جوت جوت ههِ سوءِ،
تس دي چانڻ سڀ مهه چانڻ هوءِ؛

---

۱. آڪاش ڄڻ ٿالهه آهي، سورج ۽ چنڊ ڏيئا يا ديپڪ آهن ۽ تارن جو منڊل موتين سمان آهي.

۲. مليه پربت کان ايندڙ سڳنڌ ڀري هوا ڌوپ سمان آهي ۽ ساري ونسپتي پرڪاشمه گلن ڦلن وانگر آهي.

۳. هي ڀَوَ کي کنڊن ڪندڙ، ناس ڪندڙ ڀڳوان، تنهنجي ڪهڙي نه عجيب آرتي ٿي رهي آهي، انهد شبد روپي ڀيري وڄي رهي آهي.

۴. تنهنجا هزارين نيڻ آهن، ته به تنهنجو ڪو نيڻ ڪونهي. تنهنجا هزارين روپ آهن ته به تنهنجو ڪو روپ ڪونهي.

۵. تنهنجا هزارين نرمل چرڻ آهن، پر تنهنجو ڪو به چرڻ ڪونهي. تون سڳنڌ رهت آهين، پر تنهنجي اندر هزارين سڳنڌيون آهن. هن عجيب ورتاءَ سان تون مونکي موهي رهيو آهين.

گر ساکي جوت پرگٽ ھوءِ،
جو تس پاوي سو آرتي ھوءِ.
۱ ھر چرڻ ڪول مڪرند لوڀت منو،
اندنو موھہ آ ھي پياسا.
۲ ڪرپا جل ديھہ نانڪ سارنگ ڪئہ،
ھوءِ جالي تيري نـاءِ واسا.
(ڌناسري، م ۱-۱۳)

سوھلا

”سوھلا“[۳] يا ساراھہ پرڀو گيت، ڏينهن جي آخري ارداس آھي، جا رات جو سمهڻ وقت ڳائي ويندي آھي. جيئن جپجي ڏينهن جي ڀورين پرارٿنا آھي، ليئن ”سوھلا“ ڏينهن جي پوئين پرارٿنا آھي.

سوھلي ۾ گروُ نانڪ صاحب جا ٽي شبد شامل آھن. پھرئين ۾ گروُ صاحب اُپديش ڪن ٿا تہ جيو کي گھر جي تہ جيستائين پرماتما عمر بخشي آھي، تيستين اُن ڪرتا سرجڻھار جو پڇڻ سمرن ڪري پنھنجي زندگيءَ کي مالڪ جي ليکي ۾ لڳائي. ٻئين ڪرڻ سان تـي امر آنند جي پراپتي ٿي سگھي ٿي. اھو ڪرتا، ڪل مالڪ جيو جي اندر ئي آھي ۽ اندر کوج ڪرڻ سان ئي اُن سان ميلاپ ٿي سگھي ٿو.

---

۱. مان ھريءَ جي چرن ڪنولن جو پيئرو آھيان.

۲. ھي پڀو، اون مون نانڪ روپي پپيھي کي پنھنجي ڪرپا جو جل ڏي، جنھن سان سدا لاءِ منھنجو تنھنجي نام ۾ واسو ٿي وڃي.

۳. سوھلا لفظ ”سوڻ ويلا“ مان نڪتو آھي جنھنجو مطلب آھي سمهڻ جو وقت.

(ايم - اي مئڪالف، سک رليجن ۳۳۳ : ۱)

اهو ڏيالو پرڀو پنهنجي اٻاڻل سڀني جيون کي سنڀالي رهيو آهي. ڪو ڪر ان الک پرڀوءَ جي مهانتا ڄاڻي يا سڃاڻي سگهي ٿو ۽ ڪو ڪو سندس بخشيل ڏات جو ملهه ڪٿي سگهي ٿو.

گرو صاحب فرمائين ٿا ته جيو لاءِ سڀ کان سڀاڳي ۽ خوشيءَ جي گهڙي سندس انت ويلا يا موت جو سمو آهي، جڏهن انکي ڪل مالڪ جي درگاهه مان سڏ اچي ٿو. گرو صاحب ان سمي جي شاديءَ جي سمي سان ڀيٽ ڪن ٿا. جهڙي طرح شاديءَ وقت استري پنهنجي پتيءَ سان پرڻائي ويندي آهي، اهڙي طرح جيو جو انت سمو سندس آتما جو پرماتما سان پرڻجڻ جو شڀ سمو آهي. موت جو سڏ هر ڪنهن کي اچي ٿو. گرو صاحب اسانکي ساوڌان ڪن ٿا ته اسانکي به سگهو ئي سڏ اچڻ وارو آهي، سگهو ئي اسانجي به پڪار ٿيڻ واري آهي.

هن شبد ۾ ان سچ جو ورڻن ڪيل آهي ته درشن يا فلاسافيءَ جا ڇاهي ڪيترا به روپ ڇو نه هجن، پر سڀني جو مالڪ اهو هڪ ئي پرماتما آهي. هن شبد ۾ ڇهن فلاسافين جو ذڪر آهي، جن مان هرهڪ جي، پرماتما ۽ سنسار جي باري ۾، پنهنجي الڳ الڳ ويچار ڌارا آهي. گرو صاحب انهن ڇهن ئي متن جي ڇهن رتين يا موسمن سان مشابهت ڪئي آهي ۽ پرماتما جي ديه گيان کي انهن ڇهن ئي جو پيدا ڪرڻ وارو هڪ ئي سورج ڪري ڄاڻو آهي:

جنه گهر ڪيرت آکيئي ڪرتي ڪا هوءِ بيچارو،
تت گهر گاوهه سوهلا سورهه سرجڻهارو.

تم گاوهه ميري نربئه ڪا سوهلا،
هئو واري جت سوهلي سدا سک هوءِ. رهاءِ.

١ لٽ لٽ جيئڙي سماليئن ڏڪنڱا ڏيوڻ هار،
٢ ڪري ڏاڻيءَ قيمت نا پويءَ لس ڏاڻي ڪوڻ سمار.
٣ سڳنڌ ساهڙا انڪيڻا مل ڪر پاوهه ڦيل،
٤ ڏيهه سڄڻ اسيڙيڻا جڻ هوويءَ صاحب سڻ ميل.
٥ گهر گهر اڻهو پاهڇا سڏڙي لٽ پون،
٦ سڏ ٽهارا سهڻيءَ ناڪ سي ڏهه آرن.
(گوڙي، م ١-١٢)

٧ جڻ گهر جڻ گهر جڻ اپڏيس گر گر انڪو ويس اليڪ،
٨ بابا جڻ گهر ڪرلي ڪيرت هوءِ سو گهر راکهه وڏائي توءِ.

---

١. جتي هر روز جيون جي سنڀال ٿيندي آهي ۽ جتي اهو ڏاتا سڀني کي ڏسي رهيو آهي.

٢. هي ڏاتا تنهنجو شمار نه ٿو ٿيڻو آهي، تنهنجي ڏاتين جي قيمت به ڪٿي اچي سگهجي.

٣. وهاڻو جو در درگاهه کان لکيل وقت، لکن، مهورت لکري آيو آهي. سڀني کي ڪڍجي ٿيل پاڻو ٻئي وهاڻ جي رسم ۾ شامل ٿيو.

٤. هي سڄڻ اهي آسيسون ڏيو ته مدهنجو پڌهنجي پتيءَ سان ميلو ٿئي.

٥. گهر گهر اهو سڏ سڏالين پهچي رهيو آهي.

٦. انهيءَ سڏ واري کي سمرڻ. اهو سڏ ٿيڻ وارو ڏينهن نزديڪ اچي رهيو آهي.

٧. ڇهه فلاسافيون آهن، ڇهه ئي انهنجا بالي يا گروُ آهن، پر انهن ڇهن جو ئي گروُ هڪ پرماتما آهي. انجا ويس يا روپ اڻيڪ آهن، پر هوُ خود هڪ آهي.

٨. تنهنڪري اهو مارگ پڪڙيو، جنهن ۾ اُن ڪرتا پرکه جي وڏائي هجي. ان مان ئي سڀي وڏائي ملندي.

١ وسڻي ڇسٽا گهڙيٽا پهرا ٿـٿـي واري مـاهہ هـوئـا،
٢ سورج اهڪو رت اليڪ ناناڪ ڪرلي ڪي ڪيتي وہس •
(آسا، م ١ - ١٢)

## سڌ گوسٽ

(گرو نانڪ ۽ جوڳي)

هتي ”سڌ گوشت“ مان ڪجهہ وڇار ڏنا وڃن ٿا، جن ۾ جوڳي گرو نـانڪ صاحب جي وڇارڌارا جي بـاري ۾ بنيادي سوال ڪن ٿا ۽ گرو صاحب انهن جا ڏاڍا سندر ۽ ڀاو پرنل جواب ڏين ٿا.

چرپٽ جوڳي جيون روپي ڀوساگر مان ترڻي وڃڻ جي جڳتيءَ جي وشيہ ۾ سوال ڪري ٿو. گرو صاحب سمجهائين ٿـا تہ جيئن ڪنول گل ۽ بدڪ پاڻيءَ ۾ رهندي بہ پرسن ڪرنہ ٿا يا آلا ڪونہ ٿا ٿين، اهڙي طرح سنسار يا مايا ۾ رهندي بہ ان کان نرليپ رهڻ گهرجي ۽ پنهنجي سرت کي اندر شبد سان جوڙي، سنسار ساگر مان پار ترڻي وڃڻ گهرجي •

لوهاريپا جوڳي اڳتي چوي ٿو تہ جوڳيءَ کي گهرجي تہ آباديءَ کان پري، سنسان يا اجاڙ ۾ لڪي ڇپي رهي، جهنگل جا ڪندمول کائي گذارو ڪري ۽ من جي شڌيءَ لاءِ تيرٿن تي اشنان ڪري. گرو صاحب سمجهائين ٿـا تہ سنسار کان ڀڄڻ جي ضرورت ناهي، پر سنسار ۾ رهي، سادائيءَ سان رهڻ جي ضرورت آهي. سنسار ۾ رهندي، من کي برائي

---

١. کن، پل، گهڙي، پهر، تٿ، ڏينهن، مهنو هڪ ئي وقت جا اليڪ روپ آهن.

٢. سورج هڪ آهي، پر رتيون يا موسمون اليڪ آهن. اهڙي طرح ان هڪ ڪرتا جا اليڪ ويس، روپ آهن.

ڏنِ، ٻڌائي ٿسن ۽ آشا ترشنا کان ڇڏائي رکڻ گهرجي ۽ ٿورو کائڻ، ٿورو سمهڻ جي عادت پائڻ گهرجي.

لوهاريپا دليل ڏني ته ڪو سچو يوگي اهو آهي جنهن جي ڪنن ۾ مندرائون هجن ۽ هٿ ۾ ڪشتو[1] يا ڪرمنڊل هجي. هو دعويٰ ڪري ٿو ته مان گورک ناٿ جو پٽ (چيلو) آهيان ۽ اسانجي ساڌنا ڇهن فلاسافين ۽ ٻارهن سمپردائن[2] مان سڀ کان اُتم آهي. گروءَ صاحب فرمائين ٿا ته اسين ته صرف سرت کي شبد سان جوڙڻ جي ساڌنا کي ئي سرو اُتم سمجهون ٿا. اسان لاءِ اندر شبد کي ٻڌڻ، ڪنن ۾ مندرائون پائڻ برابر آهي ۽ هرهنڌ هڪ ئي پرماتما جو نور ڏسڻ گودڙي ۽ ڪرمنڊل ڌارڻ ڪرڻ سمان آهي. مڪتي داتا ته اهو پرماتما آهي، جو خود سچو آهي ۽ انهيءَ نام به سچو آهي.

هڪ ٻيو جوڳي پڇي ٿو ته هي نانڪ، تو گهر ٻار ڇو ڇڏيو، ته اُداسين جو ويس ڇو پاتو آهي، تون ڪهڙي چيز جو واپاري آهين ۽ شش شيوڪن لاءِ تو وٽ ڪهڙي جڳتي آهي؟ گروءَ صاحب جواب ڏين ٿا ته پرماتما جي برهه ۽ ستگروءَ جي تلاش ۾ مون گهر ڇڏيو ۽ اُداسين جو ويس پهريو. مان پرماتما جي نام روپي سچ جو واپار ڪريان ٿو ۽ منهنجي سائين جي آڌار جو ساڌن گرمت آهي. گروءَ جي ڏسيل راهه يا مت جي پيروي ڪرڻ آهي.

هڪ ٻيو جوڳي پڇي ٿو ته جيون ڪنهن جي سهاري هلي ٿو؟ گروءَ ڪير ٿيندو آهي ۽ شش ڪير؟ سنسار کان

---

١. ڪشتو، ڪرمنڊل جوڳين جو ڀيک وٺڻ جو برتن آهي.

٢. انهن ٻارهن سمپردائن جا نالا هي آهن:-
(١) هيت (٢) پاو (٣) آئي (٤) گميه (٥) پاگل (٦) گوپال (٧) ڪنڌڙي (٨) بانان (٩) پرا (١٠) چوڙلي (١١) راول ۽ (١٢) داس.

نرليپ ڪيئن رهبو آهي؟ گروءَ صاحب جواب ڏنو ته جيون جو مول پون يا هوا آهي ۽ منهنجو اُپديش گرمت جو آهي. ستگروءَ جو سروپ شبد آهي ۽ شيوڪ جي سرت يا آتما ئي شش آهي. پرماتما جي ڀڳتي سنسار کان نرليپ رهڻ جو ساڌن آهي. اهو پريو شبد روپ ۾ درشن ڏئي ٿو ۽ آشا ترشنا جي آڳ صرف ساڌ سنگت ۾ ئي شانت ٿئي ٿي.

هڪ ٻيو جوڳي اُنهن سڀني سوال ڪري ٿو: مرڻ يا جيئڻ جي ڏندن سان لوهه ڪيئن چٻاڙي سگهبو؟ اهو ڪهڙو ڀوڄن آهي جو هؤمي کي کائي ٿو وڃي؟ من کي ڪهڙيءَ غفا ۾ قيد ڪجي؟ من کي ڪهڙيءَ سرووياپڪ شڪتيءَ سان جوڙيو وڃي ۽ ڪنهنجي سروپ جو ڌيان ڪيو وڃي؟ گروءَ صاحب جواب ڏنو ته: جيڪي ڪجهه به آهي انهنکي پرماتما جو روپ سمجهڻ هؤمي کي مارڻ جي جڳتي آهي. سنسار صرف منمکن لاءِ لوهه وانگر سخت آهي. شبد جا اُڀياسي آسانيءَ سان اهو لوهه چٻائي سگهن ٿا. جيڪو شبد ۾ سري ٿو يا لين ٿئي ٿو، اُهو سدائين لاءِ موت جي ڀئه کان مڪت ٿي وڃي ٿو.

الهيءَ لي جوڳي پڇن ٿا: اهو شبد ڪٿي رهي ٿو؟ گروءَ صاحب جواب ڏنو ته ان سرووياپڪ شبد سان پنهنجي اندر جڙي سگهجي ٿو. شبد ۾ لين ٿيڻ سان نه صرف جيو سچو گياني ۽ سچو جوڳي بڻجي ٿو، بلڪ پرماتما ۾ سمائجي اُن جو روپ ٿي وڃي ٿو. هوا وانگر اهو شبد ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي، پر اهو هوا وانگر ئي هر استان تي وياپڪ آهي. شبد جو ڀيد پوري ستگروءَ کان پراپت ٿئي ٿو. شبد جي گيان سان دويت يا ڀيائيءَ جو ناس ٿئي ٿو ۽ ٽنهي گڻن ۽ ايڙا، پنگلا ۽ سکمنا جي ٽنهي مارگن کي پار ڪرڻ جي

جڳتي ملي ٿي. هن اوستا کي پار ڪرڻ واري اڀياسيءَ جي هر وچن ۾ سچو گيان ڀرپور هوندو آهي.

## چرپٽ جوڳي

دنيا ساگر دُستر ڪهيئي، ڪئن ڪري پائيئي پارو،
چرپٽ بوليءِ اؤڌو نانڪ دِيهہ سچا ويچارو.

ارٿ- سنسار ساگر ترڻ ڪٺن آهي، انکي ڪيئن پار ڪبو؟ گروُ نانڪ صاحب جواب ڏين ٿا تہ هي جوڳي، تون خود چوين ٿو تہ سنسار کان تري نٿو سگهجي، وري اَلي ٿي پڇين ٿو تہ اُن مان ڪيئن تربو. تون پاڻ کي پار پهتل سمجهين ٿو، پوءِ توسان ڪهڙو ويچار يا بحث ڪجي؟

## گروُ نانڪ

آپي آکي آپي سمجهي تس ڪيا اُتر ديجي،
ساچ ڪهہ تم پر گرامي تجهہ ڪيا بئسڻ ديجي.
جئسي جل مهہ ڪمل نرالم مرغائي نئساڻي،
سُرت سبد ڀوساگر ترئيئي نانڪ نام وکاڻي.
رهہ اڪانت اِڪو من وسيا آسا ماهہ نراسو،
اگم اگوچر ديکہ دکائي نانڪ تا ڪا داسو.
(۵-۴)

ارٿ- ڪنول گل ۽ بدڪ والڪر پاڻيءَ ۾ رهندي، پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ يا پسڻ بنا رهي ٿي، نرليپ رهي، سرت کي شبد سان جوڙڻ سان ڀوساگر کي پار ڪري سگهجي ٿو. هيءَ سڀني سان رهندي، سڀ کان نرليپ رهڻ ۽ آشا ترشنا جي سنسار ۾ نراس يا آشا رهت رهڻ جو ساڌن آهي. مان اُن مهاتما جو داس آهيان، جو خود ان اگم اگوچر پرڀوءَ جو درشن ڪري چڪو آهي ۽ ٻين کي بہ اُن پرڀوءَ جو درشن ڪرائڻ لاءِ سمرٿ آهي.

## لوهاريپا جوڳي

هائي ٻاڻي رهه ٽرالي روڪ برڪ اُدٿاني،
ڪندمؤل اها رو ڪائيٽي اؤڌو بولي ڳتاني.
امرت نائيٽي سک ٿل پائيٽي مٽل نه لاڳي ڪائي،
گورک ٻوت لوهاريپا بولي جوگ جگت ٻڌ سائي. (٧)

ارٿ- اصل جوڳي ها گيان ڌڌهن پراپت ٿي سگهندو، جڏهن ماڻهو شهرن ۽ ٻزارن کان ٻري رهي، جهنگل جا ڪندمؤل کائي گذارو ڪري ۽ نيرتن تي اشنان ڪري. اهين ڪرڻ سان سندس من کي ڪا گندگي نه لڳندي ۽ سک روپي ٿل پراپت ڪري سگهندو. اهو وچار مان گورک جو چيلو (پٽر) لوهاريپا پرگهٽ ڪري ٿو ۽ اهائي سچي جوڳي جي جڳتي آهي.

## گرؤ نانڪ

هائي باڻي نيد نه آوي پر گهر چت نه ڊولائي،
ٻن ناوي من نيڪ نه ٽڪئي نانڪ ڀوُک نه جائي.
هاٽ پٽڻ گهر گرؤ دکائتا سهجي سچ واپارو،
کنڊت نندرا الپ اهارن نانڪ تت ٻيچارو.
درسن ڀيک ڪرهه جو گندرا منڌرا جهولي کنٿا،
ٻاهر انتر ايک سرٻوهه کٽ درسن اک پنٿا.
ان ٻڌ من سمجهائيٽي پرکا ٻاهڙ چوٽ نه کائيٽي،
نانڪ بولي گرمک ٻوجهي جوگ جگت اِوَ پائيٽي.
انتر سبد نرنتر مدرا هؤمي ممتا دور ڪري،
ڪام ڪروڌ اهنڪار نواري گر کي سبد سه سمجهه پري.
کنٿا جهولي ڀرپر رهتا نانڪ تاري ايک هري،
ساچا صاحب ساچي نائي پرکي گر کي باٽ ڪري.
(١٠-٨)

ارت- شهرن ۽ بزارن ڀڄڻ جي ضرورت نه آهي.
ساڌڪ کي کپي ته انهن ۾ رهندي، ننڊ ڀعدي اگيانتا، ڀرم
۽ آلس کان بچيو رهي، ساوڌان رهي ۽ پرائو گهر ڀعدي
پرائو ڌن، پرائو تن ۽ پرائو مال آدي ڏسي من کي ڏولائمان
نه ڪري. پر چنچل من تام بدا شانت نه ٿيندو ۽ نه اُچي
ترشنا ٻجهندي. شش کي گهرجي ته هو ستگروءَ دواران
ڏيکاريل سرل روپي الله روپي شهر ۾ رچي، سهج سماڌيءَ
۾ رهي، شبد ڀا نام روپي سچ جو واپار ڪري، ٿورو
کائي ۽ ٿورو سمهي. انهين سچ جي ساڌنا مان هنڪي پرم
تت جو گيان ٿيندو ۽ اهوئي سچو جوڳ آهي. هي جوڳي،
پرماتما جي درشن کي جوڳ جو ويس، مدرا، جهولي ۽
ڪنٿا (گودڙي) سمجهه. ڇهه فلاسافيون ضرور جدا جدا آهن
پر اصلي پرماتما جي پراپتيءَ جو هڪڙو ئي مارگ هيءَ
آهي. جوڳين جي ٻارهن پنٿن جو اُديش به هڪ پرماتما
آهي. جڏهن من کي پرماتما جي ايڪتا جي گيان سان
جوڙي ڇڏبو ته پوءِ جنم مرڻ، دک سک، آشا ترشنا جي
چوٽ کائڻي نه پوندي. پر انهيءَ برهم گيان جي سمجهه بوجهه
ستگروءَ دواران ٿيندي آهي ۽ صرف ستگروءَ دواران ئي
سچي جوڳ جي پراپتي ٿي سگهندي آهي.

اسانجو سچو جوڳ هي آهي ته اندر سرت کي سدا شبد
سان جوڙڻ جي مدرا پائجي، هئومي ۽ موهه ممتا کي دور
ڪجي ۽ ڪام، ڪروڌ ۽ اهنڪار کان به ڪنارو ڪجي.
هيءَ ڪاره ستگروءَ جي بخشيل شبد جي ساڌنا سان ٿيندو.
هرهڪ هڪ پريوءَ کي ڏسون، جو سڀني کي تارڻ وارو
آهي ۽ هيءُ ئي سچو چولو ۽ گودڙي آهي. جو جوڳي هن
ريت ساڌنا ڪري ٿو، اُلڪي گرؤءَ جي شبد جي سچائيءَ
جي پرک ٿئي ٿي ۽ کيس معلوم ٿئي ٿو ته اهو پرماتما به
سچو آهي ۽ انجو نام به سچو آهي.

**جوڳي**

ڪس ڪارڻ گرهه تجئو اُداسي،
ڪس ڪارڻ اهه ڀيکه نواسي.
ڪس وکر ڪي تسم وڻجاري،
ڪئه ڪر ساٿ لنگهاوهه پاري.
(١٧)

ارٿ:- توُن ڇو گهر ڇڏي اُداسي بڻيين، توُن ڪهڙيءَ وستوءَ جو وڻج واپار ڪرين ٿو ۽ پنهنجي ساٿين کي ڪيئن پار ڪندين؟

**گرُو نانڪ**

گرمک کوجت ڀئي اُداسي درسن ڪي تائي ڀيکه نواسي.
ساچ وکر ڪي هم وڻجاري نانڪ گرمک اُترس پاري.
(١٨)

ارٿ:- نانڪ ستگروءَ جي تلاش ۾ گهر ڇڏيو ۽ پرڀوءَ جي درشن لاءِ اُداسين وارو ويس پهريو. آءٌ سچ جي سوديءَ ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان. مان ۽ منهنجا ساٿي ستگروءَ جي سهائتا سان پار ٿينداسين.

**جوڳي**

ڪوڻ مول ڪوڻ مت ويلا تيرا ڪوڻ گرو جس ڪا تو چيلا،
ڪوڻ ڪٿا لي رههه نرالي بوليءِ نانڪ سڻهه تم بالي،
ايس ڪٿا ڪا ديهه ويچار ڀوجل سبد لنگهاوڻهار.
(٤٣)

ارٿ:- جيون جو مول ڇا آهي ۽ ڪهڙي مت يا ڪهڙي ڌيان جو جڳه آهي؟ تنهنجو گرو ڪير آهي، جنهنجو تون چيلو آهين؟ ڪهڙي ڪٿا يا گيان جي آسري تون پاڻ کي نرليپ رکين ٿو؟ هي بالڪ تون هنن سوالن جا جواب ڏي ۽ تنهنجو اهو ڪهڙو شبد ڀوساگر مان پار ڪري ٿو، اسڪي کولي سمجهاءِ.

## گرو نانڪ

ٻون ارنپ سنگر مت وبلا سبد گرو سرت ڌن چيلا،
اڪت ڪٿالي رهه نرالا نانڪ جگ گر گوپالا،
اڪ سبد جت ڪٿا ويچاري گرمک هؤمي اگن نواري.

( ۴۴ )

ارٿ - جيون جو مؤل هوا آهي. هي جڳ ستگروءَ جي اُپدپش لي هلڻ جو آهي. شبد گرو آهي ۽ سرت چيلو آهي يعني گروءَ جي هستيءَ جو سار شبد آهي ۽ شش جي هستيءَ جو سار سرت آهي. گرو شبد روپ آهي ۽ شش سرت روپ. مان سچ، شبد، نام يا پرماتما روپي اڪت ڪٿا ۾ جڙي سدسار کان اوليپ رهان ٿو. گرو گوپال روپ آهي، پرماتما آهي. هؤ امر ۽ ابناسي آهي. سچو گيان يا سچي ڪٿا جو گيان شبد دواران پراپت ٿيندو آهي ۽ هؤمي جي آگ ستگروءَ جي ديا مهر سان بجهندي آهي.

## جوگي

مٽڻ ڪي دلت ڪئہ ڪائيئي سار،
سہ ڪوڻ جت گرب جاه آهار.
هوئي ڪا گهر مندر اگن پراهن،
ڪون گفا جت رهئي اواهن.
اِت اُت ڪس ڪؤ جاڻ سماوئي،
ڪون ڌنان من منهہ سماوئي.

( ۴۵ )

ارٿ - ميڻ جي ڏندن سان لوهہ ڪيئن کائبو؟ اهو کهڙو ڀوجن آهي جو اهنڪار کي ماريندو؟ اسانجو گهر برف جو ٺهيل آهي ۽ اسان جا وستر آگ جا آهن، پوءِ کهڙيءَ غفا ۾ رهجي، جو من اڏول ٿي وڃي؟ اهو ڪير آهي، جو هِتي هُتي ۽ هرهنڌ وياپڪ آهي، جنهن ۾

سمائجي وڃڻ گهرجي؟ اهو ڪيئن آهي، جڏهنجو ڌيان ڪري من پنهنجي من ۾ سمائجي سگهي تہ پوءِ واپس پنهنجي نج استان تي پهچي سگهي ٿو؟

**گروُ نانڪ**

هٺ هٺ مٺ مٺ وڇھ ڪوويءِ  دوجا ميٽيءِ ايڪو هوويءِ،
جگ ڪرڙا مدمڪ گاوار  سبد ڪمائيءِ کائيءِ سار،
انتر باهر ايڪو جاڻيءِ  نانڪ اگن مريءِ ستگر ڪي ڀاٽيءِ.
(٤٦)

ارٿ - پنهنجي اندر مان هؤميءِ، آپو يا "مان يا منهنجو" مٽائي، دويت مان ايڪتا ۾ اچي وڃو. مدمڪ موڙڪ آهي، لنهڪري ان لاءِ سدسار لوهہ وانگر سخت آهي. پر شبد جي ڪمائيءَ سان اهو لوهہ بہ کائي هضم ڪري سگهجي ٿو. اندر باهر، هتي هتي هڪ ئي پرماتما آهي. ستگروءَ جي ٻاڻي سان ئي "مان ۽ منهنجي" يعني هؤميءِ جي اگني بجهندي آهي.

**جوگي**

سو سبد ڪا ڪها واس ڪهيئلي  جت ترئيءِ ڀوجل سنسارو،
ترِيءِ سٽ انگل وائي ڪهيئيءِ  تس ڪهہ ڪون آڌارو،
بولِيءِ کيلِيءِ اسٿر هويءِ  ڪڻ ڪر الکہ لکائي.

ارٿ - ڀوجل کان پار ڪرڻ وارو شبد ڪٿي رهندو آهي؟ پراڻن جو آڌار ڏهن يا هوا آهي. شبد جو آڌار ڪير آهي؟ اهو ڪير آهي جو اسانجي اندر ٻولي ۽ کيلي ٿو ۽ اهو استر ڪيئن لڳي ۽ الکہ پرڀوءَ جي لکہ يا سوجهي ڪيئن پوي؟

**گروُ نانڪ**

سڻ سئامي سچ نانڪ پرٿويءِ  اپڻي من سمجهائي،
گرمکہ سبدي سچ لوَ لاگيءِ  ڪر ندري ميل ملائي.

آپي دانا آپي بينا پوري ڀاڳ سمائي،
سڀ شبد کؤ نرنتر واس الکن جهه ديکا لکه سوئي.
پون کا واسا شُن نواسا اکل کلا ڌر سوئي.
نِدر کري شبد گهٽ گهٽ وسي وچهه ڀرم گوائي،
تن من نرمل نرمل باڻي نامو مَن وسائي.
شبد گروُ ڀوساگر ترئي ات اُت ايکو جاڻئي،
چهن ورن نهي ڇائتا مائتا نانک شبد پڇاڻئي.
ترئي سٽ انگل وائي اؤڌو سُن سچ آهارو،
گرمکه بولي تت برولي چينئي الکه اپارو.
ترئي گڻ ميٽئي شبد وسائي تا من چوکئي اهنڪارو،
انتر باهر ايکو جاڻئي تا هر نام لگئي پيارو.
سکمنا اڙا پنگلا بوجهئي جا آپي الکه لکائي،
نانک تهه تي اوپر ساچا ستگر شبد سمائي.
( ٥٨ - ٦٠ )

ارٿ - هي سوامي! توهان ٻڌو، مان سچ ٿو ٻڌايان ته مون ٻنهي جي من کي ڪيئن سمجهايو. مون ستگروءَ دوارا ٻخشيل شبد يا نام سان لنوَ لاتي ۽ انجي ڪرپا سان منهنجو هرديءَ سان ميلاپ ٿي ويو. اهڙي طرح مان دانا بينا ٿي ويس ۽ سڀڪجهه ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي قابل ٿي ويس. پورن ڀاڳن سان مان پريوءَ ۾ سمائجي ويس. اهو شبد سرو وياپڪ آهي. اهو اُن پرماتما جي ڪلا رهت ڪلا جو چمتڪار آهي. جيئن هوا ڏسڻ جي ڪالهه ٿي پر هر جڳهه تي اُنجو اثر ٿئي ٿو، ائين اهو شبد به الکه آهي، پر هر جڳهه وياپڪ آهي. پريوءَ جي ڪرپا دِرشٽيءَ سان اهو سرو وياپڪ شبد اندر ئي ملي ويندو آهي، جنهن سان سڀ ڀرم ناس ٿي ويندا آهن. ان شبد يا نام روپي باڻيءَ جي من ۾ وسڻ سان تن من ٻئي نرمل ٿي پون ٿا. اهڙي طرح شبد گروءَ جي سهاري ڀوساگر تري وڃجي ٿو ۽ مرت لوڪ ۽ ديو لوڪ ٻنهي ۾

هڪ ئي پرڀو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو پرڀو جنهنجو نه رنگ روپ، نه ذات پات ۽ نه آڪار آهي، سو شبد دواران سڃاتو ويندو آهي.

هوا ۽ پراڻن جو آڌار اهو پرماتما آهي. گرمکه اُن سچ پا ٽت جو اصلي گيان ڏيندو آهي، جنهنکي هن پنهنجي اندران ولوڙي ڪڍيو آهي ۽ جنهن سان اُن اندر الکه، اپار پرڀوءَ کي سڃاتو آهي. جيڪو جيو پنهنجا نيڻ ڳڻ ميٽي اندر شبد کي وسائي ٿو، اُنجي ئي من مان اهنڪار ناس ٿئي ٿو. پوءِ هن کي اندر ۽ ٻاهر هڪ ئي پرڀو نظر اچي ٿو ۽ هنجو پرڀوءَ جي نام سان سچو پيار ٿي وڃي ٿو ۽ هوُ اُن الکه پرڀوءَ کي لکي ٿو وٺي. هوُ اڙا، پنگلا ۽ سکمنا ٽنهي جو ڀيدي پا چاڻُو ٿي پوي ٿو. پرڀو انهن ٽنهي کان پري آهي ۽ اپياسي جيو پوري ستگروءَ جي شبد دواران ئي اُن ۾ سمائجي سگهن ٿا.

جوڳي ڪجهه ٻيا سوال ب گروُ صاحب کان پڇن ٿا:

من ۽ پراڻن جو نواس ڪٿي آهي ۽ چنچل من کي استر ڪرڻ وارو شبد ڪٿي ٿو وسي. گروُ صاحب جواب ڏين ٿا ته پرماتما جي ديا درشٽيءَ سان ستگرو ملي ٿو. ستگروءَ جي ڪرپا سان هؤميءِ وس ۾ اچي ٿي، من پنهنجي اِجَ گهر ٻهچي استر ٿئي ٿو.

جوڳي پڇن ٿا: پنهنجي ٻاڻ جي ۽ پرماتما جي پڇاڻ ڪيئن ٿئي، چند جي گهر سورج جو پرويش ڪيئن ٿئي مطلب ته ٺنڊي ۽ اڌيري من ۾ گيان جو تيج ۽ پرڪاش ڪيئن اچي؟ گروُ صاحب فرمائين ٿا: ستگروءَ جي ديا مهر سان هؤميءِ جو ناس ٿئي ٿو، سهج اوستا پراپت ٿئي ٿي، من نهچل ٿئي ٿو ۽ من ۽ آتما شبد روپي سورج جي تيج ۽ پرڪاش سان ڀرجي وڃن ٿا.

پراڻن جو واسو ناڀيءَ ۾ آهي، شبد جو واسو پنهنجي نج گهر ۾ آهي، جو جيو جي اندر ئي آهي. شبد جي شڪتيءَ جي جاڳرت ٿيڻ سان ننڍي لوڪن جي سوجهي ۽ گيان پراپت ٿئي ٿو. جڏهن پريمءَ روپي پريتم لاءِ برهه ۽ تانگهه ٽوڪ هردي ۾ زور پڪڙي ٿي ته ان مان دنيوي دک ۽ ترشنائون متي وڃن ٿا ۽ پرماتما جو پيار پرپور ٿي وڃي ٿو. ڪن ورلي خوشقسمت جيون کي انهد شبد جو سچو گيان معلوم آهي ۽ اها پراپتي ٻيا ڄاڻ ستگروءَ جي ديا مهر سان ئي ٿئي ٿي.

جوڳي وڌيڪ سوال پڇن ٿا: جي هردو ۽ سرير نه هجي ها ته من ڪٿي هجي ها، جي انساني ديهه نه هجي ها ته شبد ڪٿي نواس ڪري ها ۽ جي استول سرير نه هجي ها ته برهم جو گيان ڪيئن پراپت ٿئي ها ۽ نراڪار، اروپ ۽ الک پرڀوءَ کي ڪيئن لکي يا ڄاڻي سگهجي ها؟ گرو صاحب جواب ڏين ٿا ته پرماتما جي نام ۾ لين ٿيڻ سان من دنيا کان نرليپ ٿي وڃي ٿو ۽ هر جڳهه هڪ ئي پرماتما جو نور نظر اچي ٿو. جي سرير ۽ هردو نه هجن ها ته من نرليپ ٿي سچ ۾ سمائجي وڃي ها. ناڀي ڪمل نه هجي ها ته پران پرماتما ۾ لِوَ لين ٿي پنهنجي گهر ۾ سمائجي وڃن ها. جي ڪو روپ يا آڪار نه هجي ها ته شبد نراڪار ۾ لين ٿي وڃي ها. جي ڌرتي ۽ آڪاش به نه هجن ها ته به اهو پرماتما ترلوڪيءَ جو نور ڀريو رهي ها ۽ سڀ رنگ روپ، آڪار، ويس شبد ۾ لين ٿي وڃن ها. صرف اهو پرماتما ئي پورن ۽ اکٽ آهي.

جوڳي اڃا به وڌيڪ پڇن ٿا: سرشٽي ڪيئن هستيءَ ۾ آئي ۽ دکن جي پڄاڻي ڪيئن ٿي سگهندي؟ گرو صاحب فرمائن ٿا: جيو جي سرشٽيءَ جو الگ ٿيو رهڻ جو ڪارڻ

هؤمي آهي. شبد جي وسرڻ دکن جو مُول ڪارڻ آهي. گرمک ستگروءَ جي مت لي هلي شبد جي ابياس سان هؤميءَ کي ناس ڪري ٿو. شبد جي ابياس سان لن من نرمل ٿئي ٿو ۽ جيو پرماتما سان ملڻ جي لائق بڻجي ٿو. شبد ئي جيو کي سنسار کان موڙي پريوءَ سان جوڙي سگهي ٿو ۽ شبد ئي سرت کي پريوءَ سان جوڙڻ وارو سچو جوڳ آهي. پر شبد ابياسي جيو ڪي ورلي ٿين ٿا. هن ابياس لاءِ ستگروءَ جي مدد ۽ سهاري جي ازحد ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته صرف ستگرو ئي شبد کي پرگهٽ ڪري سگهي ٿو. ستگروءَ جي دَيا مهر سان من پرماتما جي رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿو ۽ واپس پنهنجي استان لي پهچي وڃي ٿو. سچي جوڳ جو ساڌن ستگروءَ کان ئي پراپت ٿئي ٿو.

منمک ڪڏهن به چؤراسيءَ جي چڪر مان ڇوٽڪارو پائي نٿو سگهي. هن جو ڪڏهن به پرماتما سان ميلاپ نٿو ٿي سگهي. لکو سدائين هؤميءَ جو شڪار رهي ٿو، جيون جي بازي هارائي ٿو ۽ هميشه دک سهي ٿو. انجي اُبتڙ، گرمک هؤميءَ کي ماري من کي جيتي وٺي ٿو، هنجي اندر پرماتما ساڪيا‌ٽڪار ٿئي ٿو ۽ هُو ساري سرشٽيءَ جو مالڪ بڻجي وڃي ٿو. ڪال يا جمدُوت هنکي ڊيڄاري نٿا سگهن ۽ هُو پوري مان سمان سان مالڪ جي درگاهه ۾ پهچي ٿو. گرُو صاحب ستگروءَ جي مهما ڪن ٿا ۽ انجو جس ڳائين ٿا، ڇاڪاڻ ته ستگروءَ بنا نه ڪنهنکي شبد يا نام جو ڀيد ملي ٿو ۽ نه دکن کان ڇوٽڪارو ٿئي ٿو ۽ نکو پرماتما سان هنجو ميلاپ ٿئي ٿو.

## جوڳي

اِهه من منگل ڪها بسيئلي ڪها بسي اِهو پوَنا،
ڪهاءِ بسي سه سبد اؤڌو تاکو چوکيءِ من ڪا پوَنا.

ارٿ- من روپي هاٿي، پران روپي پون ۽ شبد جو
نواس ڪٿي آهي؟

## گرو نانڪ

ندر ڪري تا ستگر ميلي تهه نج گهر واسا اِهه من پائي،
آپي آپ ڪاءِ تا نرمل هووي ڌاوت ورج رهائي.

ارٿ- پرماتما جي ديا درشٽيءَ سان ستگرو ملي ٿو ۽ ستگروءَ جي ميلاپ سان هؤمي يا آپي کي تياڳي من نرمل ۽ نهچل ٿي، پنهنجي نج گهر نواس ڪري ٿو.

## جوڳي

ڪتهه مول پڇاڻيو آتم جاڻيو ڪتهه سس گهر سور سماوي.

ارٿ- پنهنجي مؤل يا پرماتما کي ۽ پنهنجي پاڻ يا آتما کي ڪيئن سڃاڻجي ۽ چنڊ جي گهر* سورج ڪيئن سمائجي يعني لڌي ۽ الڌيري من ۾ شبد روپي سورج جو تيج ۽ پرڪاش ڪيئن اچي؟

## گرو نانڪ

گرمکه هؤمي وچهه کووي تهه نانڪ سهج سماوي.
اِهه من نهچل هردي وسيتلي گرمکه مول پڇاڻ رهي،
ناڀ پون گهر آسڻ بئسي گرمکه کوجت تت لهي.
سه شبد نرنتر نج گهر آڇي ترڀوڻ جوت سه شبد لهي،
کاوي دک ڀک ساچي ڪي ساچي هي ترپتاس رهي.

---

* چنڊ خود ٿڌو ۽ پرڪاش رهت آهي، البت سورج کان ئي تيج ۽ پرڪاش حاصل ڪري ٿو. اهڙي طرح حقيقت ۾ من به ٿڌو ۽ اندڪارمه آهي پر جڏهن شبد جي نور سان ڀرپور ٿئي ٿو ته ان ۾ تيج ۽ پرڪاش پئي اچي ٿا وڃن.

انهد ٻاڻي گرمک جاڻي ٻرلو ڪو ارٿاوي،
ناناڪ آکي سچ سڀاڪي سچ رپي رنگ ڪبهو نه جاوي.
(٦٥ - ٦٤)

ارٿ - جڏهن ستگروءَ دوارا هؤمي جو ناس ٿئي ٿو ته سهج جي پراپتي ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح من نهچل ٿئي ٿو ۽ ڪيس مول يعني پرماتما جي ڄاڻ ٿئي ٿي. جڏهن پراڻ پنهنجي گهر ناڀيءَ ۾ سمائجي وڃن ٿا يعني ايڪاگر ٿين ٿا ته ستگروءَ جي ديا مهر سان سچي جو گيان ٿئي ٿو، اندر ۾ سرو وياپڪ شبد جو انڀؤ ٿئي ٿو ۽ ٽنهي لوڪن جي جوت يعني شبد ۾ پرماتما جا درشن ٿيڻ شروع ٿين ٿا. سچي پريوءَ جي بک سڀني دکن کي ڪاٽي ٿي وجي ۽ سچي پريوءَ جي پريم سان من ترپت ٿئي ٿو. انهد شبد جو گيان ستگروءَ کان ملي ٿو، پر اهو ڀيد ڪن ورلي جيون کي پراپت ٿئي ٿو. ناناڪ سچ ٿو چوي ته نام جو چڙهيل رنگ ڪڏهن ٻه نه لهندو ۽ نه ڪڏهن جهڪو ٿيندو.

## جوڳي

جا اهه هردا ديهه نه هوتي تڏ من ڪٿي رهتا،
ناڀ ڪمل استنڀ نه هوتو تا پون ڪوڻ گهر سهتا.
روپ نه هوتو ريک نه ڪائي تا سبد ڪها لو لائي،
رڪت بند کي مڙي نه هوتي مت قيمت نهي پائي،
ورن ڀيک اسروپ نه جاپي ڪئه ڪر جا پس ساچا.

ارٿ - جي هردو ۽ ديهه نه هجي ها ته من ڪٿي رهي ها؟ ناڀي ڪمل جو سهارو نه هجي ها ته سواس يا پراڻ ڪٿي رهن ها؟ ڪوئي روپ رنگ نه هجي ها ته شبد جو نواس ڪٿي هجي ها؟ جون جي بوند يعني ماتا جي رج ۽ پتا جي ويرج مان ٺهيل ديهه نه هجي ها ته پرماتما جي اهميت ۽ مهانتا جو پتو ڪيئن پوي ها؟ جي ان پرماتما

جو رنگ روپ، ويس نظر نه اچي ها ته انجو انهؤ، انهي
جاڻ ڪيئن ٿي سگهي ها؟

## گروُ نانڪ

نانڪ نام رتي بئراڳي اب تب ساچو ساچا.
هردا ديهه نه هولي اؤدو تئه من سن رهئي بئراڳي،
ناپ ڪمل استهپ نه هوتو تا نج گهر بستئه پون انراڳي.
روپ نه ريکئا جات نه هوتي تئه اڪليڻ رهتئه سبد سه سار،
گؤن ڳگن جب ابهه نه هوتئه ترڀوڻ جوت آپي نرنڪار.
ورن ڀيک اسروپ سه ايڪو ايڪو سبد وڏاڻي،
ساچ بنا سؤچا ڪو ناهي نانڪ اکٿ ڪهاڻي.

ارٿ- جيڪي نام جي رنگ ۾ رنگجي ويا، سي سچا وئراڳي بڻجي ويا. اُنهنڪي هاڻي ۽ پوءِ يعني سدائين هرهنڌ سچو پرماتما وياپڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هي جوڳي، جي سرير ۽ هردو نه هجي ها ته من سن ۾ سمائجي وڃي ها. جي نابي ڪمل جو آسرو نه هجي ها ته پراڻ ڪيئن پنهنجي نج گهر ۾ وڃي واسو ڪن ها. جڏهن رنگ، روپ، ريکا، ذات آدي نه هئا ته شبد ان هريءَ ۾ ٿي ٽڪيل هو؛ شبد ٿي ان هريءَ جو سار هو، جنهنجي ڪا ذات يا ڪل خاندان ڪونهي. جڏهن ڌرتي ۽ آڪاش نه هئا، تڏهن ٽنهي لوڪن جي جوت اهو نراڪار پرڀو پاڻ هو. انهيءَ حالت ۾ جڏهن ڪو رنگ، روپ، ريکا آدي نه هئا ته اهو حيرت ڀريو شبد ٿي ڀرپور هو. ان سچ، پرماتما يا شبد کانسواءِ ڪوبه نرمل يا پوتر ٿي نٿو سگهي؛ پرماتما يا شبد اها اکٿ ڪٿا آهي، جنهنجو ڪوبه بيان ٿي نٿو سگهي.

## جوڳي

ڪٿ ڪٿ بڌ جڳ اُپجي پرڪا، ڪٿ ڪٿ دک بنس جائي.

ارٿ- سنسار ۾ جنم ڪيئن ٿو ٿئي، سرشٽي ڪيئن ٿي پيدا ٿئي؛ ڪهڙا ڏک سنسار ۾ جيو جي لڀاهي؛ جو ڪارڻ ٿين ٿا؟

## گرو نانڪ

هؤميءِ وچ جگ اپجي پرڪا  نام وسرئي دک پائي،
گرمک هووي سو گيان تت بيچاريءِ  هؤميءِ سبد جلائي،
تن من نرمل نرمل باڻي  ساچي رهي سمائي.
نامي نام رهي بيراگي  ساچ رکيا اُرڌاري،
نانڪ بن ناوي جوگ ڪدي نه هووي  ديکهه رديءِ بيچاري.
گرمک ساچ سبد بيچاريءِ ڪوءِ  گرمک سچ باڻي پرگٽ هوءِ،
گرمک من ڀيجي وِرلا بوجهي ڪوئي  گرمک نج گهر واسا هوءِ،
گرمک جوگي جگت پڇاڻي  گرمک نانڪ اِڪو جاڻيءِ.
بن ستگر سيوي جوگ نه هوئي  بن ستگر ڀيٽي مڪت نه ڪوئي،
بن ستگر ڀيٽي نام پائيا نه جاءِ  بن ستگر ڀيٽي مها دک پاءِ،
بن ستگر ڀيٽي مها گرب گبار  نانڪ بن گر مئا جنم هار.
گرمک من جيتا هؤميءِ مار  گرمک ساچ رکيا اُرڌار،
گرمک جگ جيتا جمڪال مار بدار  گرمک درگهه نه آويءِ هار،
گرمک ميل ملائي سو جاڻيءِ  نانڪ گرمک سبد پڇاڻيءِ.
سبدي ڪا نبيرا سڻ تو اؤڌو  بن ناويءِ جوگ نه هوئي،
نامي راتي اندن ماتي  ناميءِ تي سک هوئي.
ناميءِ هي تي سڀ پرگٽ هوويءِ  نامي سوجهي پائي،
بن ناويءِ ڀيک ڪرهه بهتيري  سچي آپ ڪٽائي.
ستگر تي نام پائيئي اؤڌو  جوگ جگت تا هوئي،
ڪر بيچار من ديکهه نانڪ  بن ناويءِ مڪت نه هوئي.

( ٦٦ - ٧٢ )

( رامڪلي، م ١ - ٩٣٨ - ٩٤٦ )

ارٿ- جيو ھؤمئي جو ساٿ ڪري سنسار ۾ جنم وٺي ٿو ۽ نام کي وساري دک پائي ٿو. جيڪو گروءَ جي مت تي هلي پرم تت جو گيان پائي ٿو، سو شبد ذريعي پنهنجي ھؤمئي ناس ڪري ٿو. شبد روپي نرمل باڻيءَ سان جڙي، شدھ ٿي من نرمل ٿئي ٿو ۽ ھو ھميشه لاءِ سچي پرماتما ۾ سمائجي وڃي ٿو. ھو شبد يا نام ذريعي نام ۾ سمائجي، سنسار کان نرليپ، نرموهي ٿي وڃي ٿو ۽ ان سچي پرماتما کي پنهنجي اندر ۾ ڌارڻ ڪري ٿو. اِنهيءَ ڳالهه تي پوري طرح ويچار ڪري ڏسو ته نام بنا ڪڏهن به سچو جوڳ (پرماتما سان ميلاپ ۽ سنسار کان اُداسي) پراپت نٿو ٿي سگهي.

ڪوئي ورلو جيو ستگروءَ جي سکيا مطابق شبد جي ڪمائي ڪري ٿو. ستگروءَ دواران ئي سچي باڻيءَ جو روپ- شبد پرگهٽ ٿئي ٿو. اهڙا ورلا جيو آهن، جن جو من ستگروءَ ذريعي پرماتما جي پيار ۾ رڱجي ويندو آهي، جنهن کي ستگروءَ جي ديا مهر سان نج گهر ۾ نواس ملندو آهي. ستگروءَ دواران ئي ڪنهن جوڳيءَ کي سچي جوڳ جي پراپتي ٿيندي آهي ۽ ستگروءَ دواران ئي الکي اُن پرماتما جو گيان ملندو آهي، جو هڪ ئي آهي، سرو وياپڪ آهي ۽ سڀني جو مول يا پيدار آهي.

ستگروءَ جي سيوا بنا جوڳ پراپت نٿو ٿئي، گروءَ جي ملڻ بنا مڪتي نٿي ٿئي، نام نٿو ملي ۽ نام ملڻ بنا ڀيانڪ دک سهڻا پون ٿا.

ستگروءَ بنا اهنڪار جو اُنڌيرو ڇانيو رهي ٿو، ستگروءَ بنا جيون جي بازيءَ ۾ هار نصيب ٿئي ٿي ۽ جيو اهنڪار ۾ ئي هتان چالاڻو ڪري ٿو.

انجي برعڪس، گروءَ جي مت تي هلڻ وارو جيو ھؤمئي کي ماري، من کي وس ڪري ٿو. ھو پنهنجي اندر ان.

سچي پريوءَ کي وساري ٿو. هوُ جمڪال کي ماري ڀڄائي ٿو ۽ جگهه کسي جيتي وٺي ٿو. گروءَ جي مت لــي هلڻ وارو سدائين مالڪ جي درگاهه ۾ مان پائي ٿو. جڏهن ڪي سڳرو شبد روپ پرماتما سان جوڙي ٿو، فقط اُهوئي پرماتما کي ڄاڻي سگهي ٿو. شبد جي ڄاڻ نه صرف ڏيالــوُ ستگروءَ جي ٻاجهه سان ٿي ٿيندي آهي.

هي جوڳي، لون شبد ٻابت آخري فيصلو ٻڌ ته شبد يا نام ڪالسواءِ سچو جوڳ پراپت ڪرڻ ناممڪن آهي. جيڪي نام جي رنگ ۾ رتل هوندا آهن، انهن کي ڏيهن رات نام جي خماري چڙهي رهندي آهي ۽ کين نام مان پرم آنند حاصل ٿيندو آهي ۽ نام مان ئي کين اهو گيان ٿيندو آهي ته جو ڪجهه به آهي، اهو سڀ نام مان ئي پيدا ٿيو آهي. جيڪي لوڪ نــام کي ڇڏي، ٻين پيڪن ۾ پيا آهن، انهن لاءِ اِئين سمجهڻ گهرجي ته اُهي ان پرماتما جي ڀاڻي پــا حڪم الوسار ٿي پريشان ٿي رهيا آهن. پر سچي ستگروءَ کــان نــام جي ڀيد ملڻ ٿي سچو جوڳ پراپت ٿئي ٿو. هي جوڳي، توهين چڱيءَ طرح ويچار ڪري ڏسو ته نام ڪالسواءِ مڪتي ڪتي ملي سگهي.

## چار پهر يا چار اوستائون

ڀــارت ۾ منش جي زندگيءَ کي چئن حصن ۾ ورهائڻ جي پرمپرا هلندي اچي ٿي. اهي چار حصا آهن: ٻال اوستا، جواني، ٻڍور اوستا ۽ برڌ اوستا. گروُ صاحب جن هــن زندگيءَ جي چئن اوستائن جي، رات جي چئن پهرن سان ڀيٽ ڪئي آهي ۽ هر پهر جــي بيان ۾ گهرا روحاني راز ڀري ڇڏيا آهن.

منش جو جيون رات سمان آهي. منش کي گهرجي ته پراڀاڪال ۾ جاڳڻ جــو جتن ڪري، جيئن سدس سهمي

دکن جو حاڪمو ٿي وڃي. پر انهيءَ منزل تي پهچڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت آهي. گرو صاحب بلڪل زوردار لفظن ۾ منش جي دکي حالت جو بيان ڪن ٿا. ان اگيانيءَ جو ٻالپڻ ته کيڏڻ ڪُڏڻ ۾ گذري وڃي ٿو، جواني وشيه وڪارن ۽ عيش عشرت ۾ لنگهي وڃي، پرؤڙ اوستا سنسار جي ڌن دولت گڏ ڪرڻ ۾ ورت ٿي وڃي ۽ ٻڍاپو روڳن بيمارين ۾ پورو ٿي وڃي ٿو. اهڙي طرح منش جنم جو امولڪ موقعو فضول ڌنڌن ۾ برباد ٿي وڃي ٿو. مايا جي پيٽ مان نه جيو ڇٽڪو ٻرڻ، نسچو ڪري نڪتو هو نه پرڀوءَ شڪتي ورت ڪمن ۾ نه وڃائيندو ۽ پل پل پرماتما جي ڀڳتيءَ ۽ ڀڄن ۾ رهندو، پر هتي اهي سڀ ڪمل واعدا وساري ويٺو.

هتي پهرين جنم جي مکيه مضمون هي آهي ته جيو فضول ڪمن ۾ ڦاسي، سنسار ۾ اچڻ جي مکيه مقصد کي ڀلائي وڃي ٿو. هن جيون جو اصلي مقصد پرماتما جي ڀڳتيءَ دوارا جنم مرڻ جا آواگون جا بندن ٽوڙي، پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جو آهي. پر جيو هن طرف ڌيان ئي ڪونه ٿو ڏئي. جيڪڏهن هن اگيانيءَ جو ستگروءَ سان ميلاپ ٿي وڃي ته هن کي سچي ڀڳتيءَ جي سادن جي ڄاڻ پوي ۽ هن جو جيون سڌري پوي. ڀڳتيءَ جو سادن صرف پوري ستگروءَ کان ئي ملي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو خود منزل تي پهتل چڪو آهي ۽ هو ئي ٻين کي ب اصلي ۽ عملي سهائتا ڏيڻ ۾ سمرٿ آهي.

' پهليءَ پهريءَ رئڻ ڪي ونجارنا مترا حڪم پئا گر پاس،
ارڌ تپ انتر ڪري ونجارنا مترا خصم سيتي ارداس.

---

(فوٽ نوٽ ڏسو صفحي ۱۷۹ تي).

خصم سمجهي ارداس وڪاڻيءَ ارڏ ڏنان لو لاڳا،
نامرجاد آنڌا ڪل پيتر باهر جاسي ناڳا.
جنسي ڦلم وڙي هڻ مستڪ لڳسي جيڙي ڀاس،
کهہ ناڪ ڀراٽي ڀليءَ ڀهريءَ حڪم ڀڳا گر پاس.
[2]دوجيءَ ڀهريءَ رڻ ڪيءَ وڻجارنا متڙا وسر گئيا ڏنان،
هتو هٿ نڇانيئيءَ وڻجارنا متڙا جنهن جسدا گهر ڪان.
هتو هٿ نڇانيئي ڀراٽي مات کهيءَ ست ميرا،
ڇمت اڇمت مرڙ من ميري انت نهي ڪڇ لهرا.
جن رڄ رڇنا لسه نہ جاڻيءَ من پيتر ڏر گڻان،
کهہ ناڪ ڀراٽي دوجيءَ ڀهريءَ وسر گئيا ڏنان.
ٽيجيءَ ڀهريءَ رڻ ڪيءَ وڻجارنا متڙا ڏن جو بن سهہ ڇمت،
هر ڪا نام نہ چمتهي وڻجارنا متڙا بڌا چتهہ جمت.

---

(صفحي ١٧٨ جو فوٽ نوٽ)

١. سنسار ۾ وڻج واپار لاءِ آيل متر، تون رات جي پهرين پهر ۾ پربهوءَ جي حڪم سان ماتا جي گرڀ ۾ آئين. تون اُتي اُبتو لٽڪيو تپ ڪندو هئين ۽ مالڪ کي ونتي ڪندو هئين. ننڍڙي لڏو اُن مالڪ سان لڳل هئي ۽ ننڍڙو ڏيان اُن ۾ جڙيل هو. تون مريادا جي خلاف نڪتو سنسار ۾ آئين ۽ اڳتي ٿي هٿان ويندين. توکي هتي مستڪ ۾ لکيل تقدير پورڪٽي پوندي.

٢. سنسار ۾ جنم وٺڻ سان ئي تون اُن مالڪ جي ڌيان کي ڀلجي وئين. جيئن ڪرشن کي ماتا جسودا جي گهر لاڏ پيار سان هٿون هٿ پاليو ويو، توکي به لاڏ ڪوڏ سان پاليو ويو ۽ ماتا چوڻ شروع ڪيو ته هيءُ منهنجو پٽ آهي. پر هي موڙهہ مَن، تون ساوڌان ٿيءُ، جو نہ انت سمي ۾ ڪير به تنهنجو نہ ٿيندو.

[1] هر ڪا نام نه چيتيو پراڻي ٻڪل ڀئا سنگ مائيا،
ڌن سئن رتا جوبن متا [2] اهلا جنم گوائيا.
ڌرم سيتي واپار نه ڪيتو ڪرم نه ڪيتو مت،
ڪهه نانڪ تيجي پهري پراڻي ڌن جوبن سئن چت.
[3] چؤٿي پهري رين ڪي ونجارئا مترا لاوي آئيا کيت،
جا جم پڪڙ چلائيا ونجارئا مترا ڪسي نه مليا ڀيت.
ڀيت چيت هر ڪسي نه مليو جا جم پڪڙ چلائيا،
[4] جهوٺا رُدن هوئا دوآلي کن مهه ڀئيا پرائيا.
سائي وست پراپت هوئي جس سئن لائيا هيت،
ڪهه نانڪ پراڻي چؤٿي پهري لاوي لڻيا کيت.
(سري راڳ م ١ - ٧٤)

پهلي پهري رين ڪي ونجارئا مترا بالڪ بڌ اچيت،
[5] کير پيئي کلائيئي ونجارئا مترا مات پتا ست هيت.
مات پتا ست نيهه گهنيرا مائيا موهه سبائي،
سنجوگي مائيا ڪرت ڪمائيا ڪرڻي ڪار ڪمائي.

---

١. مايا جي رنگ ۾ غلطان ٿي تون ڀڳتيءَ جي مارگ تان ٿڙڪي ويو آهين، هاڻي گهٻرائجي ڦري رهيو آهين.

٢. تون ڀڳتيءَ جو امولڪ جنم وقت برباد ڪري رهيو آهين.

٣. فصل ڪاٽڻ وارو يعني جمڪال کيت ۾ اچي ويو آهي. ڪڏهن ڪي پتو نه پيو ته هو جيو کي ڪيڏانهن وٺي ويو.

٤. آسپاس کنا تيل ماڻهو ڪُوڙو روڏن روئندا آهن. جيو پل ۾ ئي پرائو ٿي ويندو آهي.

٥. کير پيئندو آهي ۽ کيڏندو آهي. ماتا پتا کيس پيار ڪندا آهن. پر هيءُ سڀ مايا جو کيل آهي.

[1]رام نام بن مکت نه هوئي ٻُڏي ڏُوجيءِ هيت،
ڪهه نانڪ پراڻي ٻهليءِ ٻهريءِ چوٿهڪا هر چيت.
[2]ڏُوجيءِ ٻهريءِ رنڱ ڪيءِ وڻجارنا مترا پر جوبن مد مت،
[3]اهدس ڪام وناپتا وڻجارنا مترا الذولي نام نه چت.
رام نام گهٽ انتر ناهي هور جاڻيءِ رس ڪس ميٺي،
گيان ڌيان گڻ سنجم ناهي جنم مرهگي جهوٺي.
تيرٿ ورت سچ سنجم ناهي ڪرم ڌرم نهي پوجا،
نانڪ ڀاءِ ڀڳت نستارا دبڌا وناپيءِ دوجا.
تيجيءِ ٻهريءِ رنڱ ڪيءِ وڻجارنا مترا [4]سر هنس الٿڙي آءِ،
[5]جوبن گهٽيءِ جرونا جڻيءِ وڻجارنا مترا آو گهٽيءِ دن جاءِ.
انت ڪال پڇتاسي الذلي جا جم پڪڙ چلائتا،
سڀ ڪڇ اپنا ڪر ڪر رکتا کن مهه ڀئتا پرائتا.
[6]بڌ وسر جي گئي سياڻپ ڪر اوگڻ پڇتاءِ،
ڪهه نانڪ پراڻي تيجيءِ ٻهريءِ پرڀ چيتهه لو لاءِ.

---

١. جنهن رام نام کي وساري، ڏوجي ٻعدي ٻي وسنتن ۾ ماياوي پريم پيار ۾ ڦٿجي ٻڌي ويو آهي.

٢. ٻئي پهر ۾ شراب ۽ جوڀن جي نشي ۾ چوُر، غافل ٿي ويو.

٣. ڏيهن رات ڪام ۾ غلطان رهيو. الذي، نام کي چت ۾ نه رکيو، هري نه چيتيو.

٤. سرلو روپي سرووَر لي اڇن وارن وارا هنس لهي آيا.

٥. جوڀن وڃي رهيو آهي، ٻڍاپو اچي رهيو آهي ۽ هر روز عمر گهٽجي رهي آهي.

٦. ٻڌي کوهي، اوگڻ اختيار ڪيائين، هاڻي پڇتائي ٿو.

چوٿيءَ ڀيري رڻ کي وڃارڻا مترا ۱ ڀرت پٽنا لن ڪيڻ،
اکي الڌ ۽ ديسٽي وڃارڻا مترا ڪڏي سٽيءَ ۽ وڻڻ.
۲ اکي الڌ جيڀ رس ناهي رهي ڀراڪؤ ٽاٽا،
ڳڻ انتر ناهي ڪٿ سڪ پاوي مدمڪ آوڻ جاٽا.
۳ ڪنڙ ڀڪي ڪڙ ڀڄي ڀنسي آه چلوءَ ڪٿا ماڻ،
ڪهه ناڪ ڀراٽي چوٿيءَ ڀيري ۴ گرمڪ سبد پڇاڻ.
۵ اوڙڪ آئنا لن ساهڻا وڃارڻا مترا جر جر واٽا ڪن،
۶ اڪ رلي ڳڻ ۽ سمائنا وڃارڻا مترا اوڳڻ ڪنڙ سن بن.
۷ ڳڻ سمجهه جاوي چوٽ ۽ ڪاويءَ ٽا ٽس جمڻ مرٽا،
۸ ڪال جال جم جوهه ۽ ساڪيءَ ڀاءِ ڀڳت ڀٺ لرٽا.

---

۱. ڀداڀي ڪارڻ سرير ڪمزور ٿي ڀيو آهي.

۲. اکيون انڌيون ٿي ويئون آهن، زبان جو رس وڃائجي ويو آهي. ڀراڪؤ ٽاڻ = ڀراڪرم = اُدم ڪرڻ جي قابل نہ رهيو آهي.

۳. ڀڪو ٽيل سرير ناس ٿي ويندو آهي. اهڙي ايندڙ ويندڙ سرير جو ڪهڙو ماڻ ڪبو.

۴. هي ڀراٽي، ستگروءَ دوارا شبد جي پڇاڻ ڪر.

۵. ننڍهجي سواسن جو اچي انت ٿيو آهي ۽ ڪنڌن لي ڀداڀي جو بار اچي ويو آهي.

۶. لو رلي ڀر نہ ڀڄ ڪنا نہ ڪيا ڀر ڀاپ اليڪ ڪيا، جي هاٽي لوکي ڀڌي ڪٽي ويندا.

۷. جيڪو ڳڻن کي سمجهي ٿو ۽ سنجم سان هلي ٿو، اهو جمڻ مرڻ جي چوٽ نٿو کائي.

۸. جمڪال اُنجي نزديڪ نٿو اچي ۽ هوُ ڀرماتما جي ڀڳتي ڪري ڀوساگر لري وڃي ٿو.

¹ پٽ سيٽي جاوءِ سهج سماوءِ سگلي دوک مٽاوءِ،
² ڪهه نانڪ پرالٽي گرمک چونيءِ ساچي لي پٽ پاوءِ.
( م ١ - ٧٥ )

## پٽي

پٽي يا باون اکري (باونجاهه اکرن واري) ۽ سي حرفي (ٽن اکرن واري) وانگر ڪاويه روپ ۾ هڪ باڻي آهي، جنهن ۾ ليکڪ ورڻ مالها جي هر اکر کي آڌار بڻائي، اُن لي پرڀو جا وچار پرگهٽ ڪندا آهن. هن ۾ به پنجابي ورڻ مالا جي ٣٥ اکرن مان سلسليوار هرهڪ اکر کي آڌار بڻائي، اُن لي ساٽي رچي ويئي آهي. چيو وڃي ٿو ته گرو صاحب هيءَ پٽي ننڍي عمر ۾ ٿي پڙهڻ جي اسڪول جي پانڌيءَ لي لکي هئي. هن ۾ گرو صاحب جي اُپديش جي ڪيترن ضروري پهلن تي پرڪاش وڌو ويو آهي، جن مان پرماتما جو سروپ، ستگروءَ جي ضرورت، ڪرم ۽ آواڳون جو سڌانت ۽ جمڻ مرڻ کان مڪتي پائڻ جو ساڌن وغيره مکيه آهن.

هيٺ ڏنل چونڊيل پاڻيءَ مان پٽيءَ جي مُول ڀاو جي باري ۾ اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

سسيءِ سوهه سرست جن ساجي سيدا صاحب ايڪ پٽنا،
سوت رهي چت جن ڪا لاڳا آئنا تن ڪا سڦل پٽنا.

من ڪاهي ڀولي موڙ مدا،
جب ليکا ديوهه ڀيرا لئه پڙنا. رهاءُ.

---

١. اهو آدر ڀاو سان هٿان وڃي ٿو ۽ سهج ۾ سمائجي وڃي ٿو ۽ اُنجا سڀ دک مٽجي وڃن ٿا.

٢. جيڪو به ڪال ۽ مايا جي ڄار ۽ جمڻ مرڻ کان ڇوٽڪارو پائي ٿو، سو ستگروءَ دوارا ئي پائي ٿو.

ڳڳي گيان ٻوجهي جي ڪري، پڙهيا پنڊت سوءِ،
سرب جيئا مهه ايڪو ڄاڻي، تا هؤمي ڪهي نه ڪوئي.
ککي گهال سيوڪ جو گهالي، سبد گرو ڪي لاڳ رهي،
برا ڀلا جو سم ڪر ڄاڻي، ان بڌ صاحب رمت رهي.
ڇڇي چانڻا ورلي سڀ انتر، تيرا ڪيئا ڀرم هوئا،
ڀرم اپاءِ ڀلا ئين آپي، تيرا ڪرم هوئا تنهه گرو ملئا،
جهجهي جهور مرهه ڪتا پراڻي، جو ڪڇ ڏيڻا سه دي رهئا.
ڄڃي ندر ڪري جا ديکا، دوجا ڪوئي ناهي،
ايڪو رو رهئا سڀ ٿائي، ايڪ وسئا مـن ماهي.
ٽٽي ٽاهه اساري آپي، جنه تس پاوي لوءِ ڪري،
ڪر ڪر ويکي حڪم چلائي، تس نستاري تا ڪنه ندر ڪري.
ددي دوس نه ديئو ڪسي، دوس ڪرمان آپڻا،
جو مئن ڪيئا سو مئن پائئا، دوس نه ديجي اور جنا.
ڌڌي ڌار ڪلا جن ڇوڏي، هر چيجي جن رنگ ڪيئا،
تس دا ديتا سڀني ليتا، ڪرمي ڪرمي حڪم پيئا.
ڦڦي ڦاهي سڀ جڳ ڦاسا، جم ڪي سنگل بنڌ لئا،
گر پرسادي سي نر اُبري، ج هر سرڻاگت ڀڄ پئا.
(آسا، م ۱ - ۴۳۲-۴۳۳)

## ٻارهه ماهه

ڪنهن سمي ڀارت جي ڪوين ۾ ٻارهه ماها يعني ٻارهن مهينن لاءِ ڪاوِيه لکڻ جو عام رواج هو. هو قدرت جي نظارن کي آڌار بڻائي، مـن جي لاهين چاڙهين کي پيش ڪندا هئا. هو ڀرڪرتي ۽ ان جي الڳ الڳ مندن مان تصويرون چٽي، انهن جي آڌار تي پنهنجو اپديش تيار ڪندا هئا. گرو صاحب جن جي ٻارهه ماهه ۾ هڪ خاص خوبي اها آهي ته هر مهيني کي منش جنم سان ڀيٽي، اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته هيءُ موقعو اهڙو قيمتي ۽ ناياب آهي، جو الڪي وڃڻ وڃائڻ نه گهرجي.

اهڙي طرح ٻارنهن مهني جي روحاني اهميت کي ان مهني جي قدرتي نظارن ۽ خاص طور ٻين موسمي حالتن سان جوڙي، الڪي پنهنجي اُپديش جو ساڌن بڻايو اٿن. گروُ نانڪ صاحب جي ”بارهه ماهه“ ۾ هڪ وڏي خاصيت اها به آهي ته هن ۾ هڪ پاسي پريتم (پرماتما) کان وڇڙيل، برهه جي ماريل (آتما) جي آهه زاريءَ جو پاوشالي ۽ دل ڇهيندڙ بيان ڪيل آهي ۽ ٻئي پاسي وڇوڙي جي درد جي دوا ۽ پريتم جي ميلاپ سان پيدا ٿيندڙ عجيب، الوکي آنند جو به اشارو ڪيل آهي. ونهوڳ ۽ سنجوڳ جي هن سهاوڻي جوڙ ميل سان، لکاري راڳ ۾ رچيل، هن ”بارهه ماهه“ کي سنسار جي سروأتم ساهتيه ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

هن ”بارهه ماهه“ مان چند الڳ الڳ مهنن سان جوڙيل چند مهنن جا شبد هتي ڏنا ويا آهن.

### چيت

چيت ۾ بسنت بهار جي وڻندڙ موسم آهي، قدرت جو شان پوري جوڀن تي آهي، هر پاسي گل ڦل ٽڙيل ڦٽيل آهن. گلن جي چئني طرف گهمندڙ ڀنئرن ۾ لئين جوڀن ۽ نئين آشا جي مستي ۽ سوڀهن آهي. اهڙي سندر ۽ سهاوڻي موسم ۾ منهنجو پريتم پرديس هليو ويو آهي ۽ جيستائين پريتم پيارو گهر نٿو موٽي اچي، تيستائين مونکي آرام ڪيئن ٿو اچي سگهي؟ برهه جي پيڙا سان تن ڇتي ڇهون ڇهون ٿي رهيو آهي. ڪوئل انبن جي وڻن تي ويهي مٺا مٺا گيت ڳائي رهي آهي ۽ ڀنئرا گلن جي چوڌاري ڦري رهيا آهن، پر مون کان وڇوڙي جو درد سٺو نٿو وڃي. ساري سرشٽي خوشيون ملهائي رهي آهي، پر مون لاءِ اهو سڀ موت جو سامان آهي. جي منهنجو پريتم به واپس گهر اچي

وڃي ته موٽڪي به سچو سک، آنند ملي وڃي. گروءَ صاحب جن اشاري سان هيءُ وچار پيش ڪيو آهي ته جيو آتما کي ڀلي سنسار جا سڀ سک آرام ڇو نه ملي وڃن، پر جيسين هن جو پنهنجي پرماتما روپي پتيءَ سان ميلاپ نٿو ٿئي؛ هن جي وڇوڙي جي پيڙا دور نٿي ٿئي، تيسين هن کي ڪڏهن به سچو سک ۽ سچي شانتي نصيب نٿي ٿي سگهي. سک ڪيس جڏهن به ملندو ته هريءَ روپي ور جي گهر اچڻ تي ئي ملندو. ”نانڪ چيت سهج سک پاوئي، جي هر ور گهر ڌن پائي“.

چيت بسنت ڀلا ڀور سهاوڙي،
بن ڦولي منجهه بار مڻ پر گهر باهڙيءِ.
پر گهر نهي آويءِ ڌن ڪٿ سک پاويءِ،
برهه بروڌ تن ڇيجيءِ.
ڪوڪل انب سهاوي بوليءِ ڪئن دک انڪ سهيجيءِ.
ڀور ڀونتا ڦولي ڏالي ڪئن جيوا مرمائي،
نانڪ چيت سهج سک پاويءِ جي هر ور گهر ڌن پائي.

## آکاڙ

چيت جي سهاوڻي بهار جي موسم جي اُبتڙ آکاڙ مهنو ڏاڍو ڏکدائي آهي. اها موسم ڏاڍي خراب آهي. تيز گرمي ٿي رهي آهي، ڌرتي پتيءَ وانگر تپي رهي آهي، ٿهندڙ سورج ڌرتيءَ جو سارو رس (پاڻي) سڪائي ڇڏيو آهي. پر هيءَ سڪل ۽ مرجهايل ڌرتي اڃا به پنهنجي مالڪ طرفان سونپيل فرض کان منهن نه موڙي، ان کي نباهيندي رهي ٿي. ”پڻي سو ڪرت نه هاري“.

سورج جو رٿ آڪاش ۾ ڦري ٿو ۽ جيو آتما روپي استري سک جي خاطر ڇانوَ يعني پنهنجي پريتم جو آسرو،

سهارو ڳولهيندي ٿري ٿي. جيڪا استري پاڻ جي ڳالڙي ٻڌندي، سا اهڙي وچي ۾ دکن جي مار کائيندي. اهڙي وچي سک اها ئي استري پائيندي، جيڪا هتان سچ جو ڏاجو ٻڌي ڪٺي ويندي.

هر سچي پرهيءَ لاءِ پريتم جي رضا ۾ رهڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. جڏهن پريتم کي اسان پنهنجو من ڏئي ڇڏيو آهي، جڏهن پريتم سان اسان پريت جو ناتو جوڙيو آهي، هاڻي مرڻ جيئڻ ۽ دک سک ۾ انهي رضا تي راضي رهي پوڻا آهن. گرو صاحب نهايت سندر اشارو ڪن ٿا ته جي پريتم ڪانسواءِ سکن مان سک نٿو ملي سگهي ته دکن جي وقت ۾ انهي ئي آسري آڌار جي ضرورت آهي. پر جيستائين ميلاپ جو سک نه مليو آهي، تيستائين پاڻي ۾ رهندي ۽ پاڻ کان ڀڄندي، پنهنجي طرفان ميلاپ جي ڪوشش جاري رکڻ جڳائي.

آساڙ ڀلا سورج گگن تپي،
[1] ڌرتي دوک سهي سوکي اگن ڀکي.

[2] اگن رس سوکي مرئي ڌوکي ڀي سو ڪرم نه هاري،
[3] رٿ ڦري ڇانئا ڌن تاکي ٽيڊ لوي منجهه ٻاري.

---

۱. ڌرتي اگنيءَ سمان گرميءَ جا دک سهي سڪي رهي آهي.

۲. اگ جهڙيءَ گرميءَ سبب ڌرتيءَ جو رس (پاڻي) سڪي ويو آهي، ڌرتي سڪي ۽ مرجهائجي رهي آهي، پر تڏهن به پنهنجو ڪارڄ ڪندي ٿي اچي.

۳. سورج جو رٿ ڦري رهيو آهي، استري ڇانوَ ڳولهي رهي آهي ۽ ٽڏڙن باغ ۾ چين چين ڪري رهيون آهن.

¹ اوڳڻ ٻاڌ ڇلي ڏک، سک لس ساڃ سڀالي،
² ناڪ جس لو لڳ من ڏيئا مرڻ جيئڻ ٻرپ نالي.

## ساوڻ

ساوڻ جو مهينو برسات جي موسم جي اچڻ جو دلپسند سنيهو کڻي ٿو اچي. گرميءَ جون لهندڙ ٻنيون اڃايون ٿينديون آهن. سڪل ڌرتي بارش جي ٺڏي پاڻيءَ سان پنهنجي پياس اجهائيندي آهي. جڏهن ورڪا پرئل بادل ايندا آهن ته هر طرف خوشيون ڦهلجي وينديون آهن. پر هن سهاوڻي موسم ۾ به پريتم کان وڇڙيل، برهه جي ماريل استري ويوڳ ۾ لڇندي رهندي آهي. ٻاهرين رنگيني ۽ موج بهاري ان جي درد کي پاڻ وڌيڪ گهرو ۽ ڏکدائي ڪندي آهي. هوءَ اڪيلي آهي، آسمان ۾ چمڪندڙ بجلي هن کي ڏيکاري رهي آهي. سڄي سڪڻي سيج هن کي کائڻ ٿي اچي. اهڙو جيون ته موت کان به وڌيڪ ڏکدائي ٿو ڀاسي. ان پياري پريتم بنا نه ننڊ ٿي اچي، نه ٿڪ ٿي لهي ۽ نه سهڻا وستر ٿا وڻن. اصلي سهاڳڻ ۽ پتيءَ جي پياري اها استري آهي جا پنهنجي پريتم ۾ سمائجي ٿي وڃي.

ساوڻ سرس سداڳهڻ ورسهه رت آئي،
مڻ من تن سهه ڀاويءِ پر پرديس سڌائي.
پر گهر نهي آويءِ مرنيءِ هاويءِ دامن چمڪ ڊرائي،
سيج اڪيلي کري ڍهيلي مرڻ ڀيئا ڏک مائي.

---

١. جيڪا اوڳڻ ڪنا ڪري ڪڻي وڃي ٿي، سا انهن وڃي به ڏک ڀوڳي ٿي. سک ته انکي ملندو جيڪا سچ جو سودو سنڀالي ڪڻي ويندي.

٢. جنهنکي تن من ڏيئي ڇڏيو آهي، هاڻي سک ڏک، جيئڻ مرڻ به ان پريو پريتم جي رضا ۾ رهي ڀوڳڻو آهي.

هر ٻن لينڊ پوکه ڪهه ڪنسي ڪا ٻڙ تن نه سڪاوني،
نانڪ سا سوهاڳڻ ڪنتي ٻر ڪيو انڪ سماوني.

## پوهه

هيءَ اُرفيلي سرديءَ جو مهنو آهي. جيئن سخت سرديءَ ۾ ٻاري جي ڪارڻ وڻ ۽ ٻوٽا مرجهائجي وڃن ٿا، اهڙي طرح پرماتما جي وڇوڙي ۾ پوهه جي مارئل استريءَ جو سرير ۽ مَن نه سڪي وڃن ٿا. هوءَ پنهنجي پرماتما لاءِ تڙپي ٿي، ڇاڪاڻ ته اُن بنا سندس جيون ئي وئرٿ آهي.

گروءَ صاحب جي هن مهني جي شبد جو ٻيو اَڌ پرمارٿي ڀاو سان ڀرپور آهي. پاڻ فرمائين ٿا ته سنسار جو جيون آڌار پرماتما، ستگروءَ جي بخشيل شبد جي ڪمائيءَ سان ملندو آهي. سرشٽيءَ جي چمڪي ڪائنات جي سڀني جيون ۾ اُن هڪ ئي پرماتما جو نور آهي. اُن جيون داتا جي ميلاپ مان ئي سچو سک ملي سگهي ٿو.

[1] پوکه لڪار پڙيو وڻ ترڻ رس سوکيو،
[2] آوت ڪي ناهي من تن وسهه مکي.
مَن تن رو رهتا جگ جيون گر سبدي رنگ ماڻي،
[3] اٻدج جيرج سيتج اُيج گهٽ گهٽ جوت سمائي.
[4] درسن ديهه دئيا پت داتي گت پاون مت ديهو،

---

١. پوهه ۾ برف پوڻ سان وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽن مان رس سڪي ويندي آهي.

٢. منهنجي من تن ۽ مک ۾ سمايل پرماتما، تون اچين ڇو نه ٿو؟

٣. جنن ئي ڪائنات ۾ تنهنجي ئي جوت آهي.

٤. هي ديالو داتا درشن ڏيو، سٺي مت ڏيو ۽ سٺي گتي ڪريو.

١ نانڪ رنگ روچي رس رسيئا هر سنگ پريت سنيهو.
(تکاري، م ١-١١٠٨-١١٠٩)

## دکڻي اونڪار

### رچنا، پرماتما، گرو ۽ مُڪتي

جيو وڃي ٿو ته گرو صاحب جن هيءَ "دکڻي اونڪار" ٿالي لکي ٻاڻي، جڏهن ڏکڻ ڀارت جي يانرا ۾ بنارس ۾ اُچاري هئي. هنجا ٥٤ پد آهن ۽ هنجو مکيه وشيه رچنا جو سروپ ۽ پرماتما جو جس ڳائڻ آهي. ان مان چار پد ڀاوارٿ سميت هيٺ ڏنا وڃن ٿا:

اُن پرماتما سهج ۾ ٽن لوڪن جي رچنا ڪئي ۽ پاڻ ئي ساري ترلوڪيءَ جو پرڪاش بڻجي ويو ٻعدي رچنا رچائي هؤ آهي ڪٽي ۾ سمائجي ويو. ستگروءَ جي سهائتا سان روحاني اپياس دواران هي ڀيد پراپت ٿي سگهي ٿو. جيڪو اُن پرماتما سان اندر ميلاپ ڪري ٿو، اُن کي اها سوجهه سمجهه پوي ٿي ته پرڀوءَ بنا، باقي هيءَ دنيا جو روپ سڀ مايا وي چل آهي، فاني آهي.

سسيءِ سڀ جگ سهج اُپائيا تين ڀون اِڪ جوتي،
گرمک وست پراپت هووي چڻ ليءِ ماڻڪ موتي.
سمجهي سوجهي پڙ پڙ بوجهي الکه نرنتر ساچا،
گرمک ديکي ساچ سمالي بن ساچي جگ ڪاچا.

اُن پرماتما جي پرڪاش سان ئي هر هنڌ ڌرتي ۽ ساگر ۾ پرڪاش آهي. ستگرو پرماتما جو روپ آهي ۽ پرماتما وانگر ئي ساري ترلوڪيءَ ۾ سندس حڪم هلي ٿو. پرماتما

---

١. جڏهن جي هريءَ سان پريت ۽ سنبنڌ آهي، سا هن رس سان پريل پريتم جو رس ماڻي ٿي.

ستگروءَ جي روپ ۾ سنسار ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو ۽ ستگروءَ جي دَيا مهر سان ئي جيو پنهنجي نج گهر واپس پهچي ٿو. پوءِ هن جي اندر شبد يا نام روپي امرت جي برسات وسي ٿي ۽ هُو سدا اُنجي رس ۾ مگهن ٿي وڃي ٿو ۽ اُن ڪرتا پرک ۾ سمائجي، پاڻ به اُن ڪل مالڪ، ڪرتا پرک جو روپ ٿي وڃي ٿو.

اورم ڌورم جوت اُجالا ٽين ڀوڻ مهه گر گوپالا،
اوگوڻا اَس روپ دکاوي ڪرڪرپا اپني گهر آوي.
اونو ڀرسي ليجهر ڌارا اوڙم سبد سوار ٽهارا،
اِس اِڪي ڪا جاڻي ڀيئه آپي ڪرتا آپي ديئه.

جنهنڪي اندر ۾ سچو گيان پراپت ٿئي ٿو، اهو من ۽ پنجن وڪارن کي وس ڪري ٿو ۽ هن جو ڌيان هيٺان اندران جي طرف ڪان هٽي مٿي نام يا شبد جي ڪمائيءَ ۾ لڳي ٿو. هنڪي ٽنهي لوڪن ۽ ٽنهي ڪالن (زمان ماضي، حال ۽ مستقبل ۾) مطلب ته هر استان ۽ هر سمي ۾ اهو سرو وياپڪ پرماتما هر جيو ۽ هر شيءِ ۾ وياپڪ يا رميل نظر اچي ٿو.

اهڙ پرماتما ئي دَيا مهر ڪري جيو کي منش چولي جي بخشش ڪري ٿو، جنهن ۾ پرماتما جو ميلاپ ٿي سگهي ٿو. منش جو پرم ڌرم اِهو آهي ته هُو اُن ڪرتار کي ڪڏهن به نه ڀلائي. اهڙ پرماتما ئي ساري هستيءَ جو سک سار آهي ۽ جيڪو سندس نام جي رنگ ۾ رڱيل آهي، اهو هن لوڪ چاهي پرلوڪ ۾ سک شانتي ۽ سنمان پائي ٿو.

اگوءِ سور اسر سنگهاري اوچه ڍڪ سبد بيچاري،
اوُپر آد انت تهه لوءِ آپي ڪري، ڪٿي، سڻي سوءِ.
اوهه بڌاتا من تن ديئه اوهه بڌاتا من مکه سوءِ،
پرڀ جگ جيون اور نه ڪوءِ نانڪ نام رتي پت هوءِ.

اهو پرماتما اڪال آهي يعني ڪال يا وقت جي حد کان پري آهي. سڀني جڳن ۾ هڪجهڙو پرڪاش آهي. هو نه اچي ٿو ۽ نه وڃي ٿو. هو نروير آهي ۽ ڪنهن سان به وير يا گهرڻا ڪونه ٿو ڪري. جو ڪجهه به آهي، سو سڀ سندس سهاري بيٺل آهي. هن کي من اندرين جي گيان سان سمجهي يا پهچي نه سگهبو، ڇاڪاڻ ته هو من اندرين جي پهچ کان ٻاهر آهي. صرف نام ابهياس روپي جوڳ ذريعي هن جي پراپتي، انڀولي ۽ درشن ٿي سگهي ٿو ۽ اها انتردرشٽي پراپت ٿئي ٿي، جنهن سان هو ساري ڪائنات جو روح روان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن جي سچي نام بنا، ڪو به ڪنهن به حالت ۾ مڪتي پراپت ڪري نٿو سگهي.

جڳ جڳ ٿاپ سدا نروير جنم مرڻ نهي ڌنڌا ڌنڌ۔
جو ديسي سو آپي آپ اپاء آپي گهٽ ٿاپ.
آپ اگوچر ڌنڌي لوئي جوڳ جڳت جڳ جيون سوئي۔
ڪر آچار سچ سک هوئي نام وهوڻا مڪت ڪو هوئي.

(رامڪلي، م ١ - ٩٣٠ - ٩٣١)

# چوندیل ٻاڻي

## مکيه وشيه

* پرماتما
* ستگرو
* شبد
* ڪرم ڪالھ
* من
* پريم

# پرماتما

## ۱. پيءُ تيري قيمت نا پوئي

چيو وڃي ٿو ته شردا، شڪراني ۽ نمرتا جي ڀاو ۾ ڀريل هي شبد، گرو صاحب ڪالي ويئين نديءَ جي ڪناري تي ٽبي اليو ۽ ٽيهو ٽپائيءَ ڪان پوءِ واريءَ اوستا ۾ اچاريو هو. انومان لڳايو وڃي ٿو ته گرو صاحب جن لڳاتار ٽن ڏينهن تائين سماڌيءَ جي اوستا ۾ مگن رهڻ ڪانپوءِ محسوس ڪيو ته اهو پرماتما ۽ سندس نام اٿاهه ۽ اڪٿ آهي. پاڻ اهو ٻڌايون ته چاهي منهنجي عمر ڪروڙين سال لمبي ٿي پوي ۽ هڪ ٻه پل روڪڻ بنا، غفا ۾ ويهي ڀڳتي ڪندو رهان ته به اُن پرڀوءَ ۽ اُنجي نام جي پوري مهما ڪري سگهڻ يا اُنجو انت پائي سگهڻ ناممڪن آهي. هوُ نراڪار آهي ۽ سندس نام اڪٿ آهي. صرف ٻين جي چوڻ ٻڌڻ سان ئي هنجي مهانتا جو اندازو لڳائڻ ممڪن ناهي. اهو ڪرتا، ڪل مالڪ پاڻ ئي ديا مهر ڪري پنهنجو ڀيد ڏئي، تڏهن ئي سندس گيان ٿي سگهي ٿو.

اسين انيڪ پرڪار جي همت ڪرمن ۽ تپ، تياڳ آدي سان به اُن پرماتما ۽ سندس نام جي سمجهه ٻوجهه پائي نٿا سگهون. چاهي ڪٿي ڪنهن کي پکين وانگر آسمان ۾ اڏامڻ جي يا اَن، پاڻي ۽ هوا بنا گذر ڪرڻ جي شڪتي ڇو نه پراپت ٿئي، پر ته به هوُ انهن انوکين شڪتين ۽ ٻين ڪيترن ڪوشش جي باوجود، پرماتما ۽ اُنجي نام جو گيان پائي نٿو سگهي. گرو صاحب فرمائين ٿا ته ڀلي موُن وٽ لکين مڻ ڪاغذ هجي ۽ لکڻ لاءِ مس جو ڀريل سمنڊ هجي، مونکي هوا جهڙي تيز رفتار سان لکڻ جي طاقت هجي ۽ مونکي بيشمار ڌرم گرنٿن جو پورو گيان هجي، تڏهن به مان اُن پرم پتا پرماتما ۽ اُنجي نام جي مهما لکي نه سگهندس.

[1] ڪومت ڪونّي ميري آرجا ٻوڻ ٻيڻ اَبتاءِ،
چنڊ سورج ڏنهن غفيءَ نه ڏيکا سمهيءَ سڻ نه ٽاءِ،
پي ليري قيمت نا ٻويءَ هنڌ ڪيڏ آڪا ناءِ.
ساچا نرنڪار ٻج ٿاه.
[2] سڻ سڻ آڪڻ آڪڻا جي ٻاويءَ ڪري طماءِ،
[3] ڪسا ڪٽيٽا وار وار ٻيسڻ پيسا ٻاءِ.
[4] اڳي سيتي جا ليٽا ٻسر سيتي رل جاه،
پي ليري قيمت نا ٻويءَ هنڌ ڪيوڏ آڪا ناءِ.
ٻڌڪي هوه ڪيءَ جي ٻوا سوءَ اسماني جاءِ،
نڌري ڪسيءَ نه آوتوُ نا ڪڇ ٻيٽا نه ڪاءِ،
پي ليري قيمت نا ٻويءَ هنڌ ڪيوڏ آڪا ناءِ.
[5] لااڪ ڪاگد لکه مٽا ٻڙ ٻڙ ڪمهيءَ ياءِ،
[6] مسوُ لومت نه آولي ليکڻ ٻشڻ چلاءِ،
پي ليري قيمت نا ٻويءَ هنڌ ڪيڏ آڪا ناءِ.
(سري راڳ، م ١-١٤)

---

١. منهنجي ڪروڙن سالن جي عمر هجي ۽ هوا ئي منهنجو کاڌو پيئڻ هجي.

٢. طماءِ = ڏيا. ماڻهو ٻڌي ٻڌي هنجا گڻ بيان ڪندا آهن. ٿر جي ٻاڻ ڏيا ڪري نه سندس ٻيد ملي وڃي.

٣. مان ڪائيو وڃان ٻيا ڪسي وڃان، چاهي ٻيسجي وڃان.

٤. باهه ۾ سڙي وڃان ۽ رک ٿي وڃان.

٥. لکين مڻ ڪاغذ جي ڏرم گرنٿن کي پيار سان پڙهي الهڪي ويچاريان.

٦. مسو = مس. مس جي ڪومت نه ٿئي ۽ هوا روپي قلم سان لکان.

## ٢. تون درياءُ دانا بينا

اهو پرم پتا پرماتما اٿاهه، اپار سمنڊ سمان آهي ۽ جيو ننڍين ننڍين مڇين سمان آهن. هڪ ننڍي مڇي سمنڊ جو انت ڪيئن پائي سگهندي؟ اها ويچاري سمنڊ جي لنبائي، چوڙائي ۽ گهرائي ڪيئن ڄاڻي سگهندي؟

پرماتما سرووياپڪ آهي. جنهن جيءَ کي پرماتما اهڙي طرح سڀ ۾ وياپڪ نٿو ڏسڻ ۾ اچي، سو انهن گهٽجي مري ٿو، جيئن پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتل مڇي تڙپي مرندي آهي. جيو پنهنجي موت کي من مان ڀلائي ٿو وهي، پر جڏهن جمدوت اچي سندس گلو دٻائين ٿا ته انهيءَ وقت هو پرماتما کي ياد ڪري ٿو. انهيءَ وقت ڇا ٿو ٿي سگهي؟

جيو اگيانتا ڪارڻ پرماتما کي دور سمجهي ٿو. هنکي اها خبر ڪانهي ته اهو مالڪ اندر وهي، مٿس جي سڀني ڪرتوتن کي ڏسي رهيو آهي. پنهنجي ڪئي کان، ڪرمن کان جيو ڪيئن ٿو انڪار ڪري سگهي؟ گرو صاحب جن نمرتا پوروڪ فرمائين ٿا ته مان اُن مالڪ سان ملڻ جو اڌڪاري نه آهيان، ڇو ته مون سندس نام جو ڌيان نه ڪيو آهي. پر مان خوشيءَ سان سندس پاڻو مڃي وٺندس، ڇاڪاڻ ته اُن ڪالسواءِ مونهنجو ٻيو ڪو سهارو ڪونهي. گرو صاحب فرمائين ٿا ته مونهنجو تن، من ۽ ڌن اُن سڀي پريتم تان قربان آهي، جو هر جڳهه حاضران حضور ۽ رميل آهي ۽ سڀ ڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي وٺو. هو ساري سرشٽيءَ جو ڪرتا سرجڻهار آهي ۽ جو ڪجهه به ٿي رهيو آهي، اُن جي رضا ۽ حڪم سان ٿي رهيو آهي.

[1]تو درياءُ دانا بينا مَين مڇلي ڪئسي انت لهان،
جهه جهه ديکا تهه تهه تو هئين تجهه سي نڪسي ڦوٽ مرا.

---

١. تون سڀڪجهه ڄاڻڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو سمنڊ آهين.

[1] نہ جاڻا ميئُ نہ جاڻا جالي جا دک لاڳي تا تنهنجي سمالي.
رهاءِ.

تو ڀرپور جاڻيا مئن دور جو ڪڇ ڪري سو تيري حدور.
تو ديکهہ هئن مکر پاءِ [2] تيري ڪم نہ تيري ناءِ.
جيتا ديهہ تيتا هئن کاءِ ٻيا[3] در ناهي ڪئن در جاءِ.
نانڪ ايڪ ڪهي ارداس جيئُ پنڊ سڀ تيري پاس.
[4] آپي نيڙي دور آپي هي آپي مڌ مڌانو،
آپي ويکي سڻي آپي هي قدرت ڪري جهانو،
جو تس ڀاوي نانڪا حڪم سوئي پروانو.

(سري راڳ، م ١- ٢٥)

## ٣. پرڀو ئي سچو رازق آهي

اڳياڻي مدش ائين ٿو سمجهي تہ مان پنهنجي روزي يا آجيوڪا پاڻ ڪمايان ٿو. اصل ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ جنهن ڪري اهو پرماتما سنسار ۾ موڪلي ٿو، اُنجي روزي اول ئي سنسار ۾ موڪلي ٿو ڏئي. انسان حيوان، پسون پکي ۽ جيو جنت، سڀني کي رزق ڏيڻ وارو اهو پرماتما پاڻ آهي. پسون پکي نہ تہ خزانا ڀرڻن ٿا ۽ نہ اناج جا ڀنڊار. اهو مالڪ، پرت پالڪ جهنگلن، وڻن، پهاڙن ۾ ئي انهن لاءِ رزق جا ڀنڊار جمع ڪري رکي ٿو. آجيوڪا وٺڻ وارا تہ سڀئي

---

١. ميئُ = ملاح. نہ موليڪي ملاح جو پتو آهي ۽ نہ جاريءَ (جمڪال) جو.

٢. نہ مان تنهنجي ڪنهن ڪم جي آهيان ۽ نہ تنهنجي نام ۾ آهيان.

٣. ٻيا = ٻيو. ڪو ٻيو در ڪونهي جتي مان هلي وڃان.

٤. مڌ مڌانو = وچ ۾. ويجهو بہ تون پاڻ آهين، دور بہ تون پاڻ آهين ۽ وچ ۾ بہ تون ئي آهين.

ناسولت آهن، پر آجيوڪا ڏيڻ وارو اهو مالڪ امر ۽ اناديھ آهي.

۱ نہ رزق دست آ ڪسي ۲ همارا ايڪ آس وسي.
۳ است ايڪ دگر ڪئي ۴ ايڪ لئي ايڪ لئي.
۵ پرند ني نہ گراهہ جر ۶ درخت آب آس ڪر.
۷ دهند سئي ايڪ لئي ايڪ لئي.
(مانجهہ دي وار، م ۱-۱۱۴)

## ۲. ساگر مهہ بوُند، بوُند مهہ ساگر

هن شبد ۾ گروُ صاحب وڏا روحاني ڀيد ظاهر ڪيا آهن. بوُند سمنڊ ۾ هوندي آهي ۽ سمنڊ جا سڀ گڻ ۽ خاصيتون بوُند ۾ هونديون آهن. اهڙيءَ طرح آتما پرماتما ۾ آهي ۽ پرماتما آتما ۾ آهي. هرهڪ جيو اُن ديوہ جوتيءَ جو ئي پرڪاش آهي ۽ هرهڪ آتما، پرماتما ۾ اهيڏ ڀيا لين ٿي

---

۱. ڪنهن ٻئي جي هٿ ۾ رزق يا روزي ڪانهي.
۲. همارا = سڀني کي. وسي = بس. سڀني کي اُنهيءَ هڪ جي آس، آسرو آهي. ٻئي جي آس، آسري جي ضرورت ڪانهي.
۳. است ايڪ = هڪ ڏنو آهين. دیگر ڪئي = ٻيو ڪير آهي؟
۴ هڪ لون ني آهين، هڪ لون ني آهين.
۵. پرند ني = پکي. گراهہ = ڳڀيا ۾. جر = زر = ڏن دولت. پکين وٽ ڏن دولت نہ هوندي آهي.
۶. آب = پاڻي. هوُ درختن ۽ پاڻيءَ جي آسري رهندا آهن.
۷. دهند سئي = ڏيڻ وارو اُهو ئي آهي.

پرماتما جو روپ ٻڌڻ جي قابل يا سمرٿ آهي. جيئن ٻڌڻ جي مول يا اصلي روپ ۾ پرماتما ئي آهي. پرماتما ساري برهمانڊ جي رچنا ڪري، اُن جي ڪڻ ڪڻ ۾ وياپڪ آهي. هن سچ جو جيئرو جاڳندو اهڃاڻ پوري ستگروءَ دوارا ٿيندو آهي. جڏهن ڪي هيءَ ساکيات گيان پراپت ٿئي ٿو، سو سرير جي بندن کان هميشه لاءِ مڪت ٿي وڃي ٿو.

گروءَ صاحب هن روحاني سچ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيترن ئي اهڃاڻن ڳالهين ذريعي ڪن ٿا، جي هڪ ٻئي جي ورڌ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پاڻ فرمائين ٿا ته ٻنپهرن جي وقت پورن انڌڪار ٿي سگهي ٿو ۽ رات جي گهور انڌيري ۾ سورج جو پرڪاش ٿي سگهي ٿو. هتي پاڻ اندروني روحاني منڊلن ۾ سورج جي پرڪاش ڏسڻ بابت اشارو ڪري رهيا آهن. هن سورج جو اندر درشن ڪرڻ واري کي، ٻاهر رات جي انڌيري هوندي به، اُن وقت هر طرف پرماتما جو نور، پرڪاش نظر اچي ٿو. پر جڏهن اُن سورج جو درشن نه ڪيو آهي، اهو ٻاهرين پرڪاش ڏسڻ جي باوجود روحاني روشنيءَ کان محروم آهي يعني انڌيري ۾ آهي. مولانا روم به فرمائين ٿا ته مان توسان تڏهن ڳالهائيندس، جڏهن تون اڌ رات جو به سورج ڏسندو هوندين.

اهو سادن يا گيان ستگروءَ کان پراپت ٿيندو آهي. ٻيو ڪو ڀلي لک دفعا ودوان، ڳڻوان يا گياني ڇو نه هجي، پر اُن ڀيد جو گياتا معني ڄاڻندڙ ۽ داتا معني ڏيندڙ نٿو بڻجي سگهي. پاڻ سمجهائين ٿا ته شبد جي ابياس سان اهڙو گيان پراپت ٿئي ٿو ۽ وويڪ اهڙو نرمل ٿئي ٿو، جو زندگيءَ جون سڀ ڳجهارتون حل ٿي وڃن ٿيون. ستگروءَ جي بخشيل شبد سان من ايڪاگر ٿئي ٿو ۽ سهج سماڌيءَ جي اهڙي اوچي اوستا پراپت ٿئي ٿي، جڏهن ۾ هر ڳالهه جو ساکيات

گيان حاصل ٿئي ٿو. هيءَ ٿي گرؤءَ جي شبد جو چمتڪاري ڪيل آهي، اهڙي الوڪي ساکي ۽ اکٿ ڪٿا آهي. گرؤ صاحب فرمائين ٿا ته ماڻهن خوشقسمت جيون تان ٻلهار وڃان ٿو، جيڪي سدائين لاءِ گرؤءَ جي شبد ۾ سمايل رهن ٿا.

ساگر مهه ٻوند ٻوند مهه ساگر [1]ڪوڻ ٻجهيءِ بڌ جاڻيءِ،
[2]الٽ چلت آپ ڪر چينيءِ آپي تت پڇاڻيءِ.
[3]ائسا گيان بيچاري ڪوئي تس تي مڪت پرم گت هوئي،
[4]دن مهه رين، رين مهه دنيئر اسن سيت بڌ سوئي،
تاڪي گت مت اور نه جاڻيءِ گر بن سمجهه نه هوئي.
[5]پرک مهه نار نار مهه پرکا ٻوجهه ٻرهم گياني،
ڌن مهه ڌيان ڌيان مهه جاڻيا گرمک اکٿ ڪهاڻي.
من مهه جوت جوت مهه منوا پنچ ملي گرڀائي،
نانڪ تن ڪيءِ سد ٻلهاري جن ايڪ سبد لو لائي.
(رامڪلي، م ۱ - ۸۷۸ - ۸۷۹)

## ٥. الکم اپار اگم اگوچر

اهو ڪل مالڪ پرماتما، من ٻڌيءَ جي پهچ کان پري آهي. هو اجر، امر، اڇل ۽ اٿاهه آهي. هو سمي، استان، ڪال، ڪرم ڦل يا ڪارڻ اثر ۽ ذات پات جي ٻنڌڻن کان

---

۱. هن ڀيد جو ڪيئن پتو لڳي؟

۲. اُن پرڀوءَ پاڻ ئي سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي ۽ پاڻ ئي اهو ڀيد ڄاڻي ٿو.

۳. جيڪو اهو گيان پائي ٿو، اُنکي پرم گتي پراپت ٿئي ٿي.

۴. ڏينهن ۾ رات آهي، رات ۾ ڏينهن آهي، گرميءَ ۾ سردي آهي.

۵. پرماتما ۾ آتما آهي ۽ آتما ۾ پرماتما آهي.

آزاد آهي. ان جو پرڪاش يا هستي پنهنجو پاڻ مان ئي آهي ۽ هوُ پنهنجو آڌار پاڻ ئي آهي. هوُ اڄوني ۽ اڄنما آهي يعني جوڻ ۽ جنم مرڻ جي بندن کان آزاد، روپ رنگ ۽ ورن چهن وغيره کان نيارو آهي.

اهو الک، اگم ۽ نراڪار پرماتما صرف شبد دواران پرگهٽ ٿيندو آهي ۽ شبد جو ڀيد نڌهه ستگرو ڏيندو آهي. پورن ستگرو بجر ڪپاٽ کولي، اندر سماڌيءَ ۾ لين ٿيل آن ستپرش، پرماتما جو درشن ڪرائيندو آهي.

پرماتما سرشٽي اُپائي، الکي ڪال جي اڌين رکيو آهي. جيڪي جيو ستگروءَ جي شرن ۾ اچي، ستگروءَ جي بخشيل الهه شبد جي ڪمائي ڪن ٿا، سي سدائين لاءِ ڪال جي جار کان ڇٽي وڃن ٿا.

جڏهن سرير روپي برتڻ کي ۽ من کي آشا ترشنا ۽ ٻين وڪارن کان ڌوئي نرمل ڪبو، تڏهن ئي اهو پرپورن ۽ نرمل پرماتما انجي اندر پرويش ڪندو. پر اهڙا تهه ڪريءِ جيو سنسار ۾ ورلي ملندا، جي آتما کي نرمل ڪري پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جي لائق بڻجندا آهن.

الک اپار اگم اگوچر نا تس ڪال نه ڪرما،
جات اجات اجوني [1]سنڀئُو نا تس ڀاءُ نه ڀرما.
ساچي سچيار وٽهه قربانڻ،
نا تس روپ ورن نهي رکتا ساچي سبد نيسانڻ.
نا تس مات پتا [2]سٽ بنڌپ نا تس ڪام نه ناري،
[3]اڪل نرنجن اپر پرنپر سگلي جوت تماري.

---

١. جو پنهنجو پاڻ مان هستيءَ ۾ آيو آهي ۽ ڪال ۽ ڪرم کان پار آهي. ٢. انجو ڪو پٽ يا سنبنڌي ڪونهي.
٣. هوُ ڪل ونس کان رهت آهي ۽ نرنجن يعني مايا کان نرليپ آهي.

گھٽ گھٽ اندر برهم لکائتا گھٽ گھٽ جوت سمائي،
[1] ڀڄ کهاٽ مکتي گرمتي نرڀئه ناڙي لائي.
[2] جنت اپاءِ ڪال سر جڏتا وسڪت جگت سمائي،
ستگر سيو پدارٿ پاوهه ڇوڙهه سبد کمائي.
سؤچي پاڻيءَ ساچ سماويءَ ورلي سوچا چاري،
[3] نتيءَ کو پرم تت ملائتا نانڪ سرڻ تماري.
(سورٺ، م ١-٥٩٧)

## اربد نربد ڌنڌ وڪارا

ايڪ جڳن تائين اونڌهه انڌڪار ڇانيل هو. سرشٽيءَ جو ڪو نالو نشان به نه هو. اُن وقت سن سماڌيءَ ۾ اڪيلي پرماتما يا اُنجي سرو وياپڪ حڪم ٻيو ڪجهه به نه هو. چنڊ سورج ۽ ڌرتي تارا به نه هئا، انڌڪري ڏينهن رات به نه هئا. نه پنج تت پيدا ٿيا هئا ۽ نه اُپت کپت جا کي ساڌن ئي هئا. ساگر، نديون ۽ کنڊ پاتال آدي به نه پيدا هئا. نه آد هئي ۽ نه انت ۽ نڪي گھٽ وڌائي جا اُپرڻ لهڻ. اُن وقت نڪو سرڳ هو ۽ نه نرڪ، چاڪاڻ ته جنم مرڻ جو چڪر ئي اڃا شروع ڪونه ٿيو هو ۽ نڪو مٿيان روحاني آنند جا منڊل هئا. اڃا نه برهما، وشنو، مهيش ۽ ديوي ديوتا به پيدا ڪونه ٿيا هئا ۽ نه نر ۽ ناري هئا ۽ نڪو ڏک يا سک. صرف هڪ ئي پرماتما، امر اجر پاڻ هو ۽ اُن کانسواءِ ٻيو ڪوبه نه هو، ڪجهه به نه هو.

---

١. گروءَ جي ڪرپا سان ڀڄ کهاٽ کلن ٿا ۽ اندر سماڌيءَ ۾ لين ٿيل نرڀئه پرڀوءَ جو درشن ٿئي ٿو.

٢. پرماتما جيون کي اُپائي، پنهنجي ڪلا سان اُنهنکي ڪال جي اڌين ڪري ڇڏيو آهي.

٣. تت، پرم تت ۾ ملي وڃو يعني آتما پرماتما روپي ساگر ۾ سمائجي وڃي.

اُن وقت نڪي جپي تپي، سڌ ساڌڪ يا جوڳي جنگم هئا ۽ نڪي پاٺ پوڄا يا منتر تنتر ڪرڻ وارا هئا، نڪي ڪي ڌرم مذهب يا مت متانتر هئا. پرماتما پنهنجو ظهور پاڻ هو، پنهنجي قيمت پاڻ ئي ڪٿيائين ۽ پنهنجي شان شوڪت ۽ آنند ۾ پاڻ ئي مگن هو.

اُن سمي ڪنهن به قسم جي سچ جهوٽ، ذات پات، موهه مايا وغيره جو جنم ڪونه ٿيو هو. ڪرشن ۽ سندس گوپيون، گورک مڇندر، گيان ڌيان، ڪرم ڪانڊ، ملان قاضي، شيخ حاجي، وید ڪتيب، برهمڻ کتري، گئوُ گايتري، تيرٿ ورت، هوم يگيه، راجا پرجا، مندر مسجد آدي جو نالو نشان به نه هو. اڃا نه نيڪي ۽ بدي يا ڪرم ۽ ڦل جو سلسلو به جاري ڪونه ٿيو هو. اڃا نه پرجا ۽ پرڪرتيءَ جو دؤر به نه آيو هو، سو الڳ الڳ ڌرمن ۽ ڌرم استانن جي پاڻ ۾ وير وروڌ جي گنجائش به بنهه ڪانه هئي.

اُن وقت پورڻ ايڪتا هئي. اُهو هڪ ئي پرماتما، پاڻ ئي شاهه هو ۽ پاڻ ئي واپاري هو. هُو پاڻ ئي ڪرڻ ڪرائڻ وارو هو، پاڻ ئي چوڻ ۽ ٻڌڻ وارو هو. پاڻ ئي اشٽ هو ۽ پاڻ ئي ساڌڪ هو.

جڏهن اُنجو حڪم يا موج ٿي ته اُن پرماتما پاڻ ڪائنات جي رچنا ڪئي ۽ بنا ڪنهن آڌار جي آڪاش بڻايائين. هن خود برهما، وشنو، مهيش ۽ شڪتي يا مايا پيدا ڪيا، جن اگيان وڌي سارو موهه ممتا، مايا، اگيان روپي انڌيرو ۽ دويت ميه پسارو اُپايو.

اُن ڪل مالڪ پرماتما نه صرف موهه مايا پيدا ڪيا، پر ان مان ڇوٽڪاري پائڻ جو سامان ۽ ساڌن به پاڻ بڻايائين ۽ پنهنجي ديا مهر سان ڪن ڳاڻ ڳڻين جيون کي چونڊي، کين ستگروءَ ڏانهن رجوع جي پريرڻا به ڏنيائين، جنهن

دوارا کهن شبد روپي ذات پراپت ٿي ۽ اهي ستگروءَ جي راهه دوارا اَن الکه کي سڃاڻڻ جي قابل بڻجي پيا. سنسار ۾ ڪوبه جيو پنهنجو پاڻ پرماتما جو گيان پائي نٿو سگهي. پرماتما اهو وقت، طريقو يا نيم ڪيس پراپت ڪرڻ جو (پرڀو پراپتيءَ جو) پاڻ ٿي ٺاهيو ۽ جاري رکيو آهي. جيون کي سندس لکا گم يا گيان ڪونهي، پر ستگروءَ ذريعي ڪن ورلي جيون کي اَن الکه ۽ اگم پرڀوءَ جو ڀيد پراپت ٿئي ٿو ۽ اهي ڀاڳيه شالي جيو سدا لاءِ اَن پرماتما ۾ سمائجي، سهج ۽ امر آنند جي استٿي ماڻين ٿا.

اربد نربد ڌنڌ وڪارا  ڌرڻ نه گگنا حڪم اپارا،
نا دن رئن نه چند نه سورج  سن سماڌ لڳائندا.
کاڻي نه باڻي پئڻ نه پاڻي  اوپت کپت نه آوڻ جاڻي،
کنڊ پتال سپت نهي ساگر  ندي نه نير وهائندا.
نا تد سرگ مڇ پئتالا  دوزک بهست نهي کٽ ڪالا،
نرک سرگ نهي جنمڻ مرڻا  نا کو آءِ نه جائندا.
برهما بسن مهيس نه ڪوئي  اور نه ديسي اِڪو سوئي،
نار پرکه نهي جات نه جنما  نا کو دکه سکه پائندا.
نا تد جتي ستي بنواسي  نا تد سڌ سادِڪ سکه واسي،
جوڪي جنگم ڀيک نه ڪوئي  نا کو نات ڪهائندا.
جپ تپ سنجم نا برت پوڃا  نا کو آکه وکاڻي دوجا،
آپي آپ اُپاءِ وگسي  آپي قيمت پائندا.
نا سچ سنجم تلسي مالا  گوپي ڪان نه گئو گوالا،
تنت منت پاکنڊ نه ڪوئي  نا کو ونس وڄائندا.
ڪرم ڌرم نهي مائيا ماکي  جات جنم نهي ديسي آکي،
ممتا جال ڪال نهي ماٿي  نا کو ڪسي ڌيائندا.
نند بند نهي جيئه نه جندو  نا تد گورکه نا ما ڇندو،
نا تد گيان ڌيان ڪل اوپت  نا کو گڻت گڻائندا.

ورن ويکه نهي برهمڻ کتري  ديش نه ڏيهرا ڳنڍؤ ڳانتري،
هوم جوڳ نهي تيرٿ ناوڻ  نا ڪو پوڄا لائندا.
نا ڪو ملا نا ڪو قاضي  نا ڪو شيخ مشائڪ حاجي،
رعيت راءِ نه هؤميه دليتا  نا ڪو ڪهڻ ڪهائندا.
ڀاءُ نه ڀڳتي نا سو سڪتي  ساڄن ميت بند نهي رڪتي،
آپي ساهه آپي وڻجارا  ساچي ايهو ڀائندا.
بيد ڪتيب نه سمرت ساست  پاٺ پراڻ اُديم نهي آست،
ڪهتا بڪتا آپ اگوچر  آپي الکه لکائندا.
جا تس ڀائا تا جگت اُپائتا  باجهه ڪلا آڌاڻ رهائتا،
برهما بسن مهيس اُپائي  مائتا موهه وڌائدا.
ورلي ڪئه گر سبد سڻائتا  ڪر ڪر ديکي حڪم سبائتا،
ڪنڊ برهمنڊ پاتال ارنڀي  گپتهه پرگٽي آئندا.
تا ڪا انت نه جاڻي ڪوئي  پوري گر تي سوجهي هوئي،
نانڪ ساچ رتي بسمادي  بسم ڀئي گڻ گائندا.
(مارو، م ١- ١٠٣٥-١٠٣٦)

## آپي آپ اُپاءِ نرالا

هن شبد ۾ گروُ صاحب جن نهايت سندر نموني ۾ ٻڌائين ٿا ته اهو سروَ شڪتي وان پرماتما سڀ جو ڪرتا سرجڻهار آهي ۽ سڀ ۾ سمايل به آهي. اهو پرماتما ساري رچنا جو اُپائيندڙ به آهي ۽ پنهنجي سهڻي اُپايل وستن، پدارٿن ۽ پراڻين ۾ پوريءَ طرح رميل به آهي. سڄو شبد انهيءَ ويچارڌارا جي ٽند ۾ پوتل آهي ته جو ڪجهه به آهي سو پرماتما جو پنهنجو روپ آهي. هوُ پاڻ رچنا ۾ نظر ايندڙ ساري جو گپت آڌار آهي. هوُ پاڻ ئي وستوُ اُپائي ٿو ۽ پاڻ ئي اُنهنجو گراهڪ، واپاري يا ملهه ڪٿڻ وارو آهي.

گروُ صاحب جن هڪ پاسي اهو ٻڌايو آهي ته اُن پرماتما جو اور سندس سرشٽيءَ جي ڪٿي ڪٿي ۾ آهي ۽ ٻئي

پاسي ان ڳالهه لئي به زور ڏنو آهي ته اهو پرماتما مدش سرير جي اندر به آهي. مدش سرير جي وڏي مهما هيءَ آهي ته اهو سرو وياپڪ پرماتما جڏهن به ملي ٿو ته ان مدش سرير جي اندر ئي ملي ٿو.

اَن ڪرتا پرکه پرماتما هن مدش سرير جي بناوت ۾ هيءَ عجيب ڪاريگري ڏيکاري آهي ته ان سرير جا نوَ دوار سنساري ڪاروبار لاءِ رکيا اٿس ۽ ڏهين دوار ۾ هو پاڻ آسڻ لڳائي ويٺو آهي. هيءُ سرير هڪ قلعي سمان آهي، جنهن ۾ هريءَ روپي امولڪ رتن اڪل آهي. جڏهن ان ڪرتا پرکه جي پنهنجي ئي ديا مهر سان ڪنهن پوري ستگروءَ جي سنگت صحبت پراپت ٿئي ٿي ته ان سرو ڪلا سمپورڻ پرماتما سان اندر ئي ملڻ جي جڳتي ملي وڃي ٿي. پوري ستگروءَ جي سهائتا بنا پرماتما سان ملڻ مشڪل ئي نه، پر ناممڪن آهي. اهڙو ستگرو اندروني روحاني مارگ جو ڀيدي هوندو آهي. هو پرماتما جي حڪم جو گماتا هوندو آهي. صرف انهي لئي ڪايا جي قيد ۾ بند ٿيل جيون کي سچي شهنشاهه جي نج گهر ۾ وٺي وڃڻ جي آگيا آهي. ستگروءَ جي مدد سان جيو شبد سان جڙي ان حاڪم جي حڪم کي جاڻي سمجهي ٿو وٺي. انهي ان جڳجيون داتا سان ملي سهج اوستا پراپت ڪرڻ جو فخر ملي ٿو.

آپي آپ اپاءِ نرالا ساچا ٿان ڪيتو دئيالا،
[1] پنڄ پاڻي اگني ڪا بندن ڪائنا ڪوٽ رچائدا.
نؤ گهر ٿاپي ٿاپڻهاري دسوين واسا الکه اپاري،
ساگر سپت ڀري جل نرمل گرمک مئل نه لائدا.

---

١. ان مالڪ پنجن تتن جي ملاوٽ سان ڪايا روپي قلعو بڻايو آهي.

روسس ديپڪ جوت سباڻي آپي ڪر وکئي وڌائي،
[1]جوت سروپ سدا سک داتا سچي سوڀا پائندا.

ڪڙ مهه هاٿ پنڃ واپارا ٻوري تول تولي وڻجارا،
[2]آپي رتن وساهي ليوئي آپي قيمت پائندا.

قيمت پائي پاوڻهاري ويپرواهه پوري ڀنڊاري،
سرب ڪلا آپي رهئا گرمک ڪسي ٻجهائندا.

ندر ڪري ٻورا گر پهتي جم جندار نه ماري ڦيٽي،
جڳ جل الٽر ڪمل بگاسي آپي بگس ڏنائندا.

آپي ورکئي امرت ڌارا رتن جواهر لعل اپارا،
ستگر مليئي تہ پورا پائيئي پريم پدارٿ پائندا.

پريم پدارٿ لهئي امولو ڪبهي نہ گهاٽس پورا تولو،
سچي ڪا وا پاري هوويئي سچو سؤدا پائندا.

سچا سؤدا ورلا ڪو پائي پورا ستگر مليئي ملائي،
گرمک هوء سو حڪم پڇاڻئي ماڻئي حڪم سمائندا.

حڪمي آئئا حڪم سمائئا حڪمي ديسئي جگت اپائئا،
حڪمي سرگ مڇ پئئالا حڪمي ڪلا رهائندا.

حڪمي ڌرتي ڌؤل سر ڀارن حڪمي پئڻ پاڻي گئئارن،
حڪمي سو سکتي گهر واسا حڪمي کيل کيلائندا.

[3]حڪمي آ ڌاڻي آگاسي حڪمي جل ٿل ترڀوڻ واسي،
حڪمي ساس گراس سدا ڦن حڪمي ديکہ ڏکائندا.

---

١. جيڪو جيو ستگرو جي ڏلل ساڌن الوسار اندر دسوان گهر ۾ پرڀوءَ سان ملي ٿو، سو سنسار جي گندگين کان مکتي پائي ٿو.

٢. هوءُ پاڻ ئي رتن آهي، پاڻ ئي انجي قيمت ڪٽڻ وارو آهي ۽ پاڻ ئي انجو خريدار آهي.

٣. حڪم سان آڪاش بنا سهاري بيٺو آهي.

حڪم اُپائي دس اوتارا ڏيو دانو اڳڻت اپارا،
ماليڪ حڪم س ڏرگهه پنجهين ساچ محلاءِ سمائندا.
حڪمي جڳ چتيهه گداري حڪمي سڌ ساڌڪ ويچاري،
آپ نانڪ اٿي سڀ جا ڪي بخشي مڪت ڪرائندا.
¹ ڪائتا ڪوٽ ڳڙهه مهه راجا نيب خواص ڀلا درواجا،
² مٿتا لوڀ ناهي گهر واسا لب پاپ پڇتائندا.
³ ست سنتوک نگر مهه ڪاري جت ست سنجم سرڻ مراري،
نانڪ سهج مليو جڳجيون گر سبدي پت پائدا.
(مارو، م ١-١٠٣٦-١٠٣٧)

## جهه ديکا لهه دين دئالا

پرماتما هر هنڌ حاضران حضور آهي، هو پرم ديالو آهي. هو جنم مرڻ ۽ آواگون کان پري آهي. هو سڀ جي اندر سمايل هوندي به سڀ کان نرليپ آهي. هو سرو شڪتيوان آهي، ڪال، مهاڪال ۽ من مايا به هن جي هڪ ڳرهه برابر آهن يعني جڏهن هو چاهي، انهن جو خاتمو ڪري سگهي ٿو.

اهو پرماتما ستيه جو روپ آهي، شبد جو روپ آهي. شبد سان جڙڻ لئي ئي اُن سان اندر لڳي ٿي ۽ سهج اوستا پراپت ٿئي ٿي. جڏهن پورن ستگرو سرت کي

---

١. ڪايا روپي قلعي ۾ من راجا آهي. ڪرم اندريون نائب يا عام سيوادار آهن، گيان اندريون خاص سيوادار آهن. سرير ۾ ئي هڪ سندر دروازو (ڏسوان دوار) به آهي.

٢. لوڀ متيا آهي. لوڀي جو گهر ڀرجي نٿو سگهي، انڪري پڇتائڻو پوي ٿو.

٣. جت، ست، سنتوش آد گڻ به سرير ۾ ئي آهن. ان پرماتما جي حضوري به اندر ئي ٿي سگهي ٿي، سندس درشن اندر ئي ٿيندو.

انهد شبد سان جوڙي ٿو ۽ پرمپور روپي نرمل پرڪاش، جيڪو سڄي سنسار جو آڌار آهي، ان جو اندر ۾ درشن ٿئي ٿو. اهڙا پرماتما ۾ سمايل ڀڳت ۾ سڀئي سمت آهن. صرف پورن سمت ستگرو ۾ آهي. اوستا پراپت ڪرڻ ۽ اندر انهد شبد سان جڙڻ جي ڏات بخشي سگهن ٿا. اهي سمت مهاتما پرماتما جا پيارا آهن ۽ سندس پيار جي رنگ ۾ رنگيل آهن. اهي پيارا هن ڀوساگر کان پار ٿي ويا آهن ۽ ٻين کي پار اڪارڻ ۾ سمرٿ آهن.

هي انساني سرير پنجن تتن جو پتلو آهي، پر ان ۾ هڪ پرم چيتن شڪتي، آتم رام يا پرماتما به وسي ٿو ۽ جڏهن جيو جو اندر ان سان ميلاپ ٿئي ٿو، صرف تڏهن ئي جيو کي دائمي شانتي ۽ سچي آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. اهڙو جيو سدائين لاءِ سنتوشي ۽ آشا ترشنا کان پري رهي ٿو.

سرير روپي قلعي ۾ چوڏهن ڀون، چنڊ ۽ سورج به آهن ۽ سڄي پرماتما جو سچو تخت به آهي. جڏهن جيو اندر ان ڏهين گهر ۾ پهچي وڃي ٿو، اُتي سدائين اندر ۾ شبد جي مٺي ۽ سريلي ڌن وڄندي سڻائي ڏئي ٿي. اهڙي گرمک کي ٽنهي لوڪن ۽ ٽنهي ڪالن، زمان ماضي، حال ۽ مستقبل جي سوجهي پوي ٿي. هتي سڀ سنسا ۽ ڀرم دور ٿين ٿا ۽ اچل اوستا پائي ٿو. هو گرمت ۾ هلي نه صرف اندر پرماتما جا درشن ڪري ٿو، پر هن کي هر جڳهه، هر ڪنهن ۽ هر وستو ۾ پرماتما جو نور ٿي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هو مالڪ جي نام روپي امرت ۾ مست ۽ مدهوش ٿي وڃي ٿو ۽ سندس مکارٻند مان پريم، مڌرتا، نمرتا ۽ ديا فوهاري وانگر نڪري ٿي.

شبد جي آخر ۾ گرو صاحب جن فرمائين ٿا ته صرف اهي سڀاڳا، خوشقسمت جيو ٿي سرير اندر ان پرماتما

جي ننڍ گهر ۾ ٻهڄي سگهندا آهن، جي پورن ستگروءَ جي
صحبت ۽ شرڻ ۾ اچي ويندا آهن.

جهڙ ديکا ٿهر دنين دئتالا آءُ نه جاڻي ڀرپ ڪرپالا.

[1] جيتا اندر جڳت سمائي رهئو نرالم رانتا،
جگ تس ڪي چانتا جس باپ نه مانتا.
تا تس پٽتر نه پراءِ ڪمانتا،
تا تس اوپت ڪهت ڪل جاڻي [2] اوهه اجر اور من پانتا.
تو اڪال پرک لاهي سر ڪالا تو پرک الک اگم نرالا،
ست سنتوک سبد اٽ سيتل سهج پاهه لو لانتا.
[3] تريءَ ورناءِ چوٿي گهر واسا ڪال بڪال ڪيئي اڪ گراسا،
[4] ترمل جوت سروب جگجيون گر انهد سبد دکانتا.
اوتم جن سنت پلي هر پياري هر رس ماڻي پار اُتاري،
نانڪ رينڊ سنت جن سنگت هر گر پرسادي پانتا.
تو انترجامي جيءَ سڀ تيري تو داتا هم سيوڪ تيري،
امرت نام ڪرپا ڪر ديجيءَ گر گيان رتن ديپانتا.
[5] پنچ تت مل اهه تن ڪيتا آتم رام پائي سک ٿيتا،
ڪرم ڪرتوت امرت ڦل لاڳا هر نام رتن من پانتا.

---

1. هوءُ پنهنجي جڳتيءَ سان سڀني جيون جي اندر سمايل به آهي ۽ انهن کان نرالو به آهي.

2. مولکي آهو پريو پيارو لڳي ٿو، جو نه ڪڏهن پيدا ٿو ٿئي ۽ نه مري ٿو.

3. هوءُ جڳت کي اپائي، پاڻ الڳ ٿي چوٿين پد ۾ واسي رهيو آهي. ڪال مهاڪال هن جي هٿ گراهي آهن.

4. جوت سروپ پريو، جو ساري جڳ جو جيون آهي، تنهنجو درشن ستگروءَ انهد شبد دوارا اندر ۾ ڪرائي ڇڏيو آهي.

5. پنجن تتن جي ديهه اندر ٿي پرماتما سان ميلاپ ڪري، سچو سک پراپت ٿيو.

نا تس ڀوک پياس من مانئا سرب نرنجن گهٽ گهٽ جاتئا،
امرت رس راتا ڪيول ٻيراڳي گرمت ڀاءِ سڀائتا.
[1] اڌئاتم ڪرم ڪري دن راتي نرمل جوت نرنتر جاتي،
[2] سبد رسال رسن رس رسنا بيڻ رسال وڄائتا.
[3] بيڻ رسال وڄاوي سوئي جاڪي ترڀون سوجهي هوئي،
نانڪ بوجهہ اهہ بڌ گرمت هري رام نام لو لائتا.
ايسي جن ورلي سنساري گر سبد ويچارهہ رهہ نراري،
آپ ترهہ سنگت ڪل تارهہ تن سڦل جنم جگ آئتا.
گهر در مندر جاڻي سوئي جس پوري گرتي سوجهي هوئي،
ڪائتا گڙ محل محلي پرڀ ساچا سچ ساچا تخت رچائتا.
چترد س هاٽ ديوي دئہ ساکي سيوڪ پنچ ناهي بکہ چاکي،
انتر وست انوپ نرمولڪ گر ملئي هر ڌن پائتا.
تخت بهي تختي ڪي لائق پنچ سمائي گرمت پائڪ،
آد جگادي هئہ ڀي هوسي سهسا ڀرم چڪائتا.
تخت سلام هووي دن راتي اهہ ساچ وڏائي گرمت لو جاتي،
نانڪ رام جپهہ تر تاري هر انت سکائي پائتا.

(مارو، م ۱-۱۰۳۸-۱۰۳۹)

## قدرت ڪرڻي هار اپارا

پرماتما بي انت آهي. هو سرو شڪتمان ۽ سرو وياپڪ آهي ۽ سڀ ۾ سمايل رهي ٿو. هو ئي سڀني جو رازق ۽

---

۱. جنهن کي اندر هري ملي ٿو وڃي، اهو سدائين نرمل، پرمارٿي ڪم ڪري ٿو.

۲. ان جي اندر شبد جي رسيلي، رس ڀري وينا وڄندي رهي ٿي.

۳. جنهن کي اندر شبد جي بين بڌڻ ۾ اچي ٿي، انکي ٽنهي لوڪن جي سوجهہ ٿئي ٿي.

ڀرلپالڪ آهي. سڀ جڳهه ۽ سڀني ڀراڻين لئي ان هڪ
لئي ڪرتا پرک جو جڳ هلي رهيو آهي.

اهو پرماتما پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي. جڏهن هوُ
ڪنهن جيو کي پاڻ سان ملائڻ چاهيندو آهي ته هوُ اُنکي
پوري ستگروءَ جي شرن ۾ موڪليندو آهي. ستگرو اُنجا
سڀ ڀرم سنسا دور ڪري، ڪيس اندر سهج آنند جي امر
ڀنڊار سان جوڙي ڇڏيندو آهي. پوري ستگروءَ جي سهائتا
بنا سهج آنند جي اوستا پراپت ڪرڻ ناممڪن آهي.

ستگرو هي ڪارڻ، شش جي سرت کي اندر شبد سان
جوڙي ڪندو آهي. اصل ۾ پرماتما ۽ ستگرو ٻئي هڪ ئي
سطح تي ڪم ڪندا آهن، ٻئي هڪ ئي آهن: ”هر گر
مورت ايڪا ورتي“. جو هريءَ جو ڀاڻو، حڪم آهي،
سوئي ستگروءَ جو آهي. سنت ستگرو هريءَ جا پيارا آهن
۽ هري سنت ستگرن جو پيارو آهي. انهيءَ لاءِ گروُ صاحب
بار بار تاڪيد ڪن ٿا ته پاڻ کي ستگروءَ جي شرڻ، سنگت
۽ شيوا ۾ لڳائي رکو.

(۱) نانڪ گر کي چرن سرپوهه.

(۲) سيوهه ستگر سمند اٿاها.

(۳) ستگر سيوهه سنڪ نه ڪيجي.

(مارُوُ، م ۱- ۱۰۴۲- ۱۰۴۳)

ستگروءَ جي شرڻ، سنگت ۽ شيوا ڇو ضروري آهي؟
گروُ صاحب اُپديش ڪن ٿا ته گروءَ بنا ڪنهنکي ٻه سک نه
مليو آهي: ”بن گر ڪن سک پائتا“، گروءَ بنا ڪنهنکي
ٻه سچ جو گيان نه مليو آهي: ”بن ستگر تت نه پائتا“،
نڪو گروءَ بنا ڪنهن الک کي لکيو يا سڃاتو آهي: ”بن
ستگر الک نه پائتا“. جنهن ٻه برهم کي سڃاتو آهي، تنهن

ستگروءَ جي شبد دوارن لئي سهائو آهي: ”گر سبدي سب برهم پڇاڻنا“ ۽ جڏهن به الک کي لکيو آهي، تڏهن ستگروءَ دوارن ئي لکيو آهي: ”گر ستگر الک لکائنا“.

ڏهڪري تيرٿ ڀٽڪڻ، پوڄ لڳائڻ، ويد شاستر پڙهڻ، تڪلي ڪرم، پراڻايام ڪرڻ، ڪنڊاليني ساڌڻ يا ٻيا ڪرم ڪانڊ ڪرڻ ۾ ڪو لاڀ ڪونهي بلڪ سمو برباد ڪرڻو آهي. انهن مان نه ڪروڌ، هؤمي يا ٻيا وڪار ڇاپُرو ۾ ايندا ۽ نه شانتي ۽ مڪتي پراپت ٿيندي. ستگروءَ جي سهائتا سان ئي اهي سڀ وڪار ناس ٿيندا ۽ من وس ۾ ايندو. ستگروءَ جي بخشيل نام يا شبد جي ڪمائيءَ سان پرماتما جو اندر ميلاپ نصيب ٿيندو ۽ اهو سرو ويآپڪ سرو سمرٿ، رمتا رام سڀ ۾ ۽ سڀ هنڌ رميل نظر ايندو.

قدرت ڪرڻهار اپارا ڪيتي ڪا ناهي ڪڇ چارا،
جيئه اُپاءِ رزق دي آپي سر سر حڪم چلائنا.
حڪم چلاءِ رهيا ڀرپوري ڪس نيڙي ڪس آکان دوري،
گپت پرگٽ هر گهٽ ديکهه ورلي ناک سڃاڻنا.
جس ڪئهُ ميلي سرت سمائي گر سبدي هر نام ڌيائي،
آنند روپ انوپ اگوچر گر مليئي ڀرم جائنا.
من تن ڌن کي نام پيارا انت سکائي چلڻ وارا،
موهه پسار نهي سنگ بيلي بن هر گر ڪن سک پائنا.
جس ڪئهُ ندر ڪري گر پورا سبد ملائي گرمت سورا،
نانڪ گر ڪي چرن سرابهه جن ڀولا مارگ پائنا.
سنت جنا هر ڌن جس پيارا گرمت پائنا نام نمارا،
جاچڪ سيوَ ڪري در هر ڪي هر درگهه جس گائنا.
ستگر مليئي ت مهل بلائي ساچي درگهه گت پت پائي،
ساڪت ٺؤر ناهي هر مندر جنم مري دک پائنا.

سيوهه ستگر سمند اٿاها پاوهه نام رتن ڏن لاها،
¹ ٻڪتا مل جاءِ امرتسر ناوهه گر سر سنتوکهه پائتا.

ستگر سيوهه سڌڪ نه ڪيجي آسا مهه نراس رهيجي،
سدسا دوکهه بنا سن سيوهه ڦر بهڙ روگهه نه لائتا.

ساچي پاوي نس ودتاني ڪؤن سهه دوجا نس سمجهائي،
هر گر مورت ايڪا ورتي نانڪ هر گهر پائتا.

واچهه پستڪ وند پرانا اڪ بهه سڌهه سناوهه ڪانا،
اجگر ڪپٽ کهههه ڪٿه ڪُلي بن ستگر لت نه پائتا.

ڪرهه بيوت لگاوهه پسمي انتر ڪروڌ چنڊال سهه هؤمي،
پاکنڊ ڪيمي جوگهه نه پائيئي بن ستگر الکهه نه پائتا.

تيرت ورت نيم ڪرهه اڌ ٿاتا جت ست سنجم ڪٿهه گيانا،
رام نام بن ڪٿه سکهه پائيئي بن ستگر ڀرم نه جاتا.

² نئلي ڪرم ڀئنگم پاتي ³ ريچڪ ڪنڀڪ پورڪ من هاتي،
پاکنڊ ڌرم پريت نهي هرسهه گر سبد مها رس پائتا.

قدرت ديکهه رهي من مانئا گر سبدي سب برهم پڇانئا،
نانڪ آتم رام سپائتا گر ستگر الکهه لکائتا.

(مارو، م ١ - ١٠٤٢ - ١٠٤٣)

---

١. دسوين دوار کي امرت جو سرووَر (امرت سر) چيو ويو آهي، جنهن ۾ اشنان ڪرڻ سان من جون سڀ گندگيون ڌوپجي، دور ٿي وينديون آهن.

٢. نئلي ڪرم، ڪنڊاليني جاڳائڻ ۽ هٺ يوگ جون ٻيون ڪريائون.

٣. ريچڪ، ڪنڀڪ ۽ پورڪ، اهي پراڻايام جون ڪريائون آهن، جن ذريعي پراڻ کي اندر يا ٻاهر روڪڻ جو ابياس ڪيو ويندو آهي.

## ١٠. هؤمي ڪري ٿا ٿو ناهي

جيستائين آپو، خودي يا هؤمي ناس نٿي ٿئي، تيستائين پرماتما سان ميلاپ ٿي نٿو سگهي. جتي هؤمي آهي، اتي هري ناهي ۽ جتي هري آهي، اتي هؤمي ڪانهي. هن سچائيءَ جي ڄاڻ، ستگروءَ جي ديا مهر بنا نٿي پئجي سگهي. هؤمي کي مارڻ ۽ هريءَ ۾ سمائجڻ جي جڳتي پوري گروءَ کان پراپت ٿئي ٿي. هؤمي جي ناس ٿيڻ سان سڀ ڀرم سنسا، ڏک ڏاڍ ۽ آواگون جا ڏک سماپت ٿي وڃن ٿا.

سچو گيان ۽ پورڻ وويڪ پوري گروءَ کان ئي پراپت ٿئي ٿو ۽ هوُ ئي اسانکي اُن پرماتما، مکتي داتا جا درشن ڪرائي ۽ اُن سان ملائي سگهي ٿو. ٻيو ڪوبه اهو ڪم نٿو ڪري سگهي.

آخر ۾ گروُ صاحب پنهنجو انڀؤ ٻڌائين ٿا ته مان ”سوهن“ ۽ ”هنسا“ (”مان اهوئي آهيان“ ۽ ”اهو مان آهيان“) جو جاپ ڪريان ٿو، جنهن سان منهنجي آتما نرمل ٿي وئي آهي ۽ نرلوڪيءَ جي مالڪ اڪال پرک ۾ سمائجي اُن سان هڪ ٿي وئي آهي.

هؤمي ڪري ٿا تو ناهي تو هووهه هٿ ناهه،
ٻُوجهه ڪٿالي ٻوُجهٿا اِهه اڪٿ ڪٿا من ماهه.
ٻن گر تت نه پائيئي الکه وسيءِ سڀ ماهه،
ستگر مليءِ ته جاڻيئي جان سبد وسيءِ من ماهه.
آپ گيا ڀرم ڀؤ گيا جنم مرن ڏک جاهه،
گرمت الک لکائيئي اوتم مت ترآهه،
نانڪ سوهن هنسا جپ جاپهه ترڀوڻ تسيءِ سماهه.
(مارُو وار، م ١-١٠٩٢)

## ١١. آتم مھ رام، رام مھ آتم

آتما ۾ پرماتما سمايل آهي ۽ پرماتما ۾ آتما. ھن گيان جي سوجهي ستگروءَ جي ديا مھر سان ۽ سندس بخشيل نام يا شبد جي ڪمائيءَ سان پراپت ٿئي ٿي.

اسانجي هؤمي پرماتما سان اسانجي ميلاپ جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. هؤمي جو روڳ سرووياپڪ آهي ۽ پوري برهمانڊ ۾ ڇانيل آهي. سارو سنسار هن روڳ ۾ بري طرح جڪڙيل آهي. سادارڻ انسان ته ڇڏيو، پر ديوي ديوتائون به هن کهني روڳ ۾ ڦاٿل آهن.

گروُ صاحب هؤمي کي "دوُجا ڀاءُ"، دوئت يا ڀيائيءَ جو ڀاءُ چئي به ياد ڪن ٿا. جيو هڪ پرماتما کي ڇڏي، سنسار جي ڀن ايڪ وستن سان پيار ڪري ٿو. هوُ پنهنجو پاڻ کي پرماتما کان جدا، ڀيو سمجهي، ناسونت سنسار ۽ انهي ناسونت پدارٿن کي پنهنجو بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهوئي "هؤمي" يا "دوُجا ڀاءُ" آهي، جو سندس تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

گروُ صاحب خبردار ڪن ٿا ته دنيا جي ڪابه چيز استر يا قائم دائم ڪانهي. هتي جي هر چيز فاني آهي، ناسونت آهي. پنج تت- ڌرتي، هوا، باهه، پاڻي ۽ آڪاش ۽ ٽيئي ديوتا- برهما، وشنوُ ۽ مهيش روڳي آهن يعني فاني، ناسونت آهن. ويد ڪتيب، شاستر پراڻ، نديون سمنڊ، کنڊ پاتال به ناسونت آهن. ماتا پتا ۽ ڪٽنب پروار جا سڀ جيو، جن جو اسان سان لهڻي ڏيڻي جو سنٻنڌ آهي ۽ جيڪي ڪرمن جي سنجوڳ سان ڪٺا ٿيا آهن، اهي به هؤمي ۽ موُت جو کاڄ آهن. جيئن جيئن ڪرمن جو حساب ختم ٿيندو وڃي ٿو، تيئن تيئن سڀئي رشتيدار ۽ سنٻنڌي پنهنجي پنهنجي رستي تي هلندا وڃن ٿا. ڀيا ته ڇڏيو،

پر هيءُ پنهنجو سرير به ساڻ نٿو نباهي. انت سمي هيءُ سرير به مٽيءَ يا اگنيءَ جي سپرد ٿي، پٺيان رهجي وڃي ٿو. مايا وي سنسار جو ڪو به پدارٿ ۽ اندرين جو ڪو به سک پڪو يا بقادار ناهي، سڀ ڪجهه ٿي ڪچو، عارضي ۽ بي بقا آهي.

هؤميءَ ۽ موت جي روڳ مان ڇوٽڪارو ڪيئن ٿئي؟ هن روڳ جو هڪڙو ئي رام باڻ يا ڪارگر علاج ”سرت-شبد-يوگ“ جو ابياس آهي. گرنٿن شاسترن جو گيان، تيرٿ ياترا، هٺ يوگ جا اَنيڪ آسڻ يا سادن ۽ تپ تياڳ وغيره به هؤميءَ، موت ۽ آواگون کان ڇُٽڪاري جو سادن نٿا بڻجي سگهن.

اُن ڪري ئي ڪرپا ڪري، پرماتما جي ديا مهر بنا ڪو به ڪڏهن هن بيماريءَ مان ڇوٽڪارو پائي نٿو سگهي. پرماتما جي ديا مهر ستگروءَ جي روپ ۾ پرگهٽ ٿيندي آهي. ستگرو ئي جيو کي اندر شبد سان جوڙي، کيس هؤميءَ جي روڳ کان مڪتي بخشيندو آهي.

¹ آسُ مهه رام رام مهه آسُ چينهس گُر ويچارا،
امرت باڻي سبد پڇاڻي دکُ ڪاٽيءَ هؤ مارا.
نانڪ هؤميءَ روڳ بُري،
جهه ديکان تهه ايڪا بيدن آپي بخسيءَ سبد ڌري.
² آپي پرکي پرکڻهاريءَ بهر سولاڪ نه هوئي،
جنهه ڪؤ ندر ڀئي گُر ميلي پرڀ ڀاڻا سچُ سوئي.
پؤڻ پاڻي بيسنتر روڳي روڳي ڌرت سڀوڳي،
مات پتا مائيا ديهه سه روڳي روڳي ڪٽنب سنجوڳي.
روڳي برهما بسن سه رُدرا روڳي سگل سنسارا،
هرپد چين ڀئي سي مڪتي گُر ڪا سبد ويچارا.

---

فوٽ نوٽ ڏسو صفحي، ۲۱۸ تي.

روڳي سات سمنڊ سنڌ ڀِٽا، کنڊ پتال ۾ روڳ ڀري،
هر ڪي لوڪ ۾ ساچ سهيلي، سربي ٿائي ٺدر ڪري.
روڳي ڪت درشن ڀيکُ ڌاري، نانا ڀنتي انيڪا،
ٻيد ڪتيب ڪرهه ڪهه ٻيري، ٿهه ٻُوجهه اڪ ايڪا.
مت رس ڪام ۾ روڳ پراڻي، ڪندمُول سڪ ناهي،
نام وسار چليه اَن مارگ، انت ڪال پڇتاهي.
تمرت ڀرمي روڳ نه ڇونس، ٻڙڌا باد ٻباد ڀٽا،
ڏبڌا روڳ ۾ اڏڪ وڃرا، ماٿا ڪا محتاج ڀٽا.
گرمک ساچا سبد سلاهي، من ساچا تس روڳ گتا،
نانڪ هرجن اندن نرمل، جن ڪو ڪرم نيسائڻ پتا.
(ڀيرؤ، م ١-١١٥٣)

---

صفحي ٢١٧ جا فوٽ نوٽ.

١. آد گرنٿ ۾ شبد، ٻاڻي، نام، امرت وغيره ڪيترن پدن کي هڪ ئي ارٿ يا معنيٰ ۾ ڪم آندو ويو آهي.

٢. پراڻي زماني ۾ خزاني ڪوٺي رکڻ لئي ٺڪ لڳائي ڇڏيندا هئا، جنهنکي سوراخ ڇيو ويندو هو. گروُ صاحب اشارو ڪن ٿا ته اهو پرماتما خود ٿي سيڌي جيون جي پرک ڪري ٿو. جن کي پرک جي قابل ڄاڻي ٿو يا پرک ۾ پاس ڪري ٿو، تن کي ٻاڻ سان ملائي ٿو ڇڏي. جيڪي پرک جي قابل ڪونه ٿين، اُهي چؤراسيءَ جي چڪر ۾ ئي قائل رهن ٿا. ڪو به جيو پنهنجي عقل يا شڪتيءَ سان پرک جي قابل نٿو بڻجي. پرماتما ٻاڻ ئي جنهنکي قابل يا لائق بڻائيندو هوندو اُنس اُنکي بڻائيندو آهي. اصل ۾ ڪرڻ ۽ ڪرڻ سڀ ڀي ۾ ٻاڻ وٺو آهي. مولانا روم به فرمائين ٿا ته هوُ ٻاڻ ئي ٻرلڪ آهي، ٻاڻ ئي ان ٻرلڪ جي مٽي آهي ۽ ٻاڻ ئي ان ٻرلڪ کي ناهڻ وارو ڪمهار آهي ۽ ٻاڻ ئي گراهڪ آهي.

## ١٢. پرماتما جي درگاهہ

جڏهن گرو نانڪ صاحب جن مڪي پڌاريا ته سندن ملاقات رڪن الدين نالي هڪ قاضيءَ سان ٿي. هنهي جي وچ ۾ پرمارٿي وشين تي گيان گوشٽ ٿيو، جنهنجو ڪجهه ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

قاضي رڪن الدين گرو صاحب جن کان پڇيو ته جتي ان پرماتما جو نواس آهي، اها جڳهه ڪهڙي آهي. گرو صاحب قاضيءَ کي اهو سمجهائڻ لاءِ ته رب منش سرير جي اندر ئي رهي ٿو، ڪنهن مندر، مسجد، گرجا گهر وغيره ۾ ڪونه ٿو رهي، ڪمس پرماتما جي سچيءَ درگاهہ جو وستار سان نقش چٽي ڏيکاريو.

گرو صاحب پرماتما جي اچ گهر کي هڪ وڏي محل سان مشابهت ڏني آهي، جنهنجي اڏاوت خاص پنهنجي نوع جي آهي. هن محل يا قلعي جا ١٢ برج يا منارا (ٽنگن ۽ ٻانهن جا جوڙ) آهن، نَو دروازا (ٻه اکيون، ٻه ڪن، ٻه نڪ جا سوراخ هڪ منهن ۽ ٻه هيٺيان اندرين جا دوار) آهن، ٥٢ ڪنگرا (٣٢ ڏند ۽ ٢٠ ننهن) آهن، ٻه ڪڙڪيون يا دريون (اکيون) آهن ۽ انهن کانسواءِ اتها ٥ چوڪيدار (گيان اندريون) ۽ ٢٥ منشي (پرڪرتيون) به آهن. هيءُ ايترو ته خوبصورت محل آهي، جو ديوي ديوتا به هن ۾ رهڻ لاءِ ترسندا آهن. ڪبير صاحب به فرمايو آهي:

اس ديهي ڪو سمرهه ديو سو ديهي ڀج هر ڪي سيو.
(آد گرنٿ، ١١٥٩)

سرير جي اندر بيشمار خزانا ۽ شڪتيون ڀريون پيئون آهن، پر اهي سڀ گپت آهن. انهنکي جاڳرت ڪرڻ کانپوءِ ئي انهن مان لاڀ وٺي سگهجي ٿو.

اندر الهن گپت شڪتين کي جاڳائڻ ۽ شبد جي ربي راڳ، کي ٻڌڻ جو هڪ طريقو اهو آهي ته ڪنهن پورن ستگرو، ڪامل مرشد جي تلاش ڪئي وڃي ۽ سندس شرڻ پڪڙي انهي اپديش تي عمل ڪيو وڃي. ستگرو شش کي ٻڌڪ نال روڀي لنگهه ۽ نيڙهي رستي مان لنگهي، رب جي محل ۾ پهچڻ جي جڳتي به سمجهائيندو آهي ۽ ان محل ۾ پهچي رب سان ميلاپ ڪرڻ ۾ به سهائتا ڪندو آهي.

## قاضي رڪن الدين

رکن آکي نانکا درگهه دي سماء،
کيها رنگ محل دا جٿي رهي خداء.
چڄي چتان برج گهر ڪيهي لڳي چوڪاٺ،
کيها گاڙا چوڙا ڪس بڻائڻا ناٿ.
صورت ڪئڻ محل دي ڪتہ ڪر هرء ديدار،
درٽي ڪي ڪڃ لکتا کهڙا اسدا يار.
کهڙي سمت پاليئي ڪرکي ڪؤڻ نماج،
کرڻ رسول پهنچاندا چاهيئي کهڙا ساج.
سب نسانيئان ديهه تون ڪان تون اول فقير،
پيران دي سر پير تون ميران دي سر مير.

## گرو نانڪ

نانڪ آکي رکن دين درگهه دي سڌ لي،
[1]رنگ عجائب محل دا هيري لال جڙي.
[2]آفتاب مهتاب لکہ روشن بلي مشعال،
بارهہ برج محل دي اٺ دروازي نال.

---

١. ان محل جو رنگ روپ ڏاڍو انوکو آهي.

٢. ان ۾ لکين چنڊ سورج مشعالن وانگر ٻري رهيا آهن.

[1]ٻاهرؤ پنج حواس هتہ ڪارڪن پهچس،
ڇهي چپ امولڪان ميدا ڪاري لمس.
گارا چولا ڪسري چمڏن دي چوڪاٺ،
[2]دٻهل ٻارس دي ٻٽي ٻجر دي ڪپاٽ.
ڪامڌين لکہ لڇميتان ڪارن گوليتان ڪار،
رڌي سڌي نؤلڌ حاضر رهي دوار.
ٻاون ڪنگري ڪوٽ دي اوپر نور محل،
ست سمندر ڪاليتان تس وچ ڪمول اچل.
اڪ محل دوبارٻان شؤ شڪتي سلطان،
نوري ٻٽنا ٻادشاهہ سچ لخت سجان.
[3]غتبي واجي وجدي ٻانس انهڪ اپار،
راڳ راڳڻي گاوڌي اڌيت سران اچار،
مرشد ڪرلي ڪپاٽ جس هوسي نسي ديدار.
[4]اچي خاصي محل دي دٻوي ٻانگ خداءِ،
ستي ٻانگ نہ سڻ سڪي رهتا خدا جڳاءِ.
ستي ٻٽي لپاڳ سپ سٽي نہ ٻالڪان ڪرءِ،
جو جاڳي سوني سٽي سائين سنڌي سوءِ.

---

١. پنج ٻهرٻدار ۽ پنجواهہ مدشي آهن.

٢. ڏيٻي ٻارس جي ٻٽيل آهي، معنيٰ جڏهن اُلان لنگهي ٿو سو سون ٿي ٻوي ٿو، ٻر رستي ۾ ٻجر ڪپاٽ يعني پٿر جا دروازا لڳل آهن.

٣. انهد شبد جون انيڪ ڪيت ڌيون وجي رهيون آهن. جڏهن پورو ستگرو ٻجر ڪپاٽ کولي ٿو، تڏهن ان محل ۾ داخلا ملي ٿي.

٤ پرماتما جي درگاهہ مان اٿندڙ انهد شبد جي ڌن جيو ڪي هر ٻل، هر گهڙيءَ پنهنجي طرف سڏي رهي آهي.

ڀاڳ خدا پيهارلا والو ڏسوي ٻانئي،
هانئي مون نه سگهي هڏوهي رکي اڙائي.
(ٻانئي ٻالي واري جنمر ساکي)

---

١. ٻرهالما ڏانهن ونندڙ رستو خطرن سان ڀرپور سوڙهو آهي. اهو وار جي ڏهين حصي جيترو باريڪ آهي. ٻانئي ۾ آيل آهي:

ناڪ مڪت د ٽارا اس ليڪا تانا هوءِ سم جاءِ،
هوءِمين سن اسٿول هٿ ڪم ڪر وچدي جاءِ.
(گوجري، م ٣-٥٠٩)

ڪبير مڪت د ٽارا سنڪرا راني دسون ڀاءِ،
من ڪٿ منگل هوءِ رها انڪسما ڪم ڪر جاءِ.
(گوجري ڪبير ٥٠٩)

# ستگرو

## ١. ڏات ملي ٿي ڏات کؤ

جيئن ڏالوءَ جا ٽڪرا رجي پاڻ ۾ رلي ملي هڪ ٿي ويندا آهن، تيئن ٿي هڪ شش ستگروءَ جي ڀڳتيءَ دوران ستگروءَ ۾ سمائجي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪو جيو ستگروءَ ذريعي هڪ من هڪ چت ٿي پرڀوءَ کي ڌيائيندو آهي سو ان پرڀوءَ ۾ ٿي سمائجي ويندو آهي ۽ انجو ٿي روپ ٿي ويندو آهي.

گروُ صاحب جن ساڌڪ کي اُپديش ڪن ٿا ته جي من ۾ مڪتيءَ جي چاهه اٿيئي ته ستگروءَ جي چرڻ ڌوڙ بڻجي وڃ. پورب جنمن جي ڀلن ڪارڻ منش جنم جي املڪ ڏات ملي ٿي. جي هن موقعي جو فائدو وٺي پورن سنتن جي سنگت صحبت ۾ رهبو ته اهڙي سچي ڪرڻيءَ جي ڀڳتي حاصل ٿيندي، جنهن سان پرماتما جي اوچن سنڌر محلن ۾ واسو ٿي رهندو يا اُتي پهچي وڃبو.

جيو سدائين ٽن قسمن جي ڪرمن جي جار ۾ ڦاٿل رهي ٿو. انکي انهن ٽريڌ ڪرمن ۽ ٽن گڻن جي ٽرڪٽيءَ مان ڇوٽڪارو ڪيئن ملي؟ ستگروءَ جي شرڻ ۾ وڃڻ بنا نه ترگڻي ٽرڪٽيءَ مان جند ڇٽي ٿي ۽ نه ئي سهج جي پراپتي ٿئي ٿي. پر ستگروءَ جي ڏيکاريل مارگ تي هلڻ سان پرڀوءَ جي محلن ۾ پهچي، سهج، سک ۽ آنند جي اوستا ملي وڃي ٿي.

اهو پرماتما ۽ انجو سچو محل ته جيو جي پنهنجي اندر ئي آهي، پر جيسين ستگروءَ جي ڏسيل نام يا شبد جي ڪمائي نه ڪجي، ان ڏسيل سادن تي عمل نه ڪجي، تيسين نه پاپن ۽ وڪارن جون گندگيون لهنديون، نه من وس ۾

ايندو ۽ نه ئي پنھنجي يا پنھنجي آتما جي ڄاڻ پوندي. جڏھن ان پرماتما جي ديا مھر سان پورو ستگرو ملي ٿو وڃي نه پوءِ گھر اندر ئي سڀ ڪجھ ملي ٿو وڃي.

گروُ صاحب سمجھائين ٿا ته پرمارٿ جي راھيءَ کي ٻي ھر طرح جي آس تياڳي، ستگروءَ ۽ سندس شبد کي من ۾ وسائڻ گھرجي. پاڻ فرمائين ٿا: مان اھڙي ستگروءَ تان ٻلھار وڃان ٿو، جنھن خود پرماتما جا درشن ڪيا آھن ۽ ٻين کي به انجا درشن ڪرائي ٿو.

[1]ذات ملئي ٿين ذات ڪو صفتي صفت سماءِ،
[2]لال گلال گھبرا سچا رنگ چڙھاءِ،
سچ ملئي سنتوکيئا ھر جپ اڪئي پاءِ.
[3]آئي ري سنت جنا کي راڻ،
[4]سنت سڀا گر پائيئي مڪت پدارت ڏاڻ.
[5]اوچو ٿان سھاوڻا اوپر محل مرار،
سچ ڪرڻي دي پائيئي در گھر محل پيار،
[6]گرمک من سمجھائيئي آتم رام بيچار.

---

١. جيئن ذالو رجي ذالوءَ ۾ ملي ويندو آھي، تيئن پرماتما جي صفت ساراھ ڪرڻ وارو به ان پرماتما ۾ سمائجي ويندو آھي.

٢. ان ئي سچي نام جو گھرو لال رنگ چڙھي ويندو آھي.

٣. سنتن جي چرڻ ڏوڙ ٿجي وڃان.

٤. سنتن جي سنگت مان ستگرو ملندو آھي ۽ ستگروءَ ذاران مڪتيءَ روپي ڪامڌين گئو ملندي آھي.

٥. اھو مراري، پرماتما پنھنجي اوچي سٺي محل (سچکنڊ) ۾ براجمان آھي.

٦. گروءَ جي مت ئي ھلي من کي وس ڪراءِ ۽ آتما جي رام ارٿات پرماتما کي ڏائيو.

¹ ترٻڌ ڪرم ڪمائيندي آس انديسا هوءِ،
² ڪيئن گرٻن لرڪئي جيسي سهج ملي سک هوءِ،
نج گهر محل پڇائيندي ننڌر ڪري مل ڌوءِ.
ٻن گر مئل نہ اُلريءَ ٻن هر ڪيئن گهر واس،
اِڪو سبد وچارئيءَ اور تياگيءَ آس،
نانڪ ديکہ دکائيندي هئن سد ٻلهاريءَ جاس.

(سري راڳ، م ١ - ١٨)

## ٢. گرو کي چرڻي لاڳ

هن شبد ۾ گروءَ صاحب اگياني، مورک ۽ اچيت من کي ستگروءَ جي شرن ۾ وڃڻ ۽ شبد جي ڪمائي ڪرڻ جو اُپديش ڏيئي رهيا آهن. اِئين ڪرڻ سان سهجي ئي موت ۽ دک تي جيت پائي سگهجي ٿي.

ڌارڻا ۽ پراڻ پرش لڪيندڙ استري ڪڏهن سکي نٿي ٿي سگهي. ساڳي طرح پريو روپي پرماتما کان وڇڙيل ۽ دليوي آسا منسا ۾ قاتل جيوآتما ڪي نہ پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ بنا ڪڏهن نہ سچو سک پراپت نٿو ٿي سگهي.

گروءَ صاحب جن پنهنجي ستگروءَ جا شڪرانا مڃين ٿا، جن کين نام جو ڀيد ڏنو. پاڻ فرمائين ٿا تہ هاڻي نام ئي منهنجو سچو ڌن، سچو خزانو ۽ سچو سهارو بڻجي چڪو آهي ۽ هاڻي نام ئي مونکي قدم قدم تي سچي راهہ، سچو مارگ ڏيکاري ٿو ۽ ستگروءَ جي ديا مهر سان مونکي پرماتما جي درگاهہ ۾ پهچڻ جو ڏنر ۽ پنهنجي پريتم سان دائمي ميلاپ جو سوڀاڳيہ پراپت ٿي ويو آهي.

---

١. جيسين ٽن گڻن (ستو، رجو ۽ تمو) جي ڪرمن ۾ ٻڌل آهيون، تيسين آشا نراشا جي قيد ۾ آهيون.

٢. گروءَ جي ديا مهر بنا انهن ٽن گڻن جي بندڻن کان ڇوٽڪارو نہ ملندو.

گرو صاحب جيو ڪي ڪوڙن، ڪچن يا اڌورن گرن کان ساوڌان ڪن ٿا. جيڪي پاڻ انڌا آهن، سي ٻين کي ڪيئن راهه ڏيکاري سگهندا؟ انهيڪري ستگروءَ جي چونڊ ۾ پوري ساوڌاني، سچيتيءَ ۽ سوچ ٻوجهه کان ڪم وٺڻ گهرجي. اڌوري گروءَ جي سنگت کان بچڻ گهرجي ۽ صرف پوري گروءَ جو ئي پلئه پڪڙڻ گهرجي. پوري ستگروءَ جي مکيه نشاني اها آهي ته سندس پاڻ ۾ شبد جي ڪمائي ڪيل آهي ۽ پنهنجي شش شيوڪن کي به سچي شبد جي ڪمائيءَ جي جڳتي ڏسيندو آهي. هن هئومي کي ماري سهج اوستا پراپت ڪئي آهي ۽ اهائي راهه پنهنجي شش شيوڪن کي به ڏيکاريندو آهي.

ستگرو شش جي آتما کي شبد ۾ لين ٿيڻ جي قابل بڻائيندو آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪو شبد ۾ سمائجو آهي، انکي وري مرڻ ۽ جنم چوراسيءَ جي چڪر ۾ اچڻ نه پوندو آهي. انجي برعڪس شبد يا نام کان وڇڙيل، نام کان محروم جيو اننت ڪال تائين جمڻ مرڻ جي قيد ۾ قائل رهندا آهن.

سڻ من ڀولي باوري گر ڪي چرني لاگ،
هر جپ نام ڌيا تو جم ڊري دک ڀاگ،
دوک گهڻا دوها گڻي ڪه تر رهي سهاگ.
پاني ري اوز ناهي مه تاء،
مه ڌن نام لڌان هم گر ديٺا بل جاء.
گرمت پت ساباس تس، تس ڪي سنگ ملاء،
تس بن گهڙي نه جيوڻو بن ناوي مر جاء.
مه انڌلي نام نه وسري ٽيڪ ٽڪي گهر جاء،
گرو جنا ڪا انڌلا چيلي ناهي ٺاء.
بن ستگر ناء نه پائيٿي [1] بن ناوي ڪيا سئاء،

---

1. نام بنا ڪارج راس نٿو ٿئي.

[1] آءِ گئا پڇتاوڻا جئن سُڃي گهر ڪاءُ.
[2] بن ناوين دک ڏهري جئن ڪلر ڪي ڀيت،
تب لگ محل نہ پائيئي جب لگ ساچ نہ چيت،
[3] سبد رپي گهر پائيئي نرباڻي پد نيت.
هئن گر پوڇن آپڻي گر ڀڇ ڪار ڪماءُ،
سبد سلاهي من وسي هئومي دک جل جاءِ،
سهجي هوءِ ملاوڙا ساچي ساچ ملاءِ.
سبد رتي سي نرملي تج ڪام ڪروڌ اهنڪار،
[4] نام سلاهن سد سدا هر راکهہ اُر ڌار،
سو ڪئن منهُ وسارئي سڀ جيئا ڪا آڌار.
سبد مري سو مر رهي ڦر مري نہ دوجي وار،
سبد هي تي پائيئي هر نامي لڳي پيار،
ٻن سبدي جگ ڀولا ڦري مر جنمي وار وار.
سڀ سالاهي آپ ڪئن وڌهہ وڏيري هوءِ،
گر ٻن آپ نہ چينئي ڪهي سڻي ڪيا هوءِ،
نانڪ سبد پڇاڻيئي هئومي ڪري نہ ڪوءِ.

(سري راڳ، م ١-٥٧)

---

١. جيئن سُڃي، خالي گهر مان ڪانوَ کي ڪجهہ نٿو ملي تيئن نام نہ ملي تہ سنسار ۾ اچڻ مان ڪو لاڀ ڪونهي.

٢ نام بنا سراسر دک سهي ٿو ۽ ڪلر جي ڀت وانگر ڍهي پوي ٿو.

٣. شبد ۾ رنگجي وڃڻ سان نج گهر ڀيٽجي وڃي ٿو ۽ نرواڻ پد يعني مڪتي ملي ٿي.

٤. هو سدائين نام ڌيائيندا آهن ۽ هريءَ کي اندر وسائي رکندا آهن.

## ۳۰. بن گر پريم نه پائيندءِ

جڏهن اِستريءَ جو پتيءَ سان ميلاپ نٿو ٿئي، تنهنجو هار سينگار وِرٿ آهي. اُها چاهي ڪيترا به زيور ۽ ڪپڙا پائي، پر نه ته هوءَ پتيءَ بنا سدائين اُداس رهندي ۽ سندس من کي ڪڏهن به شانتي نه ملندي.

گروُ صاحب ان ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته جيوآتما روپي اِستريءَ کي پرماتما روپي پريتم سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ پهرين سمرن يا پريما ڀڳتيءَ جي ضرورت آهي. پر ستگروءَ بنا نه ته ڀڳتيءَ جي سچي جڳتيءَ جو پتو لڳي ٿو ۽ نه هردي ۾ پرماتما جو پريم ئي جاڳي ٿو. ستگروءَ جي سنگت ۽ شيوا مان ئي من کي سچي خوشي ۽ شانتي پراپت ٿئي ٿي.

جيڪڏهن اِستريءَ (جيوآتما) جي هردي ۾ سچو پريم، برهه ۽ تڙپ آهي ته اها ضرور ڦل پائيندي ۽ سندس هردو سدائين ٽڙيل ڪڙيل ۽ آنند سان ڀرپور رهندو. پرماتما روپي پريتم کي رجهائڻ لاءِ جيوآتما کي پنهنجي من ۽ آپي يا هؤميءَ کي مارڻو پوندو. پوءِ آتما ۽ پرماتما موتين جي لڙهيءَ وانگر هڪ ٻئي ۾ پروُئجي ويندا، ملي هڪ ٿي ويندا.

اهڙيءَ گرمک آتما جو من نهچل رهي ٿو، ڇاڪاڻ ته الکي نام جو پڪو ۽ مضبوط آڌار ملي ٿو وڃي. ٻئي طرف منمک جو من هميشه چنچل رهي ٿو. هوُ دک ۾ جيئي ٿو ۽ روئندو ئي هن سنسار مان روانو ٿئي ٿو. هنجي زندگي بيڪار ۽ بي رسي رهي ٿي ۽ سندس جيون جو مدرت ڪڏهن به پورو نٿو ٿئي. پر جنهن شبد کي ڄاڻي، پاڻ کي ان ۾ پوريءَ طرح لين ڪري ڇڏيو آهي، اُن تي دنيا جي لاهين چاڙهين ۽ دکن سکن جو اثر نٿو ٿئي. ڪال ۽ مايا به هنکي نٿا ستائي سگهن، ڇاڪاڻ ته هوُ من مايا، سمي ۽ استان جي بندڻن کان مٿي اُٿي وڃي ٿو.

پرماتما جا نام روپي سچ جو ونج واپار ڪرڻ وارا هن سنسار مان مالا مال ٿي وڃن ٿا. سندن اعليٰ راس جا سچي پونجي سندن سنگرو ٿي آهي، جو هر قسم جي برائيءَ کان پاڪ صاف آهي ۽ هر طرح پورن آهي. سو سنگروءَ جي شرڻ ۾ آئڻ اهڙا سچ جا واپاري پنهنجي جيون ۾ آشا ترشنا ۽ لوڀ موهه وغيره جي عليتا کان ڇوٽڪارو پائين ٿا.

آخر ۾ گروءَ صاحب جن فرمائين ٿا ته شاسترن گرنٿن جي ڪٿا وارتا جا پيا پاهرمکي ڪرم ڪانڊ من کي صاف ڪري هيءَ سڀ اوستا آڻڻ ۾ بلڪل اسمرٿ آهن. صرف سنگروءَ دوارا بخشيل نام جي ڪمائيءَ سان ئي مڪتي ملي سگهي ٿي.

[1] بن پر ڏن سيگارئي جوبن باد خوار،
نا ماڻي سک سيجڙي بن پر باد سيگار،
[2] ڏک گهڻو دوهاڳڻي نا گهر سيج ڀتار.

مَن ري رام جپهه سک هوءِ،
بن گر پرڀ نه پائيئي سڀ ماڻي رنگ هرءِ.

گر سيوا سک پائيئي هر ور سهج سيگار،
سچ ماڻي پر سيجڙي گوڙا هيت پيار،
گرمک جاڻ سڃاڻيئي گر ميلي گڻ چار.

سچ ملهه ور ڪامڻي پر موهي رنگ لاءِ،
من تن ساچ وگسيا قيمت ڪهڻ نه جاءِ،
هر ور گهر سوهاڳڻي نرمل ساچي ناءِ.

---

١. پتيءَ بنا استريءَ جو جوڀن ۽ سينگار وئرٿ آهن.

٢. جنهن ڏهاڳڻ جو پتي گهر سيج تي نٿو اچي، انهيءَ پاري ڏک پرڀٽو ٿيو ٿو.

¹من مهه مدوتا جي مري تا ڀر راوي نار،
اڪت تاڳي رل ملي گل موتين ڪا هار،
سنت سڀا سک اوپجي گرمک نام آڌار.
کن مهه اپجي کن کپي کن آوي کن جاء،
سبد پڇاڻي رو رهي نا تس ڪال سنتاء،
صاحب اَتل نه توليئي ڪٿن نه پائتا جاء.
واپاري وڻجارتا آئي وجهه لکاء،
ڪار ڪماوهه سچ ڪي لاها ملي رجاء،
²پونجي ساچي گر ملي نا تس تل نه تماء.
³گرمک تول تولائسي سچ تراڙي تول،
آسا منسا موهڻي گر ناڪي سچ بول،
آپ تلائي تولسي پوري پورا تول.
ڪٿني ڪهڻ نه ڇٽيئي نا پڙهه پستڪ ڀار،
⁴ڪائتا سوچ نه پائيئي بن هر ڀگت پيار،
نانڪ نام نه وسري ميلي گر ڪرتار.

(سري راڳ، م ١ - ٥٨ - ٥٩)

---

١. من جي اندر ئي من مري وڃي يعني اندر پنهنجي مول ۾ ڪٽيءَ ۾ لين ٿي وڃي.

٢. جنهنکي اهڙو پورو گرو ملي وڃي ٿو، جنهنکي ذرو به لالچ ناهي، تنهنکي نام جا پرماتما روپي سچي پونجي ملي وڃي ٿي.

٣. گرمکن دواران ئي پرڀوءَ روپي سچ کي ساهميءَ ۾ تورڻ جي جگتي ملي ٿي.

٤. سوچ = سؤچ يعني شدتا، پوترتا. مطلب ته پرماتما سان جي صفائيءَ سان نه، پر پريم ۽ ڀڳتيءَ سان ملندو آهي، من جي شدتا ۽ نرملتا سان ملندو آهي.

## ٢. ستگرو پورا جي ماءِ

هيءُ شبد پوري ستگروءَ جي مهما ۾ لکيو ويو آهي، جنهن جي ملڻ سان اسانکي بيشمار بخششون پراپت ٿين ٿيون. پوري ستگروءَ جي ملڻ سان پرماتما جي سچي گيان جو امولڪ ڌن ملي ٿو. من کي ستگروءَ جي سکيا انوسار هلائڻ سان پرماتما جي سچي پريم جي پراپتي ٿئي ٿي. گروءَ جي ديا مهر سان مکتيءَ جهڙو قيمتي ۽ امول پدارٿ ملي ٿو، جنهن سان سمورا پاپ ۽ اوگڻ ڌوپجي صاف ٿين ٿا.

ستگرو مکتي پراپت ڪرڻ جو اناديءَ ساڌن ۽ ذريعو آهي. برهما، نارد ۽ ويد وياس به شاهدي ڀريندا ته ستگروءَ کانسواءِ مکتيءَ جي دات نٿي ملي. بنا شبد جي دويه ڌني ملڻ جي، سچو گيان نٿو پراپت ٿئي ۽ بنا ستگروءَ جي، سچي شبد سان سمبنڌ نٿو جڙي. سو ستگروءَ جو بخشيل نام يا شبد ئي گيان جو پيدار آهي ۽ ان نام يا شبد دواران ئي پرماتما جو سچو گيان ۽ سچو ڌيان پراپت ٿئي ٿو.

ستگروءَ وٽ نام ۽ پريم جو امل ڌن آهي، جنهن سان هؤ ششن جي بندن وڪارن جو ناس ڪري، سندن دکن جو خاتمو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ کين سچي سک جي ڏات بخشيندو آهي. اها ڏات انهن کي ملندي آهي جن جي ڌر ڪرم ۾ خود پرماتما طرفان اهڙو ليک لکيل هوندو آهي.

سنسار روپي ڀوساگر ڏاڍو خوفناڪ ۽ ڀيانڪ آهي. انجي نه اورئين ڪناري جو پتو آهي ۽ نه پرئين ڪناري جو. اسان وٽ نه ڪا ٻيڙي آهي، نه ونجهه، نه ترهو ۽ نه ڪو ٻيڙيءَ کي هلائڻ وارو ملاح آهي. صرف ستگروءَ روپي ملاح ئي اسانکي هن ڀوساگر کان پار اڪاري سگهي ٿو.

پرماتما کي پائڻ آهي دکن کي اولو ڏيڻ ۽ سکن ڏان مهروم ٿيڻ. انهيءَ حالت ۾ سرير روپي مٽيءَ جو ڪچو

ٻرڻ، ڦاهي چولو، ٽُڙڪي پٽي پوي ٿو ۽ موت اچي ٿو جيو کي گهيري. انت سمي موت وقت پڇتائڻ مان ڪو لاڀ نٿو ٿئي. زندگيءَ ۾ جن به چيزن کي اسين پنهنجو سمجهون ٿا، تن مان ڪابه، ڌن دولت، هٿ حويلي، وڏي پٽني ۽ سنبنڌي وغيره به ساڻ نٿا هلن. بلڪ سرير، جو جنم وقت ساڻ آيو هو، اهو به مرڻ سمي ساٿ نٿو ڏئي.

انت سمي صرف هڪ نام روپي دولت ۽ ٻيو ستگروءَ روپي مترُ يا سچو سڄڻ ساٿ نڀاهين ٿا. بنا نام ۽ ستگروءَ جي، جيو مايا جي انڌڪاري ۾ ٿي ڀٽڪندو رهي ٿو.

جنم مرڻ، دک سک ۽ اسانجي پرالبڌ ته اول کان نسچت ٿيل آهن. پرالبڌ جي لکئي مان هڪ لفظ به ميٽجي نٿو سگهي. انڪري اسانکي صبر ۽ سنتوش سان، خوشيءَ سان انکي ڀوڳڻ گهرجي. پر اهڙيءَ ڳالهه جو ڌيان رکڻ گهرجي ته آئينده لاءِ نون ۽ برن ڪرمن جو ٻج نه پوکيون، جيئن انهنجو ڦل ڀوڳڻو نه پوي. ستگروءَ جي سکيا انوسار شبد جي ڪمائي ڪرڻ سان اسين ڪرمن جي جار کي ٽوڙي واپس وڃي پرماتما ۾ سمائجي سگهون ٿا.

ستگر پورا جي ملي پائيئي رتن بيچار،
من ديجي گر آپڻي پائيئي سرب پيار،
مڪت پدارٿ پائيئي اوگڻ ميٽڻ هار.
ڀائي رَي گر بن گيان نه هوءِ،
[1] پوڇهه برهمي ناردي بيد بياسي ڪوءِ،

---

1. گروُ صاحب نارد ۽ ويد وياس سان برهما جو نالو گڏي، اهو ٿا ٻڌائين ته سرشٽي بڻائڻ واري کي سرشٽيءَ جي شروعات کان اهو نيم ٺاهيو آهي ته ستگروءَ بنا مڪتي نه ملي سگهندي.

¹ گيان ڌيان ڌن جاڻيئي اڪٿ ڪهاوي سوءِ.
سڦلئو ٻرک هريالا ڇاو گهڻيري هوءِ،
لعل جواهر ماڻڪي گر ڀنڊاري سوءِ.
گر ڀنڊاري پائيئي نرمل نام پيار،
ساچو وکر سنچيئي پوري ڪرم اپار،
² سک داتا دک ميٽڻو ستگر اسر سنگهار.
ڀوجل بکم ڊراوڻو نا ڪنڌي نا پار،
نا بيڙي نا تلهڙا نا تس ونجهه ملار،
ستگر ڀئه ڪا بوهٿا نڌري پار اُتار.
اڪ تل پيارا وسري دک لاگي سک جاءِ،
جهوا جلئه جلاوڻي نام نه جپي رساءِ،
³ گهٽ بنسي دکه اگلو جم پکڙي پڇتاءِ.
⁴ ميري ميري ڪرگئي تن ڌن ڪلت نه ساٿ،
⁵ بن ناوي ڌن باد هئه ڀولو مارگ آٿ،
ساچئه صاحب سيوئيئي گرمک اڪٿو ڪاٿ.
آوي جاءِ ڀوائيئي پئيئي ڪرت ڪماءِ،

---

١. شبد ڌُن سان جڙڻ ئي سچو گيان ڌيان آهي ۽ شبد ڌن ئي اڪٿ پرماتما جو روپ آهي.

٢. ستگرو سکن جو داتا، ڏيڻ وارو آهي. هو دکن جو ڪارڻ بڻجڻ وارن دشمن يعني وشيه وڪارن کي ناس ڪرڻ وارو آهي.

٣. سنسار روپي گهڙي ٽٽڻ تي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو ۽ جمدوت پڪڙي وٺي ويندا آهن ته پڇتائڻو پوندو آهي.

٤. ٻچن، ڌن ۽ استريءَ کي پنهنجو چوندو هئين، انهن مان ڪجهه به توسان گڏ نه هليو ۽ نه هلڻ وارو آهي.

٥. نام بنا ٻيو هر قسم جو ڌن ناسونت آهي.

پورب لکتا کتہ میتھئي لکتا لیکہ رضاء،
ان ھر نام لئی چتیئي گرمت ملیي مناء.
تس بن میرا کو نھي جس کا جیئہ پران،
ھؤمي ممتا جل بلئہ لوبھ جلئہ ابھمان،
نانک سبد ویچاریئي پائیئي گنی ندان.

(سري راڳ، م ١-٥٩)

## ٥٠. ري من ائسي ھر سئہ پريت کر

ھن شبد ۾ گرو صاحب جن ڪيترائي مثال ۽ الڪار ڏيئي، ستگرو ۽ شش، جيو آتما ۽ پرماتما جي سچي پيار جو ڀاو پرگھٽ ڪرڻ جو جتن ڪيو آھي.

گرو صاحب ساڌڪ کي اُپديش ڪن ٿا تہ ستگرو ۽ نام هريءَ سان اھڙو پيار ڪر، جھڙو ڪنول کي پاڻيءَ سان آھي. پاڻيءَ جون لھرون ڀلي ڪيتي کيس ڪيترو بہ ڌوڏين پر تڏھن بہ ھو پنھنجي پريتم جي پيار سنيھ ۾ ڪڙيل اُڏرين ۽ خوش رھي ٿو. شش کي ستگرو سان اھڙي پريت ڪرڻ گھرجي، جھڙي مڇليءَ کي جل سان آھي. جل جيترو وڌيڪ ھوندو آھي، مڇلي اوترو وڌيڪ پرسن ٿيندي آھي، پر جڏھن کيس جل کان ٻاھر ڪڍبو آھي تہ ھوءَ ھڪدم لڙڇي مري ويندي آھي. جيستائين ھردي ۾ اھڙو تيز ٻا پريم پيدا نٿو ٿئي، ليڪن من مايا جا بندڻ ٽٽي نٿا سگھن ۽ جنم مرڻ کان ڇوٽڪارو پراپت نٿو ٿي سگھي.

چاترڪ يا پپيھي جو بہ سواتي بوند سان اھڙو تي پريم ھوندو آھي. ڀلي ڪيتي ھنجي اڳيان مٺي پاڻيءَ جو ڀريل سمنڊ ھجي، پر ھو اُج يا پياس ۾ مري وڃڻ پسند ڪندو پر سواتي بوند کانسواءِ ٻيو پاڻي پي پياس اجھائڻ قبول ڪونہ ڪندو.

پاڻيءَ جو ڪير سان سچو پريم آهي. جيستائين پاڻي ڪير ۾ رهي ٿو، تيستائين هُو ڪير کي باهه جو سيڪ لڳڻ نٿو ڏئي. هُو ڪير جي خاطر پاڻ اڳيءَ جي لهٽ سهي، ڪير کي سڙڻ کان بچائي ٿو. اهڙي طرح سچو پريمي پنهنجي پريتم تان پنهنجي جند جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهندو آهي.

ساڳي طرح چڪوي پنهنجي ساٿي چڪوي جي پريم ۾ ساري رات تڙپندي رهندي آهي ۽ هن کي هڪ پل به چين آرام نه هوندو آهي. هُوءَ سڄي رات جاڳي، سورج جي اڀرڻ جو انتظار ڪندي آهي، جيئن سورج جي پرڪاش ۾ پنهنجي پريتم کي پائي سگهي. هُوءَ چڪوي کي دور سمجهي بار بار اڏامڻ جي ڪوشش ڪري، وٽس وڃڻ چاهيندي آهي، جيتوڻيڪ چڪوو اڏامندو وٽس ايندو آهي.

ساڳي طرح مدمڪ لوڪ پرماتما کي بلڪل دور سمجهندا آهن، پر گرمکن لاءِ هُو حاضران حضور هوندو آهي. مدمڪ لوڪ ايڪ حساب ڪتابن ۾ لڳا رهندا آهن ته اسين هيئن ڪنداسين، هُونءَ ڪنداسين، پر ٿيندو اهو آهي، جو پرماتما جو ڀاڻو هوندو آهي.

ڪير ۽ پرماتما جو ملهه نٿو ڪٿي سگهجي. اُنکي جاڻڻ مَن جي وس کان ٻاهر آهي. صرف ستگروءَ جي اپديش تي عمل ڪرڻ سان ئي پرڀو پراپتي ممڪن ٿي سگهي ٿي ۽ اُن الاهه پرڀوءَ جي ٿاهه پائي سگهجي ٿي. جڏهن خوشقسمتيءَ سان جيو کي سچو ستگرو ملي وڃي ٿو ته اُهي دواران ئي پرڀوءَ جو سچو پيار منجهس جاڳرت ٿئي ٿو، ستگروءَ کان ئي سچو گيان پراپت ٿئي ٿو ۽ ترلوڪيءَ جا سڀ ڀيد اُن جي اڳيان پستڪ وانگر کليل ظاهر ٿي پون ٿا.

سڀني گڻن ۽ چڱاين جو ڀنڊار نام آهي. جيڪڏهن ڪو گڻن جو گراهڪ آهي ۽ سچ پچ نيڪ ٿيڻ چاهي ٿو ته اُن کي گهرجي ته ڪڏهن به نام کي نه وساري. نام ئي آواگون کان ڇوٽڪارو ۽ امر جيون جي ڏاس ۽ مڪتي ڏيڻ وارو آهي.

گرو صاحب سمجهائين ٿا ته سنسار جا جيو ڀڪتيءَ وانگر جيون روپي سرور جي ڪناري تي ڪجهه ڏينهن واسطي رهي هتان هليا وڃن ٿا. هنن کي جيڪو ٿورو گهڻو سمو هتي رهڻ لاءِ مليو ٿو، اُنجو هو درست استعمال نٿا ڪن ۽ جيون جي بازي هارائي ٿا وڃن. پر جيڪي جيو پرماتما جي ڏيا مهر سان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي، پوءِ پنهنجي مول، شبد روپي پريو پريتم کي سڃاڻي وٺن ٿا ۽ ساڻس ميلاپ ڪري وٺن ٿا، ساڻس ملي لين ٿي وڃن ٿا، اُهي جيون جي پڙ مان ڪٽجي، جيتي وٺن ٿا ۽ اُنهنجو جيون سڦل ٿئي ٿو.

هيءَ زندگيءَ کي سڦل بڻائڻ جو ڪارڄ ستگروءَ جي سهائتا سان ئي پورو ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته ستگروءَ ٻنا نه ته پرماتما جي سڌي پراپت پيدا ٿئي ٿي، نه هؤمي جي مئل دور ٿئي ٿي، نڪو شبد جو ڀيد کلي ٿو ۽ نه پنهنجي آتما ۽ پرماتما جي ڄاڻ سڃاڻ ٿئي ٿي. اهو سوڀاڳيه صرف ستگروءَ دواران پراپت ٿئي ٿو، ٻيو ڪوبه اِن ڀيد جو واقف يا گياتا ڪونهي.

اُنهنجي اوستا ڪهڙي نه عجيب ۽ آنندميه آهي، جيڪي ڪل مالڪ، پرماتما سان ملي هڪ ٿي ويا آهن. اُهي پنهنجي منزل، پنهنجو مقصود پائي چڪا آهن ۽ اُنهن ۾ شبد پرگهٽ ٿي چڪو آهي. ٻئي طرف منمک لوڪ، اگيان جي انڌيري ۾ ئي ٻڌل رهن ٿا ۽ پرماتما کان وڇڙيل رهڻ ڪري، جنم مرڻ وغيره دکن جون چوٽون سهندا رهن ٿا.

آخر ۾ گروُ صاحب جن فرمائين ٿا ته ڪل عالمڪ، پرماتما جي لاءِ گهر پهچڻ جو صرف هڪڙو ئي رستو "دسوان دوار" يا "تيسرا تل" آهي. گرمک ان مارگ ذريعي اُتي پهچي وڃن ٿا، باقي منمک ٻاهر ئي ڀٽڪندا رهن ٿا.

ري من انسي هر سڱ پريت ڪر جهڙي جل ڪمليهه،
لهري لال پڇاڙيي ڀي وڪسي اسنيهه،
جل مهه جنت اپائڪي بن جل مرڻ تنيهه.
من ري ڪئن ڇوٽهه بن پيار،
گرمک انتر رو رهيا بخسي ڀگت ڀنڊار. رهاءُ.
ري من انسي هر سڱ پريت ڪر جهڙي مڇلي نير،
جئن اَڌ ڪئن لئن سکهه گهڻو من تن سانت سرير،
بن جل گهڙي نه جيوئي پرڀ جاڻي اڀ پير.
ري من انسي هر سڱ پريت ڪر جهڙي چاترڪ ميهه،
سر ڀر ٿل هريا وليي اک ٻوند نه پوئي ڪيهه،
ڪرم مليي سو پائيئي ڪرت پئيا سر ديهه.
ري من انسي هر سڱ پريت ڪر جهڙي جل دڌ هوءِ،
آونٽ آپي کوي دڌ ڪئو کپڻ نه ديهه،
آپي ميل وڇنيا سچ وڏائي ديئي.
ري من انسي هر سڱ پريت ڪر جهڙي چڪوي سور،

---

١. پاڻيءَ بدا مڇليءَ جي هردي (اَپ) ۾ جيڪا پيڙا ٿئي ٿي، سا پرڀو ئي ڄاڻي ٿو.

٢. چاهي سروور ۽ ٿلها ڀرجي وڃن، پر پپيهو اُن پاڻيءَ جي هڪ ٻُوند به نه پيئي.

٣. پاڻي آگ جي تپت پاڻ سهي ٿو، پر کير کي ان تپت کان بچائي ٿو.

ڪِن ٻَل ليد نه سوونئي جاڻيءِ دور حضور،
ننڪ سؤجهي تا پوي گرمک سدا حضور.
ننڪ گڻي گڻاوڻي ڪرتا ڪري سو هوءِ،
تا ڪي قيمت نا پوي جي لوچي سڀ ڪوءِ،
گرمت هوءِ ته پائيئي سچ مليءِ سک هوءِ.
سچا نيهه نه ٽٽئي جي ستگر ڀيٽئي سوءِ،
گيان پدارٿ پائيئي ترڀون سوجهي هوءِ،
نرمل نام نه وسريءِ جي گڻ ڪا گاهڪ هوءِ.
کيل گئي سي پنکڻون جو چگدي سر تل،
گهڙي ڪ مهت ڪ چلڻا کيلڻ اج ڪ ڪل،
جس تون ميلهه سو مليءِ جاءِ سچا پڙ مل.
بن گر پريت نه اوپجيءِ هؤميءِ ميل نه جاءِ،
[1]سوهن آپ پڇاڻيئي سبد ڀيد پتيئاءِ،
گرمک آپ پڇاڻيئي اَور ڪ ڪري ڪراءِ.
ملڻا ڪا ڪيا ميليئي سبد ملي پتيئاءِ،
ننڪ سوجهي تا پوي واهڙ چوڻا کاءِ،
ناتڪ در گهر ايڪ هي اَور نه دوجي جاءِ.

(سري راڳ، م ١-٥٩-٦٠)

## ٦. گرمک

گرمک سدائين سچ ۽ گيان جا وچن بولهندو آهي، ڇاڪاڻ ته هن پاڻ کي ۽ پنهنجي رضا کي پورن رِيت پرماتما جي رضا ۾ لين ڪري، ملائي ڇڏيو آهي. هن پرماتما جي ٻڪيءَ طرح شرن پڪڙي آهي، پاڻ کي پوري طرح سمرپڻ ڪري ڇڏيو اٿس. هؤ دنيا کان نرليپ ۽ دليوي آشائن ترشنائن

---

[1]. جڏهن هؤ شبد سان ايڪ ٿئي ٿو ته کيس معلوم ٿئي ٿو ته منهنجو ۽ هريءَ جو مؤل يا اصلي روپ هڪ آهي. سوهن يا سوهنگ = مان اهوئي آهيان جو هري آهي.

ڪان مڪت ٿي چڪو آهي. هوُ سچکنڊ پهچي چڪو آهي، جنهنڪري ڪال هن جي نزديڪ به اچي نٿو سگهي. انهي ابتڙ، منمک ماياوي ۽ دنيوي موهه پيار جو شڪار آهي ۽ سدائين آشا ترشنا جا دک سهي ٿو ۽ چوراسيءَ جي چڪر ۾ قائل رهي ٿو.

گروُ صاحب اپاسڪن کي اُپديش ڪن ٿا ته پنهنجي اندر شبد کي پرگهٽ ڪريو ۽ اهو ڏوهه امرت پيو، امر ٿي وڃو ۽ اهڙي طرح سهج آنند جي اوستا پراپت ڪريو.

انهيءَ اوستا جي پراپتيءَ لاءِ ستگروءَ جي شرڻ وٺڻ ضروري آهي. گروُ صاحب جن فرمائين ٿا ته ستگروءَ کان نام دان پائي، سرت کي اندر ايڪاگر ڪري شبد يا نام سان جوڙڻ کپي. سڀ ڪجهه گروءَ کي سونپي، اهڙي سکيا انوسار هلڻ کپي. انهن ڪرڻ سان اپاسي پاڻ کي سڃاڻي ٿو وٺي ۽ پاڻ سڃاڻڻ سان پرماتما جي سڃاڻپ به ٿي وڃي ٿي. اهڙي جيوآتما کي هر هنڌ ۽ هر وستوءَ ۾، رچنا جي ڪڻي ڪڻي ۾ انهيءَ هڪ ئي پرماتما جي جوت ۽ جلوو نظر اچڻ لڳي ٿو.

گروُ صاحب فرمائين ٿا ته مڪتيءَ جو صرف اهوئي هڪڙو مارگ آهي جو خاطريءَ وارو ۽ اٽڪل آهي، جنهن ۾ ڪنهنکي به ڪڏهن اسفلتا نٿي ملي. آخر ۾ پاڻ ستگوروءَ جي مهما ڪندي، سندس شڪرانا مڃين ٿا، جو سندس اپار ديا مهر سان موهه مايا وغيره سڀ بندن ڪٽجي ويا ۽ ان الکه پرماتما جي ڄاڻ يا سوجهي پئجي.

ٻولهه ساچ متنا لهي رالي،
چالهه گرمک حڪم رضائي،
رهڻ اليت سچي سرٽائي.
سچ گهر بٺيو ڪال نه جوهي،
منمک ڪوُ آوت جاوت دک موهي.

آڻهه ڀڻهه اکٿ ڪٿ رهڻي،
لڄ گهر بڻس سهج گهر لهڻي،
هر رس ماڻي اهه سکه کهڻي.
گرمت چال نهچل لهي ڏولي،
گرمت ساچ سهج هر ٻولي،
ٻيڻوي امرت لٽ ورولي.
¹ستگر ڏيکٿا ڏيکٿا ليڌي،
²من ٿن ارپڻو الترگت ڪيڌي،
³گت مت پاڻي آتم چيڻي.
پور جن نام ٿرلڄن سار،
ٻرم هدس سچ جوت اپار،
جهه ڏيکشه لهه ايڪنڪار.
رهي نرالم ايڪا سچ ڪرٽي،
ٻرم پد پاٿا سهوا گر چرٽي،
من لي من ماٿا چوڪي اهم پرمٽي.
ان ٻڌ ڪٽڻ لهي ٿارٽا،
هر جس سمت پڪٽ لستارٽا،
ٻرب ٻالي هم آور نه ٻارٿا.
ساچ مهل گر الکه لکاٿا،
نهچل محل لهي چاٿا ماٿا،
ساچ ستوکي ٻرم چکاٿا.
جن ڪيو من وسٿا سچ سوڻي،
ٿن کي سنگت گرمکه هوڻي،
ناڻڪ ساچ نام مل ڪوڻي.

(ڪوڙي م ١ - ٢٢٧ - ٢٢٨)

---

١. ستگروءَ جو درشن ڪيو، ان کان نام دان پاتو.
٢. من تن الڪي ارپڻ ڪري، سرت کي اندر ايڪاگر ڪيو.
٣. آتما کي سڃاڻي، پرماتما کي سڃاتو.

## ٧. هنس ۽ ٻگهلو

هن شبد ۾ سمنڊ، هنس، ٻگهلي ۽ تلاءَ جا مثال ڏيئي انهن جي مشابهت ستگرو، گرمک، منمک ۽ سنساري ڇڪڻ پريل تلاءُ سان ڪري، ستگروءَ جي وشيه لي پورو پرڪاش وڌو ويو آهي. ستگرو سمنڊ سمان آهي جو هيرن ۽ موتين سان ڀرپور آهي. پرماتما جو پريمي ڀڳت يا گرمک هنس آهي. ٻگهلي مان ڀاو دنيادار يعني منمک جو آهي، جو سمنڊ کان دور مايا وي آشا ترشنا جي گپ سان پريل تلاءُ روپي سنسار جي ڪناري رهي ٿو.

مالڪ جا سچا ڀڳت يا گرمک، ستگروءَ روپي سمنڊ مان موتي چگندا آهن. منمک، ٻگهن وانگر وشيه وڪارن روپي ڇڪڻ جي تلاءُ ۾ ڦاٿا پيا هوندا آهن. گرمکن جو مقصد اندران سچ يا روحانيت جي ڄاڻ پراپت ڪرڻ جو هوندو آهي، پر منمک اندري ڀوڳن جي ڀورلي ۽ عيش عشرت چاهيندا آهن. گرمک آواگون جا ٻنڌن ٽوڙي ڇڏيندا آهن، پر منمک سدائين چوراسيءَ ۾ ڀٽڪندا ڦرندا آهن. ٻنهي جي رنگ ۾ رڱيل ٻرهمي شهوڪ جن، ستگروءَ ۾ سمائجي انجو روپ ٿي ويندا آهن. جيو آتما روپي ٻوند يا هنس هميشه لاءِ ستگرو روپي سمنڊ ۾ لين ٿي ويندو آهي. قطرو ساگر ۾ سمائجي ويندو آهي ۽ ساگر قطري ۾. ٻنهي ۾ ڪوبه ڀن ڀيد نه رهندو آهي.

گرو صاحب پرماتما کي سچو جوڳي چئي ياد ڪن ٿا، جو سرشٽيءَ جي ڪٽي ۾ سمايل هئڻ جي باوجود ان کان نرليپ آهي. ساري ترلوڪي هن جي حڪم انوسار هلي رهي آهي. هو ئي سچي آنند جو اکٽ ڀنڊار آهي. ساري مدش جاتي ۽ ديوي ديوتا وغيره سڀ سندس سهاري رهن ٿا. هو ڀڳت وڇل آهي ۽ هؤمي مارڻ ڪاڻهوءَ

ٿي اندر سمنڊ چرن ڪملن جي شرڻ پراپت ٿئي ٿي يعني ساڻس ميلاپ ٿئي ٿو.

موت اٽل آهي. ڪو به جتن يا اُپاءُ ڪڏهن به ڪنهن کي موت جي چنبي کان نٿو بچائي سگهي. تنهنڪري منش جنم جو املهه موقعو فضول ضايع ڪرڻ نه گهرجي ۽ پنهنجي پوري ڪوشش ستگروءَ جي بخشيل شبد جي ڪمائيءَ ۾ لڳائڻ گهرجي، جيئن سنسار ۾ اچڻ ۽ منش جنم ڌارڻ جو اصل مقصد پورو ٿي سگهي.

گر ساگر رتني ڀرپوري — امرت سنت چگهه نهي دوري.
هر رس چوگ چگهه پرڀ ڀاوي — سرور مهه هنس پران پت پاوي.
ڪٿا بگ بپڙا ڇپڙي ناءِ — ڪيچڙ ڏوبي مئل نه جاءِ.
رکه رکه چرن ڌري ويچاري — دبڌا ڇوڊ ڀئي نرڪاري.
مڪت پدارٿ هر رس چاکي — آوڻ جاڻ رهي گر راکي.
سرور هنسا ڇوڊ نه جاءِ — پريم ڀڳت ڪر سهج سماءِ.
[1]سرور مهه هنس هنس مهه ساگر — اڪٿ ڪٿا گر بچني آدر.
سن منڊل اڪ جوگي بيسي — نار نه پرک ڪههه ڪوءُ ڪيسي.
ترڀوڻ جوت رهي لو لائي — سر نر ناٿ سچي سرڻائي.

---

١. سمنڊ ۾ هنس آهن ۽ هنسن ۾ سمنڊ آهي. مطلب ته سنت جن پرڀوءَ روپي سمنڊ مان اچن ٿا ۽ جڏهن هو موٽ لوڪ ۾ عام ماڻهن وانگر ڏسڻ ۾ اچن ٿا ته به اهو پرڀوءَ روپي سمنڊ انهن ۾ سمايل هوندو آهي.

اڳتي ڪجهه ٽڪن ۾ ٻڌائين ٿا ته اهو پرماتما جو ذات ۽ ڪل کان مٿي آهي، سڀڪنهن ۾ وسي ٿو، ساري ترلوڪيءَ جي سنڀال ڪري رهيو آهي. هو آنند سروپ آهي، ساري سرشٽيءَ جو آڌار آهي ۽ سڀ ديوي ديوتا هن جي اڌين آهن.

آلس مؤل انات اڌاري گرمک ھڪ سچ ويچاري.
ھڪ وچل ھه ڪاڻ ھاري ھؤمي مار مليو ھڪ ڌاري.
الک جتن ڪر ڪال سنتائي مرڻ لکاء منڊل مھ آئي.
جنم پدارٿ دبدا کوويو آپ نه چينس ڀرم ڀرم روويو.
کھنتھ ھرڙلتھ سٽنتھ ايڪ ڌرج ڌرم ڌرٽي ڌر ٽيڪ.
جت ست سنجم ردي سمائي چؤٿي پد ڪؤ جي من ڀتيئائي.
ساچي نرمل ڀئو نه لاگي گر کي سبد ڀرم ڀه ڀاگي.
صورت مورت آد انوپ نانڪ جاچي سچ سروپ.
(ڌنا سري، م ١-٦٨٥)

## ٨. ماڻس جنم دلڀ

منش جنم امولڪ وردان آھي. صرف سنت مھاتما، گرمک ۽ ڀڳت جن انھيءَ اصلي مھما ڄاڻن ٿا. باقي جيو انھيءَ ملھه لٿا ڄاڻن ۽ انکي ڪوڏين بدلي وڃائي ٿا وھن. جيڪڏھن ڪو ڀاڳيارو پاڻ سان پوري ستگروءَ جي سنگت صحبت ۾ اچي ٿو ته ھو ستگروءَ ۽ پرڀوءَ پريم جي رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿو ۽ ڪيس پنھنجي خوشقسمتيءَ جي ڄاڻ پوي ٿي.

جڏھن دنيا مان ڪوچ ڪرڻ جو وقت اچي ٿو ته گرمکن وٽ پنھنجي شڀ ڪرمن جو ڀنڊار رھي ٿو، انھيءَ ڪري ھو ڪل مالڪ جي درگاھ ۾ مان سنمان پائين ٿا.

سنسار ۾ اسانجو اصلي دشمن من آھي، جو وشيه وڪارن ۾ لپٽي، ضدي ٿي پيو آھي. پر جڏھن ستگروءَ جي ديا مھر ۽ بخشش سان جيو جي اندر پرماتما جو سچو پيار ڄاڳرت ٿئي ٿو ته من سھجي ئي وس ۾ اچي وڃي ٿو. اھو ڪارڻ ستگروءَ جي ديا مھر سان پورن ٿئي ٿو. پر جيڪي منش پرماتما ۽ ستگروءَ کان بيمک آھن ۽ ڀرمن ۾ ڀٽڪندا رھن ٿا، انھنجي ھردي ۾ پاپن جا گھرا داغ ھوندا آھن. انھن کي پرڀو روپي پريتم جي پيار جو امرت پيئڻ لاءِ نه ملندو آھي.

آخر ۾ گروءَ صاحب فرمائين ٿا تہ، اهو ڳڻ نڌان مهنجي اندر وسي ويو آهي، مان وينتي ڪريان ٿو تہ ڪرپا ڪري منهنجي زندگيءَ کي گڻڪاري بڻايو ۽ مونکي بل بخشيو تہ مان سدائين ستگروءَ جي حڪم ۾ رهان ۽ سندس ڏسيل مارگ تي هلي سرت کي شبد سان جوڙي، هميشہ لاءِ جنم مرڻ جي چڪر کان ڇوٽڪارو پائي سگهان.

ماڻس جنم دلڀ گرمک پائنٿا،
من تن هوءِ چلڀ جي ستگر ڀائنٿا.
چلي جنم سوار وکر سچ لئي،
پت پائي دربار ستگر سبد ڀئي.
من تن سچ سلاهہ ساچي مت ڀائنٿا،
لال رتا من مانئا گر پورا پائنٿا.
هئہ جيو اگڻ سار انتر تون وسئي،
تون وسهہ من ماهہ سهجي رس رسئي.
مورک من سمجهاءِ آکئہ کيتڙا،
گرمک هر گڻ گاءِ رنگ رنگيتڙا.
نت نت رديءِ سمال پريتم آپڻا،
جي چلهہ گر نال ناهي دک سنتاپڻا.
[1] منمک ڀرم ڀلاڻا نا تس رنگ هئہ،
مرسي هوءِ وڏاڻا من تن پدگ هئہ.
گر کي کار ڪماءِ لاها گهر آڻئا،
[2] گر باڻي نرباڻ سبد پڇاڻئا.

---

١. منمک ڀرم ۾ ڀليل آهي. هوءُ پريو ميلاپ جي آنند جو انڀوءُ نٿو ڪري سگهي. هوءُ دکي ٿي مري ٿو.

٢. شبد روپي پرماتما، جو مايا جي هر طرح جي ٻنڌنتا کان مکت آهي، ان جي ڄاڻ حاصل ڪئي.

'اڪ نانڪ ڪي ارداس جي لڌ پاوسي،
مڱ ڏيهي ناءِ نواس هر گڻ گاوسي.
(سوهي م ۱-۷۵۱)

## ۹. مول خريدي لالا گولا

هن شبد ۾ ستگروءَ لاءِ امرتا پورڻ ڀاو ۽ پريم جو اظهار ڪيو ويو آهي. شش چوي ٿو ته هي ستگرو مان توهانجو زر خريد غلام آهيان. رکو مان ئي نه پر منهنجا مائٽ پتا به توهانجا داس آهن. سو مان نه گروءَ جي چاڪرن جو ئي اولاد آهيان.

شيوڪ وينتي ڪري ٿو ته مان ستگروءَ جو "لالو گولو" يعني غلام آهيان. ستگرو جيڪو به ڪار به يا شيوا مونکي ڏيندو، سا مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. گروءَ ڪي پياس لڳڻ جي حالت ۾ مان سندس لاءِ پاڻي ڀري ايندس. ڪيس بک لڳڻ جي حالت ۾ مان سندس لاءِ اٽو پيهندس، گرميءَ لڳڻ جي حالت ۾ مان کيس پکو جهليندس ۽ سندس ٿڪل هئڻ جي حالت ۾ مان سندس چرڻ دٻائيندس. شيوڪ وڌيڪ چوي ٿو ته مان ته ڪنهن به طرح ستگروءَ جي شيوا لائق ئي نه آهيان، پر پاڻ ئي مون لئي ديا مهر ڪري، رحمت جو مينهن وسائي، مونکي پنهنجي چرڻن ۾ قبول ڪيو اٿن.

هيءُ شبد پرابل ڀڳتي ڀاو ۾ رچيو ويو آهي جنهن ۾ گرو نانڪ صاحب، پرماتما ۽ ستگروءَ کي هڪ روپ مڃي ستگروءَ جي مهما ڪئي آهي.

---

۱. هي پڀو! منهنجي اهائي وينتي آهي ته ڪرپا ڪري مونکي نام ۽ نواس ڏي، جيئن مان سدائين تنهنجا گڻ ڳائيندو رهان.

مول خريدي لالا گولا، ميرا نانءُ سڀاگا.
گر کي بچني هاٽ بڪانا، جت لائيا تت لاگا.
نيري لالي ڪيا چترائي، صاحب ڪا حڪم نه ڪرڻا جائي.
ماتا لالي پتا لالا ميرا هتم لالي ڪا جائتا.
لالي ناچي لالا گاوي، ڀگت ڪري نيري رائتا.
پيئي نه پاڻي آڻي کاهي نه پيسي جاءِ.
پڪا ٿيري پير ملووا جيت رها نيرا نانءُ.
لوڻ حرامي ناتڪ لالا بخشهه لڏ وڏائي.
آد جگاد دئيا پت داتا، تڏ وڻ مڪت نه پائي.
(مارو م ١ - ٩٩١)

## ١٠. سنسار ساگر

گروءَ صاحب هن سنسار جي، جنهن ۾ اسين رهون ٿا، صحيح تصوير پيش ڪن ٿا ۽ هن ۾ رهندڙ جيون جي درشا جو جيئرو جاڳندو چٽر ڪيئچين ٿا. پاڻ هن سنسار جي مشابهت هڪ خطرناڪ سمنڊ سان ڪن ٿا، جنهن ۾ اسانجي من روپي ٻيڙي، جا اسانجي ڪرمن جي ڀاري بوج سان ڀريل آهي، بي سهاري لڙهندي وڃي رهي آهي. هن سمنڊ جو نه اورئون ڪنارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ نه پرئون. ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته دنيا ڪڏهن ٺهي آهي ۽ ڪڏهن ختم ٿيندي. زندگيءَ جي هن ٻيڙيءَ ۾ نه ڪو ملاح آهي ۽ نه ڪو ونجهه يا چپو. پوءِ هن ڀوساگر مان پار لنگهڻ جي آشا ڪيئن ٿي رکي سگهجي؟

گروءَ صاحب جن فرمائين ٿا ته اهڙيءَ حالت جي باوجود هن ڀوساگر مان پار ٿيڻ جو هڪڙو ساڌن اوس آهي. جيڪڏهن هن ٻيڙيءَ جي ڪرتار ملاح کي سچو ستگرو ملي وڃي ته هو خاطريءَ سان ڪيس هن دهشت ڀرئي سمنڊ مان پار پهچائي سگهي ٿو.

ستگرو ملاح جو ڪارڻ ڪندو ۽ سندس بخشيل نام يا
شبد، جهاز جا انجڻ ولنجهه يا چپوءَ جو ڪم ڪندو. جيڪو
جاتري پوري ستگروءَ ۽ سندس بخشيل شبد جي سهائتا سان
هڪوار هي ڀوساگر پار ڪري، پنهنجي منزل مقصود تي
پهچي ويندو، اهو سدائين لاءِ سمنڊ جي خطرن ۽ طوفانن
کان بچيو رهندو. ٻين لفظن ۾ هو هميشه لاءِ جنم مرڻ جي
چڪر کان مڪت ٿيندو ۽ سمي، استان ۽ من مايا جي
بندن کان آزاد ٿي ويندو. انکي خالص يا نرمل آنند جي
سهج اوستا پراپت ٿيندي.

گروءَ صاحب جن انهيءَ سچائيءَ جو به ذڪر ڪن ٿا ته من
جڏهن به وس ۾ ايندو ته صرف نام روپي امرت ذريعي
ئي وس ۾ ايندو ۽ نه دمن ڪرڻ، دٻائڻ يا هٺ ڪرمن
ذريعي روڪڻ سان. هؤمي يا اهم، جو من کي زهريلو
بڻائي ٿو ۽ پرڀو پراپتيءَ جي راهه ۾ وڏو روڙو آهي،
انکي به صرف من ۾ شبد يا نام کي وسائڻ سان ئي مٽائي
سگهجي ٿو. جڏهن جيو جي اندر مان هؤمي مري مٽي وڃي
سو جيون مڪت، جيئري ئي مڪت ٿيل سمجهڻ گهرجي.

شبد جي آخر ۾ گروءَ صاحب آتما جي ڀيٽ طوطي سان
۽ سرير جي ان پڃري سان ڪن ٿا، جنهن ۾ اهو آتما روپي
طوطو قيد آهي. هن سرير روپي پڃري جي اندر شبد يا
نام روپي سچ جو چوڳو رکيل آهي. جڏهن آتما روپي
طوطو ان سچ جو چوڳو چڳندو ۽ اندر اهو امرت پيئندو ته
پوءِ سدا لاءِ ديهه جي بندن کان آزاد ٿي پوندو.

[1] بکہ بوهتا لادئا دتا سمند منجهار،
[2] ڪنڌي دس نه آوئي نا اروار نه پار.

---

١. زهر (پاڻي) جو ڀريل جهاز (جيو) سمنڊ (سنسار) ۾
هلي رهيو آهي. ٢. سنسار ساگر جو اورين يا پرين
ڪنارو ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

[1] ونجهي هاٿ نہ ڪونو جل ساڳر اسرال،
ٻاٻا جڳ ڦاٿا مها جال،
گر پرسادي اُبري سچا نال سمال.
ستگرو هئہ ٻوهتا سبد لنگهاوڻهار،
[2] تئي پوڻ نہ پاوڪو نا جل نا آڪار،
[3] تئي سچا سچ نام پوجل تارڻهار.
[4] گرمکہ لنگهي سي پار پئي سچي سئہ لو لاءِ،
[5] آواگوڻ نوارنا جوتي جوت ملاءِ.
گرمتي سهج اوپجي سچي رهي سماءِ.
[6] سپ پڙائي پانئي بکہ انتر من روس،
پورب لکتا پائيئي ڪس نو ديجي دوس،
[7] گرمکہ گاڙو جي سٽي مني لاءِ سنتوس.
[8] ماڳرمڇ ڦاهائيئي ڪندي جال وڃاءِ،

---

١. ٻيڙيءَ جو ٽڪو ملاح آهي ۽ ٽڪو ونجهہ وغيره آهي.

٢. جتي شبد جو جهاز آهي، اُتي پنج تت ڪونهن.

٣. نام جو تارڻ وارو جهاز پنجن تتن کان متي آهي.

٤. گرمکن ذريعي نام جا پريوءَ سان ٻڌو لانگهڻ وارا ڀوساگر کان پار ٿي ويا.

٥. اُهي آواگون جو چڪر ختم ڪري پريوءَ ۾ ملي ويا.

٦. نانگہ کي نوڪريءَ ۾ بند ڪرڻ سان انجو زهر نٿا ڦصو وڃي ڪولہ تو، مطلب تہ من زبردستيءَ سان وس ڪونہ ٿو اچي.

٧. ماندري نانگہ جو زهر لاهيندو آهي. گروءَ روپي ماندري من روپي نانگہ کي وس ڪندو آهي.

٨ مانگرمڇ گوشت جي لالچ ۾ اچي ڪنڊيءَ ۾ ڦاسي پوندو آهي.

١ درمت ڦاڻا ڦاهيءَ ڦر ڦر ڦڙو ٿاءِ،
جڏهن مرڻ اُنه سمجهئي ڪرت نه ميٺا جاءِ.
هوءِ نڪو پاءِ جگت اُپائيا سڀ وسيءِ نڪو جاءِ،
٢ جرا جوهه نہ سڪئي سچ رهيءَ لوُ لائي،
جيون مڪت سو آکيئي جس وڃهه هوءِ جاءِ.
ڏنڌي ڏاوس جگ باڏنا نا بوجهي ويچار،
جڏهن مرڻ وسارئا مدمڪ مگڌ گوار،
گر راکي سي اُبري سچا سڀ ويچار.
٣ سوهت پنجر پرام ڪيءِ بولي بولڻهار،
٤ سچ چگي امرت پيئي اُڌيءَ نہ اڪاوار،
گر ملئي خصم پڇاڻيئي کهه نانڪ موکه دئار.
(مارو م ١-١٠٠٩)

## ١١. ستگروءَ بنا مڪتي نٿي ملي

هتي ڪوبہ اسانجو سچو ساٿي ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ ڪوبہ اسانجو سدائين لاءِ يا دائمي ساٿي ٿي نٿو سگهي. اسانجو هڪڙو ئي سچو سنبنڌي اهو پربو آهي، جنهن سان ستگروءَ جي ديا مهر سان ئي ميلاپ ٿي سگهي ٿو.

---

١. درمت جو شڪار جيو دکن جون چوٽون کائيندو آهي.

٢. جرا = پيرايو. ستگروءَ جي شبد سان لڳو لڳائيندي پيرايو ويجهو نہ ايندو معنيٰ جيو سدائين سچيت يا ساوڌان رهندو.

٣. سوهت = طوطو (آتما). پنجري (سرير) جي موهہ ۾ ڦاٿل طوطو دک سک جي بولي بولي ٿو.

٤. جيو روپي طوطو اندران شبد يا نام روپي سچ جو چوڳو چڳي، سدائين لاءِ ديهہ جي بندن کان آزاد ٿي سگهندو آهي.

گرو صاحب پنهنجي سٽگروءَ جي مهما ۽ واکاڻ ڪندي فرمائين ٿا ته سٽگروءَ جي سهائتا بنا منهنجو جنم مرڻ جو چڪر ڪڏهن به ختم ٿي نه سگهي ها.

گرو صاحب جيو آتما کي ڌن يا پتني ۽ ڪل مالڪ پرماتما کي ڪنت يا پتي چئي ياد ڪن ٿا ۽ فرمائين ٿا ته صرف انهن ٻنهي جو ئي پاڻ ۾ سچو ۽ پڪو سنٻنڌ آهي. جيو آتما روپي استري، پرماتما روپي پتيءَ سان ميلاپ ۽ پريم ولاس ڪندي، سدائين سچو سک ماڻي ٿي معنيٰ هڪوار آتما پاڻ کي ۽ پرماتما کي سڃاڻي وٺي ٿي ته پوءِ پرماتما سان ميلاپ ٿيڻ بعد هوءَ وري ڪانئس ڪڏهن به ڪانه ٿي وڇڙي.

سٽگرو ملاح يا پاتڻي آهي، جو هميشه ڏواڪي جي چوٽ تي هوڪو ڏئي ماڻهن کي سنسار ساگر يا ڀوساگر روپي پتڻ پار لنگهائڻ جي دعوت ڏيندو آهي. ڪوبه جيو سٽگروءَ جي سهائتا بنا ڪڏهن به مڪتي پراپت ڪري نٿو سگهي.

گرو صاحب جن شبد جي آخر ۾ اهو وچار پرگهٽ ڪن ٿا ته سنسار ۾ ڪوبه برو ڪونهي ۽ ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي نيڪ سمجهڻ نه گهرجي. جيو هئومي کي ماري، انسان مان ڀڳوان ٿي سگهي ٿو.

نا پيئڙا پرجاليئا نا سي سسڙيئاهه،
سڄا ساڪ نه لڳئي گر ميلي سهڙيئاهه.
ٻلهاري گر آپڻي سد ٻلهاري جاءِ،
گر بن اپتا ڀو ٽڪي گر پر ميلم ڊلم ملاءِ.
ٿڦي اسالي ماسيئا ديهر جيٺا اسڙيئاهه،
[1]آون واڃن نا رهن پور ڀري پيئاهه.

---

١. رشتيدارن جون ٽوليون وينديون رهن ٿيون، ڪوبه هتي سدا لاءِ نٿو رهي.

ما مي ٿيءِ ماماڻيا ڀانئر باپ نه ماءُ،
ساڃ لڌي ٿن ڏانيڙا ڀيڙ گهٽي ڏرڳاءِ.
[1] ساڃهه رنگ رنگا ولو سڪي هماروڪنت،
سچ وڇوڙا نه ٿيئي سو سهه رنگ رولت.
سچي رسي چنگيڙا جت سچي سنگ ليهه،
[2] سا ڏن ڪنت ڀڃاڻڙا سڪ سچي لس ڏيهه.
[3] ڀتڻ ڪوڪي ڀالڻي ونجهه ڏڙڪ ولاڙ،
[4] ڀار ڀولڙي ٻڌ مڻ ستگر ٻرهت چاڙ.
هڪي لڌا هڪ لڌ گئي هڪ ڀاري پر لال،
جني سچ وڻجيا سي سچي ٻرپ لال.
ڏا هم چنگي آڪيٺهه ٻرا نه ڏسيءِ ڪوءِ،
ڏالڪ هزمي مارڻيءِ سچي جيهڙا سوءِ.
(مارو م ١-١٠١٥)

## ١٢. سنپرش ۽ ستگرو

هن شبد جي شروعات ڄاڻيءَ وڃارڌارا سان ٿيل آهي ته جو ڪجهه به آهي، سڀ ان سترش پرماتما جو روپ آهي. اهو پرماتما ڏسڻ ۾ ايندڙ سنسار جي پنهان لڪل ستيه آهي. هوءَ ڀاڳ ٿي رچڻهار ۽ ڀاڳ ٿي رچنا آهي. هوءَ ڀاڳ ٿي گروءَ آهي ۽ ڀاڳ ٿي چيلو آهي. دراصل سڄي سرشٽيءَ ۾ هوءَ ڀاڳ ٿي پنهنجي مؤل روپ ۾ سمايل آهي.

---

١. اسانجو سڄو امر، ابداسي ڀتي ڀريو آهي.
٢. جيڪا جيوآتما روپي استري ان ڀريوءَ روپي ڀتيءَ کي سڃاڻي ٿي، سا ڏينهن رات سڪي رهي ٿي.
٣. ڀالڻي ڀا ڀيڙيءَ وارو (ستگرو) هوڪا ڏئي ڪري ٿو ته جلدي جلدي ڊوڙي اچو.
٤. مون ڏٺو آهي ته ستگروءَ جي جهاز ٿي چڙهي، جيئو ڀوساگر کان پار لنگهي رهيا آهن.

سو ھوءَ اسان کان دور ڪونهي، پر اسانکي ويجهي ۾ ويجهو آهي.

سمت سنگرو هر جڳهه ۾ سنسار ۾ اچي، ان جي سوڀيا وڌائين ٿا. ڪڏهن به سنسار پوري سنگروءَ کان خالي نه رهندو آهي. سنت مهاتما نه صرف پاڻ ٿي پاپن جي گندگيءَ کان مڪت هوندا آهن، پر هوءَ پنهنجن سکن شيوڪن جي پاپن جي به ساري مليتا ڌوئي ڇڏيندا آهن.

هن شبد ۾ اسانکي چتاوڻي ڏني وئي آهي ته زندگي ناسونت ۽ ڪٺ پيڪر آهي، وقت ڏاڍو قيمتي آهي ۽ انکي بيڪار ۽ نندا چغليءَ جهڙين فضول ڳالهين ۾ وڃائڻ نه گهرجي.

گروءَ صاحب انهيءَ ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته پريو پراپتي صرف شبد يا نام جي ڪمائيءَ سان ٿي سگهي ٿي، جنهنجو ساڌن يا ڀيد پوري گروءَ کان ملي ٿو. گرنٿن شاسترن جي پاٺ سان پنڃن وڪارن کان ڇوٽڪارو پائي نٿو سگهجي. جيسين سنگروءَ جي ديا مهر نٿي ٿئي، تيسين جيو ڪنهن به حالت ۾ نرڪ جي باهه ۽ دک ڪليش کان بچي نٿو سگهي.

شبد جي آخر ۾ گروءَ صاحب فرمائين ٿا ته سنت سنگرو نه صرف اڪيلو پاڻ ٿي تري پار پهتل آهي، بلڪ هوءَ پنهنجي ڪل کي، شرڻ شيوڪن کي ۽ سندس سنگت صحبت ۾ ايندڙن کي به پار اُتاري، پرماتما وٽ پهچائي ٿو.

آپي ڪرتا پرک بڌاتا جن آپي آپ اُپاءِ پڇاتا،
آپي سنگر آپي سيوڪ آپي سرست اُپائي هي.
آپي نيڙي ناهي دوُري بوجهه گرمکه سي جن پوري،
تن کي سنگت اهنس لاها گر سنگت ايهه وڏائي هي.
جڳ جڳ سنت ڀلي پرڀ تيري هر گڻ گاوهه رسن رسيري،
استت ڪرهه پر هر دک دالد جن ناهي چنت پرائي هي.

اوءِ جاڳت رههُ نہ سوُئي ڏيسهه  سدگت ڪل ٽاري ساچ ٻريسهه،
[1]ڪلمل مٿل ناهي تي اُرمل  اوءِ رههُ ڀگت لوَ لائي هي.
ٻوجهه هر جن سنگر ٻاٽي  اٻهه جوان ساس هٿ ڏهه ٻراٽي،
آج ڪال مر جانيٽي ٻراٽي  هر جپ جپ رديءِ ڏنائي هي.
[2]چوڏهه ٻراٽي ڪوڙ ڪباڙا  ڪوڙ ماري ڪال اُچا هاڙا،
[3]ساڪت ڪوڙ ٻڇهه من هؤميءِ  ڏهه مارگ ڀڇيءِ ٻڇائي هي.
چوڏهه ننڊا ٽاس ٻرائي  ٻڙ ٻڙ ڏ جههه ساس نہ آئي،
ٻل ست سدگت نام سلا ههه  آتم رام سڪائي هي.
[4]چوڏهه ڪام ڪروڌ ٻرٽائي  هؤميءِ ڏلڌ چوڏهه لڀٽائي،
سنگر سرڻ ٻرهه تا اُٻرهه  اڇ ٽرهٽيءِ ٻوجل ٻائي هي.
[5]آگيءِ ٻمل ٽدي اگن ٻڪہ جهيلا  ٽٽيءِ اور نہ ڪوئي جيٺہ اڪيلا،
[6]ٻڙ ٻڙ اگن ساگر دي لهري  ٻڙ ڏجهه مدمڪٽائي هي.
گر ٻهه مڪت دان دي ٻاٽيءِ  جن ٻائنا سوئي ٻڌ جائيءِ،
جن ٻائنا تن ٻوڇهه ٻائي  سڪہ سنگر سيو ڪمائي هي.
گر ٻن اُرجهه مرهه بيڪارا  جم سر ماري ڪري خٿارا،
باذي مڪت ناهي نر ٽدڪ  ڏوبهه ٽڌڌ ٻرائي هي.

---

١. الهڪي ڀاڻن جي گندگي نہ لڳي آهي. اهي اُرمل آهن ۽ سدا ڀرماتما سان لوَ لڳل ائن.

٢. ڪوُڙ ۽ فضوُل ڳالهيون ڇڏي ڏيو. ڪوُڙ ۾ ٻڇل واري کي ڪال ڏاڍي چاهه ۽ اُنساهه سان ماريندو آهي.

٣. ساڪت، مدمڪہ ٻراٽي ڪوُڙ، هؤميءِ ۽ ڏوهت واري راهه تي هلندا آهن.

۴ ڪام، ڪروڌ، برائي، هؤميءِ ۽ ڪپٽ ڇڏي ڏيو.

٥. اُرڪن ڏانهن اشارو ڪن ٿا ته اڳتي باهه جي ندي آهي، جنهن مان زهر جون لاٽون اڪرن ٿيون.

٦ مدمڪہ ان ٻڙڪندڙ اگنيءَ جي ساگر جي لهرن ۾ سڙي مري وڃي ٿو.

273

۱ بولهه ساچ پچاڻهه الدر　دور ناهي ديکهه ڪر اندر،
۲ بگهن ناهي گرمڪ لر تاري　اهه پوجل پار لنگهائي هي.
۳ بهي الدر نام نواسي　آپي ڪرتا هئه ابناسي،
۴ تا جنهه مرچ نه مارتا جائي　ڪر ديکيو سبد رضائي هي.
ارهه ارمل هئه ناهي الله تارا　اوهه آپي لخمت بهوچ سچارا،
ساڪت ڪوڙي بدن پوائيٿهه　سر جدهه آلسي جائي هي.
گر ڪي سيوڪ ستگر پياري　اوهه بنسهه لخمت سر سبد وچاري،
۵ بت لههه التر ڪت جاڻهه　ست سنگت ساچ وڌائي هي.

---

۱. سڀي مارگه ني هلو، پرپوءِ کي پنهنجي الدر سچاڻو ۽ پرگهٽ ڪريو. هؤ دور ناهي، پنهنجي الدر ڪهن ه هنجي شبد جي آواز کي ٻڌو.

۲. جي گرمکن ذريعي پوجل لري وڃدا ته ان ه ڪوبه وڍهن نه پوندو.

۳. اهو نام، جو ڪرتا سرجڻهار آهي ۽ ابناسي آهي، ديهيءَ جي الدر آهي. گرو صاحب چين ته ڪيترن هنڌ نام ۽ پرمالما کي هڪ ني ارٿ ه ڪم آندو آهي. نام مان سندن مطلب ڪنهن لفظ سان ڪونهي، پر أن ڪرتا سرجڻهار شڪتيءَ سان آهي، جا جڳت جي رچنا ڪري اچي ڪٽي ه سمايل آهي ۽ هر پراڻيءَ جي الدر به آهي.

۴. آلما امر آهي ۽ پرمالما جمثن چاهي تو، تيئن پنهنجي شبد، نام، حڪم يا پاڻي موجب سنسار جو کيل هلائي رهيو آهي.

۵. ستگرن جا چتايل شش الدر ني أن اکال پرک سان ميلاپ ڪن ٿا. الهڪي ستسنگه دواران ... ، يا لنع جي پراپتي ٿئي ٿي.

[1] آپ ترپيو جن پترا تاري سنگت مکت سه پار اتاري،
[2] نانڪ تس ڪا لالا گولا جن گرمک هر لوَ لاڻي هي.

(مارُو م ١ - ١٠٢٥ - ١٠٢٦)

## ٣ . سرڻ پري گرديو تماري

هيءَ شبد ستگرو پڳتي ۽ ستگروءَ ڏانهن شردا ۽ شڪران جي ڀاو سان ڀريل آهي. ستگرو، سترپرش وانگر ئي سمرٿ ۽ شڪتيوان آهي. در حقيقت گروُ صاحب جن هن شبد ۾ گروُ ۽ گوبند کي هڪ ئي مڃيو آهي. پاڻ فرمائين ٿا ته، ساري سرشٽيءَ کي هلائڻ وارو ستگرو ئي آهي ۽ هر جڳهه سندس حڪم هلي ٿو. ستگرو ئي شش کي اندروني سندر روحاني منڊل ڏيکاري ٿو، ستگرو ئي شش کي اندر سچي امرت نيٽڻ جي لاتق بڻائي ٿو، ستگرو ئي اندر شش جو ڏهون دوار کولي ٿو، جنهن ذريعي هوُ اندر من موهيندڙ جوت جا درشن ڪري ٿو ۽ اندر شبد جون پنج الڳ الڳ ڌنيون ٻڌي ٿو. جتي دليوي ورتيءَ وارو ٻيا مدمڪ جيو پنجن وڪارن - ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار جو شڪار بڻيو رهي ٿو، اُتي ستگروءَ جي مت لي هلڻ وارو شش انهن سڀني وڪارن تي جيت پائي ٿو. سو، ستگرو اسانجو لوڪ پرلوڪ ٻنهي ۾، هڪڙو ئي سچو خير خواهه متر ۽ رکوالو آهي.

سرڻ پري گرديو تماري توُن سمرٿ دئال مراري،
ٻيري چوج نه جاڻيءَ ڪوئي توُن پورا پرک بڌاتا هي.

---

١. گرمک ٻيا مالڪ جا ڀڳت پاڻ به ترپي وڃندا آهن ۽ پنهنجي سنگت ۾ ايندڙ جيون کي به تاريندا آهن.

٢. نالڪ [illegible] لالو گولو آهي، جي ستگروءَ ذريعي هريءَ سان [illegible] ڪن ٿا.

لـو آد جگاد ڪرهہ پـرلپالا   گهت گهت روپ الوپ د ئتالا،
جتہ الذ پـاوي لوي چلاوهہ   سب ليرو کيتا ڪماتا هي .
انتر جـوت پلي جگجيون   سب گهت پوکي هر رس پيون ،
آپي ليوي آپي ديـوي   لهہ لوئي جگت پت داتا هي .
جگت اپـاه کيل رچـاتا   پوٽي پاٽي اگمي جيتہ پاتا،
ديهي نگري لتہ دروازي   سو دسوا گپت رهاتا هي .
چـار نـدي اگدي اسرالا   ڪوئي گرمکہ بوجهي سبد ارالا،
ساڪت درمت ڏوبهہ داجههٔ   گر راکي هر لو راتا هي .
اَپ ٽيج واء پريمي آڪاسا   لـن مهہ پنچ لت گهر واسا،
ستگر سبد رهههٔ رنگہ راتسا   لج مائتا هؤمي پـرالتا هي .
اهہ من پيجي سبد پتيجي   بن ناوي ڪتا ٽيڪ ٽڪيجي،
انتر چور موهي گهر مندر   ان ساڪت دوت نہ جاتا هي .
دندر دوت پـوت پيهالي   کنچولـاٺ ڪرهہ بيتالـي،
سبد سرت بن آوي جاوي   پت کوئـي آوت جاتا هي .
ڪوڙ ڪلر لن پسوي پهاري   بن ناوي ڪتمي پت ليري،
باذي مکت ناهي جگہ چاري   جم ڪنڪر کال پراتا هي .
جم در باذئ ماهہ سزائي   تس اپرادي گت نهي ڪائي،
ڪرڻ پلاو ڪري ال لاوي   جتہ ڪنڌي مين پـراتا هي .
ساڪت ڦاسي پـڙي اڪيلا   جم وس ڪيتا الذ دهيلا،
رام نام بن مکت نہ سوجهي   آج ڪال پچ جـاتـا هي .
ستگر باجهہ نہ بيلي ڪوئي   ايٿي اوٿي راکا پرڀ سوئي،
رام نـام ديوي ڪر ڪرپا   ائہ سللي سلل ملاتـا هي .
پؤلي سکہ گرؤ سمجهائي   اجهڙ جادي مارگہ پـائي،
تس گر سيو سدا دن راتي   دکہ پنجن سنگہ سکاتا هي .
گرڪي پگت ڪرهہ ڪتا پراٽي   برهما اندر مهيس نہ جاٽي،
ستگر الکہ کههہ ڪتہ لکيئي   جس بخشي تسهہ پڇاتـا هي .
انتر پرلم پـرايت درسن   گر باٽي سئہ پريت سہ پرسن،
اهنس لرمل جوت سبائي   گهت ديپک گرمکہ جاتا هي .

ٻرجن گيان مها رس ميٺا جن چاکيا تن درسن ڏٺا،
درسن ڏيکہ ملي ٻئراڳي من منسا مار سمائا هي.
ستگر سيوهہ سي پرڌانا تن گهٽ گهٽ انتر برهم پڇاڻا،
نانڪ هر جس هر جن ڪي سنگت ديجي
جن ستگر هر پرڀ جاڻا هي.
(مارو م ١-١٠٣١-١٠٣٢)

## ١٤. گهر مہ گهر ڏکاءِ ڏيئہ

گرو نانڪ صاحب جن سمجهائين ٿا تہ سچو ستگرو اهو آهي، جو جيو کي سندس سريرَ روپي گهر ۾ ئي اصلو سچو نج گهر ڏيکاري ٿو. منش سرير اهو انوکو محل آهي، جنهنجي اندر رات ڏينهن پنج شبد ڌنڪارون ڏيئي رهيا آهن. هن ۾ نہ صرف بيشمار کنڊ برهمنڊ ئي سمايل آهن، جن جي وشالتا ۽ سونهن حيران ڪري ٿي ڇڏي، بلڪ هن ۾ انهد شبد جو الاهي سنگيت بہ گونججي رهيو آهي. هن جي اندر سڀ کان اوچي استان ئي اهو ڪل مالڪ پرماتما شاهاڻي شان شوڪت سان پنهنجي تخت تي براجمان آهي.

جيو آتما جو پنهنجي سچي ۽ نج گهر ڏانهن ۽ ان ڪل مالڪ پرماتما ڏانهن واپس ورڻ جو رستو سڪمتا ۽ سن منڊل مان آهي. پنهنجي آخري روحاني منزل تي پهچي آتما شبد روپ ٿي وڃي ٿي ۽ ڪيس پورن شانتي ۽ آنند جي سهج اوستا پراپت ٿئي ٿي. اتي پهچي من جون خواهشون ترشنائون ۽ آهرمڪتي نج ڌور ۾ سمايت ٿي وڃي ٿي. پوءِ آتما پرم پتا پرماتما ۾ سمائجي وڃي ٿي. اهوئي گرمکن جو سچو گهر يا نج ڌام سڏجي آهي.

جيو وڃي ٿو تہ گرو صاحب هي شبد هڪ خاص انهاسڪ موقعي تي اُچاريو هو. هڪ اداسيءَ يا ياترا جي دوران،

سندن ملاقات بابا فريد صاحب جي گديءَ نشين صوفي فقير شيخ ابراهيم سان ٿي هئي. گروءَ صاحب سان ٽيل گيان گوشٽ ۾ شيخ ابراهيم گروءَ صاحب کي وينتي ڪئي تہ اسان کي اُپديش ڪريو تہ اسانجو اصلي گهر ڪهڙو آهي ۽ اسين اُتي ڪيئن پهچي سگهنداسين. گروءَ صاحب جواب ۾ پنهنجا ويچار هن شبد دوارا پرگهٽ ڪيا آهن.

ٿهر مهہ گهر دکاءِ ديئہ سو سنگر پرکہ سجاڻ،
پنچ سبد ڌنڪار ڌن تهہ باجي سبد نيساڻ.
[1] ديپ لوءِ پاتال تهہ کنڊ منڊل حيران،
[2] تار گهور باجنتر تهہ ساچ تخت سلطان.
[3] سکمن کي گهر راگ سن سن منڊل لو لاءِ،
اڪٿ ڪٿا بيچار ئي منسا منهہ سماءِ.
[4] الٽ ڪمل امرت ڀرنا اهہ من ڪتهہ نہ جاءِ،
[5] اجپا جاپ نہ وسري آد جگاد سماءِ.

---

١. اُتي اهڙا عجيب کنڊ برهمنڊ آهن، جن کي ڏسي عقل دنگ رهجي ٿو وڃي.

٢. جتي پرماتما پنهنجي سلطاني تخت تي ويٺو آهي، اُتي شبد جي تيز ڌن وڄي رهي آهي.

٣. سکمنا ۾ شبد ڌن ٻڌڻ سان سن منڊل (پار برهم) ۾ لو لڳي ويندي يعني پار برهم جو مارگ کلي ويندو.

٤. هردي جو ڪنول سڌو ٿي ويندو آهي ۽ شبد يا نام جي امرت سان ڀرجي ويندو آهي، جنهن مان من نهچل ٿي ويندو آهي.

٥. بنا وڄائي وڄندڙ انهد شبد کي "اجپا جاپ" چئي ياد ڪن ٿا. ان سان جڙي جيو پريوءَ ۾ سمائجي وڃي ٿو.

۱ سڀ سکيئا پڙهي مليَ گرمک، نج گهر واس،
۲ سبد کوج اهہ گهر لهيو نانڪ تنا کا داس.
(ملار دي وار، م ۱ - ۱۲۹۰ - ۱۲۹۱)

## ۱۵. پرڀوءَ گرو

هن شبد ۾ خاص طور پرڀو پرماتما جي مهانتا ۽ وڏائيءَ جو جس ڳايو ويو آهي ۽ انهيءَ آخري حصي ۾ ان پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ستگروءَ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي.

ان پرماتما جي دربار عجيب ۽ انوکي شان واري آهي. وڏا وڏا پير پيغمبر، اوتار ۽ ديوي ديوتا انهيءَ در تي سر جهڪائي بيٺل آهن. وڏا وڏا جتي ستي ۽ جوڳي تياڳي انهيءَ دوار تي بيٺا آهن. بيشمار مها پرک الي ڌيان ۽ شرڌا جي ڀاو ۾ ويٺا آهن. انيڪ ۽ عجيب رڌين سڌين جا مالڪ سڌ ساڌڪ، ڀڳت سميت ان کل مالڪ جي حاضريءَ ۾ بيٺا آهن. اتري قدر جو هزارين ديو ۽ دانو وغيره به ان شاهن جي شاهہ جي حڪم جي انتظار ۾ بيٺا آهن.

گروُ صاحب فرمائين ٿا تہ انهن مان ڪنهن کي بہ پوري ستگروءَ جي اُپديش بنا سچي شانتي ملي نہ سگهندي ۽ ڪوبہ ستگروءَ جي بخشيل نام يا شبد جي ڪمائيءَ بنا پرڀوءَ جي درگاهہ ۾ اندر داخل ٿي نہ سگهندو.

جت در لکہ محمدا لکہ برهمي بسن مهيس،
لکہ لکہ رام وڏيرئيهہ لکہ راهي لکہ ويس.

---

۱. ستگروءَ جي سهائتا سان ان نج گهر ۾ واسو ٿي وڃي ٿو ۽ اُتي ڪيترن گرمکہ آتمائن سان ميلاپ ٿي ويندو آهي.

۲. جيڪو ستگروءَ دواران شبد جي کوج ڪري، انهيءَ نج گهر ۾ پهچي وڃي ٿو، نانڪ اُنجو داس آهي.

لک لک اوٺي جتي هئا ستيهه لئي سنڌاس،
لک لک اوٺي گورکا لک لک ناتا ناتگ.
لک لک اوٺي آسمان گر چيلي رهراس،
لک لک ديوي ديولي لک دالو لک نواس.
لک پير پيغمبر اوليا لک قاضي ملا شيخ،
کسي سانت نہ آئتا بن ستگر کي اپديس.
ساڌک سڌ اگنت هئا ڪيتي لک اپار،
اهنتڙتا اپور لئا بن ستگر کي سهه بيچار.
سر ناتا کي اهڪ ناتک ستنام کرتار،
ناتک تا کي قيمت نا پويي بي انت بي سمار.

(آد گرنٿ، پائي پنو واري پئڙ)

## ١. شبد جي مهما

موت جي وقت سرير جلدي رکي ٿي ويندو آهي ۽ مَن کي مايا وي موهه روپي مٽور، کٽ ۽ گندگي چڙهي ويندي آهي. ڪيل ڏوهه پاپ آتما کي بوجهه ٿي پوندا آهن ۽ انهن کي ڪوڙ جي جيمت جا نظارا وجندا آهن. شبد سان ميلاپ نه هئڻ ڪارڻ، اسين چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڦٽڪندا رهون ٿا. هڪ اڌ جيو کي نه، پر انيڪ جيو مايا جي پيدا ڪيل ڏکن ۾ پيرم ۾ ڦٽجي مري ناس ٿي ويندا آهن. گرو صاحب بار بار انهيءَ ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته جيستائين اسين پوري گروءَ جي اپديش انوسار اندر شبد سان تعلق نٿا جوڙيون ۽ اندر شبد کي پرگهٽ نٿا ڪريون، تيستائين اسانجي آواگون ۽ چوراسيءَ جو چڪر ڪڏهن به سماپت نه ٿيندو.

سچو ۽ نرمل سرير اهو آهي، جنهنجي اندر شبد يا نام پرگهٽ ٿي چڪو آهي. اهڙيءَ ڪايا وارو جيو سدائين شبد، نام يا پرماتما روپي سچ جي ڀؤ ۽ ڀاو جي رنگ ۾ رنگيل هوندو آهي ۽ آنند دائڪ سهج اوستا ۾ رهندو آهي. هنجي زبان هميشه ان سچي پريوءَ جي ساراهه جا گيت ڳائيندي آهي. هو سڀني وشيه وڪارن کان مڪت هوندو آهي ۽ پرماتما جي سچي آنند ۾ سمائجي ويندو آهي ۽ وري ڪيس جنم مرڻ جي اگ ۾ جلڻو نه پوندو آهي. اهڙي شبد ۾ رنگيل جيو آتما پريوءَ جي درٻار ۾ سچو مانُ پائيندي آهي.

جڏهن جيو جو من پرماتما يا شبد روپي سچ سان ڀرجي ويندو آهي ته ان کي دنيالؤ پريوءَ جي اپار مهر مها جي ورکا ٿيندي آهي ۽ ان ۾ ڀڳوان جو نرمل، ڀؤ جو ڀاو جاڳرت

ٿيندو آهي ۽ سرير جي سڀني لطن ۾ شانتي پوروڪ ايڪتا قائم ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح جڏهن هڪوار سچ جي جوت سان من روشن ٿئي ٿو ته پاڻ جو انڌيرو ناس ٿي وڃي ٿو ۽ من وري پنهنجي اصلي گڻن ۽ پرڪاش سان چمڪڻ لڳي ٿو.

تن جل بل ماڻي پيتا [1]من مالڪا موهه مدور،
[2]اوگڻ ڦر لاڳو پئي ڪوڙ وڃاوي لوڙ،
تن سبديءَ پرمانيءَ ديڌا ڍُوبي پور.
من ري سبد لرهه چيت لاءِ،
جن گرمک نام نه بوجهيا مر جنمي آوي جاءِ،
تن سُوچا سو آکيئي جس مهه ساچا ناءِ،
پٿ سچ راتي ڌهري جهوا سچ سماءِ،
سچي ندر نهاليئي بهڙ نه پاوي لاءِ.
[3]ساچي لي پوتا پيتا پونيءَ لي جُل هوءِ،
جل لي تريوڻ ساجيا گهٽ گهٽ جوت سموءِ،
نرمل ميلا نا ٿيئي سبد رتي پت هوءِ.
اهه من ساچ سنتوکيا ندر ڪري تس ماهه،
[4]پنچ بوت سچ پئه رتي جوت سچي من ماهه،
نانڪ اوگڻ وسري گر راکي پت تاهه.
(سري راڳ، م ۱-۱۹-۲۰)

---

۱. من، مايا جي موهه ڪارڻ مدُور يعني لوهه جي ڪٽ وانگر گندو ٿي ويو آهي.
۲. اوگڻ ڀاري ٿي ويا آهن ۽ ڪُوڙ جي جيت جا باجا وڄي رهيا آهن.
۳. سچ معنيٰ پرماتما يا شبد مان هوا پيدا ٿي ۽ هوءَ پيا لت اٿيا.
۴. شاسترن ۾ پنجن لطن جي سوکيم آڪار کي پنج بوت يا پنج پرُ چيو ويو آهي.

## ٢٠. نام رديءَ امرت مک نام

گروُ صاحب جن فرمائين ٿا تہ جيو جي هردي ۾ ٻہ ۽ سندس زبان تي بہ سدائين ان ڪل مالڪ جو نام هئڻ گهرجي. ”نام رديءَ امرت مک نام“. پاڻ سمجهائين ٿا تہ جيو سنسار ۾ اچي، پنهنجي سواسن جي سونپيل پونجي پوري ڪري هتان هليو وڃي ٿو. انکي معلوم ناهي ۽ نڪي سوچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ هو ڇو ڪان آيو ڪٿان آيو هو ۽ موٽ ڪالپوہ ڪيڏانهن ويندو. نڪو هنکي اهو پتو آهي تہ ڇا جي ڪري هو سنسار سان ٻڌل آهي ۽ ڪهڙي ساڌن سان هو ان ٻنڌن کان ڇوٽڪارو پائي سگهندو ۽ ڪهڙيءَ طرح هيءَ محدود جيوآتما پاڻ کي ان بي انت ۽ اسيم پرماتما ۾ لين ڪري انجو روپ بڻجي سگهندي.

گروُ صاحب جن انهن سوالن جا جواب ڏيندي فرمائين ٿا تہ جيڪو جيو پرماتما جي نام سان جڙيو وڃي ٿو، اهو پرماتما جو روپ بڻجي وڃي ٿو.

جيو جي من ۾ اڻڳڻ خواهشون ترشنائون هجڻ ڪري جنم وٺڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون. اهڙيءَ طرح مرڻ بعد بہ هوُ من مايا جي دائري ۾ قيد رهي ٿو. منمک جيو هميشہ چوراسيءَ جون چڪرون ڪائيندا رهن ٿا، پر گرمک انهن بندشن کان سدائين لاءِ مڪت ٿي ويندا آهن، ڇاڪاڻ تہ هوُ شبد يا نام ۾ لو لين هوندا آهن، انڪري ڪين چوراسيءَ جي چڪر ۾ اچڻو نٿو پوي.

گروُ صاحب هن سنسار جي مشابهت هڪ وڻ سان ۽ سنسار جي جيون جي مشابهت ان وڻ تي ويٺل پکين سان ڪن ٿا. پکي آسمان ۾ اوچو اڏامڻ چاهيندا آهن پر وڻ ۾ لڳل ڦلن جي لالچ ۾ وڻ سان ئي ٻڌا پيا هوندا آهن. ساڳي طرح سنسار جي آشا ترشنا سان ٻڌل جيو، انهنجي

ٻروليءَ لاءِ بار بار سنسار ۾ ٿي جنمندا مرندا رهندا آهن. پر جيڪي جيو ٽامَ سان لڳو جوڙي رکندا آهن، سي سنسار کي هڪ سراءِ يا مسافرخانو ۽ پنهنجي منزل مقصود جو هڪ پڙاءُ، عارضي رهائش يا مالڪيائيءَ جو ماڳ سمجهندا آهن. هوُ اندريُ ٻوڙن ۽ وشيه واسنائن کي لتاڙي، اگيان روپي انڌيري جي پردي کي هٽائي ڇڏيندا آهن ۽ ڏسوين دوار ۾ پرويش ڪري، اندر اٿاهه ۽ املهه روحاني دولت حاصل ڪندا آهن. انهيءَ ڏسوين دوار کي کولي اندران روحاني دولت پراپت ڪرڻ جي جڳتي پورن سنتن مهاتمائن کان ملي سگهندي آهي. سنت ۽ ستگرو پرماتما جا پيارا آهن ۽ جيڪي هوُ چوندا ۽ ڪندا آهن سو اوس ستيه ٿيندو آهي، ٻين لفظن ۾ پرماتما سندن وچن ۽ ڪٿي کي نه موڙيندو آهي.

جا تو جام ڪها ٿي آويءَ    ڪه اڄي ڪه جام سماويءَ،
ڪٿ باڏلو ڪٿ مڪتي پاويءَ    ڪٿ اڀاسي سهج سماويءَ.
نام رديءَ امرت مکه نام    نر هر نام نر هر نهه ڪام.
سهجي آويءَ سهجي جاهه    من ٿي اڄيءَ من ماهه سماهه،
[1]گرمکه مڪتو بنڌ نه پاهه    سبد بيچار ڇٽيءَ هر ناهه.
[2]ترور پنکي بهه اس پاس    سکه دکيئا من موهه وناس،
[3]ساجهه بهاگه لکه آڪاس    دهه دس ڌاوهه ڪرم لکئاس.

---

١. جنهنجي مکه ۽ هردي ۾ نام آهي اهو هريءَ وانگر نرليپ ۽ نهچل ٿي وڃي ٿو.

٢. وڻ تي ڪيترائي پکي رهن بسيرا ناهين ٿا. ڪي دکي آهن، ڪي سکي. موهه ٿي انهيءَ وناش جو ڪارڻ ٿئي ٿو.

٣ هوُ ڏينهن رات آڪاش طرف ڏسن ٿا، پر ڪرمن جا بدل ڏهن ئي دشائن ۾ چڪر لڳائيندا رهن ٿا.

۽ نام سنجوڳي گوڪل ٺاٽ ڪام ڪروڌ ڦوٽيءِ بڪ ماٽ[1]،
بن وڪر سوُلو گهر هاٽ گر مل ڪرلي ٻجر ڪپاٽ.
ساڌ مليءِ پورب سنجوڳ سچ رهسي پوري هر لوڳ،
من لن دي لڳ سهج سڀاءِ ناڪ ان ڪيءِ لاڳئه پاءِ.
(گؤڙي م ١- ١٥٢- ١٥٣)

## ٣. جپ من نام هر سرڻي

پرماتما جا ڀڳت سدائين پريم پريم ۾ مست ۽ مگهن رهن ٿا. سندن هردي ۾ پرماتما سان ميلاپ جي پياس لڳي رهي ٿي ۽ سندن پرڀل پرهه، تيز ترڙف ۽ اڻ مٽي اڪير ڪارڻ هوُ پنهنجي پريتم سان ميلاپ پراپت ڪن ٿا. اهڙي ميلاپ سان سندن هردي ۾ اڪٿ آنند ۽ شانتي پرجهي وڃن ٿا.

گروُ صاحب سوُرڪه ۽ هوڏي من کي سدائين ان پرماتما جي نام جپڻ ۽ ان جي شرڻ ۾ رهڻ جو اُپديش ڪن ٿا. پاڻ سمجهائين ٿا ته نام اُها ٻيڙي يا جهاز آهي، جنهن ۾ چڙهي، جيو هن ڀوساگر کي پار ڪري سگهي ٿو. صرف ستگروءَ جي ديا مهر سان ئي نام روپي سچي گيان جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ ستگروءَ جي رهنمائيءَ ۾ ئي ان جو صحيح اڀياس ٿئي ٿو.

گروُ صاحب تيرٿ ياترا ۽ پوتر ندين سرووَرن جي اشنان

---

١. نام جي رنگ ۾ رڱيل جيو سنسار کي ”گوڪل واس“ يعني پکين جي چڳڻ جي عارضي رهائش سمجهن ٿا.

٢. زهر جو منڪو. گرمکه ڪام ڪروڌ وغيره سان ڀريل زهر جي منڪي کي يعني سرير کي ڦوڙيندا آهن. مطلب ته سرير خالي ڪري سرس شبد ڪمائيءَ جي زور تي اندر روحاني منڊلن ۾ ويندا آهن.

بابت سڃيت ڪن ٿا ۽ فرمائين ٿا ته اهڙن ٻاهرين ڪرم ڪانڊن سان من جون غلاظتون دور نه ٿينديون. انهن سان نه ته پاپن جي گندگي يا مليڻتا ڌوپي ٿي، نه سنسن پرمن جا روڳ دور ٿين ٿا ۽ نه چوراسيءَ جو چڪر ختم ٿئي ٿو. صرف سچڪند يا نج ڌام پهچڻ تي ئي سهج جي نهچل اوستا پراپت ٿئي ٿي ۽ ان پراپتيءَ سان ئي جنم مرڻ جو چڪر هميشه لاءِ ختم ٿئي ٿو.

[1] پيکست پريم آرادن سچ پياس پرم هتن،
[2] بل لاپ بلل ٻندتيٽا سک پاءِ چيت هتن.
جپ من نام هر سرڻي
سنسار ساگر تارڻ رام نام کر ڪرڻي.
[3] اي من مرت سڀ چهتن گر سبد هري رمڻن،
[4] مت لت گتان ڪلتاڻ لڌان هري نام من رمڻن.
[5] چلهت وت پرما پرمن جک موهه مگن هتن،

---

۱ ۽ ۲. جهڙڪي منش پرلم ۽ پڪتيءَ سان گڏ اُن سچ پرمي پرڀوءَ جي پوڄا ڪن ٿا ۽ جن جي اندر ۾ اُنهي پرڀو جي ڏٺڻ يا پياس آهي، اُهي روڳي ڪري اُنکي سڌ ٻدا آهن ۽ اُنهي هردي ۾ هن پرڀو جي ڪارڻ ئي سک جو واس ٿئي ٿو.

۳. هي من، موت ته انهجو خيرخواه ٿي پوندو، جي تون گروءَ جي شبد دوارا هريءَ ۾ سمائجي ويندين.

۴. انهجي ٻڌيءَ ۾ لت گيان اچي ويندو، تون ڪلياڻ جي خواهي هري نام ۾ سمائجي وڃ.

۵. چنچل من سنساري ڌن دولت جو متوالو آهي، جا اچڻ وڃڻ واري وستو، بي بقا ۽ ناسونت آهي.

١ ٿر نام ڀڳت ڏڙن مٿي گر واڪ سبد رتن۔
٢ ٻر مات ڀرم نہ ڇوڪٽي جڳ جنم ڀٽاڙ ڪهن،
٣ استان ھر لھ، ڪيولن ست مٿي نام لهن۔
٤ اھ جگ موھ ھيت ٻٽاپتن دک اڌک جنم مرڻن،
٥ ٻج سرڻ ستگر اوُبرھ ھر نام رد رمڻن۔
٦ گرمت نهچل مسن من مدن سهج ٻيچارن،
٧ سو من نرمل جت ساچ انتر گيان رتن سارن۔
٨ پٿ ڀاء ڀڳتي تر ڀوجل مدا چت لاء ھر چرٽي،

---

١. سدا قائم رهڻ واري وستو نام ڀڳتي آهي، گروءَ جي آگيا انوسار محڪمتا سان شبد ۾ لين ٿي وڃ.

٢. تيرٿ يالرا وغيره ٻاهرمکي ڪرمن سان ڀرم دور نٿا ٿين ۽ نہ جنم مرڻ جو روڳ ناس ٿئي ٿو

٣. صرف پرڀوءَ جو نام نرليپ ۽ نهچل آهي. نام جو ابياس ئي سچو مارگ آهي.

٤. سنسار ۾ موھ مايا جو پيار ڦهليل آهي، انهيءَ ڪري جنم مرڻ جو دک وڌيڪ آهي.

٥. ٻوڙي ڪري ڀئي جلدي ستگروءَ جي شرن وٺو. هري نام کي هردي ۾ وسائڻ سان ئي پار پئجي سگهبو.

٦. گروءَ جي اپديش سان من نهچل ٿئي ٿو، وڪار دور ٿين ٿا ۽ سهج جو ويچار پڪو ٿئي ٿو.

٧. اهو من نرمل آهي، جنهن جي اندر سچ ۽ سهڻي رتن کان اوچو رتن، گيان پرگهٽ ٿئي ٿو.

٨. پرماتما جي پڄ ۽ ڀاو سان، هي من، تون ڀوجل تري وڃ ۽ چت کي هريءَ جي چرنن ۾ لڳاءِ.

۱ هري نام هردي ۾ ٻوڙو ٻاوڻ اهي سرٻر لڳا سرٽي.
۲ اب لوڀ لهر اوارٽن هري نام راس مڻن،
۳ من مار لهي الهدا کهه اانکا سرلن.
( گوجري، م ۱-۵۰۵-۵۰۶ )

## ۴. امرت جا ڪا ناءُ

جيئن امليءَ (آدمر جي عادتيءَ) کي امل (آدمر) ۽ ٽيءَ کي پاڻي پيارو لڳندو آهي، تيئن پرماتما جي ڀڳتن کي سندس نام پيارو لڳندو آهي. نام ئي انهن جي پراڻن جو آڌار آهي.

گروُ صاحب فرمائين ٿا ته پرماتما اهڙي سندر درخت سمان آهي، جنهن ۾ نام روپي امرت جو سهاوڻو ڦل لڳندو آهي. جيڪو به هيءَ امرت پيئي ٿو، تنهن جي سڀ بک پياس مٽجي وڃي ٿي ۽ هوُ امر ٿي وڃي ٿو. هنکي پورن ترپتي ۽ شانتي حاصل ٿئي ٿي ۽ امر پد پائي ٿو.

اها ڪيتري نه دک جي ڳالهه آهي جو پرماتما سرو ويا پڪ، هر هنڌ حاضران حضور هوندي به اسانکي نظر نٿو اچي. اها هؤميءَ جي ديوار، جا جيوَ ۽ مالڪ جي وچ ۾ بيٺي آهي، سا ڪين هڪ ٻئي کان جدا رکي وٺي آهي. جيڪڏهن پاڻيءَ جي چشمي سا تلاو ڏانهن ويندڙ راهه ۾ ديوار کڙي ڪيل هوندي ته اڃايل منش پنهنجي پياس ڪيئن اجهائي سگهندا؟

---

۱. هي ٻرٻو، منهنجي اندر ٻوڙو ۽ نرمل هري نام وسي ويو آهي ۽ مان پاڻ کي ٿوهاڻهي چرنن، شرڻ ۾ ارپيان ٿو.

۲. هي من، لوڀ لالچ جي لهرن کي دور ڪرڻ وارو رام نام ئي سڀ ٻوانجي آهي

۳ هي مايا رهت پريو، مان اانک تنهنجي شرڻ ۾ آيو آهيان. تون ئي منهنجي من کي وس ۾ آڻا.

گرو صاحب پرماتما جي سمنڊ تي وهنتي ڪن ٿا ته هي مالڪ مان ڪنهن جي نام جو واپاري آهيان. توهان ئي منهنجو صاحب ۽ سوامي آهين ۽ منهنجي سمپتي به تون آهين. مان صرف ڪنهن جي ڏيا مهر سان ئي هن پرم پا مايا جي ڊوڪي مان ٽڪري بچي سگهان ٿو.

املي امل نه انجڙيءِ مڇي ليڙ لهه هوءِ،
جو رلي سهه آڻيءِ تن پاويءِ سڀ ڪوءِ.
هڪ واري ولهان ڪنيءِ ولهان،
تن صاحب ڪي ڀاويءِ رهاءِ.
صاحب سنگتو روڪڙا امرت جا ڪا ناءِ،
جن پيتا تي ترپت ڀئي هڪ تن لهاريءِ جاءِ.
مڪ ڪي ڪدر نه آوهي وسهه هيٺان نال،
ڏکا لهاتا ڪڪ لهيءِ جا سر پيتر پال.
ناناڪ تيرا ٻاٽيڙا تون صاحب مڪ راس،
من تي ڏوڪا تا لهيءِ جا صفت ڪري ارداس.

(وڏ هنس، م ١- ٥٥٧)

ج. هر هر نام سمائيندي

هن ڇهن چڪرن واري ڏيهيءَ ۾ من جو نواس آهي ۽ هن ڏيهيءَ ۾ ئي شبد جي ڌوني ڌن به گونجي رهي آهي.

گرو صاحب جن فرمائين ٿا ته منهنجو من انهيءَ انهد شبد روپي ڌوني سنگيت ۾ لين ٿي ويو آهي ۽ مونکي سهج آنند جي اڪمڪ اوستا پراپت ٿي آهي. هيءَ ڏاس

---

١. جيڪڏهن پاڻيءَ جي چشمي تان ٿالو ڏانهن وهندڙ راهه ۾ ديوار ڪڙي ڪيل هوندي ته ماڻهن جي پياس ڪيئن لهندي؟

مونکي پنهنجي ستگروءَ جي ديا مهر سان ملي آهي ۽ اهڙي انهيءَ طور مان ان هريءَ جي نام ۾ سمائجي ويو آهيان.

ان پرماتما ۾ اچڻ لاءِ سڀ کان اول پنهنجي من کي اندر ٻوڙڻ کان روڪي، آشا ترشنا کان هٽائي، اندر شانت ۽ استر ڪرڻ ضروري آهي. هؤمي کي به اندر مان ماري ڪڍڻ لازمي آهي، تڏهن ڪاڻهوءَ ئي من شانت ۽ اڄول ٿيندو ۽ جيو موت جي ڀؤ کان مڪت ٿيندو.

پرماتما سان ميلاپ صرف شبد جي ڪمائيءَ سان ئي ٿي سگهي ٿو. شبد ابياس دواران سڀ پاپن وڪارن ۽ ڪرمن جون ڳنڍيون ڏورِي وڃن ٿيون، من نرمل ٿئي ٿو ۽ شش جي اندر ستگروءَ جي گيان جو پرڪاش جاڳرت ٿئي ٿو.

اهڙو روحاني رسائيءَ وارو گرمک، سرير روپي غفا ۾ رهندي به سرير ۽ سنسار جي سڀني آشائن ترشنائن کان نرليپ رهي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن پنجن وڪارن کي ناس ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي هوءَ پرائي استري يا پرش ۽ پرائي ڌن جي لوڀ لالچ ۾ ڪونه ٿو ڦاسي. هوءَ سدائين ايڪتا روپي سهج جي اڄول اوستا ۾ سمائجي، آنند مائيندو رهي ٿو.

ڪت مت ڏيهي من ٻئراڳي سرت سبد ڌن انتر جاڳي.
واجئي انحد ميرا من ليڻا گر ٻچني سچ نام پتيڻا.
پرائي رام ڀگت سک پائيئي.
گرمک هر هر ميٺا لاڳئي هر هر نام سمائيئي.
مائيا موھ بسو رج سمائي ستگر ڀيٽئي ميل ملائي.
نام رتن نرمولڪ هيرا تت راتا ميرا من ڌيرا.
هؤمي ممتا روگ نه لاڳئي رام ڀگت جم ڪا ڀئه ڀاڳئي.

[1] جم ڄندار نه لاڳي موهه نرمل نام رديءِ هر سوهه.
سبد بيچار ڀئي نرڪاري گرمت جاڳي دُرمت پرهاري.
انُدن جاڳ رهي لو لائي جيون مڪت گت انتر پائي.
الپت غغا مهه رهه نراري [2] تسڪر پنچ سبد سنگهاري.
پر گهر جائي نه من ڊولائي سهج نرنتر رهه سمائي.
گرمک جاڳ رهي اؤدوتا سبد ٻڙاڳي تت ٻروتا.
جگه سوُتا مر آوي جاءِ بن گر سبد نه سوجهي پاءِ.
انهد سبد وڄي ڏن راتي اوگت ڪي گت گرمک جاتي.
تڏ جاتي جا سبد پڇاتي اڪو رو رهتا نرٻاڻي.
سن سماڌ سهج من راتا تج هئُ لوڀا اڪو جاتا.
گر چيلي اپنا من مانتا تانڪ دوجا ميٽ سماتا.
(رامڪلي، م ۱- ۹۰۳-۹۰۴)

## ٦. هر ڏن سنجهه ري جن پائي

هن شبد ۾ گرو صاحب جن خاص طور پرماتما ۽ ستگروءَ جي مهما ڪئي آهي. گرو صاحب فرمائين ٿا ته اهو پرماتما ئي اصلي امولڪ ڌن آهي ۽ سدائين ستگروءَ جي شيوا ڌاران الهيءَ جو ڀڳتيءَ روپي ڌن ڪٺو ڪرڻ گهرجي. اسانکي ستگروءَ جي شيوا ڪرڻ جڳائي، ڇاڪاڻ ته سنت ئي پرماتما جا پيارا آهن ۽ هو سدائين انهيءَ ڪارج پورا ڪندو ۽ سنوار ڀندو آهي. سنت ستگرو ئي اسانکي اُن ٻي انت، اناديءَ ۽ امول پرماتما سان ميلاپ ڪرائي سگهندا آهن.

---

۱. ظالم ۽ ڀيانڪ جم منهنجو ڪجهه به بگاڙي نٿو سگهي.
۲. پنج ڌاڪو (پنج وڪار) شبد جي سهائتا سان ماريا ويا.

منش ديهيءَ کي هڪ سنڌر شهر ڪري بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پنجن شبدن جون ترالمون دونهن ڏيئون ڏلڪارون ڏيئي رهيون آهن. انهن پنجن شبدن جو سروته يا پيدا اهو پرڀو، پاڻ به انهيءَ ديهيءَ ۾ براجمان آهي. هن ديهيءَ جا نوَ دروازا ٻاهرئين طرف کلن ٿا، پر اُنهيءَ پرڀوءَ جي نج ڌام ڏانهن ويندڙ مارگ سرت جي اندرئين طرف کلندڙ ڏسوين دوار يا ڏهين دروازي کان شروع ٿئي ٿو. انهيءَ دروازي مان لنگهي، ان مارگ ذريعي هلي اُن ڪل مالڪ سان وصال ڪرڻ جي شڪتي، سندس پنهنجي ئي ديا مهر سان پراپت ٿيندي آهي.

منش جنم جو اصل مقصد هن سرير روپي شهر ۾ داخل ٿي، پنهنجو اصلي نج گهر ڳولهي لهڻ جو آهي. ان ڪارڻ ۾ سفلتا صرف شبد يا نام سان جڙي، ان جي ڪمائي يا ابياس ڪرڻ سان ملندي آهي.

اسانجي انهيءَ نج گهر روپي منزل تي پهچڻ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ ڪام، ڪروڌ، لوڀ وغيره وڪارن جي آهي، جن تي ستگروءَ جي سکيا انوسار شبد جي ڪمائيءَ سان جيت پائي سگهجي ٿي. ستگروءَ جي ديا مهر سان من اسٿر ٿي، پنهنجي گهر ٽڪيو رهي ٿو ۽ ان تي آشا ترشنا وغيره جو اثر ڪونه ٿو ٿئي. ستگروءَ جي ديا مهر سان ئي اندر پنجن شبدن جي ڌن ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، جنهن سان پنهنجي لِوَ جوڙي اسين اُج گهر پهچي پرماتما سان ميلاپ ڪري سگهون ٿا.

پرماتما هر وستوءَ ۽ هر پراڻيءَ ۾ وياپڪ آهي. هُوَ پاڻ ئي شاهه ۽ پاڻ ئي واپاري آهي. هُوَ پاڻ ئي سوني جي پرک ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي پرک جا نيم يا ڪسوٽي ٺاهي ٿو. هُوَ پاڻ ئي ديا مهر ڪري، هؤمين (اهنڪار) ۽ دوبڌه

کي ڏور ڪري ٿو. سنڌس ۾ ڏٺا مهرسان سنسار ۽ ڏيهي* ۾ رهندي به اسين انهن کان نرموهي ۽ نرليپ رهڻ جي جڳتي پراپت ڪريون ٿا.

آخر ۾ گروءَ صاحب فرمائين ٿا تہ سنسار ۾ انيڪ قسمن جا جيو آهن، پر اصلي گياني ۽ تت جا ڄاڻو اهي آهن، جي شبد جي ڪمائي ڪري، هؤمي کي مارين ٿا ۽ پنهنجو ڀاڳ ڪي سڀاڳي، سدا لاءِ سهج اوستا ۾ سمائجي وڃن ٿا.

هر ڌن سنڌهہ ري جن پائي ستگر سبو رهه سرڻائي،
¹تسڪر چور نہ لاڳي تا ڪئہ ڌن اپڄي سبد جڳائتا.
تو ايڪنڪار نرالم راجا نوآپ سوارڻ جن ڪي ڪاجا،
امر اڊول اپار اموڪ هر استر ٿان سهائتا.
²ڏيهي نگري اوتم ٿانا پنچ لوڪ وسهہ پرڌانا،
اوپر ايڪنڪار نرالم سڌن سماڌ لڳائتا.
ڏيهي نگر نئہ دروازي سر سر ڪرتي هاري ساجي،
دسوي پرک الکھ نرالا آپي الک لڪائتا.
پرک ايڪہ سچي ڏيوانا حڪم چلائي سچ نيسانا،
³نانڪ ڪوج لهہ گهر اپنا هر آتم رام نام پائتا.
سرب نرنجن پرک سجانا عدل ڪري گرگيان سمانا،
ڪام ڪروڌ ليءِ گردن ماري هؤمي لوڀ چڪائتا.
ساچي ٿان وسي نرنڪارا آپ پڇاڻي سبد وچارا،
سچي محل نواس نرنتر آوڻ جاڻ چڪائتا.

---

١. چور ڌاڪوءَ اهو ڌن چورائي نٿا سگهن.

٢. ڏيهي* روپي اتم جڳهه ۾ پنج وڏا منڊل آهن.

٣. سرير روپي گهر اندر ئي نام ۽ آتم رام (پرماتما) جي پراپتي ٿيندي آهي.

نا من چلي نه پؤڻ اڏاري    جوگي سبد اناهد واري ،
١ پنچ سبد جهڻڪار نرالم    پرڀ آپي واءِ سڻائدا .
ڀؤ بئراگا سهج سماتا    هؤمي تياگي انهد راتا ،
انجن سار نرنجن جاڻي    سرب نرنجن رائدا .
دک ڀئہ ڀنجن پرڀ ابناسي    روگ ڪٽي ڪاٽي جم ڦاسي ،
نانڪ هر پرڀ سو ڀئہ ڀنجن    گر ملئي هر پرڀ پائدا .
ڪال ڪوَل نرنجن جاڻي    ٻوجهي ڪرم سُہ سبد پڇاڻي ،
آپي جاڻي آپ پڇاڻي    سڀ تسڪا چوج سبائدا .
آپي ساهہ آپي وڻجارا    آپي پرکي پرکڻهارا ،
آپي ڪس ڪسوٽي لائي    آپي قيمت پائدا .
آپ دئيال دئيا پرڀ ڌاري    گهٽ گهٽ رو رهيا بنواري ،
پرک اتيت وسي نهڪيول    گر پرکي پرک ملائدا .
٢ پرڀ دانا بينا گرب گوائي    دوجا ميٽي ايڪ ڏکائي ،
٣ آسا ماهہ نرالم جوني    اڪل نرنجن گائدا .
هؤمي ميٽ سبد سک هوئي    آپ ويچاري گياني سوئي ،
نانڪ هر جس هر گڻ لاها    ست سنگت سچ ڦل پائدا .

(مارو م ١-١٠٣٩-١٠٤٠)

---

١. انهن پنجن شبدن جي ڌني نرالي آهي يعني پنهنجو پاڻ، بنا وڄائي، وڄي رهي آهي. اهو پرڀو پاڻ ئي ان ڌُن سنگيت جو وڄائڻ وارو آهي.

٢ دانا = جيڪو سڀ ڪجهہ ڄاڻندو هجي. بينا = جيڪو سڀ ڪجهہ ڏسندو هجي.

٣. اُنهيءَ اڄرلي ۽ نرليپ پرڀوءَ جي ڀڳتيءَ سان مڙش سنسار ۾ رهي بہ آشا ترشنا کان مُڪت ٿي سگهي ٿو.

## ۷. نام بنا ڪيسي آچار

جيڪڏهن ڪو منش خاموش رهي ته دنيا هٺڪي موڙي ڇڏيندي. گهڻن ڳالهين ڪرڻ مان ڪو لاڀ ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ان مان پرڀوءَ جي نام سان لڳل لڳن نٿي پيدا ٿيندي. جيئن شبد يا نام جي ڪمائي نه ڪجي، تيئن سچي نرمتا ڪڏهن به پراپت نه ٿيندي. پرماتما جي شبد يا نام جي ڪمائي ڪرڻ ئي سڀ کان اتم ۽ پوتر آچار وهنوار آهي.

گروءَ صاحب فرمائين ٿا ته منهنجي نندا ڪندڙ مونکي پيارا آهن، ڇاڪاڻ ته هو بنا ڪنهن قيمت يا پئسن وٺڻ جي، منهنجا پاپ ڌوئن ٿا. گروءَ صاحب ان عقيدي جي پٺڀرائي ڪن ٿا ته نندڪ يعني نندا ڪرڻ وارو ان منش جا ڪرم پاڻ تي کڻي ٿو، جنهنجي هو نندا ڪري ٿو.

مڪتي صرف ستگروءَ جي بخشش شبد دواران ٿي اچي ٿي ۽ اها بخشش پرماتما جي دَيا مهر سان ملي ٿي.

صرف ”اوچو - اوچو“ لفظ اُچارڻ سان منش اوچو ٿي نٿو سگهي. اوچو ٿيڻ لاءِ، اوچا گڻ ڌارڻ ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ لاءِ گرمک شبد يا نام جو امرت پيئندا آهن، پر منمک اگيانتا ڪارڻ دنيوي خواهشن، وشيه وڪارن ۽ نندا چغليءَ جي روڳ ۾ ڦاٿا رهندا آهن. اهو پرماتما جو شبد يا نام انڌن لاءِ پرڪاش، ٻوڙن لاءِ آواز يا ڌن ۽ مورکن گنوارن لاءِ سچي گيان جو ڀنڊار آهي. اهو نرڌنن لاءِ سچو ڌن، بي آسري جو سچو آسرو ۽ سڀني لاءِ امولڪ خزانو ۽ سچو امرت آهي. ان کانسواءِ باقي سڀ سنساري پدارٿ زهر ۽ خاڪ سمان آهن.

گروءَ صاحب فرمائين ٿا ته ڪجهه لوڪ هن ۾ چڱايون ڏسن ٿا ۽ ڪي صرف برايون ڏسن ٿا يا اوگڻ جاچين ٿا،

پر حقيقت ۾ سياڻو اُهو آهي، جيڪو انهن ٻنهي ڳالهين کي ڇڏي، فقط شبد يا نام جي ابياس ۾ لڳو رهي ٿو.

مست ڪرؤ مورک جگ ڪهيتا  اڌک پکش ليري لئو رهيتا،
ٻوُل چوُڪ ليري دربار  نام ٻنا ڪتسي آچار.
الپي جهوٺ مني سنسارا  ننڊڪ ننڊي مجهي پيارا. رهاءِ.
جس ننده سوني ٻڌ جاڻيي  گر ڪي شبدي در ليساڻيي،
ڪارڻ نام الترگت جاڻيي  جس نوندر ڪري سوني ٻڌ جاڻيي.
ميٺ مٺلو اوجل سڀ سوه  اولس آکه نه اوچا هوه،
مدمڪه ڪوُل مها ٻکه ڪاه  گرمکه هوه سه راچيي ناه.
انڌؤ بولؤ مگڌ گوار  هيڻؤ نيچ ٻروُ ٻرڻار،
نيڌن ڪؤ ڌن نام پيار  اهه ڌن سار هور بکٿا ڇار.
استت نندا سبد وبچار  جو ديوي تس ڪئه جيڪار،
ٿو بخسهه جاپت ٻت هوه  نانڪ کهي کهاوي سوهه.
(ٻرپاڻي، م ۱-۱۳۳۰-۱۳۳۱)

# ڪرم ڪانڊ

## ۱. ديس ديسانترن ۾ ڀٽڪو

هن شبد ۾ گرو نانڪ صاحب اُپديش ڏيئي رهيا آهن ته جڳهه، جڳهه، تي ۽ ديس ديسانترن جي جدا جدا تيرٿن تي وڃڻ سان من ۾ لڳل خواهشن ۽ وڪارن جي اگني نه وسامندي ۽ نه شانت ٿيندي ۽ نه صاف ڪپڙن پائڻ سان من صاف ٿيندو. اها نهايت افسوس جي ڳالهه آهي ته لوڪ ڪوڙ ڪپٽ، ڏيکاو يا پاکنڊ جي زندگي بسر ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي اندروني اصليت کي لڪائڻ لاءِ ٻاهران ڪيترن قسمن جا ڀيک ڌارڻ ڪري رهيا آهن.

ستگروءَ جي اُپديش بنا سچي ڀڳتيءَ جي جڳتي نه ملي سگهندي. گروءَ جو شبد من ۾ وسڻ سان من وس ۾ اچي ٿو، هئومي ۽ آشا ترشنا روپي اگني شانت ٿي ٿي. جيڪڏهن پرماتما جو نام اندر وسي وڃي ته من هڪ انوک رس ۾ ٻڏي پوندو ۽ جيو کي سچي عزت حاصل ٿيندي. شش جو دشمن من هميشه ستگروءَ جي ڏنل نام ذريعي هريءَ سان لنو لڳائڻ سان ئي وس ۾ ايندو آهي. من جي وس اچڻ سان، آتما انهي چنبي مان آزاد ٿي، واپس پنهنجي اصلي ابج گهر يا پرماتما ۾ سمائجي ويندي آهي، بلڪل اهڙي طرح جيئن سمنڊ مان اُٿندڙ لهر سمنڊ ۾ ئي سمائجي ويندي آهي.

گرو صاحب اِهيءَ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي فرمائين ٿا ته جن کي ديهه ڌاري ستگرو نٿو ملي ۽ جيڪي ستگروءَ جي اُپديش انوسار پرماتما سان لنو نٿا لڳائين، اهي سدائين ڀوساگر جي طوفانن ۾ گهيريل رهن ٿا ۽ جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاٿا رهن ٿا. انهنجو چوراسيءَ جو چڪر ڪڏهن ختم ٿي نٿو ٿئي. گرو صاحب اسانکي ياد ڏيارين ٿا ته منش جنم جي قيمتي هيري کي ڪوڏين وانگر ولرف وڃائڻ نه گهرجي.

سنسار جي جنجالي مان ڇوٽڪاري پائڻ جي جڳتي ستگروءَ کان ملندي آهي. جن کي اهو ڀيد ملي وڃي ٿو، اهي سچي معنيٰ ۾ سڄاڻ پرش يا برهم گياني ٿيو وڃن ٿا. اهي ئي گرؤءَ جي ڪرپا سان مالڪ جي درگاهه ۾ قبول پون ٿا. انهن جي اندر شبد ڌن هميشهه وڄندي رهي ٿي ۽ انهن جا مکڙا سدائين الدمهه لعل سان روشن رهن ٿا ۽ اوجل ۽ سونهن ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

پرميءَ پاڻ نه وڃهوڙيءَ جي پوءِ دسندڙ ڏيس،
الستر مٺل نه ائريءَ ڏرگهه جهوڻ ڏرگهه ويس،
هور ڪتيءَ پگتي نه هوونئي بن ستگر ڪي اپديس.
من ري گرمک اگن نوار،
گر ڪا ڪهڻا من وسيءَ هؤميءَ ترسدا مار، رهاءِ.
من مالڪ نرمول هئه رام نام پت پاءِ،
مل ست سنگت هر پائيئيءَ گرمک هر لو لاءِ،
[1]آپ گنتا نسکه پانڻا مل سبلي سلل سماءِ.
جن هر هر نام نه چيتو سه اؤگڻ آويءَ جاءِ،
[2]جس ستگر پرکه نه ڀيٽو سه ٻوجل ڀيءِ پڄاهه،
اهه مالڪ جيئه نرمول هئه اِءَ ڪؤڊي بدليءَ جاءِ.
جدا ستگر رس مليءَ سي پوري پرکه سڄاڻ،
گر مل ٻوجل لنگهيئيءَ درگهه پت پرواڻ،
نانڪ تي مکه اجلي ڌن اپجيءَ سبد نيساڻ.
(سري راڳ، م ١-٢٢)

---

١. آپي پاو يا هؤميءَ جي ناس ٿيڻ سان سڀو سک ملي وڃي ٿو. پاڻيءَ جي لهر پاڻيءَ ۾ سمائجي وڃي ٿي ائتاب آتما پرماتما ۾ سمائجي وڃي ٿي.

٢. جنکي سمرٿ ستگرو نه مليو آهي، سي سنسار روپي ڀوساگر ۾ غوطا کائيندا رهن ٿا.

## ۲. سچو مسلمان

هتي گروءَ صاحب سچي مسلمان جا گڻ ورنن ڪن ٿا. سچي مسلمان ٿيڻ لاءِ ڪنهن کي به، نه مسجد ۾ وڃڻ جي ضرورت آهي ۽ نه ئي مصلو وڇائي نماز پڙهڻ جي. ان لاءِ نه قرآن شريف جون آيتون پڙهڻ ضروري آهن ۽ نه رمضان مهني ۾ روزا رکڻ. ديا ۽ رحم جي ڀاونا سچي مسلمان جي مسجد آهي ۽ صدق يا ڀروسو انجو مصلو آهي.

حق حلال جي ڪمائي انجو اصلي قرآن آهي. نيڪ پاڪ ۽ سهل سنجم جي زندگي انجو ورت يا روزو آهي ۽ شرم حياءَ يعني بري ڪرم کان بچڻ انجي سُنت آهي. نيڪ عمل يا سچي ڪرڻي انجو ڪعبو آهي، سچ يا شبد انجو نبي يا پيغمبر آهي، ڪلمو يعني شبد يا نام ئي انجي نماز آهي. پرماتما جي ڀاڻي يا رضا ۾ راضي رهڻ انجي تسبيح يا مالها آهي. جو مسلمان اهڙي رهڻي رهندو، الهيءَ جي رب جي درگاهه ۾ لڄ پت سان رهجي ايندي.

ٻئي سلوڪ ۾ گروءَ صاحب سمجهائين ٿا ته سچ، حق حلال جي ڪمائي، دان، من جي شڌتا يا سچي نيت ۽ خدا جي صفت يا ساراهه ڪرڻ، پنج نمازون آهن ۽ ڪلمي يا شبد جي ڪمائي ئي سچي مسلمان جي اصلي نشاني آهي.

مهر مسيت صدق مصلا حق حلال قراڻ،
سرم سُنت سيل روزا هوهو مسلماڻ.
ڪرڻي ڪعبا سچ پير ڪلما ڪرم نواز،
تسبي سا تس ڀاوسي نانڪ رکي لاج.
پنج نوازا وکت پنج پنجا پنجي ناءَ،
پهلا سچ، حلال دءِ تيجا خير خداءِ.
چوٿي نيت راس من پنجوي صفت ثناءِ،

ڪرڻي ڪلما آکيو تا مسلماڻ سڏاءِ،
اَلڪ جيتي ڪوڙ لار ڪوڙيو ڪوڙي پاءِ.

(ماجهه ڪي وار، م ١-١٤٠-١٤١)

## ٣. مڪتيءَ جو دروازو

پنجن تتن ۽ من جي جوڙ ميل سان منش جو سرير ٺهيل آ. پرڀوءَ هن ديهيءَ روپي گهر جا نوَ دروازا ظاهري طور پرگهٽ رکيا آهن، پر ڏهون دوار يا "دسوان دوار" گپت رکيو آهي، جنهن مان ئي پرماتما جي نج گهر ڏانهن مارگ وڃي ٿو. گروُ صاحب فرمائين ٿا ته سچو گياني اهو آهي، جيڪو اهو گپت در کولي ٿو ۽ اُن ۾ داخل ٿئي ٿو. اهڙو گياني ئي پڌمنجهو ٻاڻي کي سڃاڻي ٿو سگهي، باقي ٻيو ڀلي ڪو ڪيترو به ڳالهائيندو يا ٻڌندو رهي، پر ان مان ڪو به لاڀ ڪونهي.

گروُ صاحب سوال ڪن ٿا ته ديهي مٽيءَ سمان آهي ۽ پران هوا يا پوَن سمان آهن ته پوءِ سرير جي مرڻ تي اصل ۾ ڪير ٿو مري؟ جواب به گروُ صاحب پاڻ ئي ڏين ٿا ته اُن منش جي هؤمي ئي مري، جيڪو پاڻ کي مؤت کان متي ٿو سمجهي. باقي انتردرشٽيءَ واري يا ساکي آتما جو مؤت ڪڏهن به ڪونه ٿيندو آهي. گروُ صاحب جن جو مطلب آهي ته آتما امر ۽ نرليپ آهي ۽ سرير روپي پڃري ڀڄڻ سان آتما جو مؤت ڪونه ٿو ٿئي.

گروُ صاحب اگياني جيو کي ساوڌان ڪن ٿا ته جڏهن انمول رتن جي تلاش ۾ لوڪ تيرٿن يا ندي ڪنارن تي ڦرندو ٿو رهين، اهو خود تنهنجي اندر ئي آهي. اهڙيءَ طرح ودوان ۽ پنڊت گرنٿ شاستر پڙهي بحث مباحثي يا واد وواد ۾ پون ٿا ۽ جهڳڙا پيدا ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته کين سندن اندر موجود سچي خزاني جو گيان يا علم ڪونهي.

آخر ۾ گرو صاحب فرمائين ٿا ته مونکي پنهنجي ستگروءَ ساکيات پرماتما جو درشن ڪرايو آهي، جو سرو وياپڪ ۽ اجر امر آهي. اهو پرماتما ڪڏهن به نه مري ۽ نه مان ٿي ڪڏهن مري سگهان ٿو.

[1]ڦوٽيءَ ڀاٽي اگني ڪا ميل  [2]چڍهيل چمل بڌ ڪا کيل.
[3]نؤ دروازي دسوان دُئار  ٻجهه ري گياني ابهه ٻيچار.
[4]ڪتتا ٻکتا سنتا سوئي  آپ ٻيچاري سو گياني هوئي.
[5]ديهي مانٽي ٻوليءَ ڀؤڻ  ٻجهه ري گياني موئا هءِ ڪؤڻ.
[6]مُوئي سرت ٻاد اهڪار  اوهه نه موئا جو ديکڻ هار.
جنه ڪارڻ تٽ تيرٿ جاهي  رتن پدارٿ گهٽ هي ماهي.
ڀڻ ڀڻ پنڊت ٻاد وکاڻي  ڀيتر هوندي وست نه جاڻي.

---

١. سرير پنجن تتن مان ٺهيو آهي.

٢. پنجن تتن کي چيتن من هلائيندو آهي.

٣. سرير جا نو دروازا دنيوي ڪاروبار لاءِ آهن. ڏهون-دسوان دوار ٻج گهر وڃڻ لاءِ آهي.

٤. اصل گياني، ودوان ۽ ٻڌيمان اهو آهي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ٿو.

٥. ديهي مٽيءَ سمان آهي، ان ۾ هلندڙ پران هوا سمان آهن ته پوءِ موت وقت مري ڪير ٿو؟

٦. اهنڪاري جيو جو اهنڪار مري ٿو. شاسترن ۾ "آتما" کي "ساکشي" چيل آهي. گرو صاحب ان کي "ديکڻهار"- ڏسڻ واري چون ٿا. مطلب ته آتما نرليپ آهي. موت وقت تتن ۾ ملي وڃن ٿا. آتما امر آهي.

[1] اهڙا نه موئا ميري مٽي بلاءِ، اوهه نه موئا جو رهڻا سماءِ.
ڪهه نانڪ گر پورهه ڏکائيا مرتا جاتا نَدر نه آئيا.
(گؤڙي م ١-١٥٢)

## ٤. سڀ جپ سڀ تپ سڀ چترائي

سڀ جپ تپ، پاٺ پوڄا ۽ ٻيا ڌارمڪي ڪرم اهڙا مثل آهن، جيئن ڪو انسان رستو ڀلجي، اُجاڙ ٻيابان ۾ ڀٽڪندو ڦرندو هجي. سچي گيان بنا اسين پهچڻي منزل تي پهچي نٿا سگهون ۽ شبد يا نام جي ڪمائيءَ بنا سچو گيان نٿو پراپت ٿئي. نام وهوڻي يا نام کان خالي جيو جي مٿي تي ڪلنڪ لڳي ٿو.

سارو سنسار مٿيا يا فاني آهي. صرف هڪ پرماتما ئي ستت، سچو يا دائم قائم آهي. هن ناسونت سنسار جي بندن مان ڇوٽڪاري پائڻ جو هڪڙو ئي اُپاءُ آهي، ستگروءَ جي شرڻ ۾ اچي، سندس بخشيل شبد جي ڪمائي ڪرڻ.

گروءَ جي مت تي هلڻ سان، هن آشا ترشنا ۽ موهه مايا ۾ گهيريل سنسار ۾ رهندي به ان کان اداس ۽ نرليپ رهي سگهجي ٿو، اندر نام روپي سچي گيان جو پرڪاش ٿئي ٿو ۽ هردي جو ڪمل ڪڙي ٽڙي پوي ٿو. اهڙيءَ طرح پوري گروءَ جو شش موت جي ڀؤ کان مڪت ٿي وڃي ٿو.

سنساري منش اندري ڀوڳن، وشيه وڪارن ۽ پُٽن ڌيئرن ۽ استري وغيره جي پريم پيار ۾ نام کي وساري ويٺا آهن. اهي اگياني انسان کي اهو به معلوم نه آهي ته منش جنم

---

١. منهنجي بلا يعني هئومي، اهنڪار مٺا آهن. جنهنڪري مان ڪڏهن به نه مرندس ۽ نه اهو سروويپڪ پرماتما مرندو. ستگروءَ مونکي پرماتما جو درشن ڪرايو آهي، جنهنڪري منهنجو جنم مرڻ ختم ٿي ويو آهي.

هڪ اَمول نعمت آهي ۽ چوراسي لک جونين مان اِهو هڪ ئي دروازو جمڻ مرڻ يا آواگون جي قيد مان ڇٽڻ جو آهي. هؤ اِهو ٻه وساري ويٺا آهن ته هن موقعي مان پورو لاڀ وٺڻ جو ساڌن سچي ستگروءَ جي شيوا آهي، جيڪا سچي رهڻي ڪرڻيءَ جو سار آهي. ستگروءَ جي شيوا سان آتما بدن مڪت ٿي وڃي ٿي ۽ آتما تي هؤميءَ جي گندگي وري لٿي چڙهي. جيڪي جيو ستگروءَ جي مت تي هلن ٿا، اُهي دنيوي موهه پيار تياڳي، پرماتما جي خالص ۽ نرمل نام کي پنهنجي هردي ۾ پڪي طرح وسائي ٿا ڇڏين. سندن چنچل من ٻاهر ڀٽڪڻ ڇڏي، اندر ئي اِستر رهي ٿو. پر اهڙا جيو ورلي ئي هوندا آهن.

گروءَ صاحب پريو پراپتيءَ لاءِ زندهه ستگروءَ جي ضرورت تي ڏاڍو زور ڏنو ٿا. نگرا جيو جمڻ مرڻ جي چڪر ۾ ڦاٿل رهن ٿا. گروءَ ٻنا شبد جي سوجهي نٿي پوي ۽ سچي شانتي نٿي ملي.

جيڪو پراڻي گروءَ جي مت تي هلي ٿو، اُنکي اندر انهد شبد (ٻنا وڄائڻ جي) روپي دواءِ سنگيت ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. هؤ پريوءَ روپي سچ جو ساکيات درشن ڪري ٿو ۽ سندس انتر آتما سچي سک سان ڀرپور رهي ٿي. هؤ پنهنجو آپو يا هؤميءَ تياڳي، ٽنهي لوڪن جو گيان پراپت ڪري ٿو. هن جي شبد يا نام سان لنو لڳي رهي ٿي، جنهن اندر نام يا شبد روپي سچي باڻي ملي ٿي ۽ هؤ باڻي اُنهيءَ ۾ سمائجي اُنهيءَ جو روپ ٿيجي ٿو. اُهو دئيال پريو ڏن آهي، جو دئيا مهر ڪري جيو کي صحيح مارگ تي لڳائي، اُنجو ڪلياڻ ڪري ٿو.

سب جپ سب تپ سب چتراڻي اوجهڙ پرمي راهه نه پائي،
بن بوجهي ڪو ٿاءِ نه پائي نام بهوڻي مائي ڇائي.

[1] ساچ ڏٺي جڳ آهه بداسا چوٽس پراٽي ڳرهڪ داسا،
جڳ موهه باڌا بهتي آسا گرمتي اڪ ڀئي اُداسا،
[2] انتر نام ڪمل پرڳاسا تنهه ڪئه ناهي جم ڪي ترا سا.
[3] جڳ ترنه جت ڪامڻ هتڪاري پتر ڪلتر لڳه نام وساري،
برٿا جنم گوائتا بازي هاري ستگر سيوي ڪرٽي ساري.
باهره هؤمي ڪهي ڪهائي اندره مڪت ليپ ڪدي نه لائي،
مائتا موهه گر شبد جلائي نرمل نام سد هردئي ڌيائي.
ڌاوت راکيو ٺاک رهائي. سڪه سنگت ڪرم ملائي،
گر بن ڀولو آوئي جائي ندر ڪري سنجوڳه ملائي.
[4] روڙو ڪهڻه نه ڪهڻا جائي اڪٿ ڪٿه اهه قيمت پائي،
[5] سڀ دک تيري سوک رضائي سڀ دک ميٽي ساچي نائي.
[6] ڪر بن واجا پڳ بن تالا جي شبد بجهي تا سچ ڀهالا،
انتر ساچ سڀي سڪه نالا ندر ڪري راکي رکوالا.
[7] ترڀون سوجهي آپ گواوي باڻي بوجهي سچ سماوي،
سبد وچاري ايڪ لوتارا نانڪ ڌن سوارڻ هارا.
(آسا، م ۱- ۴۱۲)

---

۱. پرمالما سڀ ۽ ابناسي آهي، سنسار اچڻ وڃڻ وارو يعني ناسونت آهي.

۲. اندر نام دواران هردي جو ڪمل ٽڙي پوندو آهي. اهڙن جيون کي جم جو ڀئو نٿو رهي.

۳. سنسار، استري، پٽن ۽ ڌيئرن جي پيار ۾ نام کي وساري ڇڏيو آهي.

۴. اهو سندر پريو اڪٿ ۽ امولڪ آهي.

۵. رب جي رضا ۾ هلڻ سان ۽ نام جپڻ سان سڀ دک دور ٿين ٿا ۽ سڀ سک پراپت ٿين ٿا.

۶. بنا وڄائي وڄڻ وارو انهد شبد ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

۷. هؤمي کي ناس ڪرڻ سان ٽنهي لوڪن جو گيان پراپت ٿئي ٿو.

## ٥. ڪرم ڪانڊ

گروءَ صاحب انهيءَ زوردار لفظن ۾ وسٿار سان انيڪ قسمن جي ڪرم ڪانڊ جو کنڊن ڪن ٿا. هو ڪنهن خاص ڌرم جي ريتين رسمن جو ئي ورود ڪونه ٿا ڪن، بلڪ هندن، مسلمانن، جوڳين وغيره سڀني ڌرمن جي ٻاهرين ڪرياڻن جي نندا ڪن ٿا. گروءَ صاحب صرف هندن جي تيرٿ ياترا، پوڄا، ندين ۽ تلاون جي سنان، ڪپڙن ٻڌا ڳهڻ، گهر ٻار تياڳي جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ وغيره جو ئي نه، پر مسلمانن جي شريعت جي ڪيترن ڳالهين جو به کنڊن ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته اهڙي قسم جي ڪوشش پريو پراپتيءَ ۾ ڪابه سهائتا نٿي ڏئي.

گروءَ صاحب جن گرنٿن شاسترن جي واچڪ گيان ۽ بحث مباحثي کي به ڪا اهميت ڪانه ڏني آهي. هو فرمائين ٿا ته پنڊت ڏينهن رات جيڪي به پڙهن ۾ لڳا پيا آهن، انهيءَ مان ڪوبه لاڀ ڪونهي، ڇاڪاڻ ته هو ان تي عمل ڪونه ٿا ڪن. اهڙو سمورو پڙهڻ پڙهائڻ صرف ڏيکاءُ، ڪپٽ يا ڇل آهي. اهڙي چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ ڪافي فرق آهي. هيٺ ڏنل پدن مان ان باري ۾ گروءَ صاحبن جي ويچارن جو پتو لڳي سگهي ٿو.

مسلمانا صفت شريعت پڙهي پڙهي ڪرهه ويچار،
بندي سي ج پوهه وچ بندي ويکڻ ڪئه ديدار.
هندو سالاهي سالاهن درسن روپ اپار،
تيرٿ ناوهه ارچا پوجا اگر واس ٻهڪار.
جوگي سن ڌياون جيتي الکه نام ڪرتار،
سوکم مورت نام نرنجن ڪايا ڪا آڪار.
(آسا دي وار، م ١-٤٦٥-٤٦٦)

پڙهه پڙهه گڏي لديئهه پڙهه پڙهه ڀريئهه سات،
پڙهه پڙهه بيڙي پائيئي پڙهه پڙهه گڏيئهه کات.

305

پڙھئہ جيتي برس برس پڙھئہ جيتي ماس،
پڙھئہ جيتي آرجا پڙھئہ جيتي ساس،
نانڪ ليکيۓ اِڪ گل ھور ھؤمي جھکڻا جھاکہ.

( آسا م ١ - ٤٦٧ )

لکہ نيکيئا . چنگيائيئا لکہ پنا پرواڻ،
لکہ تپ اُپر تيرٿان سھج جوگہ بيباڻ.
لکہ سورتڻ سنگرام رڻ مھہ ڇٽھہ پراڻ،
لکہ سرتي لکہ گيان ڌيان پڙھئہ پاٺ پراڻ.
جن ڪرتي ڪرڻا ڪيئا لکيا آوڻ جاڻ،
نانڪ متي مٿيا ڪرم سچا نيساڻ.

( آسا، م ١ - ٤٦٧ )

لکہ لکہ پڙتا تيتا ڪڙتا. بھہ تيرٿ ڀوتا تيتو لوتا.
بھہ ڀيکہ ڪيئا ديھي دکہ ديئا سھہ وي جيئا اپڻا ڪيئا.
انّ نہ کائيا ساد گوائيا بھہ دکہ پائيا دوُجا ڀائيا.
بستر نہ پھري اھنس ڪھري.
مؤن وگوُتا ڪئہ جاگيۓ گر بن سوُتا.
پگہ اپيتاڻا اپڻا ڪيئا ڪماڻا.
ال مل کائي سر ڇائي پائي.
مورکہ انڌيۓ پت گوائي وڻ ناويۓ ڪڇ ٿاءِ نہ پائي.

( آسا، م ١ - ٤٦٧ )

مورکہ پنڊت حڪمت حجت سنجيۓ ڪرھہ پيار،
ڌرمي ڌرم ڪرھہ گاواوھہ منگھہ موکہ دئار،
جتي سداوھہ جگت نہ جاڻھہ ڇڏ بھھہ گھر بار.
سڀ کو پورا آپي ھوويۓ گھٽ نہ کوئي آکيۓ،
پت پرواڻا پڇيۓ پائيۓ تا نانڪ توليئا جاپيۓ.

( آسا، م ١ - ٤٦٩ )

ماڻس ڪاٽي ڪرهه نواز ڇري وڳائن تن ڳل تاڳ،
تن گهر برهمڻ پورهه ناد اُنا ڀي آوهه اوئي ساد.
ڪُوڙي راس ڪُوڙا واپار ڪُوڙ بول ڪرهه آهار،
سرم ڌرم ڪا ڊيرا دور نانڪ ڪُوڙ رهيا ڀرپور.
متهي ٽڪا تيڙ ڌوتي ڪڪائي هٿ ڇري جڳت ڪاسائي.
( آسا، م ١ - ۴۷۱-۴۷۲ )

جو موها ڪا گهر مهي گهر مهه پتري ديهه،
اگي وست سڃاڻيئي پتري چور ڪريهه.
وڍيئهه هٿ دلال ڪي مصفي ايهه ڪريهه،
نانڪ اگي سو ملي ج کٽي گهالي ديهه.
( آسا، م ١ - ۴۷۲ )

لک چوريئا لک جاريئا لک ڪوڙيئا لک گال،
لک ٺڳيئا پهنا ميئا رات دنس جيئه نال.
تگ ڪپاهه ڪتيئي بامڻ وٽي آءِ،
ڪهه بڪرا رنهه کائيا سڀ ڪو آکي پاءِ.
هوءِ پراڻا سٽيئي ڀي ڦر پائيئي هور،
نانڪ تگ نه ٽٽئي جي تگ هووي جور.
( آسا، م ١ - ۴۷۱ )

پڙهه پستڪ سنڌيا بادن سل پوجس بگل سماڌن،
مک جهوٺ ٻڀوکڻ سارن ترئيپال تهال بچارن.
گل مالا تلڪ للاٽن دئه ڌوتي بستر ڪپاٽن،
جي ڄاڻس برهمڻ ڪرمن سڀ ڦوڪٽ نسچئه ڪرمن.
ڪهه نانڪ نهچئه ڌياوي وڻ ستگر واٽ نه پاوي.
( آسا، م ١ - ۴۷۰ )

اندره جهوٺي پيج باهر دنيا اندر ڦيل،
اٺسٺ تيرٿ جي ناوهه اُتري ناهي ميل.
( آسا، م ١ - ۴۷۳ )

## ٦. امرت گهٽ ماهه

جڏهن امرت جي تلاش ۾ مٺش سنسار ۾ اچي ٿو، اهو ڪٿي به ٻاهر ڪونهي. اهو امرت سندس گهر جي اندر آهي. سرير اندر موجود انهيءَ امولڪ خزاني کي ڪوڻ جي ڪنجي پورڻ ڪامل ستگروءَ وٽ آهي. جڏهن اصلي اَبج پدارٿ گهر ۾ آهي ته اُنکي ٻاهر ڳولهڻ جون سڀ ڪريائون يا ڪرم ڪانڊ فضُول آهن ۽ اهڙن ڪوڙن ڀيکن جو تياڳ ڪري، سچي راهه وٺڻ گهرجي.

مٺش لاءِ اهو لازمي آهي ته صحيح ۽ غلط، ٻري ڀلي کي سڃاڻڻ جو گيان رکي، جيئن برائيءَ جي راهه ڇڏي، نيڪيءَ جي راهه تي هلي سگهجي. جيستائين صحيح ۽ غلط جو فرق نه سڃاڻبو، تيستائين جيترو به اڳتي وڌبو، اوترو مايا جي چڪڙ ۾ ڦاسبو.

جڏهن من ڪوڙ ۽ لوڀ جي گندگيءَ سان ۽ زبان نندا چغليءَ جي مليڻتا سان ڀريل آهي ته پوءِ تيرٿن تي سنان ڪرڻ مان ڪو به لاڀ ڪونهي. من جون گندگيون صرف ستگروءَ دواران بخشيل شبد يا نام جي ڪمائيءَ سان ئي ڌوپي سگهن ٿيون. من کي صاف ۽ نرمل ڪرڻ جو ٻيو ڪو نه اُپاءُ ڪونهي.

[1]جس جل نڌ ڪارڻ تم جڳ آئي    سو امرت گر پاهي جيئُ ॥
[2]ڇوڊهُ ويس ڀيک چتراني    دبدا اِهُ ڦل ناهي جيئُ.

---

١. جل = نام روپي امرت، نڌ = خزانو يا ڌن. جڏهن نام روپي امرت جي ڌن لاءِ تون سنسار ۾ آيو آهين، سو ستگروءَ کان ملندو آهي.

٢. ٻاهريان ڀيک ۽ چتراڻون ڇڏي ڏيو. انهن ساڌنن سان نام روپي ڦل ڪو نه ملندو آهي.

مــن ري ٿــر رهُه مت ڪت جاهي جيئُ،
باهر ڍوليت بهت دک پاوهہ گهر امرت گهٽ ماهي جيئُ.
اوگڻ ڇوڊ گڻا ڪئُ ڌاوهہ ڪر اوگڻ پڇتاهي جيئُ،
¹ سر اپسر ڪي سار نہ جاڻهہ ڦر ڦر ڪيچ اڏاهي جيئُ.
² انتر ميل لوڀ بهہ جهوٺي باهر ناوهہ ڪاهي جيئُ،
نرمل نام جپهہ سد گرمکہ انتر ڪي گت تاهي جيئُ.
³ پرهر لوڀ نندا ڪوڙ تياگهہ سچ گر بچني ڦل پاهي جيئُ،
جئُ ڀاوي تئُ راکهہ هر جيئُ جن نانڪ سبد سلاهي جيئُ.
(سورٺ، م ١-٥٩٨)

## ٧. تياڳي ۽ ويراڳي

هن شبد ۾ گروُ صاحب اُن جوڳيءَ جي نهايت سخت نڪتہ چيني ڪن ٿا، جنهن جي ڪٿني ۽ ڪرڻيءَ ۾ ڪو جوڙ ميل ڪونهي. گروُ صاحب فرمائين ٿا تہ تياڳين ۽ ويراڳين جو تياڳ صرف ڪهڻ، ڏيکاءَ ۽ پاکنڊ آهي. هوُ شهر ڇڏي جهنگل ۾ ضرور هليا وڃن ٿا، پر سندن من ۾ ناري ۽ مايا جو پيار ۽ ترشنا سمايا رهن ٿا. هوُ سنسار کي گيان ڏيڻ ۾ نہ ٿڪجن، پر پنهنجي هردي ۾ لڳل وشيہ وڪارن جي اگني شانت ڪرڻ ۾ اسمرٿ آهن. هوُ رنگين ڪپڙا پائي ۽ ڪنن ۾ شيشي جون مندرائون پائي، پنهنجي پوترتا جو مظاهرو ڪن ٿا. هوُ سنسار کي دوکو ڏين ٿا، ڇاڪاڻ تہ سندن اندر آشا ترشنا جي زهر سان ڀريل آهي ۽ ٻاهران

---

١. چڱي بري جي ڄاڻ سڃاڻ نٿا رکو، ٻار ٻار پاپن جي ڪيچڙ ۾ ڦاسو ٿا.

٢. جڏهن اندر لوڀ ۽ ڪوڙ جي گندگيءَ سان ڀريل آهي تہ ٻاهران اسنان ڪرڻ مان ڇا فائدو؟

٣. لوڀ، نندا، چغلي ۽ ڪوڙ جو تياڳ ڪري، گروءَ جي وچنن تي عمل ڪريو تہ سچ جو ڦل پائيندا.

لياڱي ٻڌيا رهن ٿا. هو بدن تي ڀڀوت لڳائين ٿا، پر ان ڪري سندن جنم مرڻ جي چڪر کان ڪڍهن ۽ ڇوٽڪارو نٿو ٿي سگهي. هو ٻراڄ ٿي گهر گهر مان ڀڪيا پنندا ڦرن ٿا ۽ پنهنجو بار ٻين تي وجهن ٿا. آواگون يا جنم مرڻ جي دک مان ڇٽڻ جو هڪ ئي علاج آهي ۽ اهو آهي ڪنهن پوري گروءَ جي شرڻ ۾ وڃي، اُنهيءَ کان نام دان جي بخشش وٺي، ان جي ڪمائي ڪرڻ. اُنهيءَ طرح ئي مَن نرمل ٿئي ٿو ۽ نرمل مَن ۾ ئي پرماتما جو سچو پيار سمائجي سگهي ٿو. ستگروءَ دواران بخشيل شبد جي ڪمائي ڪرڻ سان، جوڳي ليمت پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ ۽ پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جي لائق ٿي وڃي ٿو.

[1]جڳ پربوڌهه مڙي ٻڌاوهه [2]آسڻ لتا ڪاهي سڇ پاوهه.
[3]ممتا موهه ڪامن هتڪاري نا اؤڌولي نا سنساري.
[4]جوڳي ٿس رهه ديڌا دک پاڳيم گهر گهر منگت لاج نه لاڳيم.
[5]ڳاوهه گيت نه چينهه آپ [6]ڪٿ لاڳي نوريع پرتاپ.

---

١. دنيا کي اپديش ڏئي ٿو، پر پنهنجي سرير روپي مڙهيءَ کي پڙي ٿو.

٢. سماڌيءَ جي نرمل اوستا ڇڏي، سچ، پرمارٿ ڪٿان پائبو؟

٣. پنهنجي اندر ناري ۽ مايا جو موهه آهي، پنهنجي ڪري نون نه گرهستي رهئين ۽ نه جوڳي.

٤. اڌول ۽ استر تي وڃهه بعدي من ڪسي استر رک نه پنهنجي ڀائي دور ٿئي.

٥. نون گيت ڳائيندو ڦرين ٿو، پر پنهنجو پاڻ کي اڃو سڃاڻين.

٦. پرتاپ = نڪي نمت. پنهنجي نرشدا جي نڪي اڳدي ڪيئن پڇهي شالت ٿئي؟

[1]گر ڪيءِ سبد رچيءِ من ۾ [2]پڪتا سهج وچاري ڪاهه.
پوءِ چڙاهه ڪرهه پاکنڊ ماتا موهه سهه جم ڏنڊ.
[3]ڦولي ڪاپر ڀيک نه پاءِ بدن ڀاڏنا آوي جاءِ.
[4]پد نه راکهه جتي کهاوهه [5]مائي ماگت لري لوڀاوهه.
[6]نردتا لهي جوت اجالا پودت بدي سرب جنجالا.
[7]ڀيک ڪرهه کدتا ڀهه تتونا جهونو کيل کماءِ ڀهه نتونا.
الٽو اگن چدتا ڀهه جاري ونڪرما کٽسي اترس ڀاري.
[8]مدرا ڦٽڪ بدا ني ڪان [9]مکت لهي بدتا بگنان.
[10]جهوا اندري ساد لوڀانا [11]پسو پئي لهي متيءِ نسانا.

---

١. تون من ۾ گروءَ جي شبد لاءِ پريم پيدا ڪر.
٢. سهج اوستا جي پراپتيءَ جي ڀيک گهر، وينتي ڪر.
٣. تنهنجو هردو روپي پيالو، موهه مايا جي ٺوڪرن سبب ٽٽي چڪو آهي. انهيءَ ۾ پرماتما جي پريم روپي امرت جي ڀيک (دان) ڪڏهن به سمائجي نه سگهندي.
٤. ڪام وس ۾ ڪونه اٿس، پر سڏائي ٿو جتي يا سنجم وارو.
٥. نه هي گڻن جو لوڀي، لالچي ۽ مايا جو منگتو ٿيو ڦري ٿو.
٦. تنهنجي ڪنور هردي ۾ پريوءَ جي جوت جو پرڪاش ٿي نه سگهندو.
٧. ڀيک ڪري ٿو، گودڙي پهري ٿو، ڪيترائي پاکنڊ ڪري ٿو.
٨. ڪنن ۾ شيشي جا ڪنڊل پائي ٿو.
٩. وديا يا وگيان ۾ مڪتي ڪانهي.
١٠. زبان ۽ اندري ڀوڳن جي سواد جو لوڀي آهي.
١١. تنهنجا جانورن وارا لڇڻ ڪونه ويا.

¹ ٽر ٻڌ لوڳـا ٽر ٻڌ جـوڳـا ² سبد ويچاري چؤڪس سوڳا.
اوجل ساچ س سبد هوءِ جوڳي جڳت وچاري سوءِ.
³ ڪچهه ٻڌ اؤ ائڌ ٽو ڪرٽيءِ جوڳ ٽاپ اٿاپي ڪري س هوڳ.
⁴ جت ست سنجم سچ س چيت ⁵ نانڪ جوڳي ٽربوڻ ميت.
( رامڪلي، م ١ - ٩٠٣ )

## ٨. هٺ نگرھ ڪر ڪائئا ڇيجي

گروُ صاحب هٺ يوگ جي ساڌنن مثلا جپ تپ وغيره جو نهايت گهٽو کنڊن ڪن ٿا. گروُ صاحب صاف لفظن ۾ اُپديش ڪن ٿا ته ضرورت من کي وس ڪرڻ جي آهي، تن يا سرير کي تسيا يا تڪليف ڏيڻ جي ناهي. من کي وس ڪرڻ جـي اصل جڳتي ساڌ سنگت ۾ ملندي آهي. پراڻايام ذريعي ساهه يا پراڻ جي سنجم جي ساڌنا سان سرير ضرور شڌ ٿئي ٿو، پر انهيءَ سان من مان ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار روپي وڪار نه دور ٿي نٿا سگهن ۽ نه ئي اهڙيءَ ساڌنا سان مايا ۽ ٽنهي گڻن مان ڇوٽڪارو ملي ٿو. ساڳيءَ طرح تيرٿ استان تي اشنان ڪرڻ جو

---

١. سنساري مائهو ٽرڙي جوڳي، سڀ ٽن گڻن واريءَ مايا جا غلام آهن.

٢ اهو ڏکه شبد جي ڪمائيءَ سان دور ٿيندو آهي.

٣ هي ٻرڀو، ٽون لون لڏين جو مالڪ آهين، ٽون ڪرڻ ڪرائڻ وارو سمرٿ صاحب آهين.

٤. جيڪو جوڳي جت، ست، سنجم ڌارڻ ڪري ٿو ۽ چت ۾ اُن پرماتما کي وسائي ٿو ۽ من کي ٻونر ڪري ٿو، اهو سدائين لاءِ پرماتما کي پائي ٿو.

٥. اهڙو جوڳي ٻوري ٽرلوڪيءَ جو متر آهي.

آنڪ لاپ ڪوڻ ڪونهي. چاڪاڻ ته اهڙي طرح ڪرڻ سان صرف سرير ئي صاف ٿي سگهندو. پر نيرتڻ ئي سندان ڪرڻ سان مَن جون غلاظتون نه دور ڪيون ٿيون ٿين. جنم مرڻ جي بندن مان مڪتي پراپت ڪرڻ ۽ پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جو هڪ ئي ساڌن آهي، شبد يا نام جي ڪمائي. انهي جڳتي ديا ڌاري پورن ستگروءَ ڪان ئي ملندي آهي چاڪاڻ ته هو خود منزل تي پهچي چڪو آهي، ڪيس منزل جي راهه جو به گيان آهي ۽ هن ۾ پهچڻجي چتايل ششن کي ان مارگ تان لنگهائي منزل تي پهچائڻ جي شڪتي به آهي.

¹ هٺ نگره ڪر ڪاٿا ڇيجي،
ورت لپن ڪرمن لهي پهچي.
رام نام سر اور نه پوجي،
گرو سيو منا هر جن سنگ ڪيجي.
² جم جندار جوهه لهي ساڪي،
سرپن ڊس نه سڪي هرڪا رس پيجي.
³ واد بڙي راکي جڳ پيجي،
نري گڻ بڪتا جنم مرلجي.

---

١. نگره جو مطلب آهي زبردستي خواهشن يا من تي ضابطو رکڻ يا انهن کي روڪڻ. گرو صاحب سمجهائين ٿا ته اهڙن ساڌن سان من ۾ رس يا پريم پيدا نه ٿيندو، پاڻ سرير ڪمزور ٿيندو.

٢. گروءَ جي سنگت ۽ سيوا سان ۽ هريءَ جي نام جو امرت پيئڻ سان نڪو ظالم جم نزديڪ ايندو ۽ نه مايا روپي نانگڻ ڏنگي سگهندي.

٣. سنسار واد وواد ۾ الجهيو رهي ٿو ۽ بيڪار سنگيت ۾ مگهن رهي ٿو.

رام نام بن دوک سهيجي،
۱ چاڙس پون سنگهاسن پهچي.
۲ نئلي ڪرم کٽ ڪرم ڪرڄي،
رام نام بن بوٿا ساس ليجي.
۳ انتر پنچ اگن ڪتھ ڌيرج ڌيجي،
۴ انتر چور ڪتھ ساد لهيجي.
ڪرمڪ هوء ڪائٿا گڙهه ليجئي،
۵ انتر مٿل ايرنڪ پرميجي.
۶ من نهي سوچا ڪتا سوچ ڪرجي،
ڪرت پٿا دوس ڪا ڪتھ ديجي.
ان نه کاهه ديهي دک ديجي،
بن گر گيان ٿرپت نهي ٿيجي.

---

۱. جوڳي ساهه يا پران چاڙهي اندران روحاني رس وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو پنهنجي طرفان ته ائين ٿي سمجهي ٿو ته مان سنگهاسن يعني اوچي روحاني استان تي پهچي ويو آهيان.

۲. جوڳي هٺ يوگ جا ڇهه ساڌن - ڌوتي، نيتي، وستي، نئولي، ٽراٽڪ ۽ ڪپال ڀاتي ڪندو آهي. پر نام ڪانسواءِ هرهڪ سواس وٿرٿ آهي.

۳. جڏهن اندر پنج اگنيون يعني پنج وڪار آهن ته ڌيرج يا شانتي ڪٿان ملندي؟

۴. جڏهن اندر پنج وڪارن روپي چور لڪل آهن ته هري رس جو سواد ڪيئن ملندو؟

۵. ايرنڊ تي پٽڪندو ڦري ٿو، پر اندر گندگي اٿس.

۶. جڏهن من نه شڌ ٿيو آهي ته ٻاهرين شڌتا يا صفائي جو ڪهڙو لاڀ آهي؟

مٽمڪ جنمين جنم مرڻجي،
ستگرو پوڇ سنگت جن ڪيجي.

من هر راچي لهي جنم مرڻجي،
رام نام بن ڪتا ڪرم ڪيجي.

[1] اوندر دوندر پاس ڏرڻجي،
ڏر ڪي سيوا رام روڻجي
نانڪ نام ملي ڪرپا پرڀ ڪيجي.

(رامڪلي، م ١-٩٠٥)

## ٩. ڪوُڙو ٽپسوي

ليائي وٺرائيءَ جو جيون ڏکن ۾ وٿيت گذري ٿو وڃي. هوُ پنهنجي گرهست جي ذميوارين کان دور ڀڄي ٿو، پر سنسار جو ليائو ڪندي به، اندري ڀوڳن ۽ وشيه وڪارن جو شڪار بڻيو رهي ٿو. هوُ پنهنجو گهر ڇڏي، ٻين جي گهرن ۾ ٻکيا گهرندو رهي ٿو.

وٺرائي ڪيڙورنا ڪپڙا پائي ۽ ليائين وارو ويس ڪري، سنياسي هٺ جو ڍونگ ڪري ٿو. هوُ پنهنجي روزي پاڻ ڪمائڻ جي عيوض در در ٻکيا پنندو ڦري ٿو. هنکي شبد جو گيان ڪونه آهي، جنهنڪري هوُ سدائين سنسن، ڀرمن ۽ وهمن ۾ ڦاٿل رهي ٿو.

تيرٿ استانن جي ياترا ڪرڻ ۽ سرير تي ڀڀوت لڳائڻ سان هوُ مايا جي ڄار مان ڇٽي نٿو سگهي. هنجي مک تي گرنٿن شاسترن جا وچن آهن، پر ته به هوُ ڪوُڙ ۽ ڇل ڪپٽ کان ڪم وٺي ٿو. هوُ دنيا کي گياني ٻڻجي ڏيکاري ٿو،

---

١. اوندر = ڪوُڙو. دوندر = چنچل يعني ودروهي من کي وس ڪري استر ڪرڻ.

پر ڪيس انترو بہ گيان ڪونهي تہ اهو پرم پتا پرماتما صرف پنهنجي اندر ئي ملي سگهي ٿو.

مٿو ڪوڙائڻ يا ڏکيون جتائون رکڻ سان آتما مٿي روحاني منڊلن ۾ نٿي پهچي سگهي ۽ نہ مون ڌارڻ يا چنبہ ساڌڻ مان ئي ڪو لاڀ ٿئي ٿو. اهڙن ڪرمن مان تہ پاڻ هؤمي وڌي ٿي. ليالڪيءَ جو من ڏهن ئي دشائن ۾ ڀٽڪي ٿو. جيستائين من اسٿر ٿي اندر نٿو ٽڪي، تيستائين اندر اُن هري نام جو امرت ڪيئن ٿو ملي سگهي؟ پاڻ کي وئراڳي سڏائڻ جو ڏيکاءُ ڪرڻ وارو اهڙو انڌو اگياني آهي، جو پنهنجي استريءَ کي تہ ليالڪي ٿو ڇڏي، پر ڪام جو ماريل پر استريءَ ڏانهن ڀڄندو ڦري ٿو. هو ٻين کي ليالڪيءَ ۽ وئراڳ جو اُپديش ڏيندو ڦري ٿو، پر خود موهہ مايا ۾ ڦاٿو پيو آهي. هنکي شبد جي ڪا سڌ بڌ ئي ڪانهي. هو ٻاهران ڏسڻ ۾ تہ شانت چت لڳي ٿو، پر اندر سندس من ۾ وڪارن روپي ڇٽڪون اُٿي رهيون آهن.

سچو سنياسي اهو آهي، جيڪو سدا شبد جي رس ۽ آنند ۾ لنو لين رهي ٿو ۽ ستگروءَ جي ديا مهر سان وشيہ وڪارن ۽ ڀرشٽ يا ملين وچارن تي جيت پائي ٿو. ستگروءَ جي ڀڳتيءَ دواران هنجي اندر پريم ڀڳتي جاڳي اٿي ٿي ۽ هؤمي کي ماري، هو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ٿو. اهڙي سچي سنياسيءَ کي ڀوڄن ۽ ڪپڙن وغيرہ لاءِ ٻين اڳيان هٿ ٽنگڻو ڪونہ ٿو پوي. هنجو وچن ڪڏهن بہ اجايو يا بيڪار ڪونہ ٿو وڃي ۽ هنجو هردو ساري سرشٽيءَ جي پيار ۽ ڪروڻا سان ڀريل رهي ٿو. هو جيون مڪت ٿي ويندو آهي يعني جيئري ئي جنم مرڻ جي چڪر کان آزاد ٿي ويندو آهي ۽ اندر اُن انهد شبد سان جڙيو رهندو آهي، جنهن سان ڪيس سچي سک ۽ شانتيءَ جي پراپتي ٿيندي آهي.

[1] ممڪ لهر گهر لڄ وڪوڙي آورا ڪي گهر هيري،
[2] گرهه ڌرم گوائي سنگر نه پيٽي درمت گهمن گهيري.
دسنتر پوي پات پڙ ٽاڪا لرسدا هوء وڏيري،
[3] ڪاڇي پنڊي سبد نه چيني آدر پري جئسي ٻوري.
بابا انسي روت روي سدڪاسي،
[4] گر ڪي سبد اِڪ لو لاڳي ليري نام رکي لرپتاسي.
گهولي گيرو رنگ چڙانڻا وسٽر ڀيک ڀيکاري،
ڪا پڙ ڦار بڌائي ڪڌا جهولي مائڻا ڌاري.
[5] گهر گهر ماڳي جگ پربوڌي من انڌي پت هاري،
ڀرم ڀلاڻا سبد نه چيني جوئي بازي هاري.
[6] انتر اڳن نه گر بن بوجهي باهر پوڻ ٽاپي،
گر سيوا بن ڀگت نه هووي ڪيئن ڪر چيندس آپي.
نندا ڪر ڪر نرڪ نواسي انتر آتم جاپي،

---

١. ممڪ ڪوڙي وڏائي جي جوش (اُمنگ) ۾ پنهنجو گهر ڇڏيندو آهي، پر پوء ٻين ماڻهن جي گهران بکيا پندو ڦرندو آهي.

٢. هو گرهست ڌرم جي پالنا نه ٿو ڪري ۽ ستگروءَ جي نه ملڻ ڪري درمت جي ڪُن ۾ ڦاٿل رهي ٿو.

٣. ڪڇي بعدي ناسونت سرير ۾ وٺي ٿو، شبد کي نه ٿو سڃاڻي ۽ ٻورن وانگر پنهنجو پيٽ ڀري ٿو.

٤. گروءَ جي شبد يا نام دواران پريوءَ سان لنو لڳي ٿي ۽ من ترپت ٿئي ٿو.

٥. سنسار کي پربوڌ ڏئي ٿو، پر گهر گهر بکيا ڪري ٿو، اُنجو من انڌو آهي ۽ آخر ۾ اُنجو اپمان ٿئي ٿو.

٦. گروءَ جي ديا ڪهر سان اندرين وڪارن جي اڳڻيءَ کي شانت نه ٿو ڪري پر ٻاهرين آگ دکائي وهي ٿو.

١ انسٺ ٽيرٿ ڀرم وگوچھ ڪٿہ مل ڌوٻيءِ ڀاڳيءِ.
٢ ڇاڻي کاڪ ڀڀوت چڙاني ماٿا ڪا مکہ ڄوڙيءِ،
٣ انتر ٻاھر ايڪ نہ ڄاڻيءِ سچ ڪھي نہ ڇوڙيءِ.
ٻاٽ ٻڙيءِ مکہ جھونو ٻوليءِ لڪري ڪي مٺ اوڙيءِ،
ٽام نہ جيءِ ڪٿہ سکہ پاويءِ ٻن ٽاويءِ ڪٿہ شوڙيءِ.
٤ مولٻ مداہ جٿا سکہ ٻاڌي موون رھيءِ ابماڻا،
مدوٽا ٽدوليءِ ڏھہ ڏس ڌاويءِ ٻن رت آلہ گتاڻا.
امرت ڇوڙ مھا ٻکہ پيويءِ ماٽئا ڪا ڏنواڻا،
ڪرت نہ مٿي حڪم نہ ٻوجھيءِ . پسوٽا ماھہ سماڻا.
٥ ھاٿ ڪمنڊل ڪا ٻڙٿا من ٽرسنا اٻجي ڀاري،
استري تج ڪر ڪام وٽاپتا چت لائٿا ٻر ناريءِ.
٦ سکہ ڪري ڪر سبد نہ ڇيديءِ لنپٽ ھٿہ ٻازاري،

---

١. اڪيلتا وس تي انھن تيرٿن تي سنان ڪري ٿو، پر ان سان پاپن جون گندگيون نٿيون ڌوپن.

٢. ھوُ ڀڀوت لڳائي ٿو، پر مايا جي مارڳ تي ھلي ٿو.

٣. اندر ٻاھر ھڪ پرڀوءَ کي نٿو ڏسي، ڪنھن سچ چئجي ته نہ غصو ڪري ٿو.

٤. مٿو ڪوڙائي ٿو يا جٽائون رکي ٿو؛ مونني بڻجي ٿو، پر سندس من اھنڪار سان ڀريل آھي.

٥. ھٿ ۾ ڪمنڊل اٿس، لنڱن جو چولو پھريل اٿس، پر من آشا ترشنا سان ڀريو پيو اٿس.

٦. ماڻھن کي سکيا يا اپديش ڏئي ٿو، پر پاڻ شبد کي نٿو ڄاڻي. اصل ۾ ھوُ سنساري پدارٿن جو لوڀي آھي؛ جڳھ جڳھ انھن جي خاطر گھمندو ڦري ٿو.

[1] اُتر ٻيڪ ٻاهر نِرالي تا جو ڪري ڪتاري.
سو سنياسي جو سنڪر سيوي وڃھ آپ ڪوائي،
[2] چاڙن پوڄن کي آس نه ڪرئي اڇت ملي سو پائي.
[3] ٻڪي نه بولي ڪما ڏن سنگرهي تا مس نام جلائي،
[4] ڏن گرهي سنياسي جوگي ج هر چرني چت لائي.
[5] آس نراس رهي سنياسي ابڪس سڄ لو لائي،
هر رس پيوي تا ساس آري اڄ گهر تاڙي لائي.
مدوتا نه ڊولي گرمکه ٻوجهي ڏاوت ورج رهائي،
[6] گرهه سرٻر گرمتي ڪوجي نام پدارٿ پائي.
برهما بشن مهيس سرٻست نام رٽي وڇاري،

---

١. ٻاهران شانت آهي، پر اندر مايا جي زهر جي آگ ٻرندي ٿي، انکي جمدوتن هٿان خراب خوار ٿيڻو پوندو.

٢. اصلي سنياسي اهو آهي، جو پوڄن ۽ ڪهڻن جي چنتا نه ڪري ۽ بنا فڪر، مالڪ جي آسري، جيڪي ملي ٿو اهو قبول ڪري ٿو.

٣. جيڪو گهٽ ڳالهائي ٿو، ڪميا جو ڏن ڪٺو ڪري ٿو ۽ نيچ ورتين کي نام جي مدد سان جلائي ٿو، اهوئي اصلي سنياسي آهي.

٤. مهانتا نه هريءَ جي چرنن ۾ چت لڳائڻ ۾ آهي ۽ جيڪو گرهستي، سنياسي، جوڳي لائين ڪري ٿو، سو ڏن آهي.

٥. جيڪو گرمت ۾ هلي آسا رهت رهي، هڪ پرماتما ۾ لو لڳائي رکي ٿو، سو سنياسي آهي.

٦. گرمت ذريعي سربر روپي گهر جي تلاش ڪري ۽ نام پدارٿ پائيندو.

¹ ڪاٽي ٻاٽي ڳڱڻ پٽالي جڏتا ڄوت ڏماري.
² سب سڪ مڪمع لام ڏن ٻاٽي سچ لام اُرڏاري،
³ لام ٻڌا لهي ڇوٽس لالڪ ساڇي ڪر ڏو ڏاري.
(مارُو، ۾ ١-١٠١٢-١٠١٣)

---

١. ڇڏي ڪاٺين، ڇڏي ٻاٽين ۾ ساري سرشٽيءَ ۾ ڏون ڏي وياپڪ آهين.

٢. سڇو سڪ ۽ سچي مڪتي الدران ملڻ واري ٽام ٻا ٻاٽيءَ روپي شبد ۾ آهي.

٣. الهيءَ انترمکي لام ٻڌا کڏهن ٻه مڪتي نه ملي سگهندي.

م-ن

## ١٠ مڇلي جال نه ڄاڻندا

مڇي ڏسڻ ۾ تمام چالاڪ ۽ هوشيار لڳندي آهي، پر اها اڻڄاڻائيءَ ۾ مهاڻي جي ڄار ۾ ڦاسي پوندي آهي. اهڙي طرح جيو جندڙن جي ڦندي ۾ ڦاسي وڃن ٿا. مڇي ۽ منش، پنهنجي مورکتا سبب ئي موت جي ڦندي ۾ ڦاسن ٿا.

سڄو سنسار موت جي چنبي ۾ ڦاٿل آهي، ڪو به موت کان نٿو بچي سگهي. موت کان بچڻ ۽ اڪي جيئڻ جو صرف هڪ ئي اپاءُ آهي، پوري ستگروءَ جي اپديش تي عمل ڪرڻ. ستگرو شبد سان جوڙڻ جي جڳتي سيکاري ٿو، جنهن سان موت کان مڪتي حاصل ٿئي ٿي. گروُ صاحب جن فرمائين ٿا ته مان اهڙي ستگروءَ تان صد بلهار وڃان ٿو، جيڪو موت جي بندن کان ڇڏائي ٿو.

گروُ صاحب جيو جي مشابهت باز جي چنبي ۾ ڦاٿل پکيءَ سان ۽ شڪاريءَ جي ڦندي يا ڄار ۾ ڦاٿل شڪار سان ڪن ٿا. پکي ۽ جانور داڻي جي لالچ ۾ اچي ڄار ۾ ڦاسن ٿا. انهيءَ ڦاهيءَ کان صرف اُهي بچندا آهن، جن جي مٿان پوري گروءَ جو هٿ هوندو آهي. ستگرو نام جو دان ڏيئي، شش کي جنم مرڻ جي بندن کان آزاد ڪري ٿو ڇڏي. ڪو به سنگي ساٿي، مٽ مائٽ اهڙي سهائتا نٿو ڪري سگهي.

اهو پرماتما سچو آهي ۽ ان جو نج ڌام به سچو آهي. گرمک يا سچا ڀڳت هميشه ان سچي پرڀوءَ ۾ ليِن رهندا آهن. جن کي ستگروءَ جي ديا مهر سان ان پرماتما جو گيان ٿئي ٿو، اُنهن جو مک به پوتر يا شد آهي ۽ اُنهن جو من به اوجل ۽ پوتر آهي. مطلب ته اُنهن جي وچار ڌارا، وچن ۽

ڪرم، آواڳون ۾ ڦاسائڻ وارا ڪوڙ ٿيا آهن. اهڙا ڪرم ڪ
امر ٿي وڃن ٿا ۽ اُهي لاءِ موت سدا لاءِ مري وڃي ٿو

ستگروءَ سدا اسان انڌيري ۾ ٺوڪرون کائيندا ڦرون ٿا ۽ شبد سدا اسانکي اڳيائتا جي اوڏهه ۾ سچ جي راهه ڏسڻ ۾ نٿي اچي. پر جڏهن ستگروءَ جي اُپديش تي هلون ٿا، اُن تي عمل ڪريون ٿا ته اُهيءَ پوري گروءَ جي ديا مهر سان اسانجو پرماتما روپي سچ ۾ واسو ٿي وڃي ٿو ۽ اسانکي سچو گيان پراپت ٿئي ٿو. پوءِ اسانجي جوت اُن پرم جوت پرماتما ۾ سمائجي وڃي ٿي.

گروُ صاحب فرمائين ٿا ته جيڪي به ٿئي ٿو، سو سڀ اُهيءَ ڪل مالڪ جي موج يا مرضيءَ انوسار ٿئي ٿو. هنجي حڪم سان ئي سنسار بڻجي ٿو، هنجي اِڇا سان ئي زندگي ۽ موت جو سلسلو جاري آهي ۽ هنجي ديا مهر سان ئي سائس ميلاپ ٿئي ٿو. انسان جي وس ڪجهه به ناهي. جيڪي به ٿئي ٿو، سو سڀ مالڪ جي موج سان ٿئي ٿو.

ڇڏي جال ته جاڻتا سر ڪارا اسگاهه،
اڳ سڌائي سوهڻي ڪنهن ڪيتو وساهه،
ڪيتي ڪارڻ پاڪڙي ڪال نه ٽلي سراهه.
ڀائي ري لاءِ سر جاڻهه ڪال،
جيئن ڇڏي لنهن ماڻسا پوي اُچِتا جال.
سڀ جڳ باڌو ڪال ڪو بن گر ڪال اڦار،
سچ رتي سي اُبري دبڌا ڇوڊ وڪار،
هنءَ تن ڪي بلهارڻي در سچي سچيار.
¹ سيچا تي جنهن پنکيا جالي بڌڪ هاٿ،
گر راکي سي اُبري هور ڦاٿي چوگي ساٿ،

---

١. جيئن پکي باز جي وس هوندو آهي ۽ شڪار شڪاريءَ جي وس هوندو آهي، ايئن منش ڪال جي وس آهي.

¹ بن ناوي ڇٽ سنيهه ڪوهه نه سنگي ساٿ.
سچو سڀا آکينديءِ سڀي سڀا ٿيان،
جنڊي سڀا منڊتا لٿي من سچ ڏٺان،
² من مکهه سوچي جاڻيهه گرمکهه جندا گنيان.
ستگر آگيءِ ارداس ڪر ساجن ديئه ملاءِ،
³ ساجن مليءِ سکهه پاتا جمدوت مئي بکهه کاءِ،
ناويءِ اندر هئه وسان ناءِ وسيءِ من آءِ.
باجهه گرو غبار هئه بن سبديءِ بوجهه نه پاءِ،
گرمتي پرگاس هوءِ سچ رهيءِ لو لاءِ.
⁴ تٿيءِ ڪال نه سنچريءِ جوتي جوت سماءِ.
تو هئه ساجن تو سڃاڻ تو آپي ميلڻهار،
گر سبدي سالاهيئيءِ انت نه پارا وار،
تٿيءِ ڪال نه اپڙيءِ جتيءِ گر ڪا سبد اپار.
حڪمي سڀي اوپجهه حڪمي ڪار ڪماهه،
حڪمي ڪاليءِ وس هئه حڪمي ساچ سماهه،
⁵ نانڪ جو تس ڀاويءِ سو ٿيئيءِ انا جنتا وس ڪڇ ناهه.
(سري راڳ، م ١-٥٥)

---

١. نام وهوڻا يعني نام کان خالي مڻس کي ڇولدي، ٻاهر ڪڍو ڪيو ويندو آهي، اُنهيءَ کو ٻه ساٿي نه ٿيندو آهي.

٢. جنهن گروءَ دواران سچو گيان پراپت ٿئي ٿو، انهيءَ جو من ٻه پوتر آهي ته مکهه ٻه پوتر آهي.

٣. پريتم جي ميلاپ سان سچو سکهه ملندو آهي ۽ جمدوت زهر کائي مري ويندا آهن. مطلب ته پريو پراپتي ڪيل جيو تي جمدوتن جو وس نه هلندو آهي.

٤ جنهن اندر گروءَ ذريعي نام يا شبد جي جوت پرگهٽ ٿيندي آهي، انهيءَ وجهو ڪال پهچي نه سگهندو آهي.

٥. ٿيندو اُهو ئي آهي، جيڪو مالڪ جو ڀاڻو هوندو آهي، مڻش جي وس ڪجهه ٻه ناهي.

## ٢. زندگيءَ جون ڏهه اوستائون

هن شبد جي شروع ۾ گرو صاحب ستگروءَ جي مهما ڪن ٿا. ستگرو سڀ داتا ۽ شانتيءَ جو سروپ آهي. هو ترلوڪيءَ جي جوت آهي. جنهن کي به هو شبد جي ڏات بخشي ٿو، اُن جو من سندس وس ۾ اچي وڃي ٿو ۽ اُنڪري امر آنند جي پراپتي ٿئي ٿي.

گرو صاحب زندگيءَ جي ڏهن اوستائن جو ذڪر ڪن ٿا. منش هر اوستا ۾ اگيانتا، آشائن ترشنائن ۽ وشيه وڪارن جو شڪار رهي ٿو. جڏهن هن جو انت سمو اچي ٿو ته ٿوري وقت لاءِ سندس سنگي ساٿي، مٽ مائٽ روئي پٽي ويهي رهن ٿا ۽ پوءِ پنهنجي ڪم ڌنڌي ۾ لڳي مرڻ جيو کي ڀلائي ٿا وڃن. ڪڏهن ڪو به پتو لٿو پوي ته هنجي آتما ڪملائجي وڃي. اهڙيءَ طرح منشن جو جيون اگيانتا ۽ دک ۾ شروع ٿئي ٿو ۽ اگيانتا ۽ دک ۾ ئي سماپت ٿئي ٿو. بنا پوري ستگروءَ جي، سارو سنسار اگيانتا جي انڌيري ۽ جنم مرڻ جي دکن ۾ قائل رهي ٿو.

[1]گر داتا گر هووءِ گهر گر ديپڪ تهه لوءِ،
امر پدارٿ نانڪا من مانئيءِ سک هوءِ.
پهلئي پيار لڳا ٿڻ دڌ دوجئي ماءِ باپ ڪي سڌ،
تيجئي ڀيا ڀابي بيب چؤٿئي پيار اپجي کيڊ.
پنجوئي کاڻ پيڻ ڪي ڌات ڇيوئي ڪام نه پڇئي جات،
ستوئي سنج ڪيتا گهر واس اٺوئي ڪروڌ هوا تن ناس.
ناوئي ڌؤلي اٿي ساهه دسوئي دڌا هوا سواهه،

---

١. گرو نام جو داتا ۽ برف جو گهر (هووءِ گهر) يعني شانتي ۽ سيتلتا جو گهر آهي ۽ ٽنهي لوڪن جي جوت آهي.

¹ ڳڻي سڳيت پڪاري ڏاهه اڌ ڳا هٿس ڏسائي راهه.
آڻيا ڳڻيا مڻيا ااؤ ² ٻچي پتل سڌهه ڪاؤ.
نانڪ مڌمڪ الڏ پڻار باجهه گروءَ ڏوءَ با سدسار.
(وار ماجهه سلوڪ م ١-١٣٧)

## ٣. اور پنچ هم ايڪ جنا

هتي گروءَ نانڪ صاحب جن پنجن وڪارن کي پنج ڌاڙو چئي رهيا آهن، جن اڪيلي جيو آتما کي گهيري رکيو آهي. اهي پنج ڌاڙو بار بار ان اڪيلي ۽ بيوس جيو آتما کي زير بار ڪري، ان کي لٽيندا رهن ٿا. گروءَ صاحب جن اُپديش ڪن ٿا ته جيو آتما کي پريو نام جي سمرن جو سهارو وٺڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته صرف نام جي شڪتيءَ سان ئي اهڙن دشمنن ۽ دشٽن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو. نام جي سمرن سان جمدوت به نزديڪ نٿا اچن. پر نام کان بيمک منش کي اهي جمدوت نه سهڻ جهڙا ڪشٽ ۽ پيڙائون ڏين ٿا. گروءَ صاحب سمجهائين ٿا ته ڌيئرن، پٽن ۽ استري وغيره خاطر پاپ ڪرڻ جي مورکتا کان بچڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جيو کي ارهر سوهر، اڳي پوءِ پنهنجي ڪيل ڪرمن جو ڦل اوس ڀوڳڻو پوي ٿو.

اور پنچ هم ايڪ جنا ڪئي راکهه گهر بار منا،
مارهه لوٽهه ايت نيت ڪس آگي ڪري پڪار جنا،
سري رام نااما اُچر منا آگي جم دل بکم گهنا.
³ اُسار مڙولي راڪي دنارا ڀيتر بئٺي ساڌنا،

---

١. سنگي سانئي ٿوري وقت لاءِ رونقدا پئيندا ۽ ڏاڍهون ڪندا آهن.

٢. موت کالپوءِ جي ڪرم ڪاند (سراڌ) طرف اشارو ڪن ٿا ته ماڻهو پاڻ پريوجن پرچين ٿا ۽ ڪاڳن کي سڏين ٿا.

٣. سرير جي ڏهن دروازن واري ٽن پر آتما وسي آهي.

[1]امرت ڪيل ڪري لت ڪامڻ اور لئين س پنچ جڻا،
[2]ڏاهه مڙولي لوٽٽا ڏيهرا سا ڌن پڪڙي ايڪ جڻا،
جم ڏنڊا گل سنگل پڙتا ڀاڳ گئي سي پنچ جڻا.
[3]ڪامڻ لوڙي سٽدا رپا متر لڙين س ڪا ڙالا،
نانڪ پاپ ڪري تن ڪارڻ جاسي جمپور ٻا ڙالا.
(گوڙي، چيٽي م ١-١٥٥)

### ۴. رنڻ گوائي سوءِ ڪيچ

پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جو هڪ ئي موقعو، منش جنم آهي. اهوئي هڪ دروازو چوراسيءَ جي جيلخاني مان ٻاهر نڪرڻ جو آهي. منش جنم جي اهميت ٻڌائيندي، گروُ صاحب افسوس ظاهر ڪن ٿا ته جيو الهيءَ امولڪ موقعي کي ڀوڳ ولاس، کائڻ پيئڻ ۽ سنسار جي ناسوانت پدارٿن کي جمع ڪرڻ ۾ ئي گنوائي ٿو ڇڏي.

هن کي کپندو هو ته پرماتما سان ميلاپ جي اڪير ۽ برهه هردي ۾ رکي ۽ هنجي نام جي اڀياس ڏانهن پورو ڌيان ڏئي. دراصل نام جي ڪمائيءَ ۾ ئي اهي سچا امر پدارٿ آهن. پر منمک، اگياني، زندگيءَ جي الهيءَ اصلي مقصد ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ڏئي.

آخر ۾ گروُ صاحب فرمائين ٿا ته ويچاري انسان جي وس ڪجهه به ڪونهي. الهيءَ پرماتما جي ديا مهر بنا هن سان ميلاپ ڪرڻ ناممڪن آهي.

---

١. هؤءَ ٻاڻ کي امر سمجهي کيل کيلي رهي آهي، پر ڪمس پنج وڪار لٽي رهيا آهن.

٢. سرير روپي مڙهيءَ کي ڏاهي، جيوآتما کي پنجن وڪارن لٽي ورتو ۽ آخر ۾ اڪي هڪ جٽي ئي (موت) پڪڙي ورتو.

٣. جيڪا ڌن دولت جيو جوڙي ٿو، سا سندس استري ۽ ٻيا متر سنبنڌي کائڻ چاهين ٿا.

رڳو گوالي سوءِ ڪيو دوس گوالڻا ڪاءِ،
ھيري جئسا جنم ھٿ ڪوڏي بدلي جاءِ.
نام نہ جاڻيا رام ڪا مُوڙي ڦر پاڇيو پڇتاءِ ري،
[1] الٽا ڌن ڌرٽي ڌري الٽ نہ چاھتا جاءِ،
[2] الٽ ڪؤ چاھن جو گئي سي آلي الٽ گواءِ.
[3] آپڻ ليکا جي ماڻ تا سب ڪو پاگپ ھوءِ،
ڪرما اُپر ابڙي جي لوچيو سب ڪوءِ.
نانڪ ڪرٽا جن ڪيا سوئي سار ڪريءِ،
حڪم نہ جاپي خصم ڪا ڪيو وڏائي ڏيءِ.
(ڳوڙي، ٻُراگا م ۱-۱۵٦-۱۵۷)

## ۵. منمکن جي اوسٿا

پرماتما جا ڀڳت صرف ھڪ ئي مالڪ جي پيار ۾ شيوا ۾ لڳا رھن ٿا. ھوُ ٻيءَ ڪنھن بہ ڳالھ جي پرواھ نٿا ڪن. ھوُ پنھجن لتن جي رچنا ۽ جھڳڙن جھيڙن واري سنسار سان موھ نٿا رکن. الھنجي من ۾ وير ورود يا حسد لاءِ ڪا بہ جڳھ ڪانھي. ھوُ سڀني مالڪ جي پريم ۾ ڀڳتيءَ دوارا اُنھيءَ ۾ ئي سمائجي ويندا آھن. ھوُ اندر ۽ ٻاھر ٻوريءَ طرح شانت ۽ اڏول رھندا آھن.

منمکن جي ھردي جو ڪمل اُنڌو ٿيل ھوندو آھي، جنھنڪري اُن ۾ پرماتما جي ديا مھر جو امرت نہ سمائجي سگھندو آھي.

---

۱. بيشمار ڌن کي ڌرتيءَ ۾ دٻي رکي ٿو پر اُن ٻي الٽ پريوءَ کي پيار نٿو ڪري.

۲. جن دولت سان پيار ڪيو، اُھي پريوءَ کي وڃائي ويٺا.

۳. پنھنجي ڪوشش سان جي پريو ملندو ھجي نہ جيڪر سڀ ڀاڳوان ٿي پون.

سڄو سنسار پنجن وڪارن جي اڳيءَ ۾ جلي خاڪ ٿي رهيو آهي. صرف اهي ئي اهڙي اڳيءَ مان بچي سگهن ٿا، جيڪي گروءَ جي نام يا شبد جي اوٽ وٺن ٿا.

پنڇي، پتنگ، هاٿي، مڇي ۽ هرڻ صرف هڪ هڪ اندريءَ جي سواد ڪارڻ يعني نڪ، اکين، ڪام، جيڀ ۽ ڪنن جي ڪري تباهه ٿين ٿا ۽ ڦاٿا ڦاٿي جان وڃائين ٿا. منش جي هردي ۾ پنج ئي وڪار ڀريل آهن. هو ڪام وس ٿي ڪاميءَ (ناريءَ) جي پٺيان ڀٽڪندو رهي ٿو. انهيءَ سبب منش جي من جي شانتي ختم ٿي وڃي ٿي ۽ هو نام کي وساري، پڃي ۽ عزت پڻ گنوائي ٿو وهي. مدمست جهڙو پرائي ناري، پرائي ڌن ۽ ايرکا (پرائو سک ڏسي سهي نه سگهڻ) ڪارڻ دکن ۾ گهيريل رهن ٿا.

منمک ان وڏوا استريءَ سمان آهي، جيڪا ڪام ۽ ڌن جي موهه ۾ ڦاٿل پرائي پرش کي ڏسي ٿي چڙهي، پر انکي پتيءَ سان ڪڏهن نه سچو سک يا سچي شانتي نٿي پراپت ٿئي. اهڙي طرح جيستائين ان پرماتما سان ميلاپ نٿو ٿئي، تيستائين ڪنهن کي نه گرنٿن پوٿين جي پاٺ ۽ ٻين ڪيترن قسمن جي ڪرم ڪانڊن مان ڪڏهن نه سچو سک ملي نٿو سگهي.

سيوا ايڪ نه جانس اوري پرپنچ بياڌ تياگي ڪوري،
پاءِ ملي سچ ساچي سچ ري.
انسا رام پکنس جن هولي هر گڻ گاءِ ملي مل ڌولي،
اوتدو ڪول سڪل سنساري درمت اگن جگت پر جاري،
سو اُبري گر سبد بيچاري.
ڀرنگ پتنگ ڪنچر ار مينا مرگ مري سهه اپنا ڪينا،
ترسنا راچ تت نهي بينا.

ڪام ڇتيءَ ڪامڻ هٿڪاري ڪرود ٻاسيءَ سگل وڪاري،
ٻت مت ڪووهه نام وساري.

ٻر گهر ڇمت مدمڪ ڏولاءِ گل جيوري ڏنڍيءَ لپٽاءِ،
گرمڪ ڇورنس هر گڻ گاءِ.

جنهن لن ٻڌوا ٻر ڪنهن ڏيئي ڪام دام ڇت ٻروس سيئي،
ٻن ٻر لرپت نه ڪبهر هوئي.

ٻڙ ٻڙ ٻوتي سمرت ٻانا ٻيد ٻراڻ ٻڙيءَ سڻ ناٽا،
[1] ٻن رس رالي من ٻهه ناٽا.

[2] جنهن چالڪ جل ٻرلم ٻٽاسا جنهن ميما جل ماهه الاسا،
نانڪ هر رس ٻپي لرپٽاسا.

(گوڙي، م ١-٢٢٥)

## ٦. ڪال

ڪال، جم يا ڌرمراڄ، سنسار جي ڪنهن به پراڻيءَ جو لحاظ نٿو ڪري. وڏا وڏا راجا مهاراجا ۽ انهن جي پرجا، چوڌري، حاڪم، سردار، قاضي، شيخ ۽ فقير ڪال جي ڦهري ڇڏائي مان ٻچي نه سگهيا. ڪال جپ، ڪڏن ۽ اکين وغيره ذريعي اساڄي سامهون اچائن ترشدائن ۽ وشيه وڪارن وغيره جي ڄار وڇائي ٿو ڇڏي. اندرين من کي ڀوڳن طرف مائل ڪن ٿيون ۽ ڪيس ٻڌڻجو غلام بڻائي ٿيون ڇڏين.

---

١. جيستائين من اندر پريوءَ جي پريم يا ڀڳتيءَ جي رنگ نه رڱجي ٿو، تيستائين هو ڪيترائي ڪيل تماشا وغيره ڪندو رهي ٿو، پر انهن مان ڪوبه لاڀ ڪونهي.

٢. جهڙيءَ ٻهڪي ۽ مڇيءَ جي پاڻيءَ لاءِ پياس صرف پاڻيءَ سان ئي ترپت ٿي سگهي ٿي، تيئن هريءَ جي ڀڳت کي هري رس يا رام نام روپي امرت پيئڻ سان ئي ترپتي يا شانتي پراپت ٿيئي ٿي.

برهما، وشنوءَ ۽ مهيش دوارا ڪال سنسار جي اُتپتي، پالنا ۽ سنگهار ڪري ٿو. اهي ٽيئي ديوتا اُن پرماتما جي حڪم موجب ڪم هلائي رهيا آهن. انهن جي پنهنجي وس ۾ ڪجهه بہ ڪونهي.

گروءَ صاحب جن اُپديش ڪن ٿا تہ اُن سرو سمرٿ ڪل مالڪ جي ئي پوڄا، ڀڳتي يا پرارٿنا ڪرڻ جڳائي ۽ نہ ديوين ديوتائن وغيره جي، جيڪي خود جمڻ مرڻ جي چڪر ۾ ڦاٿل آهن ۽ ناسونت آهن.

اهو پريو سڀني ديوي ديوتائن کي ڏسي ٿو، پر حيرت جي ڳالهہ آهي تہ ديوي ديوتا اُن کي ڪين ڏسي سگهن. اهي ديوي ديوتا رچنا جو حصو آهن، پر اهو اڪار پرماتما پاڻ سڀني جو ڪرتار سرجڻهار آهي. جيڪو منش ستگروءَ جي شرڻ ۽ سيوا ۾ پڪو نشچو رکي ٿو ۽ من کي شبد يا نام سان جوڙي رکي ٿو، اُهو ڪال يا ديوي ديوتا ڪجهه بہ بگاڙي ڪين سگهن.

¹ پرٿمي برهما ڪاليو گهر آئتا    ڀرهم ڪمل پتال لے پالتا،
² آگيا نهي ليمي پرم ڀلالتا.
³ جو اُپجيو سو ڪال سنگهارتا    هم هر راکي گر سبد بيچارتا.
ماتا موهي ديوي سب ديوا    ڪال نہ ڇوڊي بن گر ڪي سيوا،
اوهہ ابناسي الکہ اڀيوا.

---

١. پهرين ڪال برهما کي پيدا ڪيو. هو ڪنول گل ۾ داخل ٿيو. هن پاتال جي کوج ڪئي، پر ڪيس پرماتما جو درشن نہ ٿيو.
٢. هن پرماتما کان آگيا نہ ورتي، انهيڪري مايا جي ڀرم جو شڪار ٿيو.
٣. جيڪي پيدا ٿيو آهي، سو سڀ فنا آهي. صرف گروءَ جي شبد جي ڪمائي ڪرڻ وارا ئي ڪال کان بچن ٿا.

سلطان خان بادشاهه ٿي رهندا، لاکهه پئُليءَ جم ڪا دڪ سهندا،
مٺ ڌر نام جٺ راکهه رهندا.

چوڌري راجي ٿي ڪسيءَ مقام، شاهه مرهه سنچهه مانئا دام،
مٺ ڌن ديجيءَ هر امرت نام.

رعيت مهر مقدم سڪداريءَ، ٿيچل ڪوءِ نه دسيءَ سنساريءَ،
¹ اقرنه ڪال ڪوڙ سر ماريءَ.

ٿيچل ايڪ سچا سچ سولي، جن ڪر ساچي لنهه سب گوئي،
اوهه گرمکه جا پيءَ تان پس هوئي.

قاضي سيخ پيسکه فقيرا، وڏي ڪهاوهه هؤميءَ تن پيرا،
ڪال نه ڇوڏيءَ بن ستگر کي ڌيرا.

² ڪال جال جهوا اَر لٺٽي، ³ ڪالي ڪال سٽيءَ بکه ٻٺٽي،
بن سبديءَ مؤئي دن رٺٽي.

هرديءَ ساچ وسيءَ هر ناءِ، ڪال نه جوهه سڪيءَ ڪڻ گاهه،
ناناڪ گرمکه سبد سماءِ.

(گؤڙي، م ١ - ٢٢٧)

### ٧. من مگل ساڪت ديوانا

گرؤ صاحب هن شبد ۾ من جي الذي مست حالتيءَ سان مشابهت ڪري رهيا آهن، جنهنکي اهنڪار جو نشو چڙهيل آهي، پر مستيءَ سان گڏ ڪيس الدر موت جو ڀؤ به ستائي رهيو آهي. صرف گرمکن جي ذسيل جڳتيءَ لي هلڻ، من

---

١. ڪال نهايت طاقتور آهي. اهو ڪوڙن کي، مڌمکن کي چوٽ ماريندو آهي.

٢. ڪال اسانکي جڀ، اکين ۽ ڪنن ذريعي ڦندهجي جار ۾ ڦاسائي ٿو.

٣. نندا جا زهر ڀريا وچن ڪنن سان ٻڌڻ ڪري به اسان لي ڪال جو اثر ٿئي ٿو.

پنهنجي نج گهر پهچي سگهي ٿو، جتي پهچڻ لئي ان جا سڀ ڏک ڏاو ختم ٿي وڃن ٿا.

ستگروءَ جي اُپديش پٽا من شانت ۽ اُتم ٿو ٿي سگهي. ستگرو شش کي هر طرح جي ڪرم ڪانڊ مان ڪڍي، شبد يا نام جي ڪمائيءَ ۾ لڳائي ٿو. گرو صاحب سمجهائين ٿا ته جڏهن پرماتما دَيا مهر ڪري ڪنهن جگياسوءَ جو پوري ستگروءَ سان ميلاپ ڪرائي ٿو ته ستگرو هنجو من اُستر ڪري ٿو ۽ سدا لاءِ ڪال جو ڏک هنجي من مان ڪڍي ڇڏي ٿو. ستگروءَ جي دَيا مهر سان سچ پيا پرمارٿ جي جيت ٿئي ٿي ۽ ڪوڙ يا مايا جي هار ٿئي ٿي.

من پنهنجن لتن جو پتلو آهي. هيءَ ڪرمن جي قانون ۾ ٻڌجي سنسار ۾ چڱا ۽ برا ڪرم ڪري ٿو. ممڪن جي من ۾ پدوي ۽ دولت جو پيار هوندو آهي، جنهڪو جنم مرڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. پر ستگروءَ جي سکيا ٿي هاڻ سان هوميع ناس ٿي ويندي آهي ۽ چوراسيءَ جي چڪر کان مڪتي ملندي آهي. ستگروءَ جي مت ٿي هلي، مش کي انهي لوڪن جو گيان پراپت ٿئي ٿو ۽ هو پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جي لائق بڻجي ٿو.

ستگروءَ جي سکيا يا اُپديش تي عمل ڪرڻ سان، من آشا ترشنا کان ڇوٽڪارو پائي ٿو ۽ ڪمس اندر نام يا شبد جو امرت پيئڻ لاءِ ملي ٿو. اهڙو مش نهايت شان مان سان ڏهين دوار ۾ داخل ٿيندو آهي. پورڻ گروءَ جي نام يا شبد سبب مش تر پڙ ٿي، پنهنجن پنجن وڪارن روپي دشمنن کي جيتي وٺندو آهي. هن کي اندر اهڙ شبد جو اهڙو الوڪڪ ناد ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، جو هو هر طرح جي ٻاهرئين سنگيت کان منهن موڙي ڇڏيندو آهي. انهيءَ دسوين دوار ۾ داخل ٿيڻ تي هنکي پاڻ سڃاڻڻ جو گيان پراپت ٿئي ٿو. پوءِ هنکي معلوم ٿيندو آهي ته منهنجو

اصلي روپ سرير ٻاهر يا اندر ٻين ڪونه آهن، پر شبد، نام يا پرماتما آهي. اهڙي طرح هنجي اندر پرماتما جو سچو پيار پيدا ٿئي ٿو ۽ هو انهد شبد جي سريلي ۽ مڌر ڌن ۾ مگهن ٿي ويندو آهي.

گروءَ صاحب جن شبد جي آخر ۾ ارداس ڪن ٿا ته شل اسانکي به ستگروءَ جي چرن ڪنولن جي اوٽ اجهو ملي وڃي، جيئن اسانجو به پرماتما سان ميلاپ ٿي وڃي.

[1] من مئگل ساڪت ديوانا    بن کنڊ مائيا موهه حيرانا.
[2] اِت اُت جاهه ڪال ڪي چاپي    گرمک کوج لهي گهر آپي.
بن گر شبدي من نهي ٺؤرا،
سمره رام نام اَت نرمل    اور تياگهه هؤمي ڪؤرا.
اهه من مگڌ کهه ڪٺ رهسي    بن سمجهي جم ڪا دک سهسي.
آپي بخشي ستگر ميلي    [3] ڪال ڪنٽڪ ماري سچ پيلي.
اهه من ڪرما اهه من ڌرما    اهه من پنچ تت تي جنما.
ساڪت لوڀي اهه من مؤڙا    گرمک نام جپي من رؤڙا.
[4] گرمک من استاني سوئي    گرمک ترڀون سوجهي هوئي.
اهه من جوگي ڀوگي تپ تاپي    گرمک چينهي هر پرڀ آپي.
من بيراگي هؤمي تياگي    گهٽ گهٽ منسا د بڌا لاگي.

---

١. من مدمست ۽ مورک هاٿي آهي، جيڪو مايا وي سنسار روپي جهنگل ۾ فضول ڀٽڪي رهيو آهي.

٢. هو ڪٿي ڪيڏانهن به ويندو ته به ڪال يا موت جي چنبي کان نه بچندو.

٣. گروءَ ڪال جو انڪش هٽائي ٿو ۽ من سچ دوارا پرڀتا حاصل ڪري ٿو.

٤. جيڪو من گرمک معنيٰ گروءَ جي مت تي هلي، پنهنجي استان لوڪتيءَ ۾ پهچي وڃي ٿو، ان کي گروءَ دوارا ٽنهي لوڪن جي سوجهي ٿئي ٿي.

رام رسائڻ گرمکہ ڄاڳيو — ڏر گهر محلي هر ٻت راڳيو
اهہ مَن راجا سور سنگرام — اهہ مَن نرڀئہ گرمکہ لنام.
ماري پنچ اپڻو وس ڪيتي — هومي گراس اڪت تاءِ ڪيتي.
گرمکہ راڳہ سنّاد ان لٿاڳي — گرمکہ اهہ مَن ڀڳتي جاڳي.
انحد سڻ ماڻتا سبد ويچاري — آتم چينهه ڀئي نرنڪاري.
اهہ مَن نرمل ڏر گهر سوڀي — گرمکہ ڀڳتي ڀاو ڌن هوني.
اهنس هر جس گر پرساد — گهٽ گهٽ سو پرڀ آد جگاد.
رام رسائڻ اهہ مَن ماتا — [1] سرب رسائڻ گرمکہ جاتا.
ڀڳتي هيت گر چرڻ نواسا — نانڪ هري جن ڪي داسن داسا.
(آسا، م ١-٤١٥-٤١٦)

## ٨. بنڌن مات پتا سنسار

ستگروءَ جي شيوا سان ئي پرماتما جو گيان حاصل ٿئي ٿو. ستگرو شبد جو ڀيد ڏيندو آهي، جنهن سان پرمارٿ جو گيان ٿيندو آهي. گروءَ جي مت تي هلڻ وارو جيو سدائين لاءِ ڏکن ۽ چنتائن کان مڪت ٿي ويندو آهي.

سنسار جا سڀ مت مائٽ ۽ سنٻنڌي، جن سان اسانجو موهه آهي، اسانجي بنڌن جو ڪارڻ آهن. ماتا پتا، ڌيئر پٽ ۽ استري وغيره سڀ بنڌن آهن. هؤمي جي وس ٿي جيڪي ڪرم اسين ڪريون ٿا، اهي به بنڌن ۾ وجهن ٿا. انهن جو ڦل ڀوڳڻ لاءِ اسانکي بار بار سنسار ۾ جنم وٺڻو پوي ٿو. سنسار جا سڀ ڪرم ۽ پدارٿ به بنڌن جو ڪارڻ آهن. هاريءَ جي کيتي، راجا جو محصول، امير جو ڌن وغيره سڀ بنڌن ئي بنڌن آهن.

وديا، پنڊتپڻو ۽ گرنٿن جو پاٺ يا انهن جي باري ۾ سوچ ويچار ڪرڻ به بنڌن آهي، ڇاڪاڻ ته انهن مان به

١. سڀني دوائن ۾ اُتم، سربوتم دوا شبد يا نام آهي، جو ستگروءَ کان ملندو آهي.

هؤميءِ وڏي ٿي. مايا جو ڄار نهايت وڏي الڏاڙ ۾ ڦهليل آهي ۽ سنسار جا سڀ پراڻي ان ۾ ڦاٿل آهن. ڪل مالڪ، پرماتما جي سچي ڀڳتيءَ کانسواءِ الهيءَ ڄار مان ڪڏهن به ڇوٽڪارو نٿو ٿي سگهي.

آخر ۾ گرو صاحب ارداس ڪن ٿا ته شال پوري ستگروءَ جي شرن ملي وڃي، جيئن مايا ۽ ڪال جي اهڙي ٻنڌن روپي ڄار مان ڇوٽڪارو پراپت ٿي سگهي.

گر سيوي سو ٺاڪر جاڻيءِ   دوک مٽيءِ سچ سبد پڇاڻيءِ.
رام جپهه ميري سکي سکڻي   ستگر سيو ديکهه پرڀ نئڻي.
ٻنڌن مات پتا سنسار   ٻنڌن ست ڪنيا اَر نار.
ٻنڌن ڪرم ڌرم هئُم ڪيئا   ٻنڌن پت ڪلت من ٻيئا.
ٻنڌن ڪرکي[1] ڪرهه ڪرسان   هؤميءِ ڏنُ سهيءِ راجا منگيءِ دان.
ٻنڌن سؤدا اڻ وياري   ترپت ناهي مايا موهه پساري.
ٻنڌن ساهه سنچهه ڌن جاءِ   بن هري ڀڳتي نه پوئي ٿاءِ.
ٻنڌن بيد باد اهنڪار   ٻنڌن بنسي موهه وڪار.
نانڪ رام نام سرڻائي   ستگر راکي ٻنڌ نه پائي.
(آسا م ۱-۴۱٦)

## ۹. سڻ هرڻا ڪاليا

هن شبد ۾ گرو صاحب جن من جو ورلن ڪيترن ئي مثالن دواران ڪيو آهي. من کي ڪارو هرڻ چيو اٿن، جيڪو هميشه مايا جي ڀوڳن روپي واڙين ۾ ڪيترن ڏانهن وڃڻ چاهيندو آهي. مورک اهو نٿو سوچي ته وشيه وڪارن جا سک ۽ اندرين جا ڀوڳ، جن ڏانهن هو بار بار ڊوڙي ٿو، سي سڀ چئن ڏينهن جا ڪيل آهن، جڏهن ته ڪيس ٻي الٽ جوڳن نا جنمن تائين دک سهڻا پوندا. من ۽ آتما کي صرف

۱. ڪرکي = ڪرشي، کيتي واڙي. ڪرسان = ڪسان، هاري.

پرماتما جي ڀڳتيءَ ۽ سندس نام جي ڪمائيءَ مان ئي سچو سک ملي سگهي ٿو. ٻيا سڀ اُپاءَ تباهي ۽ موت جي گهاٽيءَ ڏانهن وٺي وڃن ٿا.

گروُ صاحب مَن کي دنيا جي سهڻين شڪلين ۽ سڳندين (وشيه وڪارن) جي چوڌاري ڀوَن ڀوَن ڪندڙ ڀنئرو نه ڪوٺين ٿا. ڀنئرو گلن جي اندر بند ٿي پنهنجي جان وڃائي ويهندو آهي. اهڙيءَ طرح اگياني جيو سنسار جي ڀوڳن پٺيان لڳي برباد ٿي وڃي ٿو.

گروُ صاحب کولي سمجهائين ٿا ته شبد جي مارگ کي ڇڏي، ٻئي ڪنهن به مارگ تي هلڻ سان آخر ۾ پڇتائڻو پوندو. شبد ڪانسواءِ آتما اگيانتا جي انڌيري ۾ ٿي ڀٽڪندي رهي ٿي.

گروُ صاحب اُپديش ڪن ٿا ته هيءُ سنسار آتما جو اصل ديس ڪونهي. آتما کي ڪال جي ڄار کان ڇڏائي رهڻ گهرجي، نه ته هوءَ به ڪال روپي مهاڻي جي ڄار ۾ ڦاسي، مڇيءَ وانگر تڙڦي تڙڦي مري ويندي. آتما رام نام جي سمرن سان ئي ڪال جي ڄار کي ٽوڙڻ جي لائق ٿي سگهي ٿي. پنهنجي سروت کان وڇڙيل نديون، وڏن پاڻين سان ٿي واپس پنهنجي اصلي گهر (ساگر) ۾ سمائجيون آهن. ساڳيءَ طرح پرماتما کان وڇڙيل جيو آتمائون به سندس ديا مهر سان ٿي ساڻس ملي، اُهيءَ ۾ سمائجي هڪ ٿي سگهن ٿيون.

اهي ڪي وِرلي ڀاڳن وارا ۽ خوش نصيب منش آهن، جن کي ستگروءَ دوارا اهڙو گيان پراپت ٿئي ٿو ته دنيا جا ڀوڳ ۽ پدارٿ مايا جي ڇلڪن مثل آهن، نه ته اِهيءَ حالت ۾ گهڻو ڪري پرماتما جي نام کان ڀليل جيو هن ماياوي سنسار ۾ ئي ٺوڪرون کائيندا رهن ٿا ۽ ڪال جون چوٽون سهندا رهن ٿا.

۱ لوڻ سڃ هرڻا ڪالڻا ڪي واڙيءَ رانا رام،
۲ ٻڪ ڦل مٺا چار ڏن ڦر هوويو ٽانا رام.
۳ ڦر هوءِ ٽانا ڪرا مالا نام ٻن پرنائي،
۴ اوهه ڇيو سانڙ ڏيئه لهري ٻجل جوئي چمڪئي.
هر ٻاجهه راڪا ڪوءِ ناهي سوءِ لجهه ٻسارنا،
سچ کهيو نانڪ چيت ري من مرهه هرڻا ڪالڻا.
۵ پورا ڦول پولنٽا ڏکه اس پاري رام،
ڏنئه ڪر پوچنا آپڻا ساچا ٻيچاري رام.
ٻيچار سنگر مجهيو پوچڻا پور ٻيلي رالئو،
سورج چڙنا پيسي پڙنا ليل ناوڻ لالئو.
۶ جم مڪ ٻاڌا ڪاهه چونا سبد ٻن ٻي ٽالا،

---

۱. من روپي هرڻ وشيه وڪار جي واڙيءَ ۾ ڦاٿو ٿو ڦاسي.

۲. وشيه وڪارن جا زهر روپي ڦل، جي چار ڏينهن مٺا لڳن ٿا، آخر ۾ دکن جو ڪارڻ ٿين ٿا.

۳. جن گلن تي ڀونر مست آهن، اُهي ڀلا ئي لوڪي ڏاڍو دکه سهڻو پوندو. پرڻائي = اهڻ.

۴. سنسار جي ڀوڳن جي چمڪ ڏمڪ، سمنڊ جي لهر ۽ ٻجليءَ جي ڪرڻن وانگر ڪڻ ڀنگر آهن.

۵. ڀنئرا گلن جي اندر ٻند ٿي ويندا آهن. گلن مان عطر ڪڍڻ وارا گل ٽوڙي، تيل جي ڪڙهندڙ ڪنيءَ ۾ وجهندا آهن. ڀنئرا ۽ اُهي جي وچ ۾ ئي ٽتل تيل ۾ ٽرجي مري ويندا آهن، اهوئي حال وشيه وڪارن جي لوڀي انسان جو ٿئي ٿو.

۶. شبد ٻنا جمدوت لوڪي ٻڌي، نرڪ جي راهه تي مار ڏيندا ونئي ويندا. بيتال هڪ قسم جو ڀوت پريت ٿيندو آهي، جيڪو مردي سرير ۾ رهندو آهي. گروُ صاحب جن هن شبد ۾ وشيه وڪارن ۾ لپٽيل منش کي بيتال چون ٿا، جو ڪ بيتال وانگر انسان جو من مڙدي روپي جڙ وشين ۾ الجهيل رهي ٿو.

سچ کهي نانڪ چيت ري من مرهه ٻورا ڪالئا.
مورکي جيئڙا پرديسيئا ڪت پوهه جنجالي رام،
ساچا صاحب من وسيءِ ڪي ڦاسيءِ جم جالي رام.
مڇلي وڇنڊي اسٽ راسي جال بڌڪ پائيا،
سنسار مائيا موهه ميٺا الت ڀرم چڪائيا.
ڀڳتي ڪر چت لاءِ هري سٺ ڇوڙ منهه انديسئا،
سچ کهي نانڪ چيت ري من جيئڙا پرديسيئا.
نديئا واهه وڇنيا ميلا سنجوڳي رام،
[1]جگه جگه ميٺا وس ڀري ڪي جاڻي جوڳي رام.
ڪولي سهج جاڻي هري پڇاڻي ستگرو جن چيتئا،
بن نام هري ڪي ڀرم ڀولي پچهه مگنٽ اچيتئا.
[2]هري نام ڀڳتي نه رديءِ ساچا سي انت ڌاهي رنئا،
[3]سچ کهي نانڪ سبد ساچي ميل چري وڇنئا.
(آسا، م ١، ٤٣٨-٤٣٩)

## ١٠. ڪرڙي ڪاگد من مسواڻي

هن شبد ۾ گرو نانڪ صاحب جن ڪرمن جي سڌانت جو نهايت سهڻو چٽر چٽيو آهي. اسانجا ڪرم، زندگيءَ جي پستڪ ۾ دنيا جي حساب ڪتابن وانگر لکيا ويندا آهن. اهو ليکو اسانجي چڱن ۽ مندن ڪرمن انوسار سٺو ۽ خراب آهي. بار بار کيل ڪرم سنسڪارن جو روپ وٺن ٿا.

---

١. جگه جگانترن کان مٺا لڳندڙ پر زهر ڀريل وشيه وڪارن جي اصليت کو ورلو گياني سمجهندو آهي.

٢. جنهن هردي ۾ رام نام جي سچي ڀڳتي ناهي، اهي آخر ۾ ڌاهون ڪري روئندا آهن.

٣. مدت کان وڇڙيل آتمائون شبد دوارا ئي پرماتما سان ميلاپ ڪري سکهن ٿيون.

گروُ صاحب جن چڱيءَ طاقتور مَن کي پرماتما جي نام جي ڪمائي ڪرڻ جو اُپديش ڪن ٿا ته جيئن نام کي وسارڻ سبب مرجهايل ليکيون وري هرڀون ڀريون ٿي پون.

گروُ صاحب فرمائين ٿا ته، راس ۽ ڏينهن هڪ جار سمان آهن، جنهن ۾ سڀ مدش ڦاٿا پيا آهن. سرڄ انيءَ وانگر آهي، جنهن ۾ پنجن وڪارن جي اگني جلي رهي آهي. اُهيءَ ٻنيءَ ۾ پاپن روپي ڪاٺيون اُسري رهيون آهن، جيڪي مَن کي جلائي خاڪ ڪن ٿيون. پر انهن هوندي به من روپي لوهه، ستگروءَ روپي پارس جي ڇهاءَ سان سون بڻجي سگهي ٿو. ستگرو اهڙي مَن کي نام يا شبد جي امرت سان نرمل بڻائي ٿو ڇڏي. پوءِ هوُ جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽي ٿو پوي.

[1] ڪرٽي ڪاگد مَن مسواٽي پرا پلا دءِ ليکہ پئي،
[2] جنہ جنہ کرت چلائي لنہ چليئي لنہ گڻ نااهي الت هري.
[3] چت چيتس ڪي نهي باوريا هر بسرت تيري گڻ گلتا،
[4] جالي رنڻ جال دن هوتا جيتي گهڙي ڦاهي ليتي.

---

١. اسانجي ڪرٽي ڪاغذ، مَن مس ۽ ليک يا بد ڪرم ليکي سمان آهن.

٢. جيئن ڪرمن الوسا رڄيل پرالبڌ اسانکي هلائي ٿي، تيئن اسانکي هلڻو پوي ٿو. ڪوبہ ڪرمن ذريعي ان هريءَ جو الت پائي نٿو سگهي.

٣. هي موڙهہ، تون اُن پرڀوءَ جو سمرن ڇو نٿو ڪرين، جنهنکي وسارڻ سان تنهنجا گڻ ناس ٿي ويا آهن.

٤. رات ۽ ڏينهن جار سمان آهن. هر گهڙي جيڪا گذري رهي آهي، ان ۾ ڪيل ڪرم اسان لاءِ ڦاسي بڻجندا ٿا وڃن.

[1] رس رس چوڪ چکهه لت ڦاسهه    چونس موڙي ڪوڻ ڪٽي،
[2] ڪاڻتا آرڻ مــن وچ لوها    پنهنج اڳن لت لاڳ رهي،
[3] ڪوئلي ڀاپ ڀڙي ٽس اوڀر    من جلتا سڌمي چدمت پئي.
[4] پٽتا مدور ڪدهن ڦــر هوويو    جــي گــر مليو ٽميها،
[5] اڀڪ لــام امرت اوهه ڊڀــريو    لڳ ناڪ ترسٽس ديها.
(مارو م ١-٩٩٠)

## ١١. منمڪ

اهو گهت ۾ رمهل رام، وشيه وڪارن ۽ ڀاڻن روپي دٽن کي ناس ڪرڻ وارو آهي. ان اگر ۽ اڻاهه ڀرپور جو گيان ۽ ٽاهه يعني سوجهي ستگروءَ جي اپديش جي پالنا ڪرڻ سان پوي ٿي. جيڪو منش گروءَ کي پڌهجو رهبر پڌهجو سچو سهارو سمجهي ٿو ۽ انهي سکيا تي هلي ٿو، سو جلدي ئي ڀوساگر کان پار ٿي وڃي ٿو.

اهڙي گرمک جي اتڙ مدمک، جيڪو من کي ٿي اڳوان مڃي ٿو ۽ جدهجي هلائيندڙ شڪتي من آهي، سو جنم مرڻ

١. لون ڀوڳن جي رس ڪري لوڀ لالچ جي ڄار ۾ ڦاسي ٿو وڃين. ڪهڙن ڪٽن سان لون ان ڄار مان ڇٽندين؟

٢. ڪاڻا روپي ڀٺيءَ ۾ من روپي لوهه لڳي رهيو آهي ۽ پنهن وڪارن جي اڳدي ٻري رهي آهي.

٣. ڀــاپ ڪوئلن سمان آهن ۽ انهن تي من جلي رهيو آهي. چدتا، سنسي يعني وڏيءَ پڪڙ وانگر من روپي لوهه کي پڪڙي رکيو آهي ۽ هوءَ ڪال روپي لوهار جون چوٽون سهي رهيو آهي.

٤. گروءَ روپي پـارس جي ملڻ سان من روپي مدوُر يعني ڪٽ چڙهيل لوهه ٻه سون ٿي پولدو.

٥. جي گروءَ لــام روپي امرت جي ڏاس ڏئي ته ديهه جي پياس، آشا ترشنا مٽي وڃي.

جون نوڪرون ڪانئيندو رهي ٿو. انهيءَ جي شبھ ڪرمن جو ڪوبه شبھ ڦل نٿو نڪري، جنھنڪري جمدوت انهي ٻڌي عزلي ڪن ٿا. جيڪا ڏهاڳڻ جيوآتما پنهنجي سچي پريتم (پرماتما) کي وساري، پر پرش يعني سنساري رشتن ناتن سان رنگ رليون ماڻيندي ڦري ٿي، سا ڪڏهن به پتي پرماتما جي گهر قبول پئجي نٿي سگهي.

سنسار جي ٻنڌن ۾ ڦاٿل منمک هتي به اهڙي دک سهي ٿو ۽ موت ڪاڻپوءِ به نرڪن جي پيڙا ۾ پيڙجي ٿو، نرڪن جي آگ ۾ جلي ٿو. ڌرمراج اهڙن پاپين لاءِ ڪوبه قياس نہ ڪندو آهي. منمک سدائين آشا ترشنا جي اگنيءَ ۾ جلندو رهي ٿو. هو انهن بڇڙي حيوانيت ورتي اختيار ڪري ٿو ۽ بري طرح پاپن وڪارن ۾ الجهي وڃي ٿو.

دنيوي منش بري طرح ڦاٿل پئن، من مائٽن، استري ۽ اولاد جي موه ۾ جڪڙيل آهن. اهو سڄو مايا جو پسارو آهي، اهو پرم پوري گروءَ جي درشن سان ئي دور ٿيندو آهي.

منمک غلط راهہ تي هلي نرڪن جي باهہ ۾ جلي ٿو، پر گرمک ستگروءَ جي بخشيل نام جو امرت پي امر ٿي وڃي ٿو. ستگروءَ جي اپديش تي عمل ڪرڻ سان هنجي من ۾ اهڙي شڪتي پيدا ٿئي ٿي، جو هو صبر شڪر سان پرالبڌ جون چوٽون برداشت ڪري سگهي ٿو. هنجي پورن ۾ دنيا ۾ چانيل دکن روپي ڪنڊن جو ڪوبه اثر نٿو ٿئي.

منمک اُن پٿر سمان آهي، جيڪو پاڻيءَ ۾ به پُسجي نہ پسي نٿو. هو پنهنجو الٽ سمو پلائي ٿو وهي ۽ من جي مت نٿو ليائجي. هؤمي يا دويت، منمکن جي بربادي جو ڪارڻ ٿئي ٿو. انهيءَ هؤمي جو هڪڙو ئي علاج آهي اُن پرم پتا پرماتما جو سچو پريم، جنھنجي بخشش پوري ستگروءَ کان ملندي آهي.

[1] آسو سنگهارڻ رام همارا    گهٽ گهٽ رمئيا رام پيارا،
نالي الک نہ لکئيو مولي    گرمک لکہ ويچارا هي.
گرمک سادو سرڻ تماري    کر کرپا پرڀ پار اُتاري،
[2] اگن پاڻي ساگر اتِ گهرا    گر ستگر پار اُتارا هي.
منمک انڌلي سوُجهي ناهي    آوهہ جاهہ مرهہ مرجاهي،
پورب لکئا ليکہ نہ مٽئي    جمدر انڌ خئارا هي.
اک آوهہ جاوهہ گهر واس نہ پاوهہ    کرت کي باڌي پاپ کماوهہ،
انڌلي سوجهي بوجهہ نہ کائي    لوڀ بُرا اهنکارا هي.
[3] پِر بن کئا تس ڌن سيگارا    پَر پِر رالي خصم وسارا،
[4] جئن بيسئا پوت باپ کو کهئيو    تئن ڦوکٽ کار وکارا هي.
[5] پرهت پنجر مهہ دوک گهنيري    لرک پچهہ اگيان انڌيري،
ڌرمراءِ کي باقي ليجئي    جن هري کا نام وسارا هي.

---

١. گهٽ گهٽ ۾ رميل شبد روپي رام، وڪارن روپي دشمن کي ناس ڪرڻ وارو آهي.

٢. سنسار وشيہ وڪارن جي آگ ۽ پاڻيءَ جو گهرو ۽ ڀيانڪ سمنڊ آهي، جنهن مان ستگرو ئي پار اُڪاري سگهي ٿو.

٣. پتيءَ کي وساري پرائي پرش سان پيار ڪندڙ استريءَ جو سينگار وئرٿ آهي. مطلب تہ پرماتما جو سچو پيار تياڳي ٻين اشٽن جي ڀڳتي يا ڌرم ڪرم ڪرڻ فضوُل آهي.

٤. ونشيا جي پٽ جو پتا ڪنهن کي چئبو؟ اهڙيءَ طرح منمکن جي ڀڳتي ڪنهن بہ ليکي ۾ نہ لڳندي.

٥. هن سرير روپي پوُسٽ جي پڃري ۾ نهايت گهڻا دک آهن. اگيان جي انڌيري ۾ رهي منش نرڪ ۾ وڃي دک ڀوڳي ٿو. گروُ صاحب سرير کي پوُسٽ جو پڃرو چيو آهي، ڇو تہ هن ۾ من روپي پوُسٽ رهي ٿو.

[1]سورج ڪوٽي اڳن ڀڪ جهالا اُپت پسؤ مدمڪ پيتالا،
آسا منسا ڪُوڙ ڪماوهه روڳ ٻرا ڀرتارا هي۔
مستڪ ڀار ڪار سر ڀارا ڪٽ ڪر پوجل لنگهس پارا،
[2]سَتگر بوهٿ آد جڳادي رام نام نستارا هي۔
[3]پتر ڪلتر جڳ هيت پيارا مائنا موهه پسرئا پاسارا،
جم ڪي ڦاهي سَتگر ڪوڙي گرمک لت بيچارا هي۔
[4]ڪوڙ منني چالي ٻهه راهي مدمڪ داجهي ڍڙ ڍڙ ڀاهي،
[5]امرت نام گرؤ وڏ دائتا نام جپهه سک سارا هي۔
سَتگر تُٺا سچ ڊرڙائي سڀ دک ميٽي مارگ پائي،
[6]ڪنڊا پاءِ نه ڳنڍلي مؤلي جس سَتگر راکنهارا هي۔
کمهه کوهه رليؤ لن چهجي مدمڪ ڀاگر سٽل نه پيچي،
ڪرڻ پلاو ڪري بهتيري نرڪ سرڳ اوتارا هي۔

---

١. هتي گرؤ صاحب نرڪن جي ايڪ قسمن جي دکن ڪٽڻ جو ذڪر ڪري رهيا آهن. اُپت = جنهن جي پت (عزت) نه هجي. مدمڪ پنهنجي پت وڃائيندا آهن ۽ نرڪ جي اگنيءَ ۾ سڙندا آهن.

٢. آد جڳاد کان سَتگرو ڀوساگر کان پار ڪرڻ لاءِ جهاز جو ڪم ڪندو آيو آهي.

٣. پت، ڌيئر، استري ۽ سنسار جو پيار، موهه مايا جو پسارو آهي.

٤. ڪوڙ جي نڪار دنيا، گرمت جو مارگ ڇڏي، ايڪ ٻين رستن لي هلي ٿي ۽ مايا جي اگنيءَ ۾ سڙي ٿي.

٥. سَتگرو مهان دائتا آهي، هؤ سڀني نام روپي امرت جي ڏات ڏئي ٿو، جو سڀني سک جو سار يا مؤل آهي.

٦. جنهن جو سَتگرو رکوالو آهي، انهي پيرن ۾ مايا وي دکن جا ڪنڊا نٿا چڀن.

[1] مائيا ٻڌي پتنگم نالي ان ڏٺدا گهر بهتي گالي،
ستگر باجهه پريت نه اپجي ڳٽي رلي ٻُٽيارا هي.
ساڪت مائيا ڪڻ ٻهه ڏاوهه نام وسار ڪها سڪهه پاوهه،
نرهه گڻ انتر ڪمهه ڪپاوهه ناهي پار اُتارا هي.
[2] ڪوڪر سوڪر ڪهيئهه ڪوڙيارا ٻوڪ مرهه ڄهؤ ڄهؤ پؤهارا،
من تن جهوٺي ڪوڙ ڪماوهه درمت درگهه هارا هي.
ستگر ملي ته مدوٽا ٽيڪي رام نام دي سرڻ پراڪي،
هر ڌن نام امولڪ ڏيوي هر جس درگهه پيارا هي.
رام نام سادو سرڻائي ستگر بچني گت مت پائي،
نانڪ هر جپ هر من ميري هر ميلي ميلڻ هارا هي.
(مارو، ١-١٠٢٨-١٠٢٩)

## ١٢. گهر رهه ري من مگڌ اِئاني

هن شبد ۾ گرو صاحب مورک من کي سمجهائي رهيا آهن ته تون استر ٿي پنهنجي گهر اندر (اکين جي پنيان دسوين دوار ۾) ويهه ۽ بار بار ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش نه ڪر. گرو صاحب من کي هدايت ڪن ٿا ته مؤت کي ڪڏهن نه وسارڻ گهرجي ۽ نه ڪڏهن ان پرماتما جي نام کي ڀلائڻ گهرجي. جيڪي نام کي ڀلائي وهن ٿا، سي مؤت ۽ دکن جون چوٽون کائين ٿا. نام سان جڙڻ جي جڳتي ستگرو کان پراپت ٿيندي آهي. ستگرو کان نام جو ڀيد ملڻ کي هر روز نيمالتو نام جو ابياس ڪرڻ جڳائي.

---

١. مايا روپي زهريلي نانگڻ مدش سان گڏ رهي ٿي. مايا جي پيدا ڪيل ڀرم ڪيترن انسانن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي.

٢. مدمکه، ڪتي ۽ سؤر سمان آهن، جيڪي مايا جي لوڀ لالچ سبب ڀٽڪندا رهن ٿا ۽ بار بار جنم ۽ مرن ٿا.

گرو صاحب هن شبد ۾ انيڪ پرڪارن جي ڪرم ڪانڊ ۽ هٺ يوگ وغيره جو به کنڊن ڪن ٿا. نام يا پرماتما روپي سار پدارٿ جيڪو جي پنهنجي اندر ئي آهي، تنهن ڪري ان کي ٻاهر ڳولهڻ جو ڪرم جتن ڪڏهن به سڦل ٿي نه سگهندو.

جيڪو جيو پوري گروءَ جي شرڻ وٺي ٿو، ان کي جمدوتن هٿان پريشان ٿيڻو نٿو پوي. پورڻ ستگرو پرم گياني آهي ۽ هن جي اندر شبد گهر ڪري چڪو آهي. تنهنڪري ڪال يا ڪاما شيطاني طاقت پوري گروءَ جي شش جو وار به ونگو نٿي ڪري سگهي. پر منمک سنساري پدارٿن، موهه مايا، آشا ترشنا ۽ هئوميءَ ممتا جو شڪار رهي ٿو. هن جي من مان جمدوتن جو ڀؤ ڪڏهن به دور نٿو ٿئي ۽ هو جنم مرڻ جي اٿوت ۽ سدا چالو چڪر ۾ ڦاٿل رهي ٿو.

١ گهر رهه ري من مگڌ اناني    رام جپهه انترگت ڌيائي،
٢ لالچ ڇوڙ رچهه اپرنپر    ائيءَ پاوهه مڪت دئارا هي.
٣ جس بسرئي جم جوهڻ لاگي    سڀ سکه جاهه دکا ڦن آگي،
رام نام جپ گرمک جيئڙي    ايهه پرم تت ويچارا هي.
هر هر نام جپهه رس ميٺا    ٤ گرمک هر رس انتر ڏيٺا،
٥ اهنس رام رهه رنگ راتي    ايهه جپ تپ سنجم سارا هي.

---

١. هي موڙهه، اياڻا من، اندر ڌيان لڳائي نام جپ.
٢. دنيا جي لالچ ڇڏي ان اپر اپار پرڀوءَ سان پريم ڪر، اهوئي مڪتيءَ جو اصلي مارگ آهي.
٣. رام نام کي وسارڻ سان منش جمدوتن جو شڪار ٿئي ٿو.
٤. نام روپي مٺو امرت اندر گروءَ دوارا ملندو آهي.
٥. اندر ان رام نام سان جڙيو رهڻ ئي هر طرح جي پوڄا ۽ جپ تپ جو سار آهي.

[1] رام نام گر ٻڌي ٻولهه    سنت سڀا مهه اِهه رس ڏولهه ،
گرمت کوج لهه گهر اپنا    ٻهڙ نه گرڀ مجهارا هي .
[2] سچ تيرٿ ناوهه هر گڻ گاوهه    نت وچارهه هر لوَ لاوهه ،
[3] انت ڪال جم جوهه نه ساڪيءِ    هر ٻولهه رام پيارا هي .
ستگر پرکهه داتا وڏ داتا    جس انتر سانچ س سبد سماتا ،
جس ڪؤ ستگر ميل ملائي    تس چوڪا جم ڀئه ڀارا هي .
[4] پنچ تت مل ڪائتا ڪيني    تس مهه رام رتن لئه چيني ،
آتم رام رام هئه آتم    هر پائيئي سبد وچارا هي .
ست سنتوکهه رهه جن ڀائي    ڪما گهه ستگر سرڻائي ،
[5] آتم چين پرالم چينهه    گر سنگت اِهه نستارا هي .
ساڪت ڪوڙ ڪپٽ مهه ٽيڪا    اهنس نندا ڪرهه انيڪا ،
بن سمرن آوهه ڦن جاوهه    گرڀ جوني نرڪ مجهارا هي .
ساڪت جمڪي ڪاڻ نه چوڪيءِ    جمڪا ڏنڊ نه ڪبهو موڪيءِ ،
باقي ڌرمراء کي ليجيءِ    سر اڦرنو ڀار اڦارا هي .
بن گر ساڪت ڪهه ڪو ترنا    هؤميءِ ڪرتا ڀؤجل پرنا ،
بن گر پار نه پاويءِ ڪولي    هر جپيئي پار اُتارا هي .

---

۱. گروءَ جي هدايل جڳتيءَ سان رام نام جپيو. اهو سار پدارٿ سنتن کان ملندو آهي.

۲. اندر رام نام سان جوڙڻ، سچن تيرٿن ۾ اسنان ڪرڻ آهي. اندر اُن هريءَ سان لوَ لڳائڻ سان سچو گيان ملندو آهي.

۳. اهڙي طرح رام نام سان پريم ڪرڻ واري جي موت وقت جمدوت سندس ويجهو به نه اچي سگهندا آهن.

۴. پنجن تتن جي ڪايا اندر ڳولهڻ جي وستو رام نام ئي آهي.

۵. آتما کي سڃاڻڻ سان ئي پرماتما (پرم آتما) کي سڃاڻي سگهبو ۽ اها جڳتي ستگروءَ کان ئي ملندي آهي.

گر کي داس نہ ميٽي ڪوئي جس بخشي لس تاري سوئي،
جم مرڻ دک ايڙ نہ آوي من سو پرڀ اپر اپارا هي.
گر بن ڀولي آوهہ جاوهہ جم مرهہ ڦن پاپ ڪماوهہ،
ساڪت موڙ اچيت نہ چيتهہ دک لاڳي تا رام پڪارا هي.
سک دک پورب جم ڪي ڪيئي سو جاڻي جن داتي ڏيئي،
ڪسڪڙ دوس ڏيهہ تو پرالي سهہ اپڻا ڪيتا ڪرارا هي.
هؤمي ممتا ڪردا آئيا آسا منسا بند چلائيا،
[1]ميري ميري ڪرت ڪتالي چالي بکہ لادي چار بکارا هي.
[2]هر ڪي ڀگت ڪرهہ جن ڀائي اکت ڪٿهہ من مدهہ سمائي،
[3]اَت چلتا تاڪ رکهہ گهر اپني دک ڪاٽي ڪاڻهارا هي.
هر گر پوري ڪي اوٽ پرالي گرمکہ هر لو گرمکہ چالي،
نانڪ رام نام مت اوتم هري بخشي پار اُتارا هي.
(مارو، م ١-١٠٣٠)

## ١٣. ڪام ڪروڌ پرهر پر نندا

اندروني روحاني ترقي ڪري پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ پنجن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار روپي پنجن وڪارن جو تياڳ ڪيو وڃي. انهن وڪارن کي تياڳڻ بنا، اندر نام جو امرت پراپت ڪرڻ ناممڪن آهي. نام جي ڪمائيءَ سان جڏهن ٽي دوار خالي

---

١. منهنجي منهنجي ڪرڻ وارا منمک، پاپن جو زهر ۽ وڪارن جي چار ڪنڌي ڪري پاڻ سان کڻي ويندا آهن.

٢. پرڀوءَ جي ڀڳتي ڪرڻ، جنهن سان من پنهنجي ڪاٺي ترڪيءَ ۾ ٽڪي ويندو ۽ اکت پرڀوءَ جي جاڻ پوندي.

٣. ٻاهر ويندڙ من کي گروءَ جي ڏنل، هدايتن سان بار بار اندر وٺي اچو ۽ الکي اکين پنهنجان انڪار ڪريو. ائين ڪرڻ سان سڀئي دکن جا بندن ڪٽجي ويندا.

ڪري سرت اندر وڃڻ شروع ڪري ٿي ته ٻهرين ٻهران
پرڪاش جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان ڪانپوءِ جڳ مڳ
ٻرندڙ جوت جا درشن ٿيندا آهن ۽ پوءِ چندر لوڪ ۽
سوريه لوڪ مان لنگهڻو آهي.

آتما ۽ پرماتما جي وچ ۾ ميلاپ ڪرائڻ لاءِ پوري گروءَ
جو هئڻ نهايت ضروري آهي. گروءَ جي ديا مهر بنا پرڀوءَ
کي پائي سگهڻ مشڪل ئي نه، پر ناممڪن آهي. ستگرو
ئي اُن الک ۽ ادرشٽ پرڀوءَ کي لکائيندو آهي ۽ اهو
ستگرو ئي امر جيون ڏيڻ وارو نام روپي امرت پيئڻ لاءِ
ڏيندو آهي.

شبد جي ابياس ڪرڻ سان آتما سڀ کان اوچي روحاني
منڊل سچکنڊ ۾ پهچي ويندي آهي. انهيءَ منڊل ۾ پورڻ
ادويت، ايڪتا آهي. هيءُ منڊل من ۽ اندرين، لوڪ ۽
ٻڌي، وقت ۽ استان جي حد کان پري ۽ پار آهي.

گرو صاحب فرمائين ٿا ته جيڪو به مڻش اندر اُن سچي
پرماتما جي پرڪاش جا درشن ڪري ٿو، اُن کي
ٻاهر به هر جڳهه ۽ هر ڪنهن ۾ اهوئي نُور ورياپڪ نظر
اچي ٿو.

ڪام ڪروڌ پر هر پر نندا لب لوڀ تج هوهه اچندا،
[1] ڀرم ڪا سنگل توڙ نرالا هر انتر هر رس پاتا.
[2] نس دامن جيئن چمڪ چندرائڻ ديکيو اهنس جوت نرنتر پيکيو،

---

١. هتي ان روحاني پد ڏانهن اشارو آهي ته سرير جي
هيٺين ڇهن چڪرن ۾ ڀرم ۽ مايا جو راڄ آهي. انهن کان
نرالو ٿي يا انهن کان مٿي اٿي، اکين پٺيان اچي، شبد يا
نام روپي هري رس ۾ سمائجي وڃ.

٢. شروع ۾ ٽڪي اندر پرڪاش جا چمڪاٽ ڏسڻ ۾
ايندا. پوءِ جوت جا درشن به ڪندين ۽ چندر لوڪ ۽
سوريه لوڪ به پار ڪندين.

[1] آنند روپ انوپ سروپا گر پوري ڏيکائيا.
ستگر ملهہ آپي پرڀو تاري [2] سس گهر سور ديپڪ گڻتاري،
[3] ڏيکه ادست رهه لو لاڳي سڀ ترپت برهم سمائيا.
امرت رس پاڻي ترسنا پوڙ جاڻي انهو پد پاويو آپ گنوائي،
اوچي پدوي اوچو اوچا نرمل سبد ڪمائيا.
ادرست اگوچر نام اپارا اتِ رس ميٺا نام پيارا،
نانڪ ڪُوجگ جگه هر رس ڏٺو هر جپيئي انت نه پائيا.
[4] انتر نام پرابت هيرا هر جپتي من من تي ڌيرا،
[5] دگهٽ گهٽ پيو ڀيڄن پاليئي باهڙ جنم نه جائيا.
ڀڳت هيت گر سبد ترنگا هر جس نام پدارٿ منگا،
هر ڀاويو گر ميل ملائي هر تاري جگت سمائيا.
جن جپ جپيو ستگر مت واکي [6] جم ڪنڪر ڪال سيوڪ پگ تاکي،

---

١. گروءَ جي ديا مهر سان ڏٺهجو آنند سروپ پرماتما سان به ميلاپ ٿيندو.

٢. روحاني چڙهائيءَ جي دوران پهرئين منڊل ۾ جوت جا، ٻئي ۾ اُڀرندڙ سج جي لالاڻ جا ۽ ٽئين منڊل (ڏسوين دوار) ۾ چوڏس جي چنڊ جا درشن ٿيندا آهن. سس = چنڊ، سور = سج، ديپڪ = جوت، گڻتاري = تارا.

٣. اهڙي طرح ادرشت يا ڏسڻ ۾ نه ايندڙ پرماتما به ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ ٽنهي لوڪن ۾ انجو ئي پرڪاش نظر ايندو آهي.

٤. نام روپي امولڪ هيرو اندر ئي پراپت ٿيندو آهي. ان نام جي ڪمائيءَ سان من وس ۾ ايندو آهي.

٥. پنڌ ناس ڪندڙ پرڀو پنهنجي گهٽ اندر ئي ملي ويندو آهي ۽ وري جنم نه وٺڻو پوندو آهي.

٦. جم ڪنڪر = جمدوت. ستگروءَ جي مت تي هلي اندر نام يا شبد جي ڪمائي ڪرڻ واري جا جمدوت ۽ ڪال به سيوڪ ٿيجي ويندا آهن.

اولم سنگت گت مت اوتم جگ ڀؤجل پار ترانتا .
اهه ڀؤجل جگت سبد گر ترائيو الٽر ڪي دبدا الٽر جرائيو ،
[1] پنج باڻ لي جم ڪؤ ماريو گگنتر ڏٺڪ چڙانتا .
[2] ساڪت ترسمد سوت ڪٽه ٻاٽيو سبد سرت بن آنٽيو جانيو ،
نانڪ گرمک مڪت پرائڻ هر ڀوري ڀاگ ملانتا .
ترپٽ ستگر هٿ رکوالا ڀگت پراپت گر گوپالا ،
[3] ڏن الد الاهد واجيو گر سبد ترلچن ڀانتا .
ترپٽ سو سر لاهي لکا آپ اليک قدرت هٿ دکا ،
آپ الپت اچولي سڀٽ لاانڪ گرمت سو ڀانتا .
الٽر ڪي گت ستگر جاڻيو سو ترپٽ گر سبد پڇاڻيو ،
[4] الٽر ڏيک الٽر ٻوجهيو الم لہ من ڏولانتا .
ترپٽ سو اپ الٽر وسٽا اهدس نام ترلچن رسٽا ،
نانڪ هر جس سنگت پائيو هر سهجي سهج ملانتا .

---

١. پنچ باڻ = پنج تير. ڪجهه ودوان پنجن باڻن جو ارٿ - شيل، سنتوک، ڪميا، وويڪ ۽ نمرتا ڪندا آهن. پر هتي اشارو پنجن شبدن طرف آهي، جن ذريعي جمدوت ماريا ويندا آهن. گگن = اندر ٻئي منڊل ۾ هڪ روحاني منزل جا نشان. گگن ۾ شبد جا تير هلائڻ سان ڪال جا من ماريو ويو يعني پيو منڊل پار ڪرڻ ۾ سفلتا ملي.

٢. منمک سرت کي شبد سان جوڙڻ جي جگتي نٿا ڄاڻن. ٺڳهڪري سدائين جنم مرڻ جي بندڻن ۾ جڪڙيل رهن ٿا.

٣. ستگروءَ جي دیا مهر سان اندر انهد شبد جي ڌني وڄڻ لڳي ٿي، جنهن سان ترلچن پرماتما جي پراپتي ٿيندي آهي.

٤. جڏهن اندر پرڀوءَ جو درشن ٿي ويندو آهي ته پوءِ هر هنڌ انهيءَ جي جلوو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

١ اندر ٻاهر سو سرب جاڻي رهي الپت چلتي گهر آڻي،
٢ اوپر آد سرب لهه لوئي سچ نانڪ امرت رس پائتا.
(مارو، م ١-١٠۴١-١٠۴٢)

---

١. جيڪو سنسار جا مايا کان نرليپ ٿي وڃي ٿو ۽ من کي ٻاهران موڙي، اندر اکين پنهان آڻي، شبد سان جوڙي ٿو، اُن کي اندر ۽ ٻاهر اُن هريءَ جو ٿي نور نظر ايندو آهي.

٢. هوُ سڀ کان مٿين منڊل ۾ پهچي وڃي ٿو، جو سڀني جي آد آهي ۽ سڀني ٽرلوڪيءَ جو آڌار آهي. اُتي پهچي آتما امر جيون ڏاڻ واري نام، شبد جا پريوءَ روپي امرت ۾ سدا لاءِ لين ٿي ويندي آهي.

# پريم

## ۱. آوهه پيٺي گل ملهه

آتما استري آهي ۽ پرماتما گهوٽ آهي. هڪ سهيلي (ستسنگڻ) ٻيءَ کي چوي ٿي ته اچو ته اُن سڀ شڪتيوان ڪنت، جا گڻ ۽ جس ڳايون. هوءَ چوي ٿي ته اسانجو پتي گڻن جو ڀنڊار آهي، پر اسين اوگڻن سان ڀريل آهيون. جڏهن اهو ڪنت ڪرتا سرجڻهار آهي، سڀ سمرٿ آهي ۽ هر طرح پوري پورڻ آهي ته پوءِ اهڙي سڀ شڪتيوان پتيءَ کي ڇڏي ٻئي ڪنهن جو خيال به ڇو ڪيو وڃي ۽ اهو پيارو پريتم هڪ ئي آهي، نه ايڪ ٻه. اهو هڪ پريو بيشمار رنگن روپن شڪلين، آڪارن، ذاتين ڪلن جو روپ ڌارڻ ڪري پرگهٽ ٿيندو آهي ۽ بيشمار جيو، جنت وغيره ڏينهن رات انجي مهما ۽ صفت ساراهه ۾ لڳا پيا آهن.

آتما روپي استري ڪهڙا گڻ ڌارڻ ڪري، جيئن پنهنجي پريتم کي پرسن ڪري؟ انکي جڳائي ته ڌيرج ۽ سنتوش جو سينگار ڪري، مٺا ٻول ٻولي ۽ ستگروءَ جي شبد جي ڪمائي ڪري ته اُن سندر، آنند روپ پتيءَ سان سندس ميلاپ ٿي ويندو.

[1]آوهه پيٺي گل ملهه الڪ سهيلڙيئاهه،
[2]ملڪي ڪرهه ڪهاڻيئا سمرٿ ڪنت ڪيئاهه،
[3]ساچي صاحب سڀ گڻ اوگڻ سڀ اساهه.

---

۱. اچو منهنجون پياريون ستسنگياڻيون سهيليون، اچي مون سان گلي ملو.

۲. اچو ته گڏجي، اُن سمرٿ پتيءَ جون ڳالهيون ڪريون.

۳ هن ۾ سڀ گڻ آهن، اسان ۾ سڀ اوگڻ آهن.

ڪرتا سڀ ڪو تيري جوڙ،
¹ايڪ سبد ٻيچارڻئي جانو تا ڪيتا هور، رهاءُ.
²جاهه پڇهه سوهاڳڻي تسي راوتا ڪدي ڳٽي،
سهج سنتوک سيڱارڻتا منٺا ٻولڻي،
ٻر رساڻو تا مڻي جا گر ڪا سبد سڻي.
³ڪيتيڻا تيري قدرتي ڪيوڻ تيري دات،
ڪيتي تيري جيڻ جنت صفت ڪره دن رات،
ڪيتي تيري روپ رنگ ڪيتي جات اجات.
⁴سچ مڻي سچ اوپجي سچ مهه ساچ سماءِ،
⁵سرت هووي پت اوڳوئي گر ٻجهي پوُ ڪاءِ،
نانڪ سچا پاتساهه آپي لئي مڻاءِ.
(سري راڳ، م ١-١٧)

## ٢. اڪ تل پيارا ويسري

اهڙي پياري پريتم کي ڪن پل لاءِ وسارڻ به هڪ وڏي بيماريءَ کي دعوت ڏيڻ برابر آهي. جي اهو پيارو پريتم من ۾ نه وسي ته درگاهه ۾ ڪيئن سوڀيا ملندي؟ اها سچي

---

١. اسانکي صرف شبد جي ڪمائي ڪرڻ گهرجي. جڏهن نون آهن ته ڪنهن ٻئي بابت سوچڻ ئي اجايو آهي.

٢. اچو ته هلي سهاڳڻين (پرڀوءَ وٽ پهتل گرمک آتمائن) کان پڇون ته اُنهن اُن پياري پريتم کي ڪيئن پرسن ڪيو.

٣. تنهنجي قدرت (شڪتي) ۽ دات (بخشش) جي ڪا به حد ڪانهي.

٤. سچو ستگرو ملي ته سچو شبد ملي وڃي ۽ سچي پرڀوءَ ۾ لين ٿي وڃجي.

٥. سچي پرماتما جو گيان ملي وڃي ته سچي سوڀيا ملندي ۽ ستگروءَ جي شبد دوارا هر طرح جو ڀؤ دور ٿي ويندو.

353

سو پيا تڏهن ملندي، جڏهن پوري گروءَ جي ديا مهر سان وڪارن جي اگني شانت ٿي ويندي.

سنسار ۾ ڪي ورلي جيو آهن جي پل پل، کن کن اُن پياري پريتم پرماتما کي ڌيائين ٿا. گروءَ جي ديا مهر سان انهن جي جوت (آتما) پرم جوت (پرماتما) ۾ سمائجي ويندي آهي. اهڙا جيو هنسا، هؤمي، ڀرم سنسن ۽ ڏک سنتاپ کان ڇوٽڪارو پائين ٿا. من کي وس ڪري، پرڀوءَ سان ميلاپ ڪرڻ وارا اهڙا گرمک وڏن ڀاڳن سان ملندا آهن.

سنسار جي ناسونت ۽ ڇٽي پدارٿن سان پيار ڪرڻ مورکتا آهي. گرمک من جي سڄي اگنيءَ کي شانت ڪن ٿا ۽ انهجو هردي روپي ڪمول گل، نام جي امرت سان ڀرجي ويندو آهي.

اڪ تل پيارا وسري روڳ وڏا من ماهه،
ڪيئن درگهه پت پائيئي جا هر نه وسي من ماهه،
گر ملئي سک پائيئي اگن مري گڻ ماهه.
من ري اهنس هر گڻ سار،
جن کن پل نام نه وسري تي جن ورلي سنسار.
جوتي جوت ملائيئي سرتي سرت سنجوگ،
هنسا هؤمي گت گئي ناهي سهسا سوگ،
گرمک جس هر من وسي تس ميلي گر سنجوگ.
ڪايا ڪامڻ جي ڪري ڀوگي ڀوگڻهار،
تس سئه نيهه نه ڪيجئي جو ديسي چلڻهار،
گرمک رونهه سوهاگڻي سو پرڀ سيج ڀتار.
چاري اگن نوار مر گرمک هر جل پاءِ،
انتر ڪمل پرگاسيا امرت ڀريا اگهاءِ،
نانڪ ستگر ميت ڪر سچ پاوهه درگهه جاءِ.
(سري راڳ، م ١-٢١)

## ٣. ستگر ميلي پئه وسي

پنهنجي طرفان سڀ جيو آتمائون انهيءَ پتي پرماتما کي پرسن ڪرڻ لاءِ ايڪ طرح جا هار سينگار ڪندئون آهن. پريوءَ جا سچا ڀڳت ته اُهي سهاڳڻين سمان آهن، جن جي هردي ۾ سدائين ان پرماتما روپي پريتم جو سچو ڀاءُ (پيار) ۽ سچو ڀؤ (ڀپ) هوندو آهي. پر منمکن کي پنهنجي ڪرم ڌرم ۽ ٻيڪ آچار وهنوار جو ايمان هوندو آهي. اهو بيپرواهه پريتم، پرماتما انهن اهنڪاري ڏهاڳڻين ڏانهن ڪڏهن ڌيان نه ڏيندو آهي.

گروُ صاحب اُپديش ڪن ٿا ته آتما روپي استريءَ جو سچو زيور شبد آهي. اهڙي سچي هردي، سچي پريم ۽ سچي نمرتا جو سينگار ڪري، پتيءَ جو حڪم مڃڻ جڳائي. اهڙي پنهنجا زيور پنهنجي ڪنت جي گهري پريم جي رنگ ۾ رڱائڻ گهرجن ۽ پنهنجو تن من اهڙي ارپڻ ڪري، سندس سيوا ۾ لڳي وڃڻ گهرجي.

پريمي آتما سدائين ستگروءَ جي پريم جي رنگ ۾ رڱيل رهندي آهي. هوءَ اجر امر ڪنت جي استري آهي، انهيءَ ڪري هن جو سهاڳ اٽل آهي. اهڙي اندر شبد جي جوت جاڳي پوندي آهي، جيڪا ڪڏهن به وسامي نه سگهندي آهي. هوءَ پنهنجي ڳلي ۾ نام جو هار پائيندي آهي ۽ مٿي تي پيار جو تلڪ لڳائيندي آهي، جيڪو ٽڪيءَ والگر چمڪندو رهندو آهي. ٻئي طرف جيڪا ڏهاڳڻ انهيءَ پريو روپي پريتم سان پيار نٿي ڪري، تنهنجي جهڙن روپي راتيون اڳيانتا ۽ ڏکن جي اندهيري ۾ سمهندي وڃي ٿي. هوءَ پتيءَ کان وڇڙيل ٿي رهي ٿي ۽ سندس ڏکن جو ڪڏهن به انت نٿو ٿئي. صرف ستگرو ئي پرماتما جي سچي ڀاءُ ۽ سچي ڀؤ جي پراپتيءَ جي جڳتي سمجهاري

ته ۽ انهيءَ وياڪل، برهه جي ماريل آتما کي پنهنجي پياري پرماتما سان ملائيندو آهي.

١ سڀئي ڪنت مهيليتا سڳليتا ڪرهه سينگار،
٢ گڻت گڻا ورڻ آئيتا سوهها ويس وڪار،
٣ پاکنڊ پريم نه پاتيئي ڪوڙا پاج ڇٽار.
هر جيءُ لاءِ پر راوي نار،
تن ڀاون سوهها ڳٽي اُٺي ڪرپا لٿهه سوار.
گر سبدي سينگاريتا تن من پر ڪي پاس،
دوءِ ڪر جوڙ ڪڙي لڪي سچ ڪهيئي ارداس،
٤ لال رتي سچ ڀئه وسي ڀاءِ رتي رنگ راس.
٥ پرڀ ڪي چيري ڪاليتيئي لالي ماليئي ناءِ،
ساچي پريت نه تٽئي ساچي ميل ملاءِ،
سبد رتي من ويڌيا هئه سد بلهاري جاءِ.
٦ سا دن رنڊ نه بئيسئي جي ستگر ماهه سماءِ،
٧ پر ريسالو نو تنو ساچئه مري نه جاءِ،

---

١. سڀ آتمائون پريوءَ روپي پتيءَ جون پتنيون آهن، ڪيس راضي ڪرڻ لاءِ سينگار ڪنديون آهن.

٢. جيڪي پنهنجي سينگار جو مانُ ڪنديون آهن، انهنجو سينگار وڪرت آهي.

٣. اهو ڪوڙو ڍڪاءُ الهجي درگتيءَ جو ڪارڻ ٺهجي ٿو.

٤. هوءَ پنهنجي پريتم (لال) جي پريم جي رنگ ۾ رنگيل آهي. هنجي اندر ڀئو (ڊپ) به آهي ۽ هوءَ ڀاءُ (پيار) ۾ به رتل آهي.

٥. هوءَ پريتم جي داسي سڏائي ٿي ۽ انجو نام جپي ٿي.

٦. جيڪا جيو آتما روپي استري اندر شبد روپي ستگروءَ ۾ سمائجي وڃي ٿي، اها ڪڏهن به ڌاڳڻ نٿي ٿئي.

٨. هنجو پريتم سدا، آنند سروپ ۽ امر آهي.

لت روپ سوهاڳڻي ساچي نندر رضاه.
[1]ساچ ڏڙي ڏن ماڌڙي ڪاپڙ پريم سينگار،
[2]چندن چيت وسائتا مندر دسوا دئار،
[3]ديپڪ سبد وڳاستا رام نام آڌار.
[4]ناري اندر سوهڻي مستڪ مڻي پيار،
سويا سرت سهاوڻي ساچي پريم اپار،
[5]نت پر پرک نه جاڻئي ساچي گرڪي هيت پيار.
[6]نس اندناري سنتڻي ڪئي پر ٻن رتڙ وهاء،

---

١. اها استري شبد روپي سچ جي ٿونمون سهائي رکندي آهي ۽ پريم جي ڪپڙن جو سينگار ڪندي آهي.

٢. هوءَ پريتم کي چت ۾ وسائڻ لاءِ چندن جو تلڪ لڳائيندي آهي ۽ پنهنجو گهر (مندر) ڏسرين دوار کي ٻڌائيندي آهي، جتي آتما تان من ۽ مايا جا سڀ پردا لهي ويندا آهن.

٣. هن جي اندر شبد جي جوت جو ڏيهڪ روشن آهي ۽ هوءَ رام نام کي هردي ۾ وسائيندي آهي.

٤. اها جيو آتما سهڻي ڪان سندر ٻڌجي پوندي آهي ۽ پيار جي مٽي سندس مستڪ تي جڳ مڳ ڪندي آهي.

٥. هوءَ پنهنجي پرانءَ ڪالسواءِ ٻئي پرش کي پنهنجو نٿي مڃي. اهڙي اوستا ڪيس سچي گروءَ جي ٻڌئيءَ ذريعي پراپت ٿئي ٿي.

٦. جيڪا آتما روپي استري پنهنجي پرماتما روپي پتيءَ کان وڇڙيل آهي يا جنهنکي پتيءَ (پرماتما) سان پيار ڪونهي، اها هميشه رات جي اونداهي ۾ سمهندي رهي ٿي، انهيءَ جي زندگيءَ روپي رات ختم ناهي ٿيڻ تي گذري.

١ اِڪ جلهہ نسن جاليئہ مَنُ ڏِنُ جل ٻل جاءِ،
٢ جا ڏِنُ ڪدمت نہ راوِئا نہ ٻرنا جوٻن جاءِ.
٣ سيجي ڪدمت مهيلڙي سُتي ٻوجهہ نہ پاءِ،
هٿ سُتي پر جاڳڻا ڪس ڪٿ ٻوچٿ جاءِ،
سَتگر ميلي ڀئہ وسي نانڪ پريم سڪاءِ
(سري راڳ، م ١- ٥٤)

## ٤. رام نام مَن ٻيڙا

هن شبد جي شروع ۾ گرو صاحب الهيءَ پرانيءَ جي مَن جي حالت جو سندر ورنن ڪن ٿا، جنهنجي هردي ۾ پريم جو باڻ لڳي ٿو وڃي. هنڪي پريتم ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نٿو سجهي ۽ ڪنهن ٻيو ڪوبہ پدارٿ نٿو وڻي. هن جي سرت اندر شبد سان جڙي وڃي ٿي ۽ هوُ امر سکہ جي ڀنڊار ۾ سمالجي وڃي ٿو. هوُ مالڪ جي رضا ۾ راضي رهي ٿو ۽ رام نام سندس جيون جو اصلي سهارو بڻجي پوي ٿو.

گرو صاحب اِها ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهائين ٿا تہ سرت کي شبد يا نام سان جوڙڻ ئي پرڀوءَ جو سچو پريم آهي ۽ اهڙي طرح پريتم سان ميلاپ ۽ سهج سکہ پراپت ٿئي ٿو. ان بعد ڪيترن قسمن جي هٺ ڪرمن جو ذڪر ڪن ٿا،

---

١. جڏهن اِستريءَ ۾ پريم ڪونهي، الهيءَ جا سڀ عضوا، ٽن من ڏن جلي وڃن ٿا.

٢. جڏهن پرڀوءَ روپي پريتم سان پيار نہ ڪيو، الهيءَ جو مَنش جنم روپي جوڀن وڳرنڪ وڃي ٿو.

٣. اگياني جيوآتما، اگيانتا روپي ننڊ ۾ غلطان آهي، الهيءَ کي اِها سمجهہ ناهي تہ سندس پريتم (پرماتما) تہ هميشہ بہ سيج تي ئي آهي يعني سندس ئي اندر آهي.

جن ذريعي لوڪ من کي وس ڪرڻ ۽ پرڀوءَ سان ميلاپ ڪرڻ جا جتن ڪن ٿا. ٻاڻ اِهي فرمائين ٿا ته جيڪڏهن سرير کي ٻاهر ۾ جلايو وڃي، پنهنجي ماس جو ذرو ذرو يگيه جي سامگريءَ جي روپ ۾ ساڙيو وڃي، سيس آريءَ هيٺان چيرايو وڃي، سرير هماليه پربت جي برف ۾ ڳاريو وڃي ۽ ٻيا به اهڙا ڪيترن قسمن جا هٺ ڪرم ڪيا وڃن، ته به من کي لڳل هئُمي جي گندگي دور نٿي ٿئي. انهن سڀني ڪوشش جي باوجود به نام جو اموالڪ ڌن ڪونه ملندو. جي دان ۾ سونا محل، هاٿي گهوڙا، ڳايون ۽ زمين وغيره بي حساب ڏنا وڃن، ته به من مان هئُمي ناس نه ٿيندي. گرنٿن شاسترن جا پاٺ ۽ الهيءَ لئي سوچ ويچار ڪرڻ سان به آتما جا بندن لٿا نٿن.

انهن بندن کي ٽوڙڻ، مڪتي پراپت ڪرڻ جو صرف هڪ ئي اُپاءُ آهي ۽ اهو آهي ستگروءَ جي بخشيل نام يا شبد جي ڪمائي ڪرڻ جو. شبد روپي سچ جي ڪمائي ٻاقي ٻين سڀني ڪرمن ڌرمن کان اُتم ۽ نرمل آهي. جڏهن اسين الهيءَ اموالڪ پدارٿ، پرڀوءَ کي ڌارڻ ڪنداسون ته پوءِ سڀني پراڻين ۾ هڪ ئي پرڀوءَ جو نور نظر اچڻ لڳندو، سڀ پراڻي هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي ڏسڻ ۾ ايندا ۽ ٽنهي لوڪن ۾ هڪ ئي پرڀوءَ جو پرڪاش سمايل ڏسڻ ۾ ايندو. انهيءَ اوستا ۾ سڀ جيو اوچي کان اوچا يا اُتم کان اُتم نظر ايندا ۽ ڪوبه نيچ يا برو نه لڳندو. اهو گيان ان پرماتما جي ڪرپا سان، ستگروءَ دوارا ملندو آهي ۽ ستگروءَ جي بخشيل ڏات يعني شبد، نام يا سچ کي ڪوبه ڪسي يا ڇني نه سگهندو. اهو نام يا شبد سدائين شش جو سنگي ساٿي ۽ رکوالو هوندو آهي.

جڏهن خوش نصيبيءَ سان پوري گروءَ سان ميلاپ ٿي ويندو آهي ته الهي رضا ۾ رهڻ ڪري، من صبر شانتي ۽

سنتوکھ سان ڀرجي ويندو آهي. جڏهن شش پنهنجي هؤمي کي ماري، اندر ستگروءَ ۾ سمائجي ويندو آهي ته انکي ٻي انت پرماتما جو گيان ٿي ويندو آهي. شبد يا نام جو امرت پي من هميشه لاءِ شانت ٿي ويندو آهي ۽ شش کي پرماتما جي درٻار ۾ ٻهشت جو فخر پراپت ٿيندو آهي. هوُ هر روز شبد جي ڪنگريءَ جي مٿ ڏن هلندو آهي، جا هر منش جي اندر ڏهين دوار ۾ وڄي رهي آهي. ڪي ورلي ڀاڳن وارا جيو آهن، جي گرمکن دوارن من کي وس ڪري، اندر شبد يا نام، ستگروءَ يا پرماتما ۾ سمائجي وڃن ٿا.

گروُ صاحب اپديش ڪن ٿا ته نام کي ڪڏهن به نه وسارڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جڏهن به مايا وي ٻنڌن کان ڇوٽڪارو ٿيندو ته اهو شبد يا نام جي ڪمائيءَ سان ئي ٿيندو.

[1] رام نام من بيڌ نا اور ڪ ڪري وچار،
[2] سبد سرت سک اوُپجي پرڀ راتا سک سار،
جِئه ڀاوي تِئه راکه تون مَئه هر نام آڌار.
[3] من ري ساچي خصم رضاءِ،
[4] جن تن من ساج سيڳارنا تس سيتي لِو لاءِ.

---

1. من کي صرف نام جي ڪمائيءَ سان ئي وس ۾ آڻي سگهجي ٿو، ٻئي ڪنهن اُپاءَ جي ويچار ڪرڻ جي به ضرورت ناهي.

2. سچو سک سرت کي شبد سان جوڙڻ مان ملندو آهي. شبد سان جڙي، جيو ڀرڀوءَ جي رنگ ۾ رڱبو آهي ۽ اهو ئي سک جو مول يا سار آهي.

3. ان ڀرڀوءَ جو ڀاڱو يا رضا سچي آهي.

4. جڏهن مالڪ تن من پيدا ڪري، انکي نام يا شبد سان سينگاريو آهي، ان سان اسين لِو لڳايون.

۱ تن ٻڌندڙ هڻوئي اک رلي ڳول ڪئاء،
۲ تن مَن سمڌا جي ڪري الڊن اڳن جلاء،
۳ هر ناميءَ تل نه پهچي جي لک ڪوڻي ڪرم ڪماء.
۴ ارڌ سرير ڪٽائيءَ سر ڪروٽ ڌراء،
۵ تن هيمڌل ڳاليءِ ڀي من لي روڳ نه جاء.
۶ هر ناميءَ تل نه پهچي سڀ ڌني ڌوک وڃاء.
۷ ڪنچن ڪي ڪوٽڊس ڪري ٻهه هئور ڳئور دان،
ڀومي دان ڳئونا ڳهٽي ڀي اتر ڳرڀ ڳمان،
۸ رام نام مَن ٻيڌنا ڳر ڏيٺا سچ دان.

---

١. ڏکيہ وقت سرير جي هؤميءَ کي اگنيءَ ۾ جلائي ڇڏجي.

٢. تن مَن کي هوَن جي ڪاٺين وانگر روز جلائيندو رهجي.

٣. ڪوبہ ڪرم رام نام جي برابري نٿو ڪري سگهي، ڀلي ڪٿي لکين ڪروڙين ڪرم ڪجن.

٤. ڪاشيءَ ۾ وڃي سرير کي آريءَ سان ڪٽائجي. پراڻي زماني ۾ ماڻهو ڪاشي بنارس وڃي پاڻ کي ڪروٽ يا آريءَ سان ڪٽائيندا هئا، جيئن سندن مدوڪامنائون پوريون ٿين ۽ کين مڪتي ملي.

٥. هم = برف. سرير کي هماليہ جي برف ۾ ڳارجي، تہ بہ من مان هؤميءَ يا دوئيت جو وڪار دور نہ ٿيندو.

٦. ٻيو ڪوبہ ڪرم رام نام جي ڪمائيءَ سان مقابلو نٿو ڪري سگهي. اسان هر ڳالهہ کي ڏسي ورتو آهي.

٧. سون جي قلعن جو دان ڪجي، هاٿي، گهوڙا، زمين، بيشمار ڳائيون دان ڪجن، تہ بہ من ۾ اهنڪار قائم رهي ٿو.

٨. من جڏهن بہ وس اچي ٿو تہ رام نام سان ئي اچي ٿو ۽ اهو رام نام جو دان ستگروءَ کان ملندو آهي.

[1] مَن ھٺ ٻڌي ڪيتئا ڪيتي ٻيد ٻيچار،
[2] ڪيتي ٻنڌن جيئه ڪي گرمکه موکه دئار،
[3] سچھ اوري سڀ ڪو اُپر سچ آچار.
سڀ ڪو اوچا آکيئي نيچ نه ديسي ڪوءِ،
اڪيءِ ڀانڊي ساجئي اڪ چانڻ تھه لوءِ،
ڪرم مليءِ سچ پائيئي ڌر بخس نه ميٽي ڪوءِ.
ساڌ مليءِ ساڌو جنيءِ سنتوکه وسيءِ گر ڀاءِ،
[4] اڪٿ ڪٿا ويچارئي جي ستگر ماھه سماءِ،

---

١. ايڪ پرڪارن جا ھٺ ڪرم آھن، ايڪ لوڪن جي ٻڌي يا سوچ ويچار؛ ايڪ پرڪار جا گرنٿ شاستر آھن.

٢. اھي سڀ ھؤميءِ پيدا ڪري آتما لاءِ ٻنڌن جو ڪارڻ ٻڻجن ٿا. مڪتيءَ جو دوار صرف گرمکن کان ئي ملندو آھي.

٣. ھرھڪ ڪرم شبد يا نام روپي سچ کان ھيٺ آھي. سڀ کان مٿي يا اوچي، شبد يا نام روپي سچ جي ڪمائي آھي. گرو صاحب ھن سچي شبد ۽ شبد يا نام جي ايمن ساڌن سان ڀيٽ ڪري رھيا آھن، سو ”سچ“ مان سندن مطلب ”شبد يا نام“ سان آھي. اِھيءَ ڀاو جي وياکيا لاءِ ھيءَ اڪ ساکھون رکڻ گھرجي: ”رام نام من ٻيڌ ٿا، گر ديئا سچ دان“. ڀاڻ اشارو ڪن ٿا تہ سچ جو ارٿ نام يا شبد آھي، جنھنجو دان گروءَ کان ئي ملي ٿو. اِئتي ھلي ۽ اشارو ڪن ٿا تہ اھو سچ پراپت ڪرڻ اساڻي وس ۾ ڪونھي، پرماتما جي ديا مھر سان ملندو آھي.
”ڪرم مليءِ سچ پائيئي، ڌر بخس نہ ميٽي ڪوءِ“.

٤. ستگروءَ ۾ سمائجڻ سان الکہ پرماتما جي لکہ يا سوجھي پوي ٿي. ھيءَ اشارو ستگروءَ جي نوري ۽ شبد سروپ ڏانھن آھي. جڏھن شش ڀھرئين منڊل ۾ پھچي، ستگروءَ جي نوري سروپ ۾ لين ٿيندو، تڏھن ئي اڪٿ الکہ پرڀوءَ ۾ سمائجڻ جي قابل ٿيندو.

ٿي اُمرت سنتوکا درگهه پڌرا جاءِ.
[1] گهٽ گهٽ واڄي ڪنگري اندر سبد سماءِ،
[2] ورلي ڪنهن سوجهي پئي گرمک من سمجهاءِ،
[3] نانڪ نام نه وسري ڇُوٽي سبد ڪماءِ.
(سري راڳ، م ١-٦٢)

## ٥. مل ور ناري منگل گائتا

جڏهن جيوآتما روپي استريءَ جو پرماتما روپي سچو پيارو پتي گهر نه ٿو اچي، اُنهيءَ جي زندگيءَ روپي رات اوجاڳي ۽ ڏکن ۾ وهامي ٿي. جي پريتم گهر اچي ٿو ته اُن سان گڏ رات سکن ۾ گذري وڃي ٿي. جڏهن استريءَ سڀ هار سينگار ڪيا آهن، پر سندس پتي سائس گڏ ڪونهي ته اُهي سينگار ڪنهن به ڪم جا ڪونهن. جڏهن جيو کي سنسار جا سڀ سک پراپت آهن، پر هُو پرماتما کان ڌار آهي، اهو ڪڏهن به سچي سک جو ساهه کڻي نه سگهندو ۽ اُنجي من ۾ ڪڏهن به شانتي اچي نه سگهندي. اندر ۾ ان جي پوڄن ۽ وشيه وڪارن جي ترپتيءَ مان ڪڏهن به سچو سک ملي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته اهي سڀ ناسونت، عارضي

---

١. شبد يا نام جي ڪنگريءَ جو آواز جڏهن سان من کي جرڻو آهي، سو هر هڪ جي اندر رات ڏينهن قدرتي طور وڃي رهيو آهي.

٢. اُنهيءَ شبد يا نام جي ڪنگريءَ جي آواز جي سوجهي معنيٰ سچ جي سوجهي اُهن ورلن جيون کي پوندي آهي جي گروءَ جي مت تي هلي من کي وس ۾ ڪندا آهن.

٣. نام کي ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته من مايا، آواگون، هؤمي ۽ اگيانتا وغيره جي بندن کان تڏهن ڇُٽو، جڏهن ستگروءَ جي بخشيل شبد، نام يا سچ جي ڪمائي ڪجي.

۽ بي بقا آهن ۽ انهن جي لهر اندر پؤ پيا دک اکل آهي
سچو ۽ دائمي سک صرف اجر امر ۽ آنند سروپ پرماتما
روپي اٿل سهاڳ جي ميلاپ سان ئي ملي سگهي ٿو.

١ مند رانڍ ڍهيلڙيا جيئن نيڊ نه آوي،
٢ سا ڏن ڊبليٽا جيئن پر ڪي هاوي.
٣ ڏن ٿيئي ڊبل ڪنت هاوي ڪير لڳي ڊپڪئي،
٤ سيگار مت رس پوگ پوجن سپ جهوٽ ڪتي نه ليکئي.
٥ مئه مت جوبن گرب گالي ڊڏا ٿڳي نه آوئي،
٦ نانڪ سا ڏن ملي ملائي بن پر نيڊ نه آوئي.

---

١. پتي ء پرماتما کان وڇڙيل استري ء جي جيون روپي رات ڏکي گذرندي آهي.

٢. هؤ ء پريتم جي وڇوڙي جي ڏک ۾ مرجهانجي ويندي آهي.

٣. وڇوڙي جي ڏک ۾ ڪومايل ڪمزور ٿيل استري ء کي اهوئي الڪو ۽ انتظار هوندو آهي ته ڪڏهن پنهنجي پريتم کي اکين سان ڏسندي.

٤. الڪي سينگار ۽ مٺا سوادي پوجن سڀ ڦڪا لڳندا آهن. اهي سڀ هنجي ڪنهن به ڪم جا نه هوندا آهن.

٥. هن جي مدمست جواني (زندگي) اهنڪار سبب ولسرت گذري وڃي ٿي. جهڙي طرح ڏڌل کير ٿڃن ۾ واپس نٿو وڃي سگهي، اهڙي طرح منش جنم روپي جوڀن واپس نٿو اچي ۽ پرڀو پراپتي ء جو موقعو هٿ مان نڪري وڃي ٿو.

٦. جيوآتما روپي استري پرماتما روپي پتي ء سان تڏهن ئي ملي سگهي ٿي، جڏهن هوءَ پاڻ کي پاڻ سان ملائڻ چاهي ٿو.

[1] منڊ اُماڻريتا جيئن ٻن ڏاڍي پيئاري،
ڪئي سک ڀاونڪي ٻن آر ڌاري.
ناهه ٻن گهر واس ناهي ٻچهه سکي سهيليتا،
[2] ٻن نام پريت پيار ناهي وسهه ساچ سهيليتا.
سچ من سڄڻ سنتوکه ميلا گرمتي سهه جاڻيا،
نانڪ نام نه ڇوٽي ساڌن نام سهج سماڻيا.
مل سکي سهيلڙيهو هم پر راوڻها،
گر پڇ لکئيکي جيئن سبد سديها.
سبد ساچا گر دکاڻيا مدمکي پڇتاڻيا،
[3] نکس جا نه رهيو استر جام سچ پڇاڻيا.
[4] ساچ کي مت سدا نوتن سبد نيهه نوتنو،
نانڪ ندري سهج ساچا ملهه سکي سهيلهو.
مهري اچ ٻنڌي جيئن هم گهر ساجن آئيا،
[5] مل ور ناري منگل گائيا.
[6] گڻ گاءِ منگل پريم رهسي منڊ من اوماهيو،

---

١. هوُءِ پياري ڪنت ٻنا نماڻي وڳاڻي آهي.

٢. سکين سهيلين کان پڇي ڏسو ته پتيءَ کانسواءِ گهر ۾ رهڻ سک پراپت ٿي سگهي.

٣. گهڙي گهڙي ٻاهر نڪري ونڊڙ من نڌهن استر ٿي ويو، جڏهن پرڀوءَ روپي سچ جي سوجهي ٿي.

٤. سچ جي سوجهي ٿيڻ سان آتما سدا لاءِ نئين نوٽلي ۽ سندر ٿيندي وڃي. شبد سان پيار لڳائڻ ڪري آتما سدائين لاءِ جوان ۽ سندر رهندي آهي.

٥. پرڀوءَ ور يعني پتار سان ملي، ناريءَ منگل معنيٰ خوشيءَ جا گيت ڳايا. مطلب ته اندر آهو انهد شبد ٻڌڻ ۾ آيو.

٦. پرڀو جي گڻن ۽ پريم جا گيت ڳائڻ سان پرڀوءَ جو من آنند ۽ خوشيءَ سان ڀرجي ويو.

[1]ساڄن رهندي دست وڻائي ساڄ جپ سچ لاهُو.
[2]ڪرجوڙ ساڌن ڪري بنتي رنگ دن رس پينديا،
[3]نانڪ پر ڌن ڪرهه رليا اڄ مهري پينديا.
(گؤڙي، م ١ - ٢٤٢)

## ٦. منڌ جوبن بالڙيئي

جڏهن جيو آتما روپي استريءَ کي پرماتما روپي پتيءَ لاءِ نهايت سچو ۽ گهرو پريم آهي، اُنهو پتيءَ سان ضرور ميلاپ ٿئي ٿو. اهو پتي آنند جو ڀنڊار آهي، دَيا ۽ پريم جي مورتي آهي ۽ نهايت نرمل ۽ سندر آهي. جڏهن جيو آتما هن سان سچو پريم ڪري ٿي ته سندس من، تن، بدي وغيره به سڀ نرمل ٿي وڃن ٿا. جيڪا آتما شبد سان جڙي وڃي ٿي، اُها پرماتما جو بيحد گهڻو راضپو ۽ خوشي پراپت ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته شبد ئي پريوءَ جو نج روپ، اصلي روپ آهي. پريوءَ روپي پريتم کي ڏسڻ سان ئي آتما روپي استري سڀئي آنند ملڻ سبب نڙي پوي ٿي ۽ سندس خوشيءَ جي ڪا حد نٿي رهي. هر پدارٿ ۾ پنهنجي سروپ، پنهنجي مول سان موٽي ملڻ جي قدرتي ڇڪ هوندي آهي ۽ ساڳي طرح آتما ۾ به پرماتما سان ملڻ جي اها هڪ قدرتي ڪشش ۽ ترڪ آهي، پر هؤمه ڪرمن جي بوجه سبب دٻيل آهي. انهيءَ بوجه مان آزاد ٿيندي ئي

---

١. اُهو ساڄن راضي ٿي ويو ۽ دشمن دکي ٿيا. ان سچ جوءِ شبد جو جاپ ڪري سچو سک پراپت ڪيو.

٢. اها استري هٿ جوڙي وينتي ٿي ڪري ته مونکي ڏينهن رات اهڙي پريتم جي پيار جي رس ۾ مست رهڻ ڏيو.

٣. مدهنجون سڀ اچالون پوريون ٿيون آهن. مدهنجو پنهنجي پرانءَ سان ميلاپ ٿي ويو آهي ۽ مان انهيءَ سان رنگ رليون ماڻي رهي آهيان.

آتما ھڪدم الهيءَ ٻنهجي مُول، ٻنهجي ڀنڊار ۾ وڃي ملندي آهي. ان ميلاپ سان هن کي انوکو آنند پراپت ٿيندو آهي.

منڌ جوبن ٻالڙيئي ميرا پِر رليالا رام،
ڌن پر نيهه گهڻا رس پريت ڏئيالا رام.
ڌن پرهه ميلا هوءِ سئامي آپ پرڀ ڪرپا ڪري،
سيجا سهاوي سنگ پر ڪيءِ سات سر امرت ڀري.
ڪر ڏئيا مئيا ڏئيال ساچي سبد مل گڻ ڳاوئو،
نانڪا هر ور ڏيکه بگسي منڌ من اوماهئو.
منڌ سهج سلونڙيئي اڪ پريم بننتي رام،
مَي من تن هر ڀاوي پرڀ سنگم راتي رام.
پرڀ پريم راتي هر بننتي نام هر ڪي سک وسيءِ،
تئُ گڻ پڇاڻهه تا پرڀ ڄاڻهه گڻهه وس اوگڻ نسيءِ.
تڌ باجهه اڪ تل رهه نه ساڪا ڪهڻ سنڻ نه ڌيجئي،
نانڪا پرئُ پرئُ ڪر پڪاري رسن رس من ڀيجئي.
سکيهو سهيلڙيهو ميرا پر وڻجارا رام،
هر نامو وڻجڙيا رس مول اپارا رام.
مول امولو سچ گهر ڍولو پرڀ ڀاوي تا منڌ ڀلي،
اڪ سنگ هر ڪيءِ ڪرهه رليئا هئُ پڪاري در کلي.
ڪرڻ ڪارڻ سمرٿ سريڌر آپ ڪارج سارئي،
نانڪ ندري ڌن سوهاڳڻ سبد اڀ ساڌارئي.
هم گهر ساچا سوهلڙا پرڀ آئڙي ميتا رام،
راوي رنگ راتڙيا من ليئڙا ڏيتا رام.
آپڻا من ڏيئا هر ور ليئا جئُ ڀاوي تئُ راوئي،
تن من پر آگي سبد سڀاڳي گهر امرت ڦل پاوئي.
ٻڌ پاٺ نه پائيئي ٻهه چترائيئي ڀاءِ مليءِ من ڀاڻي،
نانڪ ٺاڪر ميت هماري هم ناهي لوڪاڻي.
(آسا، م ١ - ٤٣٥-٤٣٦)

## ٧. پڻڏي ساوڻ آئيا

ساوڻ جو سندر ۽ وڻندڙ مهينو اچي ويو آهي. ساوڻ جا ڪارا ڪڪر ۽ ڪڙڪڻ، ڇم ڇم ڪندڙ بکي ۽ لهندڙ مور، اهي سڀ پيار کي گهرو ۽ دلڪش بڻائڻ جا وسيلا آهن. گروُ صاحب ساوڻ جي مهني جي مدش جدم سان پيٽ ڪن ٿا. جيئن ساوڻ جي برسات جي موسم ۾ پتيءَ کان وڇڙيل، برهه جي ماريل استري واڪو ۾ وياڪل ٿيندي آهي، تيئن جيڪو مدش جدم پائي ان پياري پرڀتم پرماتما سان ميلاپ نٿو ڪري، انهيءَ جو جدم ڏکن ۾ ئي وهامي ٿو وڃي. ٻلي ڪٽي هيڪي سنسار جا سڀ سک ملي وڃن، پر نه ته هيڪي پنهنجي اندر ڪا ڪمي، اوڻائي ۽ اڪيلائيءَ جو احساس رهي ٿو. اندر ان جا پوڙ ۽ سنساري سک ڪڏهن به ان اوڻائي خال يا ڪميءَ کي پوري نٿا سگهن.

شبد جي ٻئي حصي ۾ گروُ صاحب اُن استريءَ جو مثال ڏين ٿا، جنهن کي سپني ۾ پرڀتم جو درشن ٿئي ٿو، پر جاڳڻ لي هنجي وڇوڙي جي پيڙا وڌيڪ گهري ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح جنهن پراڻيءَ کي اندر اُن پرڀتم جي هلڪي جهلڪ ڏيکاري ڏيئي الوپ ٿي وڃي ٿي، اُن لاءِ جڳ نه مؤسه جو سامان لبار ٿي وڃي ٿو. جنهن ڪڏهن ميلاپ جو سک ماڻيو ئي ڪونهي، انهيءَ جي ڳالهه ئي ٻي آهي. پر جنهنکي ميلاپ جو ٿورو به رس يا آنند حاصل ٿئي ٿو، انهيءَ جي تڙپ بيان کان ٻاهر آهي. بنا دائمي ۽ پڪي ميلاپ جي، هن کي ڪڏهن به چئن آرام، سک سنتوک نه ايندو.

شبد جي آخر ۾ گروُ صاحب جن ستگروءَ جي مهما ڪندي فرمائين ٿا ته مان پرڀتم جو سنهو آڻيندڙ ۽ انهيءَ سان ميلاپ جي راهه ٻڌائيندڙ ستگروءَ تان قربان وڃان ٿو. مان

ڪيس پنهنجو سڀس پيتا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ۽ مان پڻ سڀس جي ٻه سنڌس شيوا ڪندس. مطلب ته پنهنجي هؤمي کي پوري طرح ٿياڳي، ان ستگروءَ جو حڪم مڃڻ لاءِ تيار آهيان. اڳتي فرمائين ٿا ته جڏهن آتما جو پتي دور هليو ويو هجي، جڏهن کي وڇوڙي جو روڳ لڳي وڃي، اها ته پرهه جي پيڙا ۾ ئي مري وڃي ٿي.

۱ موري رڻ جهڻ لائنا پيٽڪي ساوڻ آئنا،
۲ ٽيري منڊ ڪناري جهوٻا ڻن لوڪي لوپ لپائنا.
۳ ٽيري درسن ونهه ڪنيٽي وڃا ٽيري نام ونهه قرباڻو،
جالو نامڻ ماڻ ڪيٽا هٽ ٽڌ ٻن ڪيها ميرا ماڻو.
۴ چوڙا پين پلنگهه سٽ منڌي سڻ باهي سڻ پاهنا،
۵ ااٽي وانس ڪريڌيٽي منڌي سهج رالو آوراها.
۶ نا مديتار نہ چوڙيٽا نا سي ولگڙيٽاها،

---

١. مور ساوڻ جي اچڻ جون خوشيون ملهائي رهيا آهن.

٢. هي پريتم، تنهنجي ڀرچي نظرن جي تيرن موکي نوڙيءَ وانگر ٻڌي رکيو آهي. انجي ڪشش ۾ لوپي من انهن کي ٿي چاهي ٿو. جهوڏا = جهوڙا = رسيءَ ۾ ٻڌڻ وارا پون نظرون.

٣. مان تنهنجي درشن تان قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهيان. تنهنجي نام تان ٻلهار وڃان ٿي.

٤. پنهنجا چوڙا ٻانهن سميت ۽ پلنگ چوڪاٺ سميت ٻڌي ڇڏ. مطلب ته پتيءَ بنا سهاڳ جون نشانيون چوڙا ۽ سنڌور سڀ بيڪار آهن.

٥. نون اٿرا هار سينگار ڪرڻ ٿي، پر تہ بہ تنهنجو پتي بنا سان سڪ ماڻي رهيو آهي.

٦. نو وقت نہ گروءَ روڻي چوڙيگر آهي، نه ٻگڙيءَ روڻي چوڙيون ۽ نہ پريم روڻي ولگڙيون ئي چلا، جن سان پتي پرسن ٿئي.

369

جو سهڻ ڪنهن نه لڳيون جهلڻ سان باهه ڦٽاڻا.
سڀ سهيون سهڻ راوڻ ڳڻيون هٿ، داڏي ڪيئي در جاوا،
[1] اڻوالي هٿ ڪري سڄي لڳي سهه اڪ نه پاوا.
[2] ماڻ ڳنڍائي پٽيون پرڻيون مالڪ سنڌوري،
[3] اڳيون ڳڻي نه مڃيون مرڻ وسون وسوري.
[4] مٺ روئندي سڀ جڳ رانا رانديڙي وٺ پنڪيرو،
اِڪ اِهِ رانا ميري لڻ ڪا برهه جن هٿ پرهه وڇوڙي.
سپڙيون آئيون پيئي ڳڻيون مٺ جل پرتا روئي،
آهه نه سڪا لڇهه ڪن ڀاري ڀيڄ نه سڪا ڪوئي،
آهه سهاڳي انهونڊڙائي مت سهه ڏيکا سوءِ.
[5] لٿ صاحب ڪي پاس ج آکيو کهه ناتڪ ڪٿا ڏيجيو،
[6] سيس ويڙي ڪر ٻئسڻ ڏيجيو وڻ سر سيو ڪريجيو،
[7] ڪٿ نه مرجيو جيئڙا نه ڏيجيو جا سهه ڀئا وڌائا.
(وڏ هنس، م ١ - ٥٥٧ - ٥٥٨)

---

١. هي سکيءَ جيسنا ٽين مان پٽيءَ کي اٿي پسند پوان ليسين مان سکهڙ ۽ سنڌ ڪيٽن تي سکهان تي.

٢. مون پنهنجا وار سنواريا ۽ مالڪ ۾ سنڌوُر به پرايو.

٣. پر پتيءَ جي گهر اهو سينگار قبول نه پيو، اهي لاءِ مان روئي روئي مري رهي آهيان.

٤. منهنجي رنڊ ورلاپن لي سڄو جڳ، ٻين جا پکي به رنڊ لڳا، پر منهنجي لن جو برهه نه رلو پيو، منهنجي رنڊ ۽ ورلاپن سان نه وڇوڙو دور نه ٿيو.

٥. جيڪو پريتم جي لوکي ڳالهه ٻڌائي اُنکي لون ڇا ڏينديون؟

٦. سيس ويڙي وڻ لاءِ ڏيندي سااس ۽ ٻدا سر جي اُنجي شيوا ڪنديس. مطلب ته هونءَ ليائي، لماٽي شيوا ڪنديس.

٧. جڏهن پتي پراڻو ٿي ويو آهي ته پوءِ هنجي ميلاپ لاءِ پراڻ چرڻ قربان ڪجن.

## ٨. جيئن ٻرت هڪ آپڻا

منش پاپن سان ڀريل آهي. هنکي سدائين اهو ڊپ لڳو رهي ٿو ته پتو ناهي ته الائي ڪهڙا ڏک يا سزائون ڀوڳيون پونديون. پر اهو پرماتما پرم دئيال ۽ بخشند آهي. جيڪڏهن منش تن من سان ڪيس پيار ڪري ۽ سچيءَ دل سان سندس شيوا ڪري ته انت سمي اهو ڪرپا ندان ضرور انهيءَ منش جو مددگار ٿيندو.

پاپي منش پرارٿنا ڪري ٿو ته هي پڀو، توهان مونکي پنهنجي نام جو سمرن ڏيو، جنهن مان انهيءَ نام روپي جهاز ۾ چڙهي، ڀوساگر کان پار ٿي وڃان. هي پڀو! توهان ئي هڪڙو سچو ڏاتي آهيو، توهان ئي نماڻن جو مان ۽ بي آسرن جو آسرو آهيو.

گرو صاحب ارداس ڪن ٿا ته هي پڀو! مون تي اهڙي مهر ڪر، جنهن مان تنهنجي نام جي ڪمائيءَ ۾ سدا لام لڳو رهان. مان لوڪ لاج ڇڏي بيپرواهه ٿي، تنهنجي شيوا ڪرڻ چاهيان ٿو. مان تنهنجو غلام آهيان ۽ توتان قربان وڃان ٿو.

جيئن ٻرت هڪ آپڻا ڪٽ سنه ڪري پڪار،
دوکه وسارڻ سيوڪا سدا سدا دالار،
صاحب ميرا ايڪ توا سدا سدا داتار.
اٺين صاحب سمونئي الک اپاري سوهه،
سڻ سڻ موري ڪامڻي پار اتارا هوءِ.
دنيا ميري نام تيرا سد قربائي جاءِ،
سرب ساچا ايڪ هڪ دوجا ناهي ڪوءِ،
تاکي سيوا سو ڪري جا ڪو ندر ڪريه.
تڌ باجهه پياري ڪيو رها،

سا وڏڀاڳي ڏينهن جت امر نمري لاڳ رهاءِ،
توجا ناهي ڪوءِ جس آگي پڪاري جاءِ ڪهاءِ.
سيوري صاحب آپڻا اور نه جاچڻ ڪوءِ
نانڪ تا ڪا داس هڻ بند بند چڪ چڪ هوءِ.
(ڏناسري، م ١-٦٦٠)

## ٩. ڪڇجي

هيءُ شبد نمرتا ۽ پرارٿنا جو ڀاو ظاهر ڪري ٿو. ڪڇجي (ڳنوار) جيو آتما چوي ٿي ته مون ۾ ڪو به گڻ، لائقي يا ڍنگ ڪونهي، مان اوگڻن سان ڀريل آهيان. مان پنهنجي پتيءَ جو سڪ ڪيئن پراپت ڪري سگهندس؟ مون کان گهڻو وڌيڪ سگهڙ، سندر، سلڇڻيون ۽ لائق استريون اُن پرڀوءَ جي پٺيان لڳيون پيون آهن. اهڙيءَ حالت ۾ مان نڌر نماڻي، ڪهڙي باغ جي موري آهيان؟

ڪڇجيءَ جي اهڙي حالت آهي، جو اها ڌن دولت، سون چانديءَ ۽ سنساري پدارٿن پٺيان ڊوڙندي رهي ٿي. هوءَ داتا کي ڀلائي، انهي نعمتن (پدارٿن) جي موهه ۾ ڦاٿل رهي ٿي. ايڏاهين ۾ مٿو اڇو ٿئي ٿو ته جيو آتما روپي استريءَ کي پرلوڪ روپي ساهرن مان سڏ اچي ٿو.

گرو صاحب شبد جي آخر ۾ ارداس ڪن ٿا ته هي منهنجا پرڀو، جهڙي طرح تو ٻين سهاڳڻين لئي دَيا مهر ڪئي آهي، تيئن مون لئي به مهر ميا ڪري مونکي به درشن ڏيئي پاڻ سان ملائي ڇڏ.

[1]منڌ ڪڇجي اماوڻ ڏوسڙي هڻ ڪئه سهه راوڻ جاءِ جيئه،

---

١. مان ڪڇجي، ٻي ڍنگي آهيان. منهنجا ڏوهه بيشمار آهن. مان پنهنجي ڀتار جو ميلاپ ڪيئن ٿي ماڻي سگهان. منڌ = مان. ڏوسڙي = ڏوهه. اماوڻ = سمائجي نٿا سگهن. ڪئه سهه راوڻ جاءِ = مان پرڀوءَ سان ڪيئن ملان.

١ اڪ دو اڪ ڇڙندڙيا ڪوڙ جاٽيون ميرا ناٿ جيئڙا.
٢ جنهي سکي سهه راوڻا سي انهي ڇاوڙيئهه جيئڙا،
٣ سي گڻ مڌ نه آولي هڙ ڪڙ جي دوس ڏريڙ جيئڙا.
٤ ڪيٽا گڻ تيري وڏرا هڙ ڪيتا ڪيتا گهڻا تيرا ناٿ جيئڙا،
٥ اڪت نول نه اڀڙا هڙ صد قرباڻي تيري جاٿ جيئڙا.
٦ سڀدا رڀا رنگلا موڻي تني ماٿڪ جيئڙا،
سي وسڻو سهه دليتا مڪ ندهه سڪ لالٽا چت جيئڙا.
٧ مندر متي سندڙي پتر ڪيتي راس جيئڙا،
٨ هڙ ايهي نولي پليڙس نس ڪنت نه ٻڌني پاس جيئڙا.

---

١. ان مالڪ جون انيڪ، هڪ ٻئي کان وڌيڪ داسيون آهن. مون لکڻ کي آئي ڪير جاڻندو يا سڃاڻندو؟

٢. جنکي سکيون پريتم سان مليل چڪيون آهن، اُهي انهن جي وڻن جي چاليءَ ۾ آنند ماڻين ٿيون معنيٰ سچو سک پوگين ٿيون.

٣. مون ۾ انهن جهڙا گڻ ڪونه آهن. مان ڪنهن کي ڏوهه ڏيان.

٤. مان تنهنجي ڪهڙن گڻن جو ورڻن ڪريان؟ معنيٰ تنهنجا گڻ انيڪ آهن. پيو نه مان تنهنجو ڪهڙو نالو وٺان؟

٥. مان تنهنجي هڪڙي گڻ يا خوبيءَ تائين نه پهچي اُتي سگهان. مان نه تو مٿان سؤ وار قربان وڃان ٿي.
اڀڙا = پهچي سگهڻ.

٦. مولڪي منهنجي پريتم سون چالدي، سڀئي مالڪ موڙي ڏنا، پر مان اُهيءَ دانا کي وساري سندس ڏنل پدارٿن جي پيار ۾ الجهي وئي آهيان.

٧. مون نه مٽيءَ جي سرير روپي محل کي ٻٽرن يعني هيرن جواهرن سان سينگاريو آهي.

٨. مان انهن پدارٿن کي گڏ ڪرڻ ۾ پنهنجي پريتم کي ڀلائي ويٺس ۽ انهي پاسي ۾ نه ويٺس.

[1]اُڀر ڪونجان ڪر لنگهيا ٻگهه ٻَڌني آهه جنهن،
[2]سا ڏينهن چلي سا هرڻ ڪٿا مهه ڏسي اکيون جاءِ جنهن.
[3]سٽي سٽي جهال لنگهيا ٻلي وانءِ ٻُڌاس جنهن،
[4]ٻيو سهه نالهه متيهنس دکا کئُون ڏرِياس جنهن.
نانڪ گوڙ منهه سڀ اوگڻا اڪ نالڪ ڪي ارداس جنهن،
سڀ راتي سوهاڳڻي منهه دوهاڳڻ ڪائي رات جنهن.
(سوُهي، م ١- ٧٦٢)

## ١٠. سچجي (سگهڙ)

ڪوچجي يا ڦهلي استريءَ جي اُلٽ، هن شبد ۾ سچجي يا سگهڙ استريءَ جي گڻن جو ورڻن ڪيل آهي. سچجي اُها آهي، جا پڌهجي پريتم جي پياري آهي، اُنجي حڪم ۾ رهي ٿي ۽ شبد جي ڪمائي ڪري ٿي.

پريو جنهن جو سان انگ سنگ آهي، اُنجي اندر ۽ ٻاهر شانتي ٿي شانتي نظر اچي ٿي، اُهو مالڪ جي شرن ولي ٿو ۽ اُنين سمجهي ٿو ته جيڪي ڪجهه بس تي رهيو آهي، اُهو سندس حڪم يا ڀاڻي انوسار ٿي رهيو آهي.

---

١. سر تي موُت روپي ڪونجون ٻوليون ٻولي رهيون آهن ۽ وار ٻگهن وانگر سفيد ٿي ويا آهن.

٢. استريءَ جو ٻولوڪ روپي ساهرن ۾ وڃڻ جو وقت اچي ويو آهي. هاڻي اُني هوءَ ڪهڙو منهن کڻي ويندي. مطلب ته اُنکي شرمسار ٿيڻو پوندو.

٣. سمهي پئي (اڳيانتا) ۾ تي اُنجي جيون روپي رات گذري وئي، هٿان وڃڻ جو سمو، صبح اچي ويو ۽ هوءَ زندگيءَ جي اصلي راهه کان گمراهه ٿي وئي.

٤. مان پريتم کان وڇڙي ويس ۽ دک کنا ڪندي رهيس.

انهيءَ ڪري هو هر حال ۾ سندس رضا ۾ راضي رهي ٿو، چاهي هو بادشاهي اوج بخشي، چاهي ڀڪاريءَ وانگر ڀيک ڪرائي. جيڪڏهن ڀرپور جي موج ٿئي ته هو ديال ۽ سندر نظر اچي ٿو ۽ جي سندس موج ٻي طرح جي هجي ته هو ڀيانڪ محسوس ٿئي ٿو. اهڙي قسم جو ڀاو اچڻ ۾ مالڪ جي موج ۽ مرضيءَ تي منحصر رهي ٿو. ڪوئي به ان پرماتما جو انت پائي نٿو سگهي. سندس ڀاڻي الوسار زمين اندر سمنڊ وهي پون ٿا ۽ آڪاش ۾ ڪنول ٽڙي پون ٿا ۽ ڦلن ڦولن ٿا. سندس ڀاڻي يا موج سان ئي ڀوجل تري وڃبو.

سڀجي پرارٿنا ڪري ٿي ته هي پرڀو، مان توکان ڇا گهران. مونکي ته تنهنجي درشن جي پياس آهي. مون تنهنجي شرن ورتي آهي. مونکي ته ستگروءَ جي شبد جي ذات بخشيو، ڇاڪاڻ ته شبد دوارا ئي تنهنجو ميلاپ ٿي سگهندو.

ڇا تو ٿا مڃ سڀ ڪر تو صاحب ميري راس جيئُ،
تڏ انتر هڃ سک وسا تون انتر ساباس جيئُ.
ڀاڻي لذت وڏائيا ڀاڻي ڀيک اداس جيئُ،
[1] ڀاڻي ٿل سر سر وهي ڪمل ڦلي آڪاس جيئُ.
ڀاڻي ڀوجل لنگهيئي ڀاڻي منجه پرڳاس جيئُ،
[2] ڀاڻي سر سهه رنگلا صفت رتا گڻ تاس جيئُ.

---

1. تنهنجي مرضي هجي ته ريگستان ۾ نديون وهڻ لڳن. تنهنجي موج هجي ته آڪاش ۾ ڪنول گل ٽڙي پون.

2. تنهنجي موج سان ئي تون سڀني من موهڻ لڳين ٿو ۽ تنهنجي موج سان ئي تون مڌش لاءِ ڀيانڪ ۽ جم مرڻ جي ڏکن جو ڪارڻ بڻجين ٿو.

پياسي سڀ پيهاولا هئا، آرڻ جاڻ مٺاس جيئن،
نر سڀ اگم النولا هئا، ڪي ڪي ڏهه پنڌاس جيئن.
ڪٿا ماکئن کاڪي مٺي، مڻ درسن پوکه پياس جيئن،
گرو سڀڌي سڀ پانٿا سچ لناڪ کي ارداس جيئن.
(سوهي، م ١-٧٦٢)

## ١١. سوني رئڻ وهاڻي

هن پريم جي ڀاو سان ڀرپور شبد ۾، آتما جي استريءَ سان، پرماتما جي پتيءَ سان ۽ زندگيءَ جي رات سان مشابهت ڪئي ويئي آهي. هيءَ جيون روپي رات الهيءَ لاءِ ملي آهي ته سهاڳڻ آتما پنهنجي پريتم جو سنگ ساٿ ماڻي ۽ اُن سان پريم جي بازي کيلي سگهي. پر مورک استري هيءُ موقعو سنسار جي ورتڻ ڏسڻ ۾ گنوائي ڇڏيو ۽ اُن پريتم سان ميلاپ جي انوکي آنند جو رس وٺڻ بجاءِ، پنهنجو وقت پاپن جي گندي ڳالهين ۾ لڳائي ڇڏيو. ستگرو ديا مهر ڪري، وچ وارو ٿيڄي، سندس وڇڙيل پريتم سان ميلاپ ڪرائڻ چاهي ٿو، پر هوءَ جوڀن جي اهنڪار ۾ مست، ستگروءَ جي گيان ڀريل وچنن تي ڌيان نه ٿي ڏئي. جڏهن زندگيءَ روپي رات پوري ٿيڻ تي اچي ٿي ته هن کي پنهنجي مورکتا جو احساس ٿئي ٿو ۽ هوءَ ستگروءَ اڳيان ارداس ڪري ٿي. ستگرو ديا مهر ڪري کيس سندس پياري پتي سان ملائي ٿو، جڏهن مان الکي امر آنند جي پراپتي ٿئي ٿي.

[1] ڀر جوڀن مٺ مت پيئڙڙي گهر پاهڻي بلرام جيئن،

---

١. ڀريل جوانيءَ جي نشي ۾ مست (اهنڪار ۾ ٻي سڌ) آهيان ۽ مونکي خبر ناهي ته مان هت پيڪن (سنسار) ۾ مهمان آهيان ۽ هڪ ڏينهن ساهري (پرلوڪ) وڃڻو پوندو. بلرام جيئن = مان پريءَ تان ٻلهار وڃان ٿي.

١ مٺلي اوگڻ چت ٻن گرگهڻ نه سماولي ٻلرام جيئ.
٢ گهڻ سار نه جاڻي ڀرم ڀلاڻي جوٻن، ٻاد گواڻتا،
ور گهر در درسن نهي جاتا ٻر کا سهج نه پاتا.
ستگر ٻوڄ نه مارگ چالي سوڻي راڻ وهاڻي،
٣ ناڪ ٻالتڻ رادٻهنا ٻن ٻر ڏن ڪملاڻي.
بابا منه ور ديهه منه هر ور ٻاوي تس ڪي ٻلرام جيئ،
٤ رو رهنا جڪ چار ٽرٻوڻ ٻاڻي جس ڪي ٻلرام جيئ.
٥ ٽرٻوڻ ڪنت روي سوهاڳڻ اوگڻولتي دوري،
٦ جنسي آسا لنجي منسا ٻور رهتا ٻرٻوري.
هر ڪي نار سه سرب سهاڳڻ راند نه منائي وسي،
ناناڪ منه ور ساچا ٻاوي جڪ جڪ ٻرٿم لنسي.
٧ بابا لکن ڪتاء هنئي وچان ساهري ٻلرام جيئ،

---

١. مان اوگڻن سان ڀرجي مٿي تي چڪي آهيان، گروءَ ٻنا منهنجي چت ۾ گڻ ڪٿا اچي سگهن.

٢. مون گڻن ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏنئي، وهمن ڀرمن ۾ پنهنجي زندگيءَ روپي جواني اجائي وڃائي.

٣. جهڙي طرح ٻالپڻ ۾ وڌوا ڪنيا، جوان هوندي به هميشه مرجهايل ۽ اداس رهندي آهي، اهڙي طرح پريوءَ روپي پريتم کانسواءِ آتما روپي استري هميشه مرجهايل ۽ اداس رهي ٿي.

٤. پريو چئني جڳن ۾ ۽ ٽنهي لوڪن ۾ باڻي يا شبد روپ ۾ وياپڪ آهي.

٥. اهو پريو سهاڳڻين، گڻن وارين (گرمکن) وٽ رهندو آهي. پر مون جهڙي اوگڻن سان ڀريل کان دور رهي ٿو.

٦. سهاڳڻين جي هردي ۾ جيڪا به ڪامنا هوندي آهي، سا اهو سرو وياپڪ پريو پوري ڪندو آهي.

٧. هي پتا (ستگرو)، منهنجي شاديءَ جي لکڻ ڪيائون، جنهن مان ته ساهري، پنهنجي پتي پريوءَ وٽ وڃان.

ساها حڪم رضاءِ سو نہ ٽليءِ جو پرڀ ڪريءِ ٻلرام جيئُہ ۔
[١]ڪرت پئِيا ڪرتيءِ ڪر پائِيا ميٽ نہ سڪيءِ ڪوئي ۔
[٢]جاڃي ناءُ نرهہ لهہ ڪيول رو رهئِيا لهہ لوئي ۔
[٣]ماءِ نراسي روءِ وڇڙي ٻالي ٻاليءِ هيتي ۔
نانڪ ساچ سبد سک مهلي گر چرڻي پرڀ چيتي ۔
[٤]ٻابل دتڙي دور نہ آويءِ گهر پيئڙيءِ ٻلرام جيئُہ ۔
[٥]رهسي وکهہ حدور پر راوي گهر سوهيئيءِ ٻلرام جيئُہ ۔
ساچي پر لوڙي پريتم جوڙي مت پوري پرڌاني ۔
سنجوڳي ميلا ٿان سهيلا گڻوئتي گر گياني ۔
ست سنتوک سدا سچ پليءِ سچ ٻوليءِ پر ڀائي ۔
نانڪ وڇڙ نا دک پائي گرمت انڪ سمائي ۔
(سوهي م ١- ٧٦٣-٧٦٤)

---

١. جيڪو ڪرمن جو ليکہ ڪرتار لکيو آهي، انکي ڪو بہ ميٽي نٿو سگهي ۔
٢. براست يا جڳ جو اڳوان، مڌهجو گهوٽ نرليپ آهي، سڀني ٻنڌن کان پري، ٻولر ۽ پوري طرح مڪت آهي ۽ نهي لوڪن ۾ وياپڪ آهي ۔
٣. گهوٽ ۽ ڪنوار جي ميلاپ لي مايا روپي ماءُ روئي ٿي، چاڪاڻ تہ ڪنوار روپي جيو آتما، مايا جي ڏسن مان نڪري وڃي رهي آهي ۔
٤. مڌهجي پتا (ستگروه) مڌهجو سنبنڌ اهڙي دور ديش (پرڀو جي ڌام) ۾ ڪيو آهي، جو مونکي واپس پيڪي گهر (سنسار) ۾ اچڻو نہ پوندو يعني جنم مرڻ ۾ اچڻو نہ پوندو ۔
٥. پرڀو روپي پريتم کي سامهون ڏسي نهايت خوش ٿي، پريتم کيس قبول ڪيو ۽ هاڻي هوءَ پرڀو جي گهر ۾ سوڀيا پائي ٿي ۔

## ۱۲. پريم جا سلوڪ

هتي "سوهي راڳ جي وار" مان ۽ وارن کان وڌيڪ سلوڪن مان، پريم جي وشيه سان سمبنڌ رکندڙ گروءَ صاحب جن جا ڪجهه سلوڪ ڏنا وڃن ٿا. انهن ۾ پريم جا الڳ الڳ ڀاو پرگهٽ ڪيل آهن. انهن ۾ برهه جي تڙپ، ميلاپ جي گهڙي چاهڻا، پريتم جي بيپرواهيءَ تي نراشا ۽ اداسي ۽ ميلاپ جي پورڻ آنند جا ڀاو ملن ٿا. وارن کان وڌيڪ ورتل سلوڪن ۾ گروءَ صاحب انهيءَ حقيقت کي پرگهٽ ڪن ٿا ته نرڀوءِ روپي پريتم صرف پريم دوارن ئي ملي ٿو ۽ اها ڳالهه به چڱيءَ طرح سمجهائين ٿا ته پريو جڏهن به ملندو ته پنهنجي اندر ئي ملندو ۽ ٻاهران مندر، مسجد، گرجا گهر ۽ ٺاڪر دواري وغيره مان ڪڏهن به ڪونه ملندو.

اڪو ڪنت سبائيا جيتي در کڙياهه،
نانڪ ڪنتي رتيا پوڇهه بانڙياهه.
سڀي ڪنتي رتيا مئه دوهاڳڻ ڪت،
مئه تن اوگڻ ايتڙا خصم نه ڦيري چت.
هئه بلهاري تنهه ڪئه صفت جنا دي وات،
سڀ راتي سوهاڳڻي اڪ مئه دوهاڳڻ رات.
جي نه پائيو پريم رس ڪنت نه پائيو ساءِ،
سنڃي گهر ڪا پاهڻا جيئه آئيا تيئه جاءِ.

(وار سوهي، م ١ - ٧٩٠)

تن نه تپاءِ تنور جيئه بالڻ هڏ نه بال،
سر پيري ڪيا ڦيڙيا اندر پري سنڀال.
سڀني گهٽي سهه وسي سهه بن گهٽ نه ڪوءِ،
نانڪ تي سوهاڳڻي جنها گرمکه پرگٽ هوءِ.
جئه تئه پريم کيلڻ ڪا چاءُ سر ڌر تلي گلي ميري آءُ،
اِت مارگ پير ڌريجي سر ديجي ڪاڻ نه ڪيجي.

(سلوڪ وار کان وڌيڪ، م ١ - ١٤١١-١٤١٢)

## ٣١. لاڄ مرندي مر ڳئي

”دکڻي اونڪار“ مان ورتل هن شبد ۾ اُن پريمڻ جي من جي حالت چٽيل آهي، جا پريو پريم ۾ لين ٿي، هر طرح جي لوڪ لاڄ کي تياڳي ڇڏيندي آهي. هوءَ اهڙيءَ سهاڳڻ وانگر آهي، جنهن سس (مايا) جو ڏپ من مان ڪڍي، پردو لاهي، پريتم جي ميلاپ لاءِ هلڻ شروع ڪري ٿي. گروءَ صاحب جن جو اهو ڀاو آهي ته پريوءَ جو سچو ڀڳت ڪڏهن به سنسار جي نندا ۽ تڪليفن کان نٿو ڊڄي ۽ هو مايا جو پردو هٽائي، اُن پياري پريتم سان وڃي ملي ٿو. هو شبد يا نام جي رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿو، جنهن مان هن جا سڀ دک دور ٿي وڃن ٿا ۽ کيس سچو سک پراپت ٿئي ٿو. اهڙي اوستا ستگروءَ جي ديا مهر سان پراپت ٿيندي آهي.

١ لاڄ مرندي مر ڳئي گهونگهٽ کول چلي،
٢ ساس دواني باوري سر تي سنڪ ٽلي.
٣ پريم بلائي رلي سين من مهه سبد انند،
٤ لال رلي لالي ڀئي گرمک ڀئي نچند.
(رامڪلي دکڻي اونڪار، م ١-٩٣١)

---

١. جيڪا لوڪ لاڄ مونکي پريشان ڪري رهي هئي، اها ختم ٿي وئي آهي، مون گهونگهٽ کولي ڇڏيو آهي ۽ نڊر ٿي پريم جي مارگ تي هلي رهي آهيان.

٢. سس معنيٰ مايا جي مت ماري وئي آهي. هاڻي مون تي اهو زور نٿو هلي سگهي ۽ منهنجا سڀ ڀرم دور ٿي ويا آهن.

٣. پريتم مونکي پيار سان سڏايو آهي ۽ منهنجي من ۾ شبد جو آنند ڇانيل آهي. هتي گروءَ صاحب شبد جي مدد ۽ ڏن جي پريتم جي پريم پرتي سڌ سان ڀيٽ ڪئي آهي.

٤. لال يعني پريتم جي رنگ ۾ رڱجي مان به لال ٿي وئي آهيان يعني پريتم ۾ سمائجي مان به پريم جو روپ ٿي وئي آهيان. ستگروءَ جي ديا مهر سان اها اوستا پائي آتم جا سڀئي دکن کان پري آهي.

## وِساکه پلا ساکا ويس ڪري

لکاري راڳ جي "ٻارهه ماهه" مان وڌال ويساکه جي مهني ۾ گروُ صاحب بسنت جي موسم جو ورنن ڪن ٿا ۽ اُن ٻرهه جي مارل استريءَ جي من جي حالت جو چٽر ڪڍين ٿا، جا اهڙي سهڻي ۽ وڻندڙ موسم ۾ پنهنجي پياري کان وڇڙيل آهي. ويساکه جي سهاوڻي سمي ۾ چوڌاري طرف ساوڪ ڇانيل آهي ۽ ونسپتي هري ڀري ٿي پيئي آهي. هوءَ سڪ سوز مان پڪاري ٿي ته هي پرائتم! مان تنهنجي راهه لکي رهي آهيان ته تون اچين ته منهنجو ڪومائيل هردو نئڙي پوي ۽ سرسبز ٿئي. هي منهنجا پيارا، تون ديا ڪر ۽ منهنجي گهر اچ. تون ئي موتڪي ڏکن جي سنسار ساگر مان پار لنگهائي سگهين ٿو. توکان سواءِ منهنجي قيمت ڪوڏيءَ جيتري به ڪانهي. جيڪڏهن تون مون ڏي پنهنجي پيار ۽ رحمت جي هڪ نظر به وجهندين ته مان لکن ۽ ليکن مان اموڪ ۽ امول بڻجي پوندس ۽ ڪنهنکي به منهنجي قيمت ڪٿڻ جي همت ئي نه ٿيندي. تنهنجي ديا مهر ٿئي ته مان توکي ٻري ٻاهر ڳولهڻ بجاءِ، پنهنجي سرير اندر ئي تنهنجي کوج ڪري سگهان ٿي ۽ اندر ئي تنهنجي محل، نج ڌام ۾ پهچي سگهان ٿي. ويساکه روپي منش جنم اُهيءَ منش لاءِ سهائڙو سڀاڳو ٿئي ٿو، جنهنجي سرت اندر شبد سان جڙي وڃي ٿي، جنهنجو من وس ۾ اچي وڃي ٿو ۽ جنهنجو پنهنجي پياري پرائتم پرڀوءَ سان ميلاپ ٿي وڃي ٿو.

وِساکه پلا ساکا ويس ڪري    ڏن ڏيکي هر دتار آوهه دئنا ڪري.
گهر آءُ پيتاري دتر تاري    تُڌ بن اڌ نه مولو.
قيمت ڪؤڻ ڪري تُڌ پاوان    ديکه دکاوي ڍولو.
دور نه جانا انتر مانا    هر ڪا محل پڇانا.

(لکاري ٻارهه ماهه، م ١-١١٠٨)

## ضميمو

### ساهتيڪ گڻ ۽ عبارت

گروُ نانڪ صاحب جن جا ”سري آد گرنٿ“ ۾ ڪل ٩٧٤ شبد آهن. انهن مان سندن مکيه باڻي آهي ”جپجي“، ”سد گوسٽ“، ”آسادي وار“ ۽ ”دکڻي اونڪار“. حقيقي ۽ ڳوڙهي روحاني اُپديش ڪالسواءِ سهڻي ۽ سليس ٻوليءَ ۾ ورتن ڪرڻ جي اعليٰ گڻن، گروُ صاحب جي باڻيءَ کي هڪ عمدي نظم جي روپ ۾ انهايت مهان ادبي درجو ڏنو آهي. شبدن جي چونڊ ۽ هرهڪ شبد جي مٽر ۽ موهيندڙ گيت روپ جي درشٽيءَ کان گروُ صاحب کي سنسار جي سڀني جڳن جي مهان شاعرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. هوُ خود پنهنجي شاعري ۽ سوڀيا کان اڻڄاڻ نه هئا. ٻاڻ کي اُن اڪال پرک پرماتما جي شبد جو پرچارڪ، ٻاڻي يا راڳي جي ظاهر ڪيو اٿن.

ٻاڻي ڪري پساءِ سمد وجاٿيا.

(مانجهه ڪي وار، م ١-١٥٠)

گروُ صاحب جي باڻي جي اوچ ڪلاميه گڻن جي باوجود اسانکي اهو هميشه ياد رکڻ گهرجي ته سندن باڻيءَ جو مکيه مقصد پرماتما جي شبد جو اُپديش هو. اهي پد يا باڻي ان شبد جي سنديش ڦهلائڻ جو ۽ ان مقصد جي پورتيءَ جو ساڌن هو. گروُ صاحب پنهنجي باڻي ڪاويه شڪتيءَ کي ڏيکارڻ لاءِ نه رچي هئي. سندن گيت يا شبد هڪ الوڪڪ نظاري وانگر، هڪ روحاني جوت سمان آهن، جيڪي گلاب جي گل وانگر ٽڙي پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا. سندن موُل مقصد ته پنهنجي روحاني سنديش جو پرچار هو، پر نظم ۽ ٻولي انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ذريعو هو.

ڀارت ۾ سنتن مهاتمائن ۽ ڀڳتن دواران جاري ڪيل روحاني ٻوليءَ جي هڪ وشال پرمپرا هئي، جا گروءَ صاحب جن کي ورثي ۾ ملي. انهيءَ پرمپرا ۾ نامديو، ڪبير ۽ روِداس وغيره جي ٻوليءَ کي پنهنجو ئي هڪ خاص الڳ روپ حاصل ٿيل آهي. بابا فريد شڪر گنج جهڙن صوفي فقيرن جي ٻولي به لوڪ پريه هئي، جنهن اُن وقت جي پنجابي ٻوليءَ ۾ پرڀو پريم جا گيت رچيا ۽ ڳايا هئا. گروءَ نانڪ صاحب انهيءَ پرمارٿي ٻوليءَ جي خزاني کان پوريءَ ريت واقف هئا. پاڻ انهن ٻولين جي مکيه خاصيتن کي ئي نه، بلڪ انهنجي عبارت ۽ ڀاو جي سندرتا کي به اختيار ڪيائون ۽ اُن وقت جي ٻن سمان هلندڙ صوفي ۽ ڀڳتي مت جي ٻوليءَ کي ملائي هڪ روپ ڏنائون.

وقت جي لحاظ کان گروءَ صاحب جي سموري ٻوليءَ کي عام طور ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون وقت لڳ ڀڳ سنه ١٤٦٩ع کان ١٤٩٨ع تائين آهي، جنهن ۾ پاڻ جوشيلي ۽ ڪرانتيڪاري ٻوليءَ جي رچنا ڪئي اٿن. انهيءَ ۾ مکيه طرح ڪهڙي ۽ پاکنڊي پنڊت طبقي جي جاري ڪيل ڪرم ڪانڊ ۽ حڪومت هلائيندڙن جي پاپن ۽ ٻريل پرورتيءَ جي زوردار ٽڪاچيني ڪئي ويئي آهي. مثال طور پاڻ خود هڪ وديارٿيءَ جي حيثيت ۾ پنڊت جي-ودوان پڻي ۾ شڪ اٿارين ٿا، ڇاڪاڻ ته سندس وديا مڪتي يا گيان ڏيڻ جي بجاءِ آتما کي گهٽڻ واري، گلي ۾ ٻڌل پٿر سمان هئي.

گروءَ صاحب جن ڪيس ڦٽڪاريندي، هدايت ڪن ٿا ته موه کي جلائي ۽ گساني الجي مس ٺاهيو، ويڪ ۽ ٻڌيءَ کي ڪاغذ بڻايو، پريم جي قلم سان، چت جي ليکاڪر نا سان، گروءَ جي اپديش انوسار، اُن پرڀوءَ جي نام جي مهما جو ليکو لکو، جنهنجو ڪوئي انت ڪونهي.

جال موهہ گس مس ڪر مت ڪاگد ڪر سار،
ڀاءُ قلم ڪر چت ليکاري گر پڇ لک ويچار،
لک نام سالاهہ لک لک انت نہ پاراوار.
(سري راڳ، م ١-١٦)

اهڙي طرح پاڻ ڳوٺ جي وئد کي بہ روبرو چون ٿا تہ بيماريءَ جو علاج ٻڌائڻ لاءِ ڪوتاهل وئد منهنجي ڪرائي پڪڙي ويٺو آهي، پر هن ويچاري کي اها خبر ئي ڪانهي تہ جدائيءَ جي پيڙا تہ منهنجي هردي ۾ آهي. نبض ڏسڻ مان ڪهڙو فائدو؟

وئد بلايا وئدگي پڪڙ ڍنڍولي بانهہ،
ڀولا وئد نہ جاڻئي ڪرڪ ڪليجي ماهہ.
(وار ملار، شلوڪ م ١-١٢٧٩)

گروءَ صاحب جي سموري شروعاتي ٻاڻيءَ ۾ روپالنڪارن، تشبيهن ۽ مثالن جو زور آهي. انهيءَ وقت خاص طور سلوڪن جي رچنا ڪئي اٿن، جن ۾ مکيہ طور طعاني بازي آهي.

هيءُ عرصو مکيہ طور گروءَ صاحب جي اداسين يا سنت مت پرچار لاءِ ڪيل ياترائن جي ويهن سالن سان سنبنڌ رکي ٿو. اُن وقت ۾ سندن رچيل ٻاڻي گهڻي قدر سڌانت ۽ سنت مت جي چرچا سان سنبنڌ رکي ٿي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ ان سمي جي شاستر گيانين، پنڊتن ۽ مولوين سان بحث مباحثن ۽ گوشٽين ڪرڻ ۾ مشغول رهيا هئا. ان وقت بہ سندن پرچار جو مضمون فضول ۽ بي جان ڪرم ڪانڊ، بي مطلب تيرٿ ياترا، اگيان ڀريل ٻيائي، سرير کي تپسيا ۽ تڪليف ڏيندڙ هٺ يوگ، ڪوڙي شان مان، غلط قدر قيمت ۽ وار ٿان کل لاهڻ واري بدي واد وغيره جي القطيعيءَ بسمت هو. پر ان سان گڏوگڏ سندن شبدن ۾ آتما پرماتما، سرشٽيءَ جي رچنا ۽ نام جهڙين روحاني ۽ ڀڳتي ڀاو وارن مضمونن جي جهلڪ بہ

ملي ٿي. ننڍڪڙي الهيءَ عرصي واري سنڌن ڀاڻيءَ ۾ مضمون ۽ عبارت جي تبديل جون نشانيون چڱيءَ طرح ملن ٿيون. مثال طور هيٺيون شبد نموني طور اُن وقت جي رچنا جو ڏجي ٿو.

موتي تہ مندر اوسرهہ رتني تہ هوهہ جڙاءِ،
ڪستوُر ڪنگوُ اگر چندن ليپ آوي چاءِ،
مت ديکہ ڀُولا وسري تيرا چت نہ آوي ناءِ.
هر بن جيئہ جل بل جاءِ،
مئہ آپڻا گر پوڇ ديکيا اور ناهي ٿاءِ. رهاءِ.
ڌرتي تہ هيري لعل جڙتي پلنگهہ لعل جڙاءِ،
موهڻي مکہ مڻي سوهي ڪري رنگ پساءِ،
مت ديکہ ڀُولا وسري تيرا چت نہ آوي ناءِ.
سڌ هووا سڌ لائي رڌ آکا آءِ،
گپت پرگٽ هوءِ بيسا لوک راکي ڀاءِ،
مت ديکہ ڀُولا وسري تيرا چت نہ آوي ناءِ.
سلطان هووا ميل لشڪر تخت راکا پاءِ،
حڪم حاصل ڪري بيٺا نانڪا سڀ واءِ،
مت ديکہ ڀُولا وسري تيرا چت نہ آوي ناءِ.

(سري راڳ، م ١-١٤)

هن شبد کي گهرائيءَ سان سوچڻ بعد معلوم ٿو ٿئي تہ گروُ صاحب جن "هر بن جيئہ جل بل جاءِ" ۽ "مت ديکہ ڀُولا وسري، تيرا چت نہ آوي ناءِ" جي وچار کي چٽن حالتن جي روپ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ چار اثرائتا خوبصورت چتر ڀيا عڪس چٽيا آهن، جيڪي سنساري منش جي ڌن دولت، ڪام، عهدي ۽ الوڪي رڌي سڌي پراپت ڪرڻ جي شڪتيءَ جي ترشنا کي ظاهري روپ ڏين ٿا. چارئي ئي چتر ملي هڪ وڏو چتر ٺاهين ٿا، جيڪو سڄي سنسار

جـي مدورلي، اڇا ۽ خواهش جو نظارو پيش ڪندي، گروُ صاحب جن جي ويچارن کي هڪ اثرائتي روپ ۾ ظاهر ڪري ٿو. هرهڪ ننڍو چٽر سنڌن ويچار کي تفصيلي روپ ڏيئي وڌيڪ اهميت پيرو بڻائي ٿو، جيئن ننڍيون پهاڙيون چوٽيون گڏجي هڪ وشال پهاڙ جو روپ اختيار ڪنديون آهن. هن شبد جي خاصيت اها آهي ته، ڪٿي به مدل، استري، عهدي ۽ رتبن سنڌن جي برابري نه ڪئي ويئي آهي بلڪ انهيءَ اڳواڻيءَ کي سمپورن هري جا نام سان پوري ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي. اهڙي طرح هي نظمي چٽر هڪ اهڙي ڀاو چٽر جي رچنا ڪري ٿو، جنهن ۾ سنسار جي تياڳ جو نه، بلڪ سنسار جو صحيح استعمال ڪندي انهيءَ کي هريءَ جا نام جي پراپتيءَ جي هڪ وسيلي بڻائڻ جو طريقو بڌائي ٿو.

گروُ صاحب جي باڻيءَ جو آخري دور سندن جيون جي آخري ارڙهن سالن (سنه ١٥٢١ع کان ١٥٣٩ع) سان سنبند رکي ٿو. ان عرصي ۾ سندن باڻي پنهنجي اوج عروج تي پهچي ٿي وڃي. گروُ صاحب جن جون سڀ مکيه رچنائون جهڙوڪ جپجي، واران، پٽي، ٿتيون، سڌ گوسٽ ۽ شابد سوهلو ۽ چند ٻه انهيءَ عرصي جون بڻايل آهن.

پنهنجين لمبين يادگارن کانپوءِ گروُ صاحب جن پنهنجي زندگيءَ جي آخري وقت ۾ ڪرتارپور ۾ رهائش اختيار ڪئي. هتي سندن اليڪ قسمن جو وشال انڀو، سندن سرل ۽ پرپور انداز ۾ نڪرندڙ باڻيءَ جي سهج سندرتا سان ملي امر ساهتيه جي روپ ۾ ڦلجي ڦولجي ويو. هن عرصي ۾ رچيل باڻيءَ جو مکيه مضمون فيلسوفاڻو ۽ پرمارٿي آهي، جنهن ڪري انهيءَ وقت جي رچنائن ۾ به دليل ۽ نقطچينيءَ جي جهلڪ ملي ٿي.

انهن رچنائن جو مضمون نام جو ڌيان، پرماتما جو پريم ۽ سندس ميلاپ لاءِ تڙپ، ستسنگ، حڪم يا ڀاڻو، ديا درشٽي، شبد ڌن، ڪرم سدانت، دک، بدي يا آواگون، هؤميءَ جا بندڻ، سداچار جي ضرورت، سماجڪ نئتڪتا، قدرت جي سندرتا ۽ مدش سرير جي اهميت بابت آهي. انهيءَ ٻاڻيءَ جي مضمون ۽ ڀاو جو دائرو ايترو تہ وسيع آهي ۽ انهيءَ جي ڪلا ايتري اُتم آهي، جو هيءَ سنسار جي اُتم کان اُتم ڌارمڪ ڪوتا سان برابري ڪري ٿي.

عام طور ”جپجي“ کي گرو صاحب جي اُپديش جو سار ۽ ڪلا جو سرمور سمجهيو وڃي ٿو. انجون ٣٨ پؤڙيون آهن ۽ آخر ۾ هڪ سلوڪ آهي. جپجي ۾ گرو صاحب جي ٻاڻيءَ جي آخري حصي ۾ آيل گهڻن ئي مکيہ ويچارن کي نهايت عجيب خوبيءَ سان لباهيو ويو آهي. هن ۾ پرماتما جي هستيءَ جو سار، مدش جو سياءُ ۽ سموري ڪائنات ۾ انجي مهانتا، گروءَ جو سروپ، گروءَ جي ضرورت ۽ پرماتما مان لڪرلڏ شبد روپ، رچنائمڪ ۽ سرجڻهار شڪتي وغيره جي باري ۾ گهڻيرتا سان ذڪر ڪيو ويو آهي. جپجي جي مول منتر ۾ جنهن خوبيءَ سان پرماتما جي ايڪ گڻن جو سلسليوار ورڻن ڪيل آهي، اُنجي سڃي کي ڇڳيءَ طرح خبر آهي.

ايڪ او ستنام ڪرتا پرک نربھو نرويرُ،
اڪال مورت اجوني سئڀن گر پرساد.

ساڳيءَ طرح جپجي جي آخر ۾ شامل ڪيل سلوڪ ۾ هڪ طرح جو ضميمو آهي، جنهن ۾ نام جي انوکي شڪتي ۽ نام ڌيائڻ وارن جي اپار مهانتا جو ورڻن آهي.

جني نام ڌيائيا گئي مسقت گهال،
نانڪ تي مک اُجلي ڪيتي ڇٽي نال.

(جپجي، ۾ ١-٨)

گروُ نانڪ صاحب جي باڻيءَ کي پارلي سنگيت جي پراچين راڳن انوسار ترتيب ڏني وئي آهي. سرسري نظر سان ائين ٿو ڀاسي ته راڳن جي هيءَ ورڇ ڪا ڪنهن نيم جي ڪئي وئي آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ راڳ ۾ درج ڪيل باڻيءَ جا ڪيترائي وچار، ڀاو ۽ ورنن ٻين راڳن ۾ به دهرايا ويا آهن. پر باريڪ نظر سان ڏسڻ ۾ چڱيءَ طرح معلوم ٿئي ٿو ته جنهن شبد کي جنهن راڳ ۾ رکيو ويو آهي، اهو اُن راڳ جي سڀاءَ يا بناوت موافق آهي.

گروُ صاحب جن جي باڻيءَ ۾ سندن وچارن جو بار بار دهرائڻ سڀاويڪ آهي، ڇاڪاڻ ته سندن سموري باڻيءَ جو مول مقصد ۽ سنديش هڪ ئي اڌياتمڪ سچ کي پرگهٽ ڪرڻ جو آهي.

شري آد گرنٿ ۾ آيل باڻيءَ جي ٣١ راڳن مان گروُ نانڪ صاحب جي باڻيءَ کي ٢٠ راڳن ۾ رکيو ويو آهي.

هرهڪ راڳ کي پنهنجو خاص ڀاو ۽ رس ٿئي ٿو ۽ هر راڳ جي ڳائڻ جو پنهنجو خاص وقت ٿئي ٿو. مثال طور

راڳ آسا، پرڀاتڪال ۽ شام جي وقت، سياريءَ ۾ ڳائبو ويندو آهي. گوڙي راڳ گنڀير ڀاو سان، سورٺ الڏپري سان، ڌناسري برهه سان، وڏهنس ميلاپ جي ٽڙپ سان ۽ بسنت، بهار جي خوشيءَ جي ڀاون سان سنبنڌ رکن ٿا.

گروُ نانڪ صاحب جي باڻيءَ جي هڪ ٻي به عمدي خاصيت آهي چٽرن، تشبيهن، مثالن ۽ روپالنڪارن جو بيحد استعمال. سڀ کان وڌيڪ استعمال ڌن پر يا استريءَ ۽ پتيءَ جي تشبيهه جو ڪيو اٿن. آتما کي استري ۽ پرماتما کي پتي سڏيو آهي. وارن ۽ سڌ گوشٽ کي ڇڏي، اهڙي تشبيهه لڳ ڀڳ سڄي باڻيءَ ۾ ڏني وئي آهي. جيوآتما روپي

استري، پرمالما روپ پتيءَ سان ميلاپ لاءِ لڇي ٿي، پريتم سان ملڻ لئي لئي، هن جي هردي ۾ لڳل برهه جي اڳني شانت ٿي سگهي ٿي. راڳ وڏهنس ۾ رچيل هيٺيون شبد الهيءَ پياري جي چڱيءَ طرح بيان ڪرڻ جو هڪ سٺو مثال آهي.

موري رُڻ جهُڻ لائِيا ڀيڻي ساوڻ آئِيا،
تيري مُنڌ ڪٽاري جيوڙا تن لوڀي لوڀ لڀائِيا.
تيري درسن وٽهه ڪُنڊيئي وڃا تيري نام وٽهه ڪُرباڻو،
جا تو تا مڻ ماڻ ڪيِئا هڻ تُڌ بن ڪيها ميرا ماڻو.
چوڙا ڀن پلنگهه سڻه مُنڌي سڻ باهي سڻ باها،
اِتي واس ڪريندِئي مُنڌي سهه رالو اوراها.
نا منيار نه چوڙِيئا نا سي ونگڙِيئاها،
جو سهه ڪنٺ نه لڳيا جلن سي باهڙِيئاها.
سڀ سهيِئا سهه راوڻ گئيا هڻ دادي ڪڻ در جاوا،
امالي هڻ کري سچجي تُس سهه ايڪ نه ڀاوا.
ماٺ گُنڌائي پٽيا ڀريئي مانگ سندوري،
اڳي گئي نه منئيا مرڻ وسور وسوري.
مڻ روودي سڀ جڳ رُنا رُنڙي وڻهه پکيرو،
ايڪ نه رُنا ميري تن ڪا برها جن هڻ پِرهه وڇوڙِي.
سُپني آئِيا ڀي گئِيا مڻ جل ڀريا روءِ،
آءِ نه سڪا تجهه ڪن پيارا ڀيج نه سڪا ڪوءِ،
آءِ سڀاڳي نيندڙيئي مت سهه ديکا سوءِ.
تڌ صاحب ڪي بات ج آکئي ڪههُ نانڪ ڪيا ديجئي،
سيس وڍي ڪر ٻيسڻ ديجئي وڻ سر سيو ڪريجئي،
ڪيُن نه مريجئي جيئڙا نه ديجئي جا سهه ڀئيا وڊاڻا.

(وڏهنس، م ١، ٥٥٧-٥٥٨)

اهڙيءَ ڀاو کي پاليءَ جي ڪيترن ئي شبدن ۾ پپيهي جي سوانتي ٻوند، مڇيءَ جي لاءِ پاڻيءَ، چڪوريءَ جي چڪوري، هرڻ جي ناد، ڀنوري جي گل ۽ ڪنول جي جل لاءِ پريم ذريعي بہ ظاهر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ جو هڪ سهڻو مثال گروءَ صاحب جن جي هڪ سري راڳ جي شبد ”رې مَن ايسي هر سيءُ پريت ڪر“ ۾ ڏٺل آهي.*

صحيح ساهتيڪ درشٽيءَ کان ڏٺو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ گروءَ صاحب جن ”وير گاٿا“ جي نظم روپ کي ”شانت رس“ جي روحاني نظم جي روپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ٻاڻي هڪ اوائلي ڪٿا جي نظم روپ کي وچار روپ ڪاويہ ۾ آندو اٿن. ان سان گڏ ٻاهرئين اسٿول ڪشمڪش کي اندرئين سوکشم ڪشمڪش ۾ بدلي ڇڏيو آهي ۽ ٻاهرينءَ رڻ ڀوميءَ جي جڳهہ تي منش جي پنهنجي مَن کي رڻ ڀومي بڻايو آهي. وير جوڌي يا راجا جي جس جي جڳهہ تي ڪرتا پرک، شبد، حڪم، نام ۽ گرمک جو جس ۽ مهما ڳائي اٿن، وڪارن ۽ منمکتا جو ناس ۽ گرمکتا جي جيت ڏيکاري اٿن. اهڙيءَ طرح ”گوسٽي“، ”پٽي“، ”ٻارهہ ماهہ“، ”پهري“ وغيرهہ سڀئي نظمي شبدن کي پنهنجي خاص ضرورت انوسار ڍاليءَ ۾ لکيو ويو آهي. هيءُ مضمون پراچين ڏند ڪٿائن مان ورتل الڳ ڌيو ڪٿائن، پراڻن ۽ سنسڪرت، عربي ۽ فارسيءَ مان ڪڍيل واقعاتن يا پروچن روپي شبدن سان بہ لاڳو آهي. گروءَ صاحب جن ڪٿي بہ اوائلي وقت جي شبد، پد، مثال، النڪار ۽ تشبيهہ وغيرهہ جي استعمال ۾ ڪا هٻڪ محسوس نہ ڪئي آهي، ٻلڪ هر جڳهہ اها سامگري گروءَ صاحب جي شخصيت ۽ سوچ وچار جي سانچي ۾ ڍلجي سندن اصلي مقصد جي پورتيءَ جو ساڌن بڻجي پئي ٿي.

* ڏسو صفحو ٢٣٧.

گروءَ نانڪ صاحب جي باڻي ڳوڙهن روحاني انڀون کي ظاهر ڪرڻ ۾ سڌانت، دليل ۽ ڀاو جو ميل ڪري ٿي. هيءَ باڻي ڀاون جي سلسليوار رفتار، چتر ۽ عڪس، ورڻن ۽ وستار جي ايڪ اسرارن کي هڪ ئي استان يا شبد ۾ جوڙي ٿي. سندن باڻيءَ سنگيت، چتر ۽ مورتيءَ کي اهڙي انوکي اعليٰ ۽ سهڻي شاعراڻي (نظمي) روپ ۾ پيش ڪيو آهي، جو اهو شان ۽ سوڀيا پڙهندڙ جي دل ۾ آنند ۽ اُمنگ پيدا ڪري ٿي. اهو صرف هڪ پورڻ پرش جي رچنائمڪ ڪلا ۽ ايشوري ڪلا جو ئي چمتڪار ٿي سگهي ٿو.

گروءَ نانڪ صاحب جي باڻي اصلي روپ ۾ ڌارمڪ يا پرمارٿي ڀاون سان ڀرپور آهي. ان کي الوڪڪ نظم جو درجو ڏنو وڃي ٿو، پر ان ۾ لوڪڪ يا سنساري نظم جا سڀ انگ ڳڻ ڀرپور انداز ۾ موجود آهن. گروءَ صاحب جن جي باڻي الوڪڪ ڳالهين جو لوڪڪ يا سنساري ورڻن ڪري ٿي. هيءَ عرش جون ڳالهيون فرش جي دائري ۾ بيان ڪري ٿي.

گروءَ صاحب ڪنهن سنياسيءَ وانگر جيون جو تياڳ يا نرادر نه ڪندا هئا، پر پريو پريم ۽ منش پريم گروءَ صاحب جي باڻيءَ روپي درخت جون اهڙيون ٻه انمٽ شاخائون آهن، جو هڪ ڪانسواءِ ٻيءَ کي خيال ۾ به آڻي نٿو سگهجي.

گروءَ نانڪ صاحب جي باڻي هڪ طرف ته برهم وديا جي اُن مهان سامگريءَ کي، جيڪا پراچين ٻولين ۾ هئڻ سبب عام رواجي ماڻهن جي سمجهه کان دور ٿي چڪي هئي، عام ماڻهن جي سطح يا ليول تي آڻي ٿي ۽ ٻئي طرف سڌانت کي بي رس ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ اُنکي سهج سندرتا جو لهه چاڙهي ٿي. هيءَ هڪ پاسي سوکم انڀو کي استول بڻائڻ لاءِ گهٽ ارٿ کي ظاهر ڪري ٿي ۽ ٻئي پاسي

ظاهري اوت جي لهرن هيٺان ڳـوڙهه روحاني اونهن جا اهڃ
ڏوکي ٿي. اسين جيتري وڏي کهراڻيءَ سان کوج ڪريون
ٿا ۽ سندس ٻاڻيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا،
اوترا ئي وڏا هيرا، پنا ۽ جواهر پراپت ٿين ٿا. هيءَ ٻاڻي
شردالو هردي جي ڌارمڪ جگياسا جي پورتي ڪري ٿي ۽
ڪلا پريميءَ جي سهج سندرتا جي طلب کي به ترپت ڪري
ٿي. هيءَ ٻاڻي پنهنجي سرجڻهار جي آتما جي اگم هئڻ
جي گمتا جي سوجهه ٻوجهه به ڏئي ٿي ۽ پڙهندڙن لاءِ پڻ
هڪ پرپرتا پرني مارگ جي رهنمائي ڪري ٿي. هن ٻاڻيءَ
جي سچائي جيتري موهيندڙ، سندر ۽ رمڻيڪ آهي،
اوتري ئي همت افزائي ڪندڙ، آدرشي، ڪلاڪاري
۽ آشا پورڻ به آهي.

# شبد سوچي

شري آد گرنٿ جو حوالو ۽ صفحو نمبر ڏنگين ۾ ڏنل آهن ۽ هن پستڪ جو صفحو نمبر ڏنگين کان ٻاهر ڏنل آهي.


اندر هه جهوٺي پيج ٻاهر (آسادي وار، ٤٧٣) 306
اهلي امل نه الجهي (وڍهنس، ٥٥٧) 288
ارٻد نرٻد ڌنڌ وڪارا (مارو، ١٠٣٥-٣٦) 223
الک اپار اگم اگوچر (سورٺ، ٥٩٧) 220
اور پنچ هم ايڪ جنا (گؤڙي، ١٥٥) 324
اسنڪه ڄاو اسنڪه ڀاو (ڄپڄي، ٤) 144
اسر سنگهارڻ رام همارا (مارو، ١٠٢٨-٣٠) 341
آکا جيوا وسري مر جاءِ (آسا، ٩) 170
آکڻ جور چپي نه جور (ڄپڄي، ٧) 146
آکهه ويد پاٺ پراڻ (ڄپڄي، ٥-٦) 137
آتم مهه رام رام مهه آتم (ڀئيرو، ١١٥٣) 236
آد سچ جگاد سچ (ڄپڄي، ١) 132
آديس تسي آديس (ڄپڄي، ٧) 134
آپي ڪرتا پرکه بداتا (مارو، ١٠٢٥-٢٦) 271
آپي آکي آپي سمجهي (رامڪلي، ٩٣٨) 179
آپي آپ اپاءِ نرالا (مارو، ١٠٣٦-٣٧) 225
آپي هي ڪرتا ڪيتو (آسادي وار، ٤٧٣) 168
آوهه ڀئيڻي گل مله (سري راگ، ١٧) 351
آساڙ ڀلا سورج گگن تپي (تکاري ١١٠٨) 204
اڪ تل پيارا وسري (سري راگ، ٢١) 353
اڪو ڪنت سباٽيا (سوهي ڪي وار، ٧٩٠) 378
اهه من مئگل ڪها بسيٽاي (رامڪلي، ٩٤٥) 188
اس داهي ڪو سمره ديو (ڀئيرو، ١١٥٩) 238
اکوي سور اسر سنگهاري (رامڪلي، ٩٣٠) 208

| | |
|---|---|
| اورم ٽورم جوت اُجالا (رامڪلي، ٩٣٠) | 208 |
| ايڪو ستنام ڪرتا پرکہ (جپجي، ١) | 131 |
| بکہ بوهتا لادنا (مارؤ، ١٠٠١) | 266 |
| ن پرٽن سيکارڻي (سري راگہ، ٥٨-٥٩) | 248 |
| ن ستگر سيوي جوگہ نہ هوئي (رامڪلي، ٩۴٦) | 192 |
| ولهہ ساچ مٽا نهي رائي (گؤڙي، ١٢٧) | 258 |
| پنچ پرواڻ پنچ پرڌان (جپجي، ٣) | 138 |
| پنچ نوازا وکت پنچ (مالجهہ ڪي وار، ١۴١) | 298 |
| بوڙيم پاڻي اگني ڪا ميل (گؤڙي، ١٥٣) | 300 |
| ڙ پڙ گبدي لدڻهہ (آسادي وار، ۴٦٧) | 304 |
| ڙ پستڪ سند نا پادن (آسادي وار، ۴٧٠) | 306 |
| پرلدئي نہ گراهہ جر (مالجهہ ڪي وار، ١۴۴) | 216 |
| پرٿمي برهما ڪاليم گهر آئتا (گؤڙي، ٢٢٧) | 329 |
| پرڻ گرؤ پاڻي پتا (جپجي، ٨) | 150 |
| پون ارلپ ستگر مت وهلا (رامڪلي، ٨۴٣) | 183 |
| پهاڻي پهريم رنڻ ڪي وڻجارنا (سري راگہ، ٧۴) | 195 |
| پوکہ تکار پڙي (تکاري، ١١٠٩) | 206 |
| پگت پرلم آرادئن (گوجري، ٥٠٥) | 285 |
| پرميم ياهہ نہ وجهويم (سري راگہ، ٢٢) | 297 |
| پر جوبن مٽ مت پنٽيڙيم (سوهي، ٧٦٣-٦۴) | 375 |
| پرپٿيم همت پٽر ٿن ديٺہ (جپجي، ۴) | 145 |
| ٿن جل بل ماٿي پٽتا (سري راگہ، ١٩) | 281 |
| ٿن نہ لهاء ٽدور جٿہ (سلوڪ، ١۴١١) | 378 |
| ٽو دريتاهہ دانا بيما (سري راگہ، ٢٥) | 215 |
| ٽون سڻ هرڻا ڪالٽا (آسا، ۴٣٨) | 336 |
| ستگرو پورا جي مليم (سري راگہ، ٥٩) | 251 |
| ستگرو وڏا ڪر سالاهيٿي (آسادي وار، ۴٧٣) | 165 |
| س سبد ڪا ڪها واس ڪٿيٿلي (رامڪلي، ٩۴۴) | 184 |

| | |
|---|---|
| سبدي ڪا نبيڙا سچ ٿو (رامڪلي، ٩٤٦) | 192 |
| سبدي گھٽي سڀ وسي (سلوڪ، ١٤١٢) | 378 |
| سڀ جپ سڀ تپ (آسا، ٤١٢) | 302 |
| سڀي ڪنت مهيليا (سري راگ، ٥٤) | 355 |
| سڀي ڪنت رتيا (سوهي ڪي وار، ٧٩٠) | 378 |
| سچکنڊ وسي نرنڪار (جپجي، ٨) | 149 |
| سرڻ پري گرديو تماري (مارو، ١٠٣١-٣٢) | 274 |
| سسيم سڀ جگ سهج اپائيا (رامڪلي، ٩٣٠) | 207 |
| سسيم سوءِ سرست جن ساجي (آسا، ٤٣٢-٣٣) | 208 |
| ساگر مهہ بوند (رامڪلي، ٨٧٨) | 219 |
| ساچا صاحب ساچ ناءِ (جپجي، ٢) | 139 |
| ساوڻ سرس مناگھڻ ورسهہ (ملاري، ١١٠٨) | 205 |
| سڻيي ايسر برما اند (جپجي، ٢-٣) | 140 |
| سڻيي ست سنتوک گيان (جپجي، ٣) | 140 |
| سڻيي سراگڻا ڪي گاهہ (جپجي، ٣) | 145 |
| سڻيي سڌ پير سر ناٿ (جپجي، ٢-٣) | 140 |
| سچ من پولي باوري (سري راگ، ٥٧) | 245 |
| سچ وڏا آکي سڀ ڪوءِ (آسا، ٩) | 169 |
| سچ سامي سچ نانڪ پرٿوي (رامڪلي، ٩٤٤) | 184 |
| سيرا ايڪ نه جانس اوري (گؤڙي، ٢٢٥) | 327 |
| سو در ڪيها سو گهر ڪيها (جپجي، ٦) | 142 |
| گگن مئه ٿال روچند ديپڪ (ڌناسري، ١٣) | 172 |
| گرمک کوجت ڀئي اداسي (رامڪلي، ٩٣٩) | 182 |
| گرمک نادن گرمک ويدن (جپجي، ٢) | 138 |
| گرمک من جيتا هؤمي مار (رامڪلي، ٩٤٦) | 192 |
| گرمک ساچ سبد بيچاري (رامڪلي، ٩٤٦) | 192 |
| گرمک هؤمي وچهہ کووي (رامڪلي، ٩٤٥) | 189 |
| گر داتا گرو هوي گهر (وار ماجهہ، ١٣٧) | 223 |

261 گروُ ساگر رتني ڀرپوري (ڌناسري، ٦٨٥)
334 گروُ سيوي سو ٺاڪر جاڻيءِ (آسا، ٤١٦)
289 گت مت ڏيکي من ٻيراڳي (رامڪلي، ٩٠٣-٤)
163 ڏک دارو سک روگ ڀئيا (آسا، ٤٦٩)
179 ڏئيا ساگر ڏڙ ڪيٿئي (رامڪلي، ٩٣٨)
134 ڌرتي هور پري هور هور (جپجي، ٣)
243 ڌاس مليءِ ڦن ڌاس ڪؤ (سري راڳ، ١٨)
378 جڻ لڻ پرام کيلڻ ڪا چاءُ (سلوڪ، ١٤١٢)
309 جگ پرٻوڌ مڙي ٻڌاوڻ (رامڪلي، ٩٠٣)
229 جهه ڏيکا آهه ڏين ڏئيالا (مارو، ١٠٣٨-٣٩)
190 جا آهه هردا ڏيهه نه هولي (رامڪلي، ٩٤٥)
374 جالو لا مٽ سڀ ڪو (سوهي، ٧٦٣)
283 جالو جاهه ڪهالي آوي (گؤڙي، ١٥٢-٥٣)
383 جال موهه گهس مس ڪر (سري راڳ، ١٦)
278 جت ڏر لکه محمدا (آد گرنٿ، ٻنو واري ٻڙ)
378 جني نه پاڻو پرم رس (سوهي کي وار، ٧٩٠)
307 جس جل لڌ ڪارڻ (سورٺ، ٥٩٨)
370 جيڻ ٻرت هڻ آپڻا (ڌناسري، ٦٦٠)
209 جگ جگ ٿاپ سدا نروئر (رامڪلي، ٩٣٠-٣١)
165 جي ڪر سولڪ مڻيءِ (آسا، ٤٧٢)
306 جي موها ڪا گهر مهيءِ (آسادي وار، ٤٧٢)
174 جڻ گهر ڪيرت اکيئي (گؤڙي، ١٢)
203 چيت بسنت ڀلا ڀور سهاوڙي (تکاري، ١١٠٨)
175 چڻ گهر چڻ کر چڻ اپديس (آسا، ١٢)
359 رام نام من ٻيڌنا (سري راڳ، ٦٢)
256 ري من انسي هر سڻ پريت ڪر (سري راڳ، ٥٩)
326 رڻ گوائي سره ڪيءِ (گؤڙي، ١٥٦)
371 مڄ ڪڇجي الماوڻ ڏوسڙي (سوهي، ٧٦٢)

مڌيءِ ڪي گمت ڪهي نہ جاء (جپجي، ٣) 142
مڌيءِ مارگہ ٺاڪ نہ پاء (جپجي، ٣) 143
مڌيءِ پاوهہ موڪہ دئار (جپجي، ٣) 143
مڌيءِ سرت هوويءِ من ٻڌ (جپجي، ٣) 142
مڇلي جال نہ جاڻيا (سري راڳہ، ٥٥) 321
مڌمڪہ گهر گهر نچ (مارو، ١٠١٢-١٣) 316
من مشڪل ساڪت ديوانا (آسا، ٤١٥) 332
مست ڪري موڪہ جڳہ کهيا (پرڀاتي، ١٣٣٠) 295
ماٹس جنم دلڀ (سوهي، ٧٥١) 263
ماٹس کاڻي ڪرهہ لواج (آسادي وار، ٤٧١-٧٢) 306
مهر مسيت صدق مصلا (مانجهہ کي وار، ١٤٠) 298
مڌ جوبن بالڙيئي (آسا، ٤٣٥-٣٦) 366
مڌ رنڱ دهيلڙيا (گوڙي، ٢٤٢) 363
مل خريدي لالا گولا (مارو، ٩٩١) 265
مسلمانا صفت سريعت (آسادي وار، ٤٦٥) 294
موڪہ پڌيس حڪمت حجت (آسا، ٤٦٩) 305
مٺڻ ڪي دلت ڪٺہ ڪانيٺيءِ سار (رامڪلي، ٩٤٣) 183
موٽي نہ مدر اوسرهہ (سري راڳہ، ١٤) 384
موري رڻ جهڻ لاڻيا (وڌهنس، ٥٥٧-٥٨) 368
اندر ڪري ٺا ستگر ميلي (رامڪلي، ٩٤٥) 189
نہ رزق دست آڪسي (مانجهہ کي وار، ١٤٤) 217
ناڪ گرو نہ چيتهي (آسادي وار، ٤٦٣) 156
ناڪ نام رلي بيراگي (رامڪلي، ٩٤٥) 191
ناڪ ڦڪيءِ بوليٺيءِ (آسادي وار، ٤٧٣) 167
نا پٺا پر جانيا (مارو، ١٠١٥) 269
هٺہ ٻلهاري لڌهہ ڪٺہ (سوهي کي وار، ٧٩٠) 378
هزميءِ ڪري ٺا ٺو ناهي (مارو وار، ١٠٩٢) 234
هزميءِ وچ جڳہ اپجيءِ (رامڪلي، ٩٤٦) 192

184 هٿ هٿ مٿ مٿ وڇڙ، ڪووڙ (رامڪلي، ٩٤٣)
312 هٿ لڳرهہ ڪر ڪاٿا ڇيڇي (رامڪلي، ٩٠٥)
292 هرڏن سڌهہ ري جن ٻاڻي (مارو، ١٠٣٩-٤٠)
180 هاڻي ٻاڻي ليد نہ آوڙ (رامڪلي، ٩٣٩)
180 هاڻي ٻاڻي رههہ نرالي (رامڪلي، ٩٣٩)
191 هردا دڍهہ نہ هولي اوڌو (رامڪلي، ٩٤٥)
133 دڪمي هوون آڪار (جپجي، ١)
277 گهر مهہ گهر دکاء دڍٿ (ملار ڪي وار، ١٢٩٠)
344 گهر رهہ ري من مگد اثالي (مارو، ١٠٣٠-٣١)
338 ڪرٽي ڪاگد من مسواٽي (مارو، ٩٩٠)
182 ڪوڙ مول ڪوڙ مت وٻلا (رامڪلي، ٩٤٢)
347 ڪام ڪروڌ ٻر هر ٻر لمدا (مارو، ١٠٤١)
189 ڪٿ مول ٻڇاٽي آلم جاٽي (رامڪلي، ٩٤٥)
191 ڪت ڪت بڌ جگہ اٻجي (رامڪلي، ٩٤٦)
182 ڪس ڪارڻ گرهہ تجٿو اداسي (رامڪلي، ٩٣٩)
232 قدرت ڪرنهار اپارا (مارو، ١٠٤٢-٤٣)
161 ڪوڙ راجا ڪوڙ ٻرجا (آسادي وار، ٤٦٨)
214 ڪوت ڪوٽي ميري آرجا (سري راگ، ١٤)
289 ڪت مت دڍهي من ٻٿراڳي (رامڪلي، ٩٠٣-٤)
306 لکہ چورياٿا لکہ جاريٿا (آسادي وار، ٤٧١)
158 لکہ ليکهٿان چڪٿانيٿان (اسادي وار، ٤٦٧)
379 لاج مرنتي مر گٿي (رامڪلي، ٩٣١)
159 لکہ لکہ ٻڙتا ليتا ڪڙتا (آسادي وار، ٤٦٧)
136 وڏل نہ ٻاليٿا ٻدهلي (جپجي، ٤-٥)
380 وٽساکہ ٻلا ساکا وٻس ڪري (لکاري، ١١٠٨)

گھٽ گھٽ انتر برھم لُڪائتا گھٽ گھٽ جوت سبائي،
بجر ڪپاٽ مُڪتي گرمتي نرڀئہ ٽاڙي لائي،
جنت اُپاءِ ڪال سر جنتا وس ڪت جگت سبائي،
ستگر سيوِ پدارٿ پاوھ ڇُوٽھ سبد ڪمائي.
(سورٺ، م ١، آد گرنٿ صفحو ٥٩٧)

**' Guru Nanak Jo Roohani Updesh'**
(Sindhi)

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٿِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڀَئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪتابن جي پاڙ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)